بسم الله الرحمن الرحيم

هڪ مسلمان مرد ۽ عورت جي انفرادي، اجتماعي، ازدواجي ۽
گهريلو زندگي جي معاملات ۽ معمولات جو اسلامي ۽ شرعي طريقو

پاڪيزه زندگي

سنڌي

(تخريج، تعليق ۽ ڪجهه اضافن سان نئين انداز ۾)

پير طريقت رهبر شريعت

حضرت پير محمد ڪرم الله مدني قادري نقشبندي

المعروف دلبر سائين مدظله العالي

خانقاه عاليه فضل آباد شريف ماتلي

Scanned by CamScanner

بسم الله الرحمن الرحيم

هڪ مسلمان مرد ۽ عورت جي انفرادي، اجتماعي، ازدواجي ۽
گهريلو زندگي جي معاملات ۽ معمولات جو اسلامي ۽ شرعي طريقو

پاڪيزه زندگي

سنڌي

(تخريج، تعليق ۽ ڪجهه اضافن سان نئين انداز ۾)

پير طريقت رهبر شريعت

حضرت پير محمد ڪرم الله مدني قادري نقشبندي

المعروف دلبر سائين مدظله العالي

خانقاه عاليه فضل آباد شريف، ماتلي۔

Scanned by CamScanner

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

كتاب جا جملي حق ۽ واسطا
جامعه مدينة العلم وٽ محفوظ آهن.

كتاب جو نالو : **پاكيزه زندگي** (سنڌي)

بمقلم : پير طريقت رهبرِ شريعت

حضرت پير محمد كرم الله (مدني قادري نقشبندي)

المعروف "دلبر سائين" درگاهه فضل آباد ماتلي، ضلع بدين

چاپو پارهون : ربيع الثاني 1440ھ

تعداد : هڪ هزار

كمپيوٽر لي آئوٽ: فقير محمد اسماعيل چنا

چپائيندڙ : فقير احسان علي پٽو "مجاهد كرمي"

0300-3671729

ناشر : جامع مدينة العلم صالح آباد ملير، كراچي

هديه : =/700 روپيه

♦ ♦ ♦

اهم اعلان

حضرت پير دلبر سائين جي جملي تصانيف، تقريرون اوهان انٽرنيٽ تي پڙهي سگهو ٿا، ڏسي سگهو ٿا، ٻڌي سگهو ٿا.

ويب سائيٽ هيءَ آهي. **www.peerdilbar.com**

آگاهي

جامعه مدينة العلم جا ڇپايل جملي كتاب، بذريعه وي.پي گهرائڻ لاءِ يا روبرو اچي حاصل كرڻ لاءِ رابطو كندا.

فقير محمد نواز مجذوب: 0301-3461005

Scanned by CamScanner

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

فهرست ابواب و مضامين

پاکيزه زندگي المعروف گهر، گهر واري

عنوان	صفحه	عنوان	صفحه
فهرست مضامين	2	گهرن جي ديوارن تي پردا لڙڪائڻ	50
مُهاڳ	13	دروازن تي پردا لڙڪائڻ	51
مُعلمِ انسانيت	14	گهر ۾ ٽيليفون لڳائڻ	52
مثالي گهر	15	گهر ۾ تصويرون لڳائڻ	52
شانِ اهلبيت	17	گهر ۾ ملائڪن جي داخلا تي بندش	53
سردار گهراٽو	19	ڪتن جا شوقين	53
دنيا ۽ آخرت جي سرداري	22	گهر ۾ پليءِ جو بيان	55
جنت جي جوانن جا سردار	22	گهرن کي نقش و نگار	55
مؤمنن جُون مائرون	23	صليب جو ڇاپو	56
جنت جي اڏاوتن جا سردار	24	گهر ۾ وڻ پوکڻ	56
اهلِ بيت جي محبت	25	**باب ٽيون: گهر جي ضرورت جو سامان**	58
پنجتن جي محبت جو انعام	25	بسترا	58
دامنِ اهل بيت پکڙيو!	25	تاجدارِ ڪائنات ﷺ جو بسترو	59
اطاعتِ حبيب ﷺ	28	وهاٽو	60
صحابه ڪرام ۽ خلفاءِ راشدين	30	ٽي شيون واپس نه ڪيو	60
ڪجهه هن ڪتاب جي متعلق	33	سون ۽ چاندي جا ٽانو	61
پهريون حصو : گهر	**37**	رات جو استعمال جا ٽانو	62
باب پهريون: گهر جي اڏاوت	39	عام استعمال جون شيون	63
گهر ۾ مهمان خانو ٺاهڻ	42	عام استعمال ٽيندڙ ڪجهه شيون	63
جنت ۾ گهر ٺاهيو	47	گهر ۾ ڪجور هجڻ گهرجي	63
گهر ٺاهڻ جا آداب	47	جنت جي ڪجور	64
ٽي شيون باعثِ برڪت ۽ باعثِ نحوست	48	ماکي	65
باب ٻيو: گهر کي سينگارڻ	50	گهر ۾ گهنٽي	66

Scanned by CamScanner

گهر جي صفائي	66	بيت الخلا جون دعائون ۽ آداب	94
دنيا مسافر خانو آهي	67	**باب ستون: گهر جا آداب**	96
باب چوٿون: گهر ۾ عبادت جو بيان	72	وبا کان بچاءُ	97
گهر ۾ نفل پڙهڻ	72	گهر ۾ ٻاهر اُجهائي سمهو	97
گهر جو نور	73	هڪ ڪِڙڪي کولي سمهو!	98
گهر جي عزت	74	گهر ۾ اڪيلو سمهڻ	98
ڪهڙيون نمازون گهر ۾ پڙهجن؟	75	پير جوڙڻ نه ڪپيو	98
ٽپهريءَ جي سنت	76	گهر جي ڇت تي سمهڻ	99
گهر ۾ قرآن جي تلاوت	78	ڪاڌي جي شين جو احترام ڪيو	99
گهر ۾ الله جو ذڪر ڪرڻ	80	صبح جو بتيون اجهائي ڇڏيو	100
باب پنجون: گهر ۾ جانور پالڻ جو بيان	83	سفر کان موٽو تہ رات جو گهر ۾ داخل نہ ٿيو	100
ڪريون پالڻ	83	گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا آداب	101
ڪڙيون پالڻ	83	خانہ نشيني	102
اٺ ۽ گهوڙا ڏارڻ	84	**باب اٺون: گهر مان خيرات**	103
جانورن جا حق	84	سوالي خالي نہ موٽايو	104
ڪهڙا جانور مارجن ڪهڙا نہ مارجن؟	87	سائل جا حق	104
پکين کي پيجرن ۾ قاسائڻ	87	خيرات جا قسم	105
نانگن جو بيان	87	رات جو سائل	106
باب ڇهون: گهر جون دعائون	89	پلو گهر ۽ بچڙو گهر	108
گهر وارن تي سلام	89	الله تعاليٰ کي پيارو گهر	109
ڪلام کان اڳ سلام	89	بچڙو ماڻهو ڪير؟	113
گهر ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ولڻ	90	**باب نائون: گهر جو پاڙو**	114
گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا	91	پهرئين پاڙو پوءِ گهر	114
گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي دعا	91	مومن ڪير آهي؟	115
ستر هزار ملائڪ بخشش گهرن ٿا	92	جهنمي عورت	116
نقصان کان بچڻ جي دعا	93	پاڙي جو خيال	116
قرض ۽ پريشاني کان نجات جي دعا	93	پاڙي جي حد	118

Scanned by CamScanner

پاڙيسرين جا قسم	118	خوشبوءِ جو استعمال	152
پاڙي وارن جا حق	119	گھروارن جي فرمائش کي پورو ڪرڻ	152
گھر جو رستو	121	سال جو اناج گڏ ڪري رکڻ	152
ٻيون حصو: گھر ڏٺي	**123**	اناج توري رکڻ	153
ڇھريون باب: گھر جي وڏي جون ذميداريون	125	عيدن تي اهتمام	153
نماز جو حڪم	127	عاشوري واري ڏينھن تي	154
گھر وارن جي تربيت	129	**باب چوٿون: سينگار ۽ سونَ جي بيان ۾**	155
اولاد کي پڙھائڻ	130	خوشبوءِ جو استعمال	155
باب ٻيو: حلال روزگار جي تلاش	133	سرمي پائڻ جي بيان ۾	157
هي به الله جي راھ آهي	134	ڏندڻ جي بيان ۾	157
واپار	135	مٿي جا وار رکڻ ۽ سنوارڻ	160
محنت و مزدوري	136	اڇا وار چوندڙ	162
تصوير سازي	136	ڪارو خضاب جائز نه آهي	162
سونارا ۽ رنگريز	137	تيل مکڻ ۽ ڪنگو ڏيڻ	163
ٻوپا ۽ نجومي	137	ڏاڑهي جي بيان ۾	164
پنڻ	138	مڇون ڪٽڻ	167
گھٽو اولاد گھٽا فڪر	138	ميندي جي بيان ۾	168
خودڪشي حرام آهي	141	آدابِ فطرت	170
معاش جو فڪر	142	سونا زيور	172
باب ٽيون: گھر وارن تي خرچ ڪرڻ	144	سون ۽ چاندي جي زڪوات	174
ست سؤ ٻيرا وڌيڪ اجر	144	مُندي، جو بيان	176
ڀلي خيرات ڪڍڻي آهي؟	146	**باب پنجون: لباس جي بيان ۾**	179
اها خيرات قبول ناهي	147	جسماني ۽ روحاني لباس	179
مائٽن کي خيرات ڏيڻ	147	لباس ۾ احتياط	180
مري ويل مائٽن لاءِ خيرات ڪرڻ	149	لباس جا قسم	180
خرچ ۾ ڪشادگي ڪرڻ	150	پٽ جو لباس	181
لباس ۾ ڪشادگي	151	پٽڪي جو بيان	181

Scanned by CamScanner

کارو پتکو	183	کوڙھ جو علاج	229
چادر جو بيان	189	کاڌي پيتي جا شرعي آداب	231
سائي چادر	190	مھمان جا آداب	234
قميص جو بيان	195	**باب ستون: حلال ۽ حرام جا مسئلا**	235
گوڏ ۽ کانئچ جو بيان	197	شيون حلال ڇو ۽ حرام ڇو؟	237
ھڪ عظيم غلطي جو اصلاح	199	ھر نشي آور شيءِ حرام آھي	239
لباس پائڻ جي دعا	204	ڏھن ماڻھن تي لعنت	240
پراٽا ڪپڑا	204	چار حرام شيون	241
جُتي جو بيان	204	جادو حرام آھي	242
اگھڑ جو بيان	208	لعنت وجھڻ گاريون ڏيڻ حرام آھن	243
باب ڇھون: کاڌي پيتي جو بيان	210	قرض ونڊي واپس نہ ڪرڻ	244
مانيءَ جو بيان	210	مزدور جي مزدوري ادا نہ ڪرڻ	245
مانيءَ جا قسم	211	رشوت حرام آھي	245
گوشت جو بيان	217	ظلم ڪرڻ حرام آھي	246
ياجين جي بيان ۾	219	وياج حرام آھي	247
مڇيءَ جو بيان	219	شھر جي ھلاڪت	248
انڊا يا بيضا	219	حلال جون برڪتون ۽ حرام جا نقصانات	249
پاڻي پيئڻ جي دعا ۽ آداب	222	حلال ۽ حرام شين ۾ شرعي اصول	252
لوڻ جي بيان ۾	224	**باب اٺون: دوائون ۽ دعائون**	253
کير جو بيان	224	روحاني بيمارين ۽ انھن جو علاج	253
بصر ۽ ٿوم جو بيان	225	ڪجھ باطني بيمارين	255
سُرڪي جي بيان ۾	226	جسماني بيمارين	258
زيتون جو تيل	226	بيماري ڇا آھي؟	259
ڪڑ جو گوشت	227	علاج ڇا آھي؟	259
حلوو ۽ ماکي کائڻ	227	علاج جا قسم	261
طعام گڏجي کائڻ	228	طبعي علاج	261
بيمارن سان گڏ کائڻ جي بيان ۾	229	قدرتي جڙي ٻوٽين جا خواص	262

Scanned by CamScanner

سنا ، انجير	263	وهمن وسوسن کان بچو	284
چاهين جا فائدا	265	جياپي جا سونهري اصول	286
کنگهه جو علاج	266	فريدالدين عطار جون نصيحتون	288
ماکيءَ جا فائدا	267	صحت جا سونهري اصول	289
هر مرض جي دوا	268	فرائض جو بيان	290
هُربو ميٹي	269	**حصو ٹيون : گهروارِي**	**295**
سِگي لڳرائڻ ۽ ڏنڀ سان علاج	269	**باب پهريون: رفيقِ حيات**	297
روحاني علاج	271	زال ۽ مڙس جو رشتو	300
مشاهده امورِ غيبيه	273	چڑهائپ کان پناهه	303
هر مرض جو علاج	273	نوجوانن کي حڪم	304
دعاءِ حاجت	274	زال ۽ مال	305
شاديءَ لاءِ وظيفو	275	پنهنجن مان شادي	306
گهرن مان جنن ۽ نانگن کي ڀڄايو	277	امت جي گهٹائي	306
پيٹ جي سُور لاءِ	277	ڪنهن جي شاديءَ لاءِ سفارش ڪرڻ	307
پريشانين جو چوٹڪارو	228	شاديءَ جا فائدا	308
قرض کان نجات	278	**باب ٻيو: زال جو انتخاب ۽ نڪاح**	310
خير و برڪت لاءِ	278	زال جون خوبيون	310
اکين جي سور جو علاج	278	ديندار زال جا فائدا	314
هر مقصد ۾ ڪاميابي لاءِ دعا	278	ڪنواري عورت سان شادي ڪيو	314
باب نائون: زندگي گذارڻ جا اصول	280	زال سان ڪلڻ ۽ کيڏڻ	315
صالحن جي سنگت لازم رکو	280	پسند جي شادي	316
الله تعاليٰ جي معيت جو تصور	280	گهٹا ٻار ڇڏيندڙ زال	318
هر سنت تي عمل ڪيو	281	پيغام تي پيغام نه موڪليو	319
اول حڪمِ رباني تي عمل پوءِ ڪم ٻيا	282	شاديءَ کان اڳ ڏسڻ گهرجي	320
ماڻهن کان سوال نه ڪيو	282	رنڊ عورت سان شادي	320
چڱا عمل ڪندا ڪيو	283	شاديءَ جون دعائون	321
طمع، منع، جمع نه ڪيو	284	شاديءَ لاءِ استخاره	322

Scanned by CamScanner

نڪاح ۽ ان جا شرط	323	زال کي راضي ۽ خوش ڪرڻ	351
مائٽي ڪرڻ جو حق ڪنهن کي؟	327	هيءَ به عبادت آهي	352
نڪاح جو طريقو	328	فاروقِ اعظم جي بارگاهه ۾ فرياد	353
مُتعه جو نڪاح حرام آهي	330	گهرواريءَ کي ڏسڻ ۾ به اجر	354
حلالہ ڪندڙ	332	زال کي پنهنجي هٿ سان گرهه ڪرائڻ	457
شِغارُ جو نڪاح جائز ناهي	333	زال کي مار نه ڪيو	357
شوال ۾ شادي سنت آهي	334	مڙس جو اعليٰ ڪردار	359
باب ٽيون: مڙس جا حق	335	زالن کي مارڻ ڪيڏ جي اجازت	361
عورت لاءِ جنت ۽ جهنم	336	هڪ ٻئي جا عيب ظاهر نه ڪرڻ	363
مڙس جا حق	336	جهيڙ ٻڪار زال	364
زالون مردن کان اڳ جنت ۾	338	غيرت ئي مردانگي آهي	365
زال خوش خصال	339	**باب پنجون: ميلاپ جا مسائل**	367
اڪثر عورتون جهنم ۾	341	صحت لاءِ ضروري اقدام	368
مڙس جي رضا	341	صحبت جا آداب	369
جنت جي خوشبوءِ به حرام	342	زال ۽ مڙس جا راز	371
تعويذن جي تلاش	343	صحبت جون دعائون	373
زال مڙس ۾ جهيڙو وجهائڻ	344	صحبت جا اوقات	376
موڪل ريءَ گهر کان نه نڪرڻ	345	نقصانڪار صحبت	378
مڙس جي گهر مان خرچ ڪرڻ	346	حيض وقت زال سان همبستري	379
گهر جي شيءِ گهر مان خرچ ڪرڻ	346	عورتن ۾ حياءُ	382
گهر جي شيءِ تحفي ۾ ڏيڻ	346	ڪڙڻ جي بيان ۾	384
گهر جي چوري	347	**باب ڇهون: پردو فضائل ۽ مسائل**	386
مڙس جا ڪپڑا ڌوئڻ	348	عورتن جي حڪومت	388
هڪ نياڻيءَ کي نصيحت	348	درگاهن تي عورتن جا هجوم	289
باب چوٿون: زال جا حق	249	عورتن جي برقعي جي بيان ۾	394
پهلا ماڻهو ڪير آهن؟	350	فتني باز عورتون	395
زال جي عزت	350	**باب ستون: عورتن لاءِ نصيحتون**	397

Scanned by CamScanner

وار کوڙائڻ يا کٽائڻ	399	اولياء الله کي گهٽيون شاديون	439
ڏاريا وار ملائڻ	400	ڇئن کان وڌيڪ شاديون حرام آهن	440
عطر مکي نکرڻ	401	ٻي شادي ڪڏهن ڪجي؟	441
گهر مان بغير اجازت نڪري وڃڻ	402	**باب ٻيو: زالن ۾ عدل ڪرڻ**	445
رستي جي وچ ۾ نه هلڻ	402	عدل ڇا آهي؟	446
محرم کانسواءِ سفر جائز ناهي	402	صحبت ۾ برابري شرط ناهي	447
عورتن جي هٿ کي لڱل ميندي	403	ڪهڙين شين ۾ عدل واجب آهي	448
عورتن کي سنهڙا ڪپڑا پائڻ	406	برابريءَ جا مثال	450
زالن کان ٻاهر يون ڪم نه وڃو	407	عورتن ۾ غيرت	450
گهر جو ڪم زال کي ڪرڻ گهرجي	408	**باب ٽيون: واري جي بيان ۾**	453
مردن سان مشابهت جائز نه آهي	409	نئين زال ۽ پراڻي زال	453
عورتن ۾ تبليغ	410	وارو بخشي ڇڏڻ	454
پٽڪو ڪرڻ ۽ پار ڪيڻ	412	زالن کي سفر ۾ گڏ وٺي هلڻ	455
ٽڇ مڙس جي امانت آهي	414	هڪ ڏينهن ۾ سڀ زالن وٽ وڃڻ	456
باب اڻون: بدنگاهي ۽ بدڪرداري	416	گهر جدا جدا هجي	457
هاجيڪار فتنو	420	بيماري جي حالت ۾	458
پرائي عورت وٽ رهڻ	422	گهروارين کي الڳ الڳ گهرن ۾ رهڻ	458
زاني کي سزا	424	عدل وارن لاءِ انعام	458
پاڙي ۾ برائي	428	**حصو پنجون: اولاد**	**459**
چوڪري بازي	429	**باب پهريون: اولاد الله جي نعمت**	461
لعنتي ماڻهو	431	مرڻ ڪانپوءِ به نالو روشن رهڻ	462
مرضن جي گهٽائي	432	ٽي خوشنصيب ماڻهو	462
حصو چوٿون: هڪ کان وڌيڪ گهروارين	**433**	اولاد جو پيءُ ماءُ سان ملڻ	464
باب پهريون: گهٽيون شاديون	435	خانداني منصوبه بندي	467
گهٽيون شاديون سنت يا بدعت؟	437	مائرن جو اجر و ثواب ۽ انعام	467
اڪابرين امت جو عمل	438	نياڻيون نماڻيون	468

Scanned by CamScanner

نياڻين پالڻ تي اجر ۽ ثواب	470	هڪ کان وڌيڪ نالا	498
جاول پار جي ڪنن ۾ بانگ چوڻ	473	ڪنيت جي بيان ۾	498
پار جي وات ۾ پهرئين شيءِ	474	ڪجهه ڪنيتون	500
پارن جا ڪن ٽوپڻ	475	اڏورا نالا ونڻ	500
پارن کي زعفراني عطر نه لڳايو	475	ادب ضروري آهي	501
باب ٻيو: اولاد جا نالا رکڻ	477	ڪجهه ٻيا نالا	502
نالو ڪڍڻ رکجي	479	نياڻين جا ڪجهه ٻيا نالا	503
ٻيا نالا ۽ خراب نالا	480	زماني کي گهٽ وڌ نه ڳالهايو	504
پانهپ جي نسبت وارا نالا	481	**باب ٽيون: عقيقو ڪرڻ**	505
تعريف وارا نالا	482	پٽ ۽ نياڻي جو عقيقو	506
نبين جا نالا	483	عقيقي جي حيثيت	507
اسمِ محمد ﷺ	484	پار جمڻ تي دعوت	508
نالو رکو ڪُنيت نه رکو	484	عقيقي جا مسائل	508
اسمِ محمد ﷺ جون برڪتون	487	عقيقي جي دعا	504
منع ٿيل نالا	488	پارن لاءِ ڏس پنڌ	511
الله پاڪ جا نالا نه رکو	489	**باب چوٿون: ختني جا مسئلا**	513
ملائڪن جا نالا	490	ختني جو وقت	514
بي معنيٰ نالا	490	ختني جا فائدا	515
بدڪردار ماڻهن جا نالا	490	سردارِ اولادِ آدم ﷺ جو ختنو	516
شيطانن جا نالا	490	جاهلن جون رسمون	516
طبعيت کي نه وٽندڙ نالا	491	**باب پنجون: پارن جا مسائل**	518
غلط معنيٰ وارا لفظ	492	پارن سان پيار	518
نالو صحيح ونڻ گهرجي	492	ڇڙا ماڻ کان ڌار نه ڪيوا	520
برڪت ۽ رحمت جهڙا نالو نه رکو	492	اولاد کي بد دعا نه ڏيو	521
نالي جو اثر	493	پارن جو پيشاب	522
خراب نالا مٽائڻ	494	پارن کي دعائون ڏيڻ	524
لقبن جي بيان ۾	497	پار جي حفاظت جي دعا	526

Scanned by CamScanner


بدنظري جو علاج	526	جنت ۾ جهنم	561
هار جي روئڻ جو علاج	527	پيءُ راضي ته رب راضي	562
هر مرض جو علاج	527	پيءُ ماءُ غير مسلم هجن ته؟	564
شطرنج، چوپڙ، جُوا حرام آهي	529	عمر ۾ رزق ۾ برڪت	564
گُڏين جي راند	529	**باب ٻيو: پيءُ ماءُ جي خدمت**	566
هارن لاءِ شرعي احڪام	530	جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي	569
هارن کي پردو ڪڍڻ؟	532	ماءُ جو حق وڏيڪ يا پيءُ جو؟	570
هار جو ملڪيت ۾ حصو	533	ماسي	570
هار کي گهنگهرو پڌڻ	534	چاچو	571
باب ڇهون: اولاد جو مري وڃڻ	535	رضائي ماءُ	572
اولاد جگر جو ٽڪر آهي	536	ڪبيره گناهه	572
فوت ٿيل ٻچڙا	537	پيءُ ماءُ کي گار	573
ڪريل هار جو بيان	538	چهري جو ديدار	575
باب ستون: هارن ۾ انصاف ڪرڻ	540	خدمت جون صورتون	576
ابرار ڪير آهن؟	542	والدين جو شڪر بجا آڻڻ	577
اولاد لاءِ ملڪيت ناهڻ	542	ڪراڙپ ۾ خدمت	578
ورهاست ۾ برابري ڪيو	543	ٿوري خدمت گهٽو اجر	579
ست سالن جي عبادت تباهه	544	**باب ٽيون: والدين جي وفات کانپوءِ**	580
هڪ عظيم غلطي	544	مرڻ کانپوءِ زيارت جو عمل	582
باب اٺون: اولاد جي شادي ڪرائڻ	546	ڪنهن ٻئي جو پٽ سڏرائڻ	582
نياڻين جي شادي ڪرائڻ	546	**باب چوٿون: صلہ رحمي ڪرڻ**	584
ماءُ سان مشورو ڪيو	547	خيرات جو اول حق	587
اولاد پرٽائڻ بابت ضروري ڳالهيون	549	سڀ کان پهلي خيرات	587
نياڻيون وکرو ڪرڻ	550	چنندڙ سان ڳنڍيو	588
شاديءَ جون رسمون	552	رحمت نازل نه ٿي ٿئي	590
حصو ڇهون: والدين	**557**	روٽي لانگوٽي مڪان	592
باب پهريون: پيءُ ۾ ماءُ	559	المراجع والمصادر	595

Scanned by CamScanner

تيون حصو

ڪنڙواري

Scanned by CamScanner



باب پهريون : رفيقءِ حيات

باب ٻيون : زال جو انتخاب ۽ نڪاح

باب ٽيون : مڙس جا حق

باب چوٿون : زال جا حق

باب پنجون : ميلاپ جا مسائل

باب ڇهون : پردو، فضائل و مسائل

باب ستون : بد نگاهي ۽ بدڪرداري

Scanned by CamScanner

باب پهريون

رفيقءِ حيات

انسانِ اول حضرت سيدنا آدم عليه السلام هيو. جڏهن رب پاڪ کيس جنت ۾ رهايو هيو تہ سڀ نعمتن، انعامن اڪرامن سان کيس مالا مال ڪيائين. پوءِ ٻہ حضرت آدم عليه السلام کي پنهنجي جوڙ ءِ جنس جي ضرورت محسوس ٿي. تڏهن الله پاڪ کيس ننڊ ڏني، جڏهن ننڊ ۾ آرامي ٿيو تہ سندس کاپي پاسراٽيءَ مان حضرت بي بي حوا کي خلقيائين. رب پاڪ فرمايو:

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّ خَلَقَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَ بَثَّ مِنْهُمَا رِجَالًا كَثِيْرًا وَّ نِسَآءً ۚ (النساء: ۱)

اي انسانو! پنهنجي پالڻهار کان ڊجو جنهن توهان کي هڪ ساهہ (حضرت آدم عليه السلام) مان پيدا ڪيو، ءِ ان مان ان جو جوڙو پيدا ڪيائين ءِ انهن ٻنهين منجهان گهڻا مرد ءِ عورتون پکيڙيائين.

هُنَّ لِبَاسٌ لَّكُمْ وَ اَنْتُمْ لِبَاسٌ لَّهُنَّ ؕ (البقرة:۱۸۷)

زالون توهان جو لباس آهن توهان زالن لاءِ ڏڪ آهيو.

لباس کان سواءِ ماڻهو اگهاڙو هوندو آهي لهذا زال کان سواءِ مڙس اگهاڙو آهي، مڙس کان سواءِ زال بي پرده آهي.

انسان خواهشن، تمنائن ءِ چاهتن جو مجموعو آهي. ڪيئي خواهشون ءِ چاهتون انسان جي جسم ۾ رکايون ويون آهن. انسان جي طبيعت پنهنجي چاهتن ءِ خواهشن جو پورائو ءِ تڪميل چاهيندي آهي. هن رنگ ءِ ٻوءِ جي دنيا ۾ الله رب العالمين انسان جي انهن سڀني چاهتن ءِ تمنائن جي تڪميل لاءِ مختلف اسباب پيدا فرمايا آهن. مثلاً

طبيعت ۾ اڃ رکائي وئي تہ ان جي پورائي لاءِ الله تعاليٰ پاڻي ۽ مشروبات پيدا فرمايا. طبيعت ۾ بک رکيائين تہ ان جي تکميل لاءِ الله تعاليٰ طرحين طرحين جا طعام، اناج ۽ ميوا پيدا ڪيا.

انساني فطرت ۾ الله تعاليٰ جنسي خواهش ۽ شهوت جو مادو رکايو آهي، ان جي پورائي لاءِ الله پاڪ مردن لاءِ عورتون ۽ عورتن لاءِ مرد پيدا ڪيا آهن تہ جيئن اُهي جائز طريقي سان پنهنجي چاهتن جي تکميل ڪري سگهن.

هر خواهش جي پنهنجي پنهنجي گهرج آهي. بک کي ماني گهرجي، اڃ کي پاڻي گهرجي، بدن کي آرام گهرجي، زال کي مڙس گهرجي ۽ مڙس کي زال گهرجي. اجايل ماڻهو جي سامهون سون چاندي جا ڍير لڳائي ڇڏيو تہ ان کي نہ وٺندا. ان کي پاڻي جي بوند گهرجي. مرد جوانيءَ جي جوش ۽ وهي جي پور ۾ هجي يا عورت جواني جي جوپن ۾ هجي تہ ان کي سون ۾ سرور نہ ايندو، لٽن ۾ لطف نہ ايندو بلڪ ان جي طبيعت پنهنجي خواهش جي تڪميل لاءِ بيقرار هوندي. رب العالمين فرمايو تہ:

وَمِنْ اٰيٰتِهٖۤ اَنْ خَلَقَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا لِّتَسْكُنُوْۤا اِلَيْهَا وَجَعَلَ بَيْنَكُمْ مَّوَدَّةً وَّرَحْمَةً ۝ (الروم: ۲۱)

۽ (هي ڳالهہ بہ) الله پاڪ جي نشانين مان آهي جو توهان جي ئي جنسن مان توهان لاءِ جوڙ بنايائين، جيئن انهن مان آرام لهو ۽ توهان جي درميان هڪ ٻئي ۾ محبت ۽ رحمت پيدا ڪيائين.

عورت جي تخليق الله جي نشانين مان هڪ نشاني آهي جو مردن جي لاءِ آرام ۽ سڪون مهيا ڪرڻ لاءِ، مردن جي ئي انساني جنس مان سندن جوڙو پيدا ڪيائين. شڪل صورت ساڳي انساني رکيائين. اگر ڪنهن ٻي جنس مثلاً جانورن، اٽن، گهوڙن جي جنس مان جوڙو پيدا ڪري ها تہ ڪڏهن بہ طبيعتون نہ ملي سگهن ها ۽ نہ ئي صحبت، الفت ۽ اُنس پيدا ٿئي ها ۽ نہ ئي ڪڏهن بہ سڪون حاصل ٿي سگهي ها.

هُنَّ لِبَاسٌ لَّكُمْ وَاَنْتُمْ لِبَاسٌ لَّهُنَّ ۝ (البقرة: ۱۸۷)

Scanned by CamScanner

جي تفسير ۾ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته :

هُنَّ سَكَنٌ لَّكُمْ وَاَنْتُمْ سَكَنٌ لَّهُنَّ

زالون توهان لاءِ سڪون ۽ راحت آهن ۽ توهين زالن لاءِ سڪون ۽ راحت آهيو.

الله پاڪ قرآن ۾ فرمايو ته :

هُوَ الَّذِیْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّ جَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا لِیَسْكُنَ اِلَیْهَا ۝

(الاعراف:۱۸۹)

الله پاڪ اُها ذات آهي جنهن توهان کي هڪ ساهه مان پيدا ڪيو ۽ ان مان ان جو جوڙ (زال) بنايائين ته جيئن ان مان سڪون حاصل ڪري سگهو.

وري هيءَ به الله جي ٻاجهه ۽ رحمت آهي، جو ٻنهين جي دلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ محبت ۽ الفت پيدا ڪري ٿو.

وَ جَعَلَ بَیْنَكُمْ مَّوَدَّةً وَّ رَحْمَةً ۝ (الروم:۲۱)

۽ توهان جي وچ ۾ محبت ۽ رحمت پيدا ڪيائين.

ڏنو ويو آهي ته زال اوپر جي آهي ۽ مڙس اولهه جو آهي. نه ذات، نه صفات، نه مٽي نه ماٽي پر جڏهن هڪ ٻئي سان نڪاح ٿئي ٿو ته قدرتي طرح انهن جي هڪ ٻئي سان محبت ۽ الفت پيدا ٿي وڃي ٿي. مڙس جي ڏک درد تي زال جي اکين مان لڙڪ وهن ٿا. زال جي تڪليف مڙس کي رُئاري وجهي ٿي. اُهي ٻاڻ ۾ يڪ جان دو قالب بنجي وڃن ٿا. انهن جا ڏک سک مشترڪ ٿي وڃن ٿا. مڙس پري وڃي ٿو ته زال راهون نهاري ٿي ۽ زال جي جدائي مڙس کي غمگين بنائي ڇڏي ٿي. اِها الله جي قدرت نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟

ڪنهن داناءَ چيو آهي ته:

زال بنا زندگي کهڙي؟ No life without wife.

ڪي وري اهڙا به ڪم همت ماڻهو جن زال جي محبت ۽ الفت جي چاشني نه چکي، اُهي چوندا آهن ته : Wife is knife which is cutting life.

زال هڪ چاقو آهي جيڪو زندگي کي ڪٽي رهيو آهي.

Scanned by CamScanner

حالانڪ اِها سوچ غير اسلامي آهي جو تہ زال زندگي کي ڪٽي نہ ٿي بلڪ زندگي جي راحت ۽ زندگي جي خواهشن جي تڪميل ۽ زندگي جي پاڪيزگي آهي.

پيغمبرِ اسلام ﷺ فرمايو تہ :

حديث نمبر 389 :

مَنْ أَرَادَ أَنْ يَلْقَى اللَّهَ طَاهِرًا مُطَهَّرًا فَلْيَتَزَوَّجْ الْحَرَائِرَ (ابنِ ماجه)[1]

جيڪو ماڻهو الله تعاليٰ سان (قيامت واري ڏينهن) پاڪ صاف ملڻ چاهي ان کي گهرجي تہ آزاد عورتن سان شادي ڪري.

يعني پانهيون نہ هجن بلڪ آزاد هجن.

زال ۽ مڙس جو رشتو :

- زال ۽ مڙس ڏک درد جا ساٿي آهن.
- زال ۽ مڙس هڪ ٻئي جا رازدان آهن.
- زال ۽ مڙس هڪ ٻئي لاءِ هڪ گاڏي جي ٻن ڦيٿن جيان آهن.
- زال ۽ مڙس هڪ باغ جا ٻہ گل آهن.
- زال ۽ مڙس هڪ پکيءَ جا ٻہ پر آهن.
- زال ۽ مڙس هڪ ٻئي لاءِ لباس ۽ پردو آهن.
- زال ۽ مڙس هڪ ٻئي لاءِ ڇپر ۽ ڇانوَ آهن.
- زال ۽ مڙس هڪ ٻئي جا يار وفادار آهن.
- زال ۽ مڙس هڪ ٻئي جا غمٽار ۽ غمخوار آهن.
- زال ۽ مڙس هڪ ٻئي جا حال ٻاڻي ۽ ڏک ٻاڻي آهن.
- مڙس کير تہ زال کنڊ، زال روشني تہ مڙس چنڊ آهي.
- مڙس جي زال کان سواءِ، زال جي مڙس کان سواءِ سَري نہ سگهندي آهي.

---

[1] حديث نمبر 389: سنن ابن ماجه بَاب تَزْوِيجِ الْحَرَائِرِ وَالْوَلُودِ ج 5 / ص 462 ـ الرقم: 1852) المقاصد الحسنة ج 1 / ص 102) كشف الخفاء ج 1 / ص 354 ـ الرقم: 1123) كنز العمال ج 16 / ص 295 ـ الرقم: 44555)

Scanned by CamScanner

وَخُلِقَ الْاِنْسَانُ ضَعِيْفًا○ (النساء: ۲۸)

انسان ڪمزور پيدا ڪيو ويو آهي.

حضرت سفيان ثوري رحمة الله عليه فرمايو ته انسان جي ڪمزوري ڪهڙي آهي؟ جڏهن مرد عورت کي ڏسي ٿو يا عورت مڙس کي ڏسي ٿي ته صبر نه ٿا ڪري سگهن. اِها ئي انسان جي ڪمزوري آهي.

پسنديده شيون :

حديث نمبر 390:

سرور دو عالم ﷺ فرمائن ٿا :

حُبِّبَ إِلَيَّ مِنَ الدُّنْيَا النِّسَاءُ وَالطِّيبُ وَجُعِلَ قُرَّةُ عَيْنِي فِي الصَّلَاةِ (نسائي)[1]

ساري دنيا جي شين مان مون لاءِ هي ٽي شيون سڀ کان پياريون ٺاهيون ويون آهن:

1. زالون 2. عطر 3. منهنجي اکين جي ٺڏاڻ نماز ۾ رکائي وئي آهي.

مسڪين مرد ۽ مسڪين عورت :

حديث نمبر 391 :

تاجدارِ دو عالم، نور مُجسم حضرت محمد ڪريم ﷺ جن فرمايو ته مسڪين آهي، مسڪين آهي، مسڪين آهي اُهو مرد جنهن کي زال نه آهي.

صحابن عرض ڪيو يا رسول الله! پِلي ڪٽي اهو مالدار ۽ دولتمند هجي؟ پاڻ فرمايائون بيشڪ اهو پِلي مالدار ۽ دولتمند ئي ڇونه هجي.

وري فرمايائون اُها عورت مسڪين آهي، اُها عورت مسڪين آهي، اُها عورت مسڪين آهي جنهن کي مڙس نه آهي.

---

[1] حديث نمبر 390: سنن النسائي بَاب حُبِّ النِّسَاءِ ج 12 / ص 288۔ الرقم: 3878) مسند أحمد: مسند انس بن مالك رضي الله عنهما ج 24 / ص 391۔ الرقم: 11845) المعجم الأوسط للطبراني باب الميم من اسمه محمد ج 11 / ص 439۔ الرقم: 5361) تفسير ابن أبي حاتم ج 12 / ص 13۔ الرقم: 3296) مستخرج أبي عوانة ج 8 / ص 294۔ الرقم: 3261) مسند أبي يعلى الموصلي ج 8 / ص 50۔ الرقم: 3436) تحفة الأشراف ج 3 / ص 112)

Scanned by CamScanner

صحابن عرض ڪيو تہ يا رسول الله! پلي ڪٽي اها مالدار ءِ دولتمند هجي؟ پاڻ فرمايائون پلي ڪٽي اها مالدار ءِ دولتمند ئي ڇونہ هجي. (بيهقي، شعب الايمان) [1]

معلوم ٿيو تہ دراصل شاهوڪار ءِ خوشحال اُهو ئي آهي جنهن کي رفيقءِ حيات هجي، پر جي زال نہ آهي تہ دولت هوندي بہ اُهو مورک مسڪين آهي. معلوم ٿيو تہ مال مايا، ڌن، ڌج شاهوڪاري ناهي. پر اگر نيڪ سيرت ءِ حال پائڻ زال ملي وجي تہ اِها وڏي دولت آهي. ان طرح عورت بہ حقيقت ۾ شاهوڪار اُها آهي جنهن کي نيڪ سيرت مڙس ملي وجي. الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي ايمان. اُن کان پوءِ وڏي ۾ وڏي نعمت آهي نيڪ صالح ءِ فرمانبردار زال.

حديث نمبر 392:

إِنَّمَا الدُّنْيَا مَتَاعٌ وَلَيْسَ مِنْ مَتَاعِ الدُّنْيَا شَيْءٌ أَفْضَلَ مِنَ الْمَرْأَةِ الصَّالِحَةِ (ابنِ ماجه) [2]

هي دنيا (محدود وقت لاءِ) نفعي وٽ جو سامان آهي، پوءِ دنيا جي نفعي بخش شين مان نيڪ سيرت زال جهڙو ٻيو ڪوبہ سنو سامان نہ آهي.

نفعا ئي نفعا!

خوشنصيب آهي اُهو جنهن کي نيڪ صالحہ ءِ طبيعت جي موافق زال ملي وجي، پوءِ ان مان نفعا ئي نفعا آهن جوتہ:

- زال ماني رڌڻ پچائڻ لاءِ بورچياڻي آهي.
- زال اسان جي ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ ڌوٻياڻي آهي.

---

[1] حديث نمبر 391: قال رسول الله ﷺ مسكين مسكين رجل ليست له امرأة قيل يا رسول الله وإن كان غنيا ذا مال قال وإن كان غنيا من المال قال ومسكينة مسكينة امرأة ليس لها زوج قيل يا رسول الله وإن كانت غنية أو مكثرة من المال قال وإن كانت. شعب الإيمان للبيهقي فصل في الترغيب في النكاح الخ (ج 11 / ص 462۔ الرقم: 5243)
المعجم الأوسط للطبراني باب الميم من اسمه محمد (ج 14 / ص 355۔ الرقم: 6777)
معرفة الصحابة لأبي نعيم الأصبهاني (ج 21 / ص 121۔ الرقم: 6411)

[2] حديث نمبر 392: سنن ابن ماجه بَاب أَفْضَلِ النِّسَاءِ (ج 5 / ص 452. كنز العمال ج 16 / ص 271۔ الرقم: 44405)

Scanned by CamScanner

❖ زال ڪپڙن سبڌ لاءِ درزياڻي آهي.
❖ زال گهر جي خدمت ءِ صفائي لاءِ خادمياڻي آهي.
❖ زال اسان جي ٻارن نپائڻ لاءِ دائي آهي.
❖ زال اڪيلائي جي ورونهن آهي.
❖ زال نفس شيطان کان ڍال آهي.
❖ زال ٻارن جي تربيت لاءِ معلمہ آهي.
❖ زال دل جي پاڙ آهي.
❖ زال اڌ دين آهي.

حديث نمبر 393 :

حضرت حبيب عربي ﷺ فرمايو تہ :

مَنْ رَزَقَهُ اللهُ امْرَأَةً صَالِحَةً فَقَدْ أَعَانَهُ عَلٰى شَطْرِ دِيْنِهٖ فَلْيَتَّقِ اللهَ فِي الشَّطْرِ الثَّانِيْ (مستدرک حاڪم) [1]

جنهن کي الله تعاليٰ نيڪ صالح زال عطا فرمائي تہ اُن جي اڌ دين جي الله تعاليٰ حفاظت ڪئي، باقي اڌ دين ۾ الله کان ڊجندو رهي.

ڇڙهائپ کان پناهہ :

حديث نمبر 394 :

حضرت سيدنا ابوهريره رضی الله عنه جيڪو سهڻي حبيب ڪريم ﷺ جو پيارو ءِ ويجهو اصحابي هيو، فرمايائين تہ جيڪڏهن مون کي خبر پئي تہ منهنجي زندگي ۾ باقي صرف هڪ ڏينهن بچيو آهي ءِ مون کي زال نہ هجي تہ شادي ڪري پوءِ مرندس چو تہ مون پياري محبوب ڪريم ﷺ کان ٻڌو هو پاڻ فرمايائون :

---

[1] حديث نمبر 393: المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب النكاح (ج 6 / ص 289۔ الرقم: 2632)
المعجم الأوسط للطبراني باب من اسمه احمد (ج 2 / ص 484۔ الرقم: 985) شعب الإيمان للبيهقي (ج 11 / ص 466۔ الرقم: 5247) كنز العمال (ج 16 / ص 273۔ الرقم: 44420)

Scanned by CamScanner

شِرَارُكُمْ عُزَّابُكُمْ (طبراني)[1]

توهان مان سڀني کان بُڇڙا اُهي آهن جيڪي (بغير ڪنهن سبب جي) ڇڙها آهن.

حديث نمبر 395 :

أَنَّ النَّبِيَّ ﷺ نَهَى عَنِ التَّبَتُّلِ (ابن ماجه)[2]

رسول الله ﷺ جن ڇڙهي رهڻ کان منع فرمائي آهي.

خُلِقَ الْإِنْسَانُ ضَعِيفًا ○ (النساء: ٢٨)

انسان کي ضعيف پيدا ڪيو ويو آهي.

حضرت مجاهد فرمايو ته "ضعيف جو مقصد آهي ته عورت کان صبر نه ٿو ڪري سگهي."

سنت تي عمل ڪيو :

شادي ڪرڻ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي سنت مبارڪ آهي.

حديث نمبر 396 :

النِّكَاحُ مِنْ سُنَّتِي فَمَنْ لَمْ يَعْمَلْ بِسُنَّتِي فَلَيْسَ مِنِّي (ابن ماجه)[3]

نڪاح ڪرڻ منهنجي سنت آهي، جنهن منهنجي سنت کان منهن موڙيو اُهو اسان مان ناهي.

نوجوانن کي حڪم :

نبي اڪرم هاديءِ عالم ﷺ هڪ ڏينهن نوجوانن کي هن طرح مخاطب ٿيا:

---

[1] حديث نمبر 394: عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ لَوْ لَمْ يَبْقَ مِنْ أَجَلِي إِلا يَوْمٌ وَاحِدٌ إِلا لَقِيتُ اللَّهَ عَزَّ وَجَلَّ بِزَوْجَةٍ لأَنِّي سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ يَقُولُ شِرَارُكُمْ عُزَّابُكُمْ. المعجم الكبير للطبراني قطعة من المفقود (ج 19 / ص 344۔ الرقم: 836)
المعجم الأوسط للطبراني من اسمه عبدالله (ج 10 / ص 185، مسند أبي يعلى الموصلي (ج 5 / ص 99۔ الرقم: 1991)

[2] حديث نمبر 395: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي النَّهْيِ عَنِ التَّبَتُّلِ (ج 4 / ص 257۔ الرقم: 1002)
سنن النسائي عن عائشة رضي الله عنها بَاب النَّهْيِ عَنِ التَّبَتُّلِ (ج 10 / ص 305۔ الرقم: 3161)
سنن ابن ماجه بَاب النَّهْيِ عَنِ التَّبَتُّلِ (ج 5 / ص 443۔ الرقم: 1839) مسند أحمد (ج 41 / ص 159۔ الرقم: 19329)
مصنف ابن أبي شيبة (ج 3 / ص 272) المعجم الكبير للطبراني (ج 6 / ص 355۔ الرقم: 6750)
مستخرج أبي عوانة عن عائشة رضي الله عنها (ج 8 / ص 274۔ الرقم: 3244)

[3] حديث نمبر 396: سنن ابن ماجه بَاب مَا جَاءَ فِي فَضْلِ النِّكَاحِ (ج 5 / ص 439۔ الرقم: 1836)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 397:

پاڻ نوجوانن کي مخاطب ٿيندي فرمايائون ته :

يَا مَعْشَرَ الشَّبَابِ مَنْ اسْتَطَاعَ الْبَاءَةَ فَلْيَتَزَوَّجْ

اي نوجوانن جي جماعت توهان مان جيڪو استطاعت رکي ٿو ته ان کي گهرجي ته اُهو شادي ڪري.

فَإِنَّهُ أَغَضُّ لِلْبَصَرِ وَأَحْصَنُ لِلْفَرْجِ وَمَنْ لَمْ يَسْتَطِعْ فَعَلَيْهِ بِالصَّوْمِ فَإِنَّهُ لَهُ وِجَاءٌ. (بخاري)[1]

چو ته اِها نگاهه کي هيٺ رکي ٿي، شرم گاهه جي حفاظت ڪري ٿي پر جيڪو نڪاح جي سگهه نه ٿو رکي ته ان کي لازم آهي ته روزا رکي. روزا رکڻ دراصل ان کي خصي ڪرڻ وانگر آهي.

زال ۽ مال :

حديث نمبر398:

حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها فرمايو ته سهڻا حبيب ڪريم ﷺ جن فرمائيندا هئا ته :

تَزَوَّجُوا النِّسَاءَ فَإِنَّهُنَّ يَأْتِينَكُمْ بِالْمَالِ (ابن ابي شيبة)[2]

زالن سان شادي ڪيو، توهان وٽ مال دولت آڻيندیون.

---

[1] حديث نمبر 397: صحيح البخاري بَاب مَنْ لَمْ يَسْتَطِعْ الْبَاءَةَ فَلْيَصُمْ (ج 15/ ص 498۔ الرقم: 4678)
صحيح مسلم بَاب اسْتِحْبَابِ النِّكَاحِ .الخ (ج 7/ ص 174۔ الرقم: 2486)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي فَضْلِ التَّزْوِيجِ وَالْحَثِّ عَلَيْهِ (ج 4/ ص 255۔ الرقم: 1001)
سنن النسائي ذِكْرُ الِاخْتِلَافِ عَلَى مُحَمَّدِ بْنِ أَبِي يَعْقُوبَ .الخ (ج 7/ ص 425۔ الرقم: 2210)
سنن ابن ماجه بَاب مَا جَاءَ فِي فَضْلِ النِّكَاحِ (ج 5/ ص 438۔ الرقم: 1835) مسند أحمد (ج 8/ ص 354۔ الرقم: 3819)

[2] حديث نمبر 398: مصنف ابن أبي شيبة كتاب النكاح (ج 3/ ص 271۔ الرقم: 10) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 6/ ص 287۔ الرقم: 2630) كشف الخفاء (ج 1/ ص 304)

Scanned by CamScanner

پنهنجن مان شادي :

پنهنجي عزيزن قريبن ۾ جيڪڏهن نيڪ صالح رشتو ملي ٿو تہ اول حق هي آهي تہ انهن مان ئي شادي ڪجي.

حديث نمبر 399:

النَّاكِحُ فِي قَوْمِهِ كَالمُعشِبِ فِي دَارِهِ. (طبرني)[1]

پنهنجي قوم مان شادي ڪرڻ وارو ائين آهي جيئن ڪو پنهنجي گهر ۾ گل ٻوٽا پوکيندڙ هجي.

حديث نمبر 400:

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ ايستائين قيامت قائم نہ ٿيندي جيستائين توهان ۾ رنگين مزاجي پيدا نہ ٿئي، تان جو هڪ ماڻهو ڪنهن ڏاري عورت سان صرف ان جي مال ۽ دولت سبب شادي ڪندو ۽ پنهنجي چاچي جي ڌيءُ کي ڇڏي ڏيندو ان ڏانهن نظر بہ نہ ڪندو. (طبراني)2

امت جي گهٽائي :

حديث نمبر 401:

تَنَاكَحُوا تُكْثِرُوا فَإِنِّيْ أُبَاهِيْ بِكُمُ الْأُمَمَ يَومَ الْقِيَامَةِ حَتّٰى بِالسَّقَطِ (بيهقي)[3]

نڪاح ڪيو گهڻا ٿيو تہ مان توهان جي گهٽائي تي ٻين امتن تي فخر ڪندس قيامت واري ڏينهن تان جو ڪريل پار.

---

[1] حديث نمبر 399: المعجم الكبير للطبراني عَنْ طَلْحَةَ رضي الله عنه (ج 1 / ص 97۔ الرقم: 206)
معرفة الصحابة لأبي نعيم الأصبهاني (ج 1 / ص 431۔ الرقم: 383) كنز العمال (ج 16 / ص 296۔ الرقم: 44563)

[2] حديث نمبر 400: عَنْ أَبِي أُمَامَةَ عَنِ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ لا تَقُومُ السَّاعَةُ حَتَّى تَرْجِعُوا حَرَّابِينَ وَحَتَّى يَعْمِدَ الرَّجُلُ إِلَى النَّبْطِيَّةِ فَيَتَزَوَّجُهَا عَلَى مَعِيشَتِهِ وَيَتْرُكَ بنتَ عَمِّهِ لا يَنْظُرُ إِلَيْهَا. المعجم الكبير للطبراني (ج 7 / ص 282۔ الرقم: 7891)
مجمع الزوائد باب تزويج الاقارب (ج 4 / ص 260)

[3] حديث نمبر 401: معرفة السنن والآثار للبيهقي باب الترغيب في النكاح (ج 11 / ص 207۔ الرقم: 4277)
تخريج أحاديث الإحياء (ج 3 / ص 371۔ الرقم: 1371)

Scanned by CamScanner

حضرت ع
آهن، يا عاجز
جيڪڏهن مون
تڏهن به آءٌ شاد
نہ ٿو سمجهان.
حضرت ﷺ
ڏنس پچيائين
درجا تمام گهٽ
حضرت ا
پئي ڏينهن پاڻ
حضرت ا
آهي جيئن جه
رکعت چڙهي
ڪنهن جي ش
ڪنهن مسلمار
عمل آهي. جي
جسمن کي نڪ
حديث نمبر 2
مِنْ أَ
سڀ کان افض

عمر فاروق ﷺ فرمايو تہ شادي ڪرڻ ڪان صرف پہ شيون رڪاوٽ هونديون هجڻ يا بدڪار هجڻ. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنهما فرمايو تہ ڪي معلوم ٿي وڃي تہ منهنجي عمر ۾ صرف ڏهہ (10) ڏينهن بچيا آهن ي ڪري پوءِ مرڻ کي افضل سمجهان ٿو. الله جي اڳيان چڙهو وڃڻ مناسب

شر حافي رحمة الله عليہ بنا شادي جي وفات ڪئي. ڪنهن ماڻهو خواب ۾ چا حال آهي؟ چيائين الله تعاليٰ مون کي بخشي جنت ۾ موڪليو ۽ منهنجا ا بلند ڪيا ويا پر شادي وارن جي درجي کي پهچي نہ سگهيس.

مام احمد بن حنبل ﷺ جي گهرواري جنهن ڏينهن وفات ڪري وئي ان جي ي شادي ڪيائون.

مام غزالي رحمة الله عليہ فرمايو تہ نڪاح واري جي، چڙهي تي اهڙي فضيلت اد تي وڃڻ واري جي گهر ويڙل تي. پاڻ فرمايائون شاديءَ واري جي هڪ جي ستر رڪعتن کان افضل آهي. (احياء العلوم جلد ۲ كتاب النكاح)

شاديءَ لاءِ سفارش ڪرڻ:

ن مرد ياد عورت جي شاديءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ يا سفارش ڪرڻ تمام پلو ڪڏهن ڪو ماڻهو ڪوشش ڪري ڪنهن ڪريل کي ڪٽي ٿو يا پن وچڑيل ڪاح ذريعي پاڻ ۾ ملائي تو تہ الله پاڪ اُن کان ڏاڍو خوش ٿئي ٿو.

402:

فَضْلِ الشَّفَاعَةِ أَنْ يُشَفَّعَ بَيْنَ الِاثْنَيْنِ فِي النِّكَاحِ (ابن ماجه)[1]

سل ترين سفارش ڪن بن جي وچ ۾ نڪاح ڪرڻ جي سفارش ڪرڻ آهي.

[1] سنن ابن ماجه بَاب الشَّفَاعَةِ فِي التَّزْوِيجِ ج 6/ص 116 . تحفة الأشراف ج 11/ص 165)

[1] حديث نمبر 402 : س

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 403:

حضرت بيبي عائشہ رضي الله عنها فرمايو تہ اسامہ بن زيد رضی اللہ عنہ جو دروازي جي چانئٹ وٹ پير تِرکي پيو ۽ کري پيو سندس مٿي ۾ ڏک لڳو. حضور عليہ الصلواة والسلام جن مون کي فرمايو تہ هن جي پليتي صاف کر. مون صاف ڪئي. پاڻ ﷺ ان جي زخم تان رت صاف کري رهيا هئا ۽ فرمائي رهيا هئا تہ جيڪڏهن اسامہ چوکري هجي ها تہ مان ان کي زيور پهرايان ها ۽ هن کي دلکش ڪپڑا ڏکايان ها ۽ ان جي شادي کرايان ها.

(ابن ماجه) 1

شاديءَ جا فائدا :

- انساني نسل جو بقاءُ شاديءَ جي ذريعي ممکن آهي.
- شادي کرڻ سان ماڻهو شيطاني، نفساني ۽ غير اخلاقي بدڪارين کان بچي وڃي ٿو.
- نگاهہ ۽ شرم گاهہ برائي کان بچي وڃن ٿيون.
- زال ۽ مڙس جو ميلاپ جنت جي مزن مان هڪ مزو دنيا ۾ رکيو ويو آهي.
- جنسي خواهش جي تڪميل ٿئي ٿي ڇو تہ جڏهن جنسي خواهش جوش ۾ هجي ٿي تڏهن نہ دين سلامت رهي ٿو نہ عقل.
- گهر جو انتظام ۽ اهتمام سٹي طرح ٿئي ٿو.
- بد نظري کان نگاهن جي حفاظت ٿئي ٿي.
- حبيب ڪريم ﷺ جي سنت ادا ٿئي ٿي.
- الله ۽ اُن جو حبيب ﷺ راضي ٿين ٿا.

---

[1] حديث نمبر 403: عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ عَثَرَ أُسَامَةُ بِعَتَبَةِ الْبَابِ فَشُجَّ فِي وَجْهِهِ فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَمِيطِي عَنْهُ الْأَذَى فَتَقَذَّرْتُهُ فَجَعَلَ يَمُصُّ عَنْهُ الدَّمَ وَيَمُجُّهُ عَنْ وَجْهِهِ ثُمَّ قَالَ لَوْ كَانَ أُسَامَةُ جَارِيَةً لَحَلَّيْتُهُ وَكَسَوْتُهُ حَتَّى أُنَفِّقَهُ.

سنن ابن ماجه بَاب الشَّفَاعَةِ فِي التَّزْوِيجِ (ج 6/ ص 117۔ الرقم: 1966)

مصنف ابن أبي شيبة (ج 7/ ص 533) شعب الإيمان للبيهقي (ج 22/ ص 401۔ الرقم: 10576)

صحيح ابن حبان ، ذكر اسامه بن زيد بن حارثه (ج 29/ ص 149۔ الرقم: 7181)

Scanned by CamScanner

بادشاهي تاج :

حديث نمبر 404:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ :

مَنْ تَرَكَ لُبْسَ ثَوْبِ جَمَالٍ وَهُوَ يَقْدِرُ عَلَيْهِ قَالَ بِشْرٌ أَحْسِبُهُ قَالَ تَوَاضُعًا كَسَاهُ اللهُ حُلَّةَ الْكَرَامَةِ وَمَنْ زَوَّجَ لِلّٰهِ تَعَالَى تَوَّجَهُ اللهُ تَاجَ الْمُلْكِ (ابوداؤد) [1]

جيڪو ماڻهو طاقت هوندي بہ نياز ءِ نوڙت اختيار ڪندي زيب و زينت جو لباس ترڪ ڪري تہ الله تعاليٰ ان کي عزت جو ويس پهرائيندو ءِ جيڪو الله تعاليٰ کي راضي ڪرڻ لاءِ نڪاح ڪري تہ الله ان کي بادشاهي تاج پهرائيندو.

هِن حديث مان اِهو مطلب نڪري ٿو تہ شادي رڳو پنهنجي نفس جي خواهش جي پورائي لاءِ نہ بلڪ الله جي راضي ڪرڻ لاءِ ڪرڻ گهرجي.

---

[1] حديث نمبر 404: سنن أبي داود بَاب مَنْ كَظَمَ غَيْظًا ج 12/ص 397۔الرقم: 4147)
واخرجه الطبراني في المعجم الكبير بلفظ: مَنْ أَنْكَحَ عَبْدًا لِلّٰهِ وَضَعَ اللهُ عَلَى رَأْسِهِ تَاجَ الْمُلْكِ
المعجم الكبير للطبراني ج 15/ص 117۔الرقم: 16819)
وايضاً في المعجم الأوسط ج 20/ص 99۔الرقم: 11312)

Scanned by CamScanner

باب ٻيون

زال جو انتخاب ۽ نکاح

زال مڙس جو ساٿ صرف ڏينهن ڏهاڙي جو ناهي پر پوري زندگي جو هوندو آهي. ان لاءِ پهريائين اهڙي گهرواري جو انتخاب ڪرڻ گهرجي جيڪا ديندار هجي، من پسند هجي ۽ خوب سيرت هجي. ڇو ته زال مڙس جو ذهني طور تي هم آهنگ هجڻ پوري زندگي جي راحت آهي ۽ اگر ذهني طور تي هم آهنگي نه هجي ۽ طيبعتن ۾ اختلاف هجي ته زندگي جهنم ٿي ويندي آهي. بقول سعدي :

زن بد در سرائے مرد نیکو ❊ ہم دریں عالم است دوزخ او

نيڪ ماڻهو جي گهر ۾ اگر بچڙي ۽ بداخلاق زال هجي ته ان لاءِ دنيا ۾ ئي دوزخ آهي.

شاديءَ کان اڳ سو ڀيرا سوچيو، سڃڻ سان صلاحون ڪيو، استخارا ڪيو ۽ پوءِ شادي ڪيو. سڀي زال ۾ ڪهڙيون خوبيون هجڻ گهرجن. اچو ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي تعليمات جو غور سان مطالعو ڪيون :

زال جون خوبيون :

حديث نمبر 405 :

سيدنا ابوهريره رضي الله عنه روايت ڪري ٿو نبي ڪريم ﷺ فرمايو :

تُنْكَحُ الْمَرْأَةُ لِأَرْبَعٍ لِمَالِهَا وَلِحَسَبِهَا وَلِجَمَالِهَا وَلِدِينِهَا فَاظْفَرْ بِذَاتِ الدِّينِ تَرِبَتْ يَدَاكَ. (مسلم)[1]

---

[1] حديث نمبر 405: صحيح البخاري بَاب الْأَكْفَاءِ فِي الدِّينِ، الخ (ج 16/ص 33۔ الرقم: 4700)
صحيح مسلم بَاب اسْتِحْبَابِ نِكَاحِ ذَاتِ الدِّينِ (ج 7/ص 388۔ الرقم: 2661)
سنن أبي داود بَاب مَا يُؤْمَرُ بِهِ مِنْ تَزْوِيجِ ذَاتِ الدِّينِ (ج 5/ص 426۔ الرقم: 1751)
سنن النسائي بَاب كَرَاهِيَةِ تَزْوِيجِ الزُّنَاةِ (ج 10/ص 331۔ الرقم: 3178) سنن ابن ماجه (ج 5/ص 456۔ الرقم: 1848)

Scanned by CamScanner

عورت سان شادي ڇئن وصفن جي سببان ڪئي ويندي آهي.

♥ ان جي مال دولت جي سببان.

♥ ان جي گهراٽي جي سببان.

♥ ان جي سونهن جي سببان.

♥ ان جي دين جي سببان.

پوءِ ديندار عورت سان شادي ڪري ڪاميابي حاصل ڪر، تنهنجا هٿ متيءَ هاڻا ٿين.

هن حديث شريف جي اندر عورت جون چار خوبيون بيان ڪيون ويون آهن.

1. مال 2. حسب نسب 3. حُسن 4. دين

محبوب ڪريم ﷺ تن ڳالهين کي رد ڪندي چوٿين ڳالهه دينداري کي پسند فرمايو اگر شادي ڪيو تہ ديندار عورت سان شادي ڪيو.

مال و دولت :

اڄڪلهه اِهو مرض عام آهي تہ هر ڪو دولت جي تلاش ۾ آهي. شادي کان اڳ ۾ پڇن ٿا تہ ڏاج ڏاوڙ ڇا ڏنو ويندو؟ فرنيچر ۾ ڇا هوندو؟ فِرج، وي سي آر، ٽيليويزن هوندي يا نہ؟ "پہلے ٹی وی پھر بیوی" گهوٽ کي سلامي ۾ ڇا ڏيندو؟ سون ڪيترو ڏيندو؟ زيور ۽ زمين ڪيتري ملندي؟ شاديءَ لاءِ ها يا نہ جي ورندي ۾ پوءِ ملندي. ان ڇڙي سوچ جي ڪري اڄ هزارين بالغ نياڻيون ائين ئي ويٺيون آهن، ڪو انهن سان نڪاح ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. ڏوهہ انهن جو صرف اُهو آهي جو اُهي مسڪين ۽ غريب آهن. چوندا آهن تہ " سائي جا سُهرا گهٽا، سڄي جو سالو نہ ليي."

حضرت حبيب ڪريم ﷺ ان نظريي کي ٺڪرائيندي انهن خيالن جو قلعہ قمع ڪندي فرمايائون تہ مال ۽ دولت ڏسي مائٽي نہ ڪيو، پر دين ڏسي مائٽي ڪيو. ديندار عورت اگر مسڪين ۽ غريب ۾ آهي تڏهن ۾ الله پاڪ ان جي پاڻ ۽ بخت سان مڙس کي شاهوڪار بنائي ڇڏيندو، جيئن مٿي بيان ٿي چُڪو.

اسلام نيڪ مرد جو نيڪ عورت سان رشتي ڪرڻ جي همت افزائي ڪئي آهي. جيئن هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ:

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 406 : .

أَنْكِحُوا الصَّالِحِينَ وَالصَّالِحَاتِ (دارمي)[1] نيڪ مردن ۽ نيڪ عورتن جو نڪاح ڪيو.

2. حسب و نسب :

ابن ڏاڏن تي فخر ڪرڻ، ذات پات ڳولڻ. ڪنهن جي حسب نسب مان عيب ڳولڻ درست نه آهي. جنهن کي نيڪ صالح ڏسو ان سان رشتو جوڙيو. هڪ شخص کي ڪنهن چيو ته فلاڻي هنڌان مائٽي ڪر، عورت تمام نيڪ صالح آهي. چيائين اتي مان هرگز مائٽي نه ڪندس چو ته ان جي نانيءَ سان تنهنجو چا؟ چيائين ته "نائين پيڑهي ۾ به نانيءَ ڇڪ ڪندي آهي."

سڻي نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته شادي ڪرڻ کان اڳ حسب و نسب نه ڏسو پر دين ڏسو.

3. حسن و جمال :

ظاهري حُسن و جمال ڏسي به مائٽي نه ڪيو. ڪڏهن اروڙي ۽ گند جي ڍير تي به ڏاڍو سهڻو گل ڄمي پوندو آهي. اگر سهڻا اخلاق ئي نه هجن ته حُسن کي ڏوئي ته ڪونه پيئبو.

حديث نمبر 407 :

لَا تَزَوَّجُوا النِّسَاءَ لِحُسْنِهِنَّ فَعَسَىٰ حُسْنُهُنَّ أَنْ يُرْدِيَهُنَّ وَلَا تَزَوَّجُوهُنَّ لِأَمْوَالِهِنَّ فَعَسَىٰ أَمْوَالُهُنَّ أَنْ تُطْغِيَهُنَّ وَلَكِنْ تَزَوَّجُوهُنَّ عَلَى الدِّينِ وَلَأَمَةٌ خَرْمَاءُ سَوْدَاءُ ذَاتُ دِينٍ أَفْضَلُ. (ابن ماجه)[2]

عورتن سان حُسن و جمال جي سبب شادي نه ڪيو متان انهن جو حُسن انهن کي بدڪار نه بنائي وجهي. انهن جي دولت سبب به انهن سان شادي نه ڪيو متان انهن جي دولت انهن کي سرڪش نه بنائي ڇڏي ۽ شادي ڪيو ته دينداري ڏسي شادي ڪيو چو ته ڪاڙي ڪوجهڙي ڪاڻ به ديندار پلي آهي.

---

[1] حديث نمبر 406: سنن الدارمي باب فِي نِكَاحِ الصَّالِحِينَ وَالصَّالِحَاتِ (ج 6 / ص 443۔ الرقم: 2236)

[2] حديث نمبر 407: سنن ابن ماجه بَاب تَزْوِيجِ ذَوَاتِ الدِّينِ (ج 5 / ص 457) كنز العمال (ج 16 / ص 292۔ الرقم: 44537)

Scanned by CamScanner

حُسن و جمال جي حقيقت :

حضرت مالڪ بن دينار رحمة الله عليه هڪ ڏينهن بازار ۾ آيا. پاڻ نهايت حسين و جميل عورت کي ڏٺائون جيڪا بازار ۾ گهمڻ آئي هئي. اها دراصل هڪ بادشاهه جي پاڻهي هئي جنهن جي اڳيان پويان هزارين نوڪر پيلي پاڻها هئا. حضرت مالڪ بن دينار رحمة الله عليه فرمايو ته ڇا بادشاهه هي پاڻهي کپائيندو؟ ماڻهو کلڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ڇا تون هن کي خريد ڪندين؟ فرمايائين هائو. چيائون ڇا قيمت ڏيندي؟ فرمايائين ۽ ڪتل جون ڳڙيون. حضرت مالڪ بن دينار رحمة الله عليه کي بادشاهه وٽ وڃي آيا ۽ چيائون بادشاهه سلامت هي فقير توهان جي پاڻهي جو خريدار آهي. بادشاهه پڇيو فقير صاحب ڇا ڳالهه آهي؟ حضرت مالڪ بن دينار رحمة الله عليه فرمايو ته جي ها بادشاهه سلامت هن ۾ هزارين عيب آهن انڪري هن جي قيمت ڪجور جي ڏن ڳڙين کان سواءِ ڪجهه ۽ نه آهي. بادشاهه چيو ته هن جو حُسن بي مثال آهي ۽ سونهن سوڀيا بي نظير آهي. توکي ڪهڙا عيب نظر آيا؟ پاڻ فرمايائون هن جي سيني ۾ بلغم، پيٽ ۾ پيشاب ۽ پاءِ خانو وغيره پريل آهي. جتان ۽ بدن کي ٺُڪو ڏيو ته رت پُون ۽ غلاظت پئي نڪري. هر مهيني ماهواري جو خون پيو اچي. اکين ۾ سرمون نه وجهي ته اکيون بي زيب ٿي وڃن. غسل نه ڪري ته بدن مان ڀگهر جي بدبوءِ اچڻ لڳي. وات ۾ ڏندڻ نه ڪري ته بدبوءِ جي ڪري تون پاسي ۾ ويهڻ نه ڏينس. اڄ حُسن ۽ جواني اٿس، سياڻي ڪاڙي ٿيندي ته حُسن جمال پاڇاتو ٿي ويندس. اکين جو نور گهٽجي ويندس. چهري جي رونق موڪلائي ويندس. بي وفا اهڙي آهي جو اڄ تو وٽ آهي. تون مري ويندي ته سياڻي وري پئي جي بغل ۾ ويندي. اهڙي عيبدار، بي وفا عورت جو ملهه ڪتل جون ۽ ڳڙيون نه هوندو ته پيو ڇا هوندو؟ بادشاهه چيو ته توهان سچ فرمايو.

4. ديندارِي :

مال دولت اچڻي وڃڻي شيءِ آهي. حُسن و جمال به هڪ ڏينهن ڪاڙپ جي وَر چڙهي ويندو آهي پر ديندارِي اهڙي دولت آهي جيڪا دنيا ۽ آخرت ۾ فائدو ڏيندي آهي. انڪري اسلامي نقطءِ نظر سان پنهنجي جيون ساڻي جي انتخاب لاءِ ديندارِي کي ترجيح ڏيڻ گهرجي.

Scanned by CamScanner

ديندار زال جا فائدا :

1. نيڪ عورت مڙس جي عزت ڪندي آهي ۽ پنهنجي ننگ ناموس جي حفاظت ڪندي آهي.
2. پنهنجي مڙس جي گهر جي چڱي طرح سنڀال ڪندي آهي.
3. پاڪائي صفائي سان ماني ڪارائيندي آهي، جنهن سان دلين ۾ نور مضبوط ٿيندو آهي.
4. ٻچڙن کي ديني تعليم ۽ تربيت ڏيندي آهي.
5. مڙس جي ڏک درد ۾ سندس همدرد ۽ غمخوار هوندي آهي.
6. پنهنجي وَرَ سان والهانہ محبت رکندي آهي.
7. فرض، واجب ۽ سنتون ادا ڪندي آهي۽ حقدارن تائين حق پهچائيندي آهي.
8. مڙس جي دل و جان سان خدمت ٻجا آڻيندي آهي.
9. مڙس جي غير موجودگي ۾ ان جي گهر، ٻچڙن ۽ مال جي حفاظت ڪندي آهي.
10. ديندار عورت پنهنجي مڙس جي ڪمين يا عيبن کي ظاهر نہ ڪندي آهي.
11. مڙس کان ناجائز فرمائشون نہ ڪندي آهي.

ڪنواري عورت سان شادي ڪيو :

شاديءَ لاءِ اگر زال منتخب ڪيو تہ ڪنواري جو ڪيو. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو:

حديث نمبر 408:

عَلَيْكُمْ بِالْأَبْكَارِ فَإِنَّهُنَّ أَعْذَبُ أَفْوَاهًا وَأَنْتَقُ أَرْحَامًا وَأَرْضَىٰ بِالْيَسِيرِ (ابنِ ماجه)[1]

شادي ڪيو تہ ڪنواري عورتن سان شادي ڪيو ڇو تہ اُهي وٽندڙ وات واريون آهن، گهٽن ۾ارن ڇڪ واريون آهن ۽ ٿوري تي راضي رهڻ واريون آهن.

ڪنوارين ڇوڪرين ۾ حياء گهڻو هوندو آهي. انڪري اُهي گهٽو ڳالهائيندڙ يا جهيڙيڪار فساد ڪندڙ نہ هونديون آهن. جيڪو ڳالهائيندين وٽندڙ ۽ مٺو هوندو.

---

[1] حديث نمبر 408 : سنن ابن ماجه بَاب تَزْوِيجِ الْأَبْكَارِ (ج 5/ ص 460. الرقم: 1851) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ ص 81) الآحاد والمثاني لابن أبي عاصم (ج 5/ ص 366. الرقم: 1719) المعجم الكبير للطبراني (ج 12/ ص 75. الرقم: 13795)

Scanned by CamScanner

رنڊ جي پيٽ ۾ ڪنواريون وڌيڪ پار ڇڏڻ واريون هونديون آهن ۽ ٿوري تي راضي ٿي ويندين آهن. خرچ پکو، جماعَ يا ميلاپ وغيره ۾ ٿوري تي راضي ٿيڻ واريون هونديون آهن. پنهنجي مڙس سان دل رکنديون آهن. ڪنواري عورت جيئن ته پيو جهان ڏٺو ئي نه هوندو آهي ان ڪري صرف پنهنجي مڙس سان ئي دل رکندي آهي. ڪنواري زال پنهنجي مڙس کي راندين ڪيڏائيندي آهي ۽ مڙس ان کي راند ڪيڏائيندو آهي.

زال سان ڪلڻ ۽ ڪيڏڻ:

حديث نمبر 409:

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه فرمايو ته مون شادي ڪئي ۽ پوءِ مان سهڻي حبيب ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ آيس. پاڻ فرمايائون اي جابر! تو پنهنجي پيءُ جي مرڻ کان پوءِ شادي ڪئي آهي؟ عرض ڪيم هائو يا رسول الله. فرمايائون ڪنواري سان يا رنڊ سان؟ عرض ڪيم رنڊ سان. پاڻ فرمايائون:

أَلَا تَزَوَّجْتَهَا بِكْرًا تُلَاعِبُكَ وَتُلَاعِبُهَا وَتُضَاحِكُكَ وَتُضَاحِكُهَا

(مسند احمد، سنن الكبرىٰ نسائي، كتاب عشرة النساء) [1]

ڪنواري عورت سان شادي ڇونه ڪيئي. اُها تو کي راندين ڪيڏائي ها تون ان کي راندين ڪيڏائين ها ۽ اُها تو کي ڪِلائي ها تون ان کي ڪِلائين ها.

پنهنجي گهرواريءَ سان قرب وندڻ ان جي دل خوش ڪرڻ لاءِ ان سان ڪيڏڻ اِهو به نيڪ عمل آهي ڇاڪاڻ ته سرڪار دو عالم ﷺ جن فرمايو ته:

حديث نمبر 410:

دنيا جون سڀ راندين باطل آهن، مگر ٽي راندين جائز آهن.

1. تير اندازي 2. گهوڙي سواري 3. زال سان راند ڪرڻ. (ابو داؤد)

ثابت بن عبيد رضي الله عنه فرمايو ته مون زيد بن ثابت رضي الله عنه اصحابي سڳوري جهڙو پيو ڪو ماڻهو نه ڏٺو. مجلس ۾ جيترو بُردبار ۽ خاموش هوندو هيو، گهر ۾ اوترو ئي خوش مزاج هوندو هيو.

---

[1] حديث نمبر 409: السنن الكبرى للنسائي كتاب النكاح (ج 3/ص 265) مسند أحمد: (ج 30/ص 31۔ الرقم: 14482)

Scanned by CamScanner

تہ انسان کي پنهنجي گهر ۾ مصنوعي رعب تاب سان ۽ سُڳل چهري سان داخل نہ ٿيڻ گهرجي بلڪ خوش طبع، خوش مزاج ۽ مسڪرائيندڙ چهري سان داخل ٿيڻ گهرجي.

پسند جي شادي :

جيئن تہ زال مڙس کي پاڻ ۾ پوري زندگي گڏ گذارڻي آهي ان ڪري شاديءَ کان اڳ هڪ ٻئي کي پسند ڪرڻ گهرجي. اِها بہ زيادتي آهي جو پيءُ ماءُ زبردستي نہ چاهيندي بہ پنهنجي پٽ يا نياڻي کي پرٽائي ڇڏيندا آهن پوءِ سڄي زندگي اولاد جي سورن ۾ گذرندي آهي.

حديث نمبر 411 :

هڪ شخص رسول الله ﷺ جن کي عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ اسان وٽ هڪ يتيم ڇوڪري آهي. ان لاءِ ٻن ماڻهن نڪاح جو پيغام موڪليو آهي. هڪڙو مالدار آهي ٻيو مسڪين آهي. ۽ هوءَ مسڪين کي چاهي ٿي ۽ پسند ڪري ٿي ۽ اسان چاهيون ٿا تہ مالدار سان پرٽايونس. پاڻ فرمايائون تہ :

لَمْ يُرَ لِلْمُتَحَابَّيْنِ مِثْلَ التَّزْوِيْجِ (ابن ماجه، مصنف عبدالرزاق) [1]

محبت ڪرڻ وارن کي پاڻ ۾ شادي ڪرائڻ اِن کان بهتر ڳالهہ ٻي ڇا ٿي سگهي ٿي.

حديث نمبر 412:

حضرت خنساء بنت خدام رضي الله عنها رنڍ هئي. سندس پيءُ ان جو نڪاح ڪنهن مرد سان ڪيو جيڪو ڪيس پسند نہ هيو. پوءِ اها رسول الله ﷺ وٽ آئي تہ پاڻ ان جو نڪاح رد ڪري ڇڏيائون. (بخاری، ابوداؤد) [2]

---

[1] حديث نمبر 411: المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب النكاح (ج 6 / ص 285۔ الرقم: 2628) مصنف عبد الرزاق باب وجوب النكاح وفضله (ج 6 / ص 168۔ الرقم: 10377) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7 / ص 78) اخرجه ابن ماجه في السنن بلفظ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَمْ نَرَ لِلْمُتَحَابَّيْنِ مِثْلَ النِّكَاحِ. بَاب مَا جَاءَ فِي فَضْلِ النِّكَاحِ (ج 5 / ص 440۔ الرقم: 1837) وايضاً اخرجه ابن أبي شيبة في المصنف (ج 3 / ص 271) المعجم الكبير للطبراني (ج 9 / ص 231۔ الرقم: 10736)

[2] حديث نمبر 412: عَنْ خَنْسَاءَ بِنْتِ خِذَامٍ الْأَنْصَارِيَّةِ أَنَّ أَبَاهَا زَوَّجَهَا وَهِيَ ثَيِّبٌ فَكَرِهَتْ ذَلِكَ فَأَتَتْ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَرَدَّ نِكَاحَهُ. صحيح البخاري (ج 16 / ص 103۔ الرقم: 4743) سنن أبي داود باب في الثيب (ج 5 / ص 496۔ الرقم: 1797) موطأ مالك بَاب جَامِعِ مَا لَا يَجُوزُ مِنَ النِّكَاحِ (ج 4 / ص 56۔ الرقم: 981) سنن النسائي الثَّيِّبُ يُزَوِّجُهَا أَبُوهَا وَهِيَ كَارِهَةٌ (ج 10 / ص 391۔ الرقم: 3216) مسند أحمد (ج 54 / ص 226۔ الرقم: 25560) السنن الكبرى للنسائي (ج 3 / ص 282۔ الرقم: 5380)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 413

هڪ ڪنواري ڇوڪري حضور نبي ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ آئي ۽ چوڻ لڳي ته سندس پيءُ سندس نڪاح اهڙي ماڻهو سان ڪري ڇڏيو آهي جيڪو مون کي ناپسند آهي ته رسول الله ﷺ جن کيس اختيار ڏنو. (ابوداؤد)[1]

حديث نمبر 414:

لَا تُنْكَحُ الْبِكْرُ حَتَّى تُسْتَأْذَنَ قَالُوا يَا رَسُولَ اللَّهِ وَكَيْفَ إِذْنُهَا قَالَ أَنْ تَسْكُتَ

(بخاری، مسلم و ترمذی)[2]

ڪنواري ڇوڪريءَ جي اجازت ڪان سواءِ ان جي شادي هرگز نه ڪئي وڃي. اصحابن عرض ڪيو يا رسول الله! ان جي اجازت ڪهڙي طرح ٿيندي؟ پاڻ فرمايائون خاموش رهڻ ان جي اجازت آهي.

هنن حديثن مان معلوم ٿيو ته ڇوڪري بالغ هجي پوءِ ڪنواري هجي يا رنڊ ان جي اجازت ڪان سواءِ زبردستي نڪاح ڪرڻ جائز نه آهي. ڪنواريءَ جو نڪاح به ان جي رضا سان ڪيو وڃي، اِهو ئي جمهور جو مذهب آهي. امام احمد بن حنبل ۽ حضرت امام ابو حنيفه رضوان الله عليهم جو به اِهو ئي مذهب آهي.

---

[1] حديث نمبر 413: عَنْ ابْنِ عَبَّاسٍ أَنَّ جَارِيَةً بِكْرًا أَتَتْ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَذَكَرَتْ أَنَّ أَبَاهَا زَوَّجَهَا وَهِيَ كَارِهَةٌ فَخَيَّرَهَا النَّبِيُّ ﷺ. سنن أبي داود بَاب فِي الْبِكْرِ يُزَوِّجُهَا أَبُوهَا وَلَا يَسْتَأْمِرُهَا (ج 5/ص 492۔الرقم: 1794)

سنن ابن ماجه بَاب مَنْ زَوَّجَ ابْنَتَهُ وَهِيَ كَارِهَةٌ (ج 5/ص 479۔1865)

سنن الدارقطني (ج 11/ص 146۔الرقم: 3612)

السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ص 117)

[2] حديث نمبر 414: صحيح البخاري بَاب فِي النِّكَاحِ (ج 21/ص 311۔الرقم: 6455)

صحيح مسلم بَاب اسْتِئْذَانِ الثَّيِّبِ فِي النِّكَاحِ. الخ (ج 7/ص 239۔الرقم: 2543)

سنن أبي داود بَاب فِي الِاسْتِئْمَارِ (ج 5/ص 488۔الرقم: 1791)

سنن النسائي (ج 10/ص 389۔الرقم: 3215) مسند أحمد (ج 19/ص 275۔الرقم: 9232) المعجم الكبير للطبراني (ج 20/ص 18۔الرقم: 1247) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ص 122)

Scanned by CamScanner

گھٹا پار ڇٹيندڙ زال :

اڄ جا بعض ماڻھو نام نھاد روشن خيالي جي زعم ۾ گھٽ پار ٿيڻ جون ڪوششون ڪندا آھن. اسلام جي رو سان گھٽا پار ٿيڻ سڻي علامت آھي. انڪري اھڙي قبيلي ۽ گھراڻي مان شادي ڪرڻ گھرجي جنھن ۾ عورتون گھٽا پار ڇٹيندڙ ھجن ڇو تہ گھٽا پار ڇٹڻ اِھا ئي عورت جي خوبي آھي.

حديث نمبر 415:

ھڪ اصحابي حضرت حبيب عربي ﷺ جن جي خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين تہ مان ھڪ عورت سان شادي ڪرڻ چاھيان ٿو. حسب نسب واري، سونھن سوڀيا واري آھي، پر اُھا پار ڇٹيندڙ نہ آھي (حيض نہ ٿو اچيس). ڇا ان سان شادي ڪيان؟ پاڻ ﷺ فرمايائون نہ ڪر. وري پيو پيرو ان عورت سان شادي ڪرڻ جي اجازت گھرڻ آيو. پاڻ منع فرمايائون. وري ٽيون پيرو آيو. پاڻ فرمايائون :

تَزَوَّجُوا الْوَدُودَ الْوَلُودَ فَإِنِّي مُكَاثِرٌ بِكُمُ الْأُمَمَ (ابو داؤد)[1]

شادي ڪيو ان عورت سان جيڪا گھڻي محبت ڪرڻ واري ۽ گھٽا پار ڇڏڻ واري ھجي ڇو تہ قيامت واري ڏينھن مان پنھنجي امت جي گھڻائي تي فخر ڪندس.

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ شاديءَ لاءِ اُھا زال چونڊيو جنھن ۾ ٻہ خوبيون ھجن.

1. **ودود :** گھڻي محبت ۽ پيار ڏيڻ واري ھجي.

2. **ولود :** گھٽا پار ڇٹيندڙ ھجي.

ودود ھجي ۽ ولود نہ ھجي تہ ان جو ٻہ فائدو نہ آھي. ولود ھجي ودود نہ ھجي تہ اِھا ٻہ زندگي تي بار آھي. جنھن ۾ ٻئي خوبيون ھجن تہ اُھا زال بي مثال آھي.

---

[1] حديث نمبر 415: سنن أبي داود بَاب النَّهْيِ عَنْ تَزْوِيجِ مَنْ لَمْ يَلِدْ مِنَ النِّسَاءِ (ج 5/ص 431۔ الرقم: 1754)
المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب النكاح (ج 6/ص 292۔ الرقم: 2635)
مستخرج أبي عوانة باب ذكر حث النبي ﷺ على تزويج الأبكار، الخ (ج 8/ص 292۔ الرقم: 3259)
أمالي المحاملي مجلس آخر إملاء في شهر ربيع الأول (ج 1/ص 397۔ الرقم: 381)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 416:

خَيْرُ نِسَاءِكُمْ مِنْ اَهْلِ الْجَنَّةِ الْوَدُوْدُ الْوَلُوْدُ الْعَوُوْدُ عَلٰى زَوْجِهَا

(مجمع الزوائد)[1]

توهان جي زالن مان گهٽيون جنتي زالون اُهي آهن جيڪي : 1. گهٽي محبت رکڻ واريون. 2. گهڻا پار ڇڏڻ واريون. 3. ۽ پنهنجي مڙس ڏانهن موٽڻ واريون هجن.

جيڪڏهن ان کان کا خطا ٿي پوي ۽ سندس مڙس هن کان ناراض ٿي وڃي ته اُهي موٽي اچي پنهنجي مڙس جي هٿ ۾ هٿ ڏئي چوي ته آءٌ تيسين سک نه ماڻيندس جيسين تون مون کان راضي نه ٿيندين. (مجمع الزوائد)

فاروقي فرمان :

حضرت سيدنا عمر فاروق رضي الله عنه جو فرمان ذيشان آهي ته :

مَا اٰتِي النِّسَآءَ لِشَهْوَةٍ وَلَوْلَا الْوَلَدَ مَا اٰتِي النِّسَآءَ

آءٌ زال ڏانهن (محض) شهوت جي پورائي لاءِ نه ايندو آهيان جيڪڏهن اولاد جمڻ جي اميد نه هجي ته مان اصل عورتن ڏانهن نه اچان ها.

پيغام تي پيغام نه موڪليو :

جيڪڏهن ڪنهن عورت کي ڪنهن مسلمان شادي لاءِ پيغام موڪليو آهي ته جيستائين ان جي ڳالهه ڇٽي نه ٿئي تيستائين ٻئي کي مناسب ناهي جو اهو پنهنجي شادي لاءِ پيغام موڪلي.

حديث نمبر 417:

لَا يَخْطُبُ الرَّجُلُ عَلٰى خِطْبَةِ أَخِيهِ (ابن ماجه)[2]

---

[1] حديث نمبر 416: السنن الكبرى للنسائي (ج 5 / ص 361۔ الرقم: 9139) شعب الإيمان للبيهقي (ج 18 / ص 243۔ الرقم: 8474) فوائد تمام (ج 3/ ص 214۔ الرقم: 1212)

[2] حديث نمبر 417: صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ الْجَمْعِ بَيْنَ الْمَرْأَةِ وَعَمَّتِهَا أَوْ خَالَتِهَا فِي النِّكَاحِ (ج 7/ ص 210۔ الرقم: 2519)
سنن ابن ماجه بَاب لَا يَخْطُبُ الرَّجُلُ عَلَى خِطْبَةِ أَخِيهِ (ج 5/ ص 469۔ الرقم: 1857)
سنن أبي داود بَاب فِي كَرَاهِيَةِ أَنْ يَخْطُبَ الرَّجُلُ عَلَى خِطْبَةِ أَخِيهِ (ج 5/ ص 472۔ الرقم: 1781)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ أَنْ لَا يَخْطُبَ الرَّجُلُ عَلَى خِطْبَةِ أَخِيهِ (ج 4/ ص 343۔ الرقم: 1053)

Scanned by CamScanner

کو ماڻهو پنهنجي ٻاءُ جي پيغام تي پيغام نه موکلي.

شاديءَ کان اڳ ڏسڻ گهرجي : جنهن کي پنهنجي زندگيءَ لاءِ "جيون ساٿي" بنائڻ چاهيو ٿا ان جون خوبيون خصلتون معلوم ڪرڻ سان گڏ ان جي چهري کي به هڪ دفعو ڏسڻ گهرجي. وٽي ته پوءِ شادي ڪرڻ گهرجي نه ته نه ڪيو.

حديث نمبر 418 :

إِذَا خَطَبَ أَحَدُكُمُ الْمَرْأَةَ فَإِنْ اسْتَطَاعَ أَنْ يَنْظُرَ إِلَى مَا يَدْعُوهُ إِلَى نِكَاحِهَا فَلْيَفْعَلْ (ابوداؤد)[1]

جيڪڏهن توهان مان کو ماڻهو کنهن عورت ڏانهن نڪاح جو پيغام موکلي ته ٿي سگهي ته ان کي ڏسي.

حضرت امام نووي رحمة الله عليه هِن حديث جي متعلق فرمايو ته "مستحب آهي ته جنهن سان شادي ڪرڻ چاهيو ٿا پهرئين ان جي چهري کي ڏسي ونو اِهو اسان جو مذهب آهي. امام مالڪ، امام ابو حنيفہ، امام احمد ۽ جمهور علماءِ ڪرام جو مذهب به اِهو ئي آهي آهي ته فقط چهرو ۽ ٻئي هٿ ڏسڻ گهرجن ڇو ته انهن جو ڏسڻ مباح آهي ڇو ته اُهي اگهڙ نه آهن. (عون المعبود)[2]

رنڊ عورت سان شادي :

جنهن عورت جو مڙس فوت ٿي وڃي ته ان کي بيواهہ يا رنڊ عورت چئبو آهي. عدت گذرڻ بعد اها عورت پيو نڪاح ڪري سگهي ٿي. يا اها عورت جنهن کي ان جي مڙس طلاق ڏئي ڇڏي هجي، اها به عدت گذاري پيو نڪاح ڪري سگهي ٿي. جنهن عورت جو مڙس مري وڃي ان جي عِدت چار مهينا ڏهہ ڏينهن آهي.

---

[1] حديث نمبر 418 : سنن أبي داود بَاب فِي الرَّجُلِ يَنْظُرُ إِلَى الْمَرْأَةِ وَهُوَ يُرِيدُ تَزْوِيجَهَا (ج 5/ ص 475۔ الرقم: 1783)
مسند أحمد: مُسْنَدُ جَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللَّهِ رَضِيَ اللَّهُ تَعَالَى عَنْهُ (ج 29 / ص 108 ۔ الرقم: 14059) المستدرك على الصحيحين للحاكم، كتاب النكاح (ج 6/ ص 302۔ الرقم: 2645) مصنف ابن أبي شيبة (ج 3/ ص 427)

[2] شرح الحديث: عَوْنُ الْمَعْبُودِ، بَاب فِي كَرَاهِيَةِ أَنْ يَخْطُبَ الرَّجُلُ عَلَى خِطْبَةِ أَخِيهِ (ج 4/ ص 473۔ الرقم: 1783)

Scanned by CamScanner

۽ جنهن عورت کي اُن جي مڙس طلاق ڏني هجي ان جي عِدت ٽي حيض آهي.
گھٽين قومن ۾ اُهو رواج آهي ته اگر مڙس مري وڃي ته مرڻ کان پوءِ ٻيو نڪاح عيب سمجھيو ويندو آهي. پلي کٽي عورت جوان ئي ڇونہ هجي حالانکہ اسان جي سھٽي نبي کريم ﷺ اِن رسم جي پاڙ پٽڻ لاءِ جيڪي به شاديون ڪيون تن ۾ صرف هڪ بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها ڪنواري هئي باقي سڀ بيبيون بي واهہ هيون.
رسول ڪريم ﷺ امت کي درس ڏنائون ته بي واهہ سان شادي ڪرڻ عيب نہ آهي بلڪ ان ۾ پڻ ثواب آهي. هڪ ته پاڻ کي سک آرام نصيب ٿيندو ۽ ٻيو ان بي واهي جي سار سنڀال جو موقعو ملندو جيڪا خود هڪ عبادت آهي.

هڪ پارسا عورت جي وصيت :

هڪ نيڪ صالح ديندار عورت جو مڙس وفات ڪري ويو. مائٽن ان کي ٻي شاديءَ جو مشورو ڏنو پر اُن انڪار ڪيو. ان جو سڄو ڏينهن ۽ رات عبادت ۽ رياضت ۾ گذرندي هئي. جڏهن سندس مرڻ جو وقت قريب آيو ته چوڻ لڳي ته آءٌ توهان کي وصيت ٿي ڪيان ته جڏهن ڪا نياڻي جوان ٿئي يا جنهن عورت جو مڙس مري وڃي ته ان جي يڪدم شادي ڪرائجو. ڇيائونس ته تو خود ٻي شادي نہ ڪئي هئي؟ ڇيائين ان وقت ته آءٌ انڪار ڪري ويٺس پر پوءِ مون سڄي عمر پڇتائيندي رهيس. مون پنهنجي عمر ڏاڍي تڪليفن سان ڪاٽي آهي. رات جو جڏهن آءٌ عبادت ڪندي هيس ته چوڪيدار (پهريدار) جو آواز ٻڌندي هيس ته مون کي منهنجو نفس مجبور ڪندو هيو. مسلمانن کي گهرجي ته رنڊ عورتن کي ويهاري نہ ڇڏن بلڪ جلد ئي انهن جي شادي ڪرائي ڇڏن.

شاديءَ جون دعائون :

حديث نمبر 419:

نبي ڪريم ﷺ جڏهن ڪنهن شاديءَ ۾ ويندا هئا ته گهوٽ کي هن طرح مبارڪ ڏيندا هئا.

بَارَكَ اللّٰهُ لَكُمْ وَبَارَكَ عَلَيْكُمْ وَجَمَعَ بَيْنَكُمَا فِي خَيْرٍ (ابن ماجه)[1]

---

[1] حديث نمبر 419: سنن ابن ماجه بَاب تَهْنِئَةِ النِّكَاحِ (ج 6/ ص 20۔ الرقم: 1895)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 420:

توهان مان جڏهن ڪو ماڻهو شادي ڪري زال گهر وٺي اچي يا نوڪر يا ڪو جانور وٺي اچي تہ ان جي پيشاني تي هٿ رکي هن طرح چوي:

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ مِنْ خَيْرِهَا وَخَيْرِ مَا جُبِلَتْ عَلَيْهِ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّهَا وَشَرِّ مَا جُبِلَتْ عَلَيْهِ (ابن ماجه)[1]

شاديءَ لاءِ استخاره :

جڏهن ڪا سهڻن اخلاقن واري، ديندار، خوبصورت عورت دل کي وڻي وڃي تہ ان سان بہ شادي ڪرڻ کان اڳ استخاره ڪجي. استخاره جو مطلب الله تعالي کان صلاح وٺڻ آهي تہ هيءَ شادي ڪجي يا نہ؟ ان ۾ دين دنيا جي بهتري آهي يا نہ؟ جنهن بہ ڪم لاءِ استخاره ڪئي ويندي آهي، ان ۾ ڪڏهن بہ نقصان نہ ٿيندو آهي پر فائدا ئي فائدا هوندا آهن.

حديث نمبر 421:

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن توهان ڪنهن عورت ڏانهن نڪاح جو پيغام موڪلڻ چاهيو تہ اول سهڻي طرح وضو ڪيو پوءِ جيترو ٿي سگهي نفلي نماز پڙهو. پوءِ الله جي واکاڻ ۽ وڏائي بيان ڪيو پوءِ هيءَ دعا پڙهو:

اَللّٰهُمَّ إِنَّكَ تَقْدِرُ وَلَا أَقْدِرُ وَتَعْلَمُ وَلَا أَعْلَمُ وَأَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوبِ فَإِنْ رَأَيْتَ لِيْ فِيْ (هتي ان عورت جو نالو وٺو) خَيْرًا لِيْ فِيْ دِيْنِيْ وَدُنْيَايَ وَآخِرَتِيْ فَاقْدُرْهَا لِيْ فَإِنْ كَانَ غَيْرَهَا خَيْرًا لِيْ فِيْ دِيْنِيْ وَدُنْيَايَ وَآخِرَتِيْ فَاقْدُرْهَا لِيْ (مستدرک حاڪم)[2]

پوءِ خواب ۾ جيڪو نظر اچي يا جيڪو دل ۾ پکو خيال اچي ان تي عمل ڪيو.

---

[1] حديث نمبر 420: سنن ابن ماجه (ج 6/ ص 37۔ الرقم: 1908) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ ص 148)

[2] حديث نمبر 421: مسند أحمد: حَدِيثُ أَبِي أَيُّوبَ الْأَنْصَارِيِّ رَضِيَ اللَّهُ تَعَالَى عَنْهُ (ج 48/ ص 86۔ الرقم: 22491)
المستدرك على الصحيحين للحاكم. كتاب النكاح (ج 6/ ص 304۔ الرقم: 2647) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ ص 148)
صحيح ابن حبان. ذكر الأمر بكتمان الخطبة. الخ (ج 17/ ص 85۔ الرقم: 4116)
صحيح ابن خزيمة. جماع أبواب التطوع غير ما تقدم ذكرنا لها (ج 4/ ص 448۔ الرقم: 1153)

Scanned by CamScanner

نکاح ۽ ان جا شرط

مرد ۽ عورت جي وچ ۾ قربت کي حلال ڪرڻ وارو عهد و پيمان کي نکاح چئبو آهي. ته نکاح اهو عقد آهي جيڪو ان لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي ته مرد کي عورت سان جماع وغيره حلال ٿي وڃي .

نکاح ۾ هي ڳالهيون مستحب آهن :

❁ نکاح اعلانيه هجي، لڪيل نه هجي.

❁ نکاح مسجد ۾ ٿئي ته افضل و احسن ۽ مندوب آهي.

❁ نکاح کان پهرئين خطبو پڙهڻ گهرجي جيڪو به هجي. مگر جيڪو حديث ۾ آيو آهي اهو پڙهڻ وڌيڪ مناسب آهي.

❁ نکاح جو انعقاد جمعي جي ڏينهن ڪرڻ گهرجي ته وڌيڪ مناسب آهي، جو باعثِ خير و برڪت آهي.

❁ نکاح ۾ عزيز و اقارب، احباب ۽ دوستن کي سڏڻ بهتر عمل آهي.

❁ نکاح جا شاهد عادل، ثقه ۽ نيڪ ماڻهو هجن.

نکاح ۾ ڇهه ڳالهيون اهم هونديون آهن :

1. حق مَهر 2. اِيجاب و قبول 3. وارث 4. عورت جو رضامندو 5. شاهد 6. وليمو

انهن جو مختصر تفصيل بيان ڪجي ٿو:

1. حق مهر :

حضرت امام اعظم ۽ ان جي شاگردن جو مذهب آهي ته حق مهر گهٽ ۾ گهٽ ايترو هجي جيتري رقم جي چوري تي چور جو هٿ ڪٽڻ جو حڪم آهي. اُهو آهي ڏهه درهم ته مهر ڏهه درهمن کان گهٽ نه هجي. وڌيڪ جي ڪا حد مقرر نه آهي.

Scanned by CamScanner

پر بهتر آهي تہ حق مهر ٿورو مقرر ڪيو وڃي يا مهر مثل ڏنو وڃي جيترو ان گهراٽي جي پين عورتن کي ڏنو ويو آهي.

حديث نمبر 422 :

حضرت عبدالرحمن بن عوف رضی اللہ عنہ شادي ڪئي صبح جو حضور نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جي خدمت ۾ آيو، ان تي شاديءَ جا آثار هئا. عرض ڪيائين تہ مون هڪ انصارڻ عورت سان شادي ڪئي آهي. پاڻ فرمايائون :

كَمْ سُقْتَ إِلَيْهَا فَقَالَ زِنَةَ نَوَاةٍ مِنْ ذَهَبٍ

فَقَالَ لَهُ رَسُولُ اللَّهِ صلی اللہ علیہ وسلم أَوْلِمْ وَلَوْ بِشَاةٍ. (مؤطا، امام محمد) [1]

تو زال کي مهر ڪيترو ڏنو؟ عرض ڪيائين کجور جي ڪکڙي برابر سون. پاڻ فرمايائون وليمو ڪر پلي ڪٽي هڪ ٻکري هجي.

2. ايجاب و قبول :

ايجاب و قبول نڪاح جا رڪن آهن. مرد ۽ عورت مان هڪ چوي تہ مان پاڻ کي تنهنجي زوجيت ۾ ڏنو. ٻيو چوي مون قبول ڪيو. پهرئين جيڪو چوي اهو ايجاب آهي، ان جي جواب ۾ ٻئي جا لفظ قبوليت آهن. اهو ضروري ناهي تہ عورت جي طرف کان ايجاب هجي ۽ مرد جي طرف کان قبول. پر ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ مرد جي طرف کان ايجاب ۽ عورت جي طرف کان قبول هجي.

---

[1] حديث نمبر 422 : أَنَّ عَبْدَ الرَّحْمَنِ بْنَ عَوْفٍ جَاءَ إِلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَبِهِ أَثَرُ الصُّفْرَةِ فَسَأَلَهُ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَأَخْبَرَهُ أَنَّهُ تَزَوَّجَ امْرَأَةً مِنَ الْأَنْصَارِ فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَمْ سُقْتَ إِلَيْهَا قَالَ زِنَةَ نَوَاةٍ مِنْ ذَهَبٍ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَوْلِمْ وَلَوْ بِشَاةٍ. سنن النسائي، باب التَّزْوِيجُ عَلَى نَوَاةٍ مِنْ ذَهَبٍ (ج 11 / ص 6۔ الرقم: 3299)

صحيح البخاري بَاب الصُّفْرَةِ لِلْمُتَزَوِّجِ. الخ (ج 16 / ص 128۔ الرقم: 4756)

صحيح مسلم بَاب الصَّدَاقِ وَجَوَازِ كَوْنِهِ تَعْلِيمَ قُرْآنٍ. الخ (ج 7 / ص 256۔ الرقم: 2556)

سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الْوَلِيمَةِ (ج 4 / ص 277۔ الرقم: 1014)

سنن ابن ماجه. بَاب الْوَلِيمَةِ (ج 6 / ص 23۔ الرقم: 1897)

موطأ مالك بَاب مَا جَاءَ فِي الْوَلِيمَةِ (ج 4 / ص 92۔ الرقم: 999)

Scanned by CamScanner

3. کنوار جو رضامندو :

امام ابو حنيفہ رحمة الله عليہ جو مذهب آهي تہ عورت رنڍ هجي يا کنواري جيکڏهن بالغ آهي تہ ان جي اجازت کان سواءِ نکاح جائز نہ آهي. کنواريءَ جي خاموشي ان جي رضا آهي. البتہ رنڍ جي رضا ان جي زبان سان هاکار ڪرڻ تي آهي. پوءِ نکاح پيءُ ڪري يا کو پيو وارث ڪري. (مؤطا امام محمد)

حديث نمبر 423:

حضرت ابن عباس رضي الله عنه چيو تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ:

«الأَيِّمُ أَحَقُّ بِنَفْسِهَا مِنْ وَلِيِّهَا، وَالْبِكْرُ تُسْتَأْمَرُ فِي نَفْسِهَا، وَإِذْنُهَا صُمَاتُهَا»

رنڍ زال وارث جي مقابلي ۾ پنهنجو پاڻ پنهنجي جان جي وڌيڪ حقدار آهي ۽ کنواريءَ کان ان جي باري ۾ اجازت ورتي وڃي، ان جو خاموش رهڻ ان جي اجازت آهي.

قَالَ مُحَمَّدٌ: وَبِهَذَا نَأْخُذُ وَهُوَ قَوْلُ أَبِي حَنِيفَةَ، وَذَاتُ الأَبِ وَغَيْرِ الأَبِ فِي ذَلِكَ سَوَاءٌ (مؤطا امام محمد) [1]

امام محمد فرمايو تہ اسان بہ ان مان دليل وٺون ٿا ۽ امام اعظم ابو حنيفہ جو بہ اهو قول آهي. اِن معاملي ۾ پيءُ واريون ۽ بنا پيءُ (جي موجودگي واريون) پاڻ ۾ برابر آهن.

يعني پيءُ هجي يا نہ هجي، نکاح جي لاءِ ڪنواري ڇوڪري کان اجازت وٺڻ ضروري آهي.

سنن ابو داؤد ۾ روايت آهي هڪ جوان ڇوڪري رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ۽ عرض ڪيائين تہ سندس پيءُ ان جو نکاح ڪري ڇڏيو ۽ هوءَ ان نکاح کي ناپسند

---

[1] حديث نمبر 423: صحيح مسلم بَاب اسْتِئْذَانِ الثَّيِّبِ فِي النِّكَاحِ بِالنُّطْقِ وَالْبِكْرِ بِالسُّكُوتِ (ج 7/ص 241۔ الرقم: 2545)
سنن أبي داود بَاب فِي الثَّيِّبِ (ج 5/ص 494۔ الرقم: 1795) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي اسْتِئْمَارِ الْبِكْرِ وَالثَّيِّبِ (ج 4/ص 296۔ الرقم: 1026) سنن النسائي اسْتِئْذَانُ الْبِكْرِ فِي نَفْسِهَا (ج 10/ص 379۔ الرقم: 3208)
مسند أحمد، بِدَايَةُ مُسْنَدِ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ الْعَبَّاسِ (ج 4/ص 322۔ الرقم: 1790)
موطأ مالك بَاب اسْتِئْذَانِ الْبِكْرِ وَالْأَيِّمِ فِي أَنْفُسِهِمَا (ج 4/ص 26۔ الرقم: 967)
سنن الدارمي باب اسْتِئْمَارِ الْبِكْرِ وَالثَّيِّبِ (ج 6/ص 452۔ الرقم: 2243)

Scanned by CamScanner

ڪري ٿي. ته حضور ﷺ ان کي اختيار ڏنو چاهي ته ان نڪاح کي جائز ڪري ڇڏي يا رد ڪري ڇڏي.

4. وارث جي اجازت :

امام اعظم ابو حنيفہ رحمة الله عليہ جو مذهب آهي ته ڪنهن بہ عورت جو نڪاح ان عورت جي اجازت کان بغير جائز نہ آهي. پلي وارث نڪاح ڪري ڏئي يا ڪو ٻيو پر ڪنوار جي اجازت ضروري آهي. لهذا عورت جڏهن عاقلہ بالغہ هجي ته ان جو نڪاح ان جي اجازت جي بغير ڪوبہ نہ ٿو ڪري سگهي نہ ان جو پيءُ نہ بادشاهہ. عورت ڪنواري هجي يا ثيب. عورت جي رضا کان پوءِ ان جي وارث کان بہ اجازت ونڊ گهرجي. فقہ حنفي جي امام ابوحنيفہ جو اجل شاگرد امام محمد ان جي دليل ۾ هيءَ حديث پيش ڪري ٿو:

حديث نمبر 424:

لَا يُصْلِحُ لِامْرَأَةٍ اَنْ تَنْكِحَ اِلَّا بِاِذْنِ وَلِيِّهَا اَوْ ذِى الرَّأْيِ مِنْ اَهْلِهَا اَوْسُلْطَانٍ [1]

ڪنهن بہ عورت جو نڪاح ان جي وارث يا ان جي خاندان جي ڪنهن صاحب الراءِ يا حڪمران جي اجازت کان سواءِ مناسب نہ آهي.

ان جو مطلب هي آهي ته عورت جو نڪاح ان جي وارث يا ان جي خاندان جي ڪنهن ذي الراءِ شخص جي اجازت سان ٿي سگهي ٿو اگر وارث جي باري ۾ اتفاق نہ هجي ته حڪمران وارث آهي. (مؤطا امام محمد)

حضرت امام حنيفہ رحمة الله عليہ بغير اذن وارث جي نڪاح کي برقرار رکڻ جي فتويٰ ڏني آهي بخلاف ٻين امامن جي. باقي ٽنهين امامن جو مذهب هيٺين حديث تي آهي ته وارث جي اجازت بنا نڪاح درست نہ آهي.

حديث نمبر 425:

أَيُّمَا امْرَأَةٍ لَمْ يُنْكِحْهَا الْوَلِيُّ فَنِكَاحُهَا بَاطِلٌ فَنِكَاحُهَا بَاطِلٌ فَنِكَاحُهَا بَاطِلٌ فَإِنْ اَصَابَهَا

---

[1] مؤطا امام محمد : ص252

Scanned by CamScanner

فَلَهَا مَهْرُهَا بِمَا أَصَابَ مِنْهَا فَإِنْ اشْتَجَرُوا فَالسُّلْطَانُ وَلِيُّ مَنْ لَا وَلِيَّ لَهُ (ابن ماجه)[1]

جنهن عورت جو نڪاح ان جي وارث نه ڪري ڏنو آهي (عورت پنهنجي وارث جي اجازت بغير نڪاح ڪيو آهي) ته اهو نڪاح باطل آهي. ان جو نڪاح باطل آهي، ان جو نڪاح باطل آهي. پوءِ جيڪڏهن مڙس ان سان ملي چڪو آهي ته ان ميلاپ جي بدلي مهر عورت حوالي آهي. پر جيڪڏهن وارثي ۾ اختلاف ڪيائون (ته هن عورت جو وارث ڪير ٿئي؟) پوءِ وقت جو حاڪم (يا ان جو نائب) اُن جو وارث ٿيندو.

ان جو مطلب هي ٿيو ته اگر عورت وارث جي اجازت کان سواءِ خود پاڻ نڪاح ڪري ٿي ته اهو نڪاح باطل آهي. اگر مرد ان سان ملي وڃي ته مهر واپس نه ڪيو ويندو چو ته هاڻي اهو عورت جو حق ٿي چڪو.

مائٽي ڪڙ جو حق ڪنهن کي آهي؟

اڇڪلهه مردن جي بجاءِ مائٽيون عورتون ڪن ٿيون حالانڪه وارث ته مرد آهي. اهڙي مائٽي جي ممانعت اچي ٿي.

حديث نمبر 426:

لَا تُزَوِّجُ الْمَرْأَةُ الْمَرْأَةَ وَلَا تُزَوِّجُ الْمَرْأَةُ نَفْسَهَا فَإِنَّ الزَّانِيَةَ هِيَ الَّتِي تُزَوِّجُ نَفْسَهَا (ابن ماجه)[2]

ڪا عورت پي عورت جو نڪاح نه ڪري، نه ڪا عورت پنهنجو نڪاح پاڻ ڪري، چو ته زانياڻي عورت پنهنجو نڪاح پاڻ ڪندي آهي.

اسان جو دين ڪهڙو نه سهڻو دين آهي.

---

[1] حديث نمبر 425 : سنن ابن ماجه بَاب لَا نِكَاحَ إِلَّا بِوَلِيٍّ ج 5/ ص 486۔ الرقم: 1869) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ لَا نِكَاحَ إِلَّا بِوَلِيٍّ ج 4/ ص 288۔ الرقم: 1021) واخرجه ابوداؤد في سنن بلفظ: أَيُّمَا امْرَأَةٍ نَكَحَتْ بِغَيْرِ إِذْنِ مَوَالِيهَا فَنِكَاحُهَا بَاطِلٌ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ فَإِنْ دَخَلَ بِهَا فَالْمَهْرُ لَهَا بِمَا أَصَابَ مِنْهَا فَإِنْ تَشَاجَرُوا فَالسُّلْطَانُ وَلِيُّ مَنْ لَا وَلِيَّ لَهُ. سنن أبي داود ج 5/ ص 477)

[2] حديث نمبر 426 : سنن ابن ماجه بَاب لَا نِكَاحَ إِلَّا بِوَلِيٍّ ج 5/ ص 489۔ الرقم: 1872) سنن الدارقطني. باب النكاح ج 8/ ص 333۔ الرقم: 3585) السنن الصغير للبيهقي باب لا نكاح إلا بولي ج 5/ ص 252۔ الرقم: 1861)

Scanned by CamScanner

عورت کي حڪم ڏئي ٿو ته وارث جي اجازت بغير پڇي (گهر کان نڪري وڃي) نڪاح نه ڪري ۽ وارث کي حڪم ڏئي ٿو ته عورت جي رضامنديءَ بغير ان جي شادي نه ڪري.

5. نڪاح لاءِ شاهدن جو هجڻ لازم آهي :

نڪاح لِڪَ ڇپ ۾ نه ڪرڻ گهرجي، بلڪ ڪُلي عام مجلس ۾ نڪاح ڪجي، ٻيو نه ته به گهٽ ۾ گهٽ ٻه شاهد ضرور هجن، ٻه عاقل بالغ مرد يا هڪ مرد ٻه زالون شاهد هجن.

حديث نمبر 427:

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي خدمت ۾ هڪ ماڻهو کي آندو ويو جنهن جي نڪاح جو صرف هڪ مرد ۽ هڪ عورت شاهد هئي. ان تي حضرت عمر رضي الله عنه فرمايو ته هي خفيه نڪاح آهي. ان کي اسان جائز نه ٿا سمجهون جيڪڏهن اهو مسئلو مون پهريائين بيان ڪري ڇڏيو هجي ها ته انهن کي ضرور سنگسار ڪيان ها. (مؤطا امام محمد)

امام ابو حنيفه رحمة الله عليه جو مذهب به اِهو ئي آهي ته نڪاح جا گهٽ ۾ گهٽ ٻه شاهد هجن يا هڪ مرد ٻه عورتون هجن ته اُهو نڪاح "اعلانيه" چئبو پلي کٽي گهر جي ڪنڊ ۾ ڪيو وڃي. پر جيڪڏهن ٻه مرد شاهد نه هجن ته اُهو ڳجهو نڪاح جائز نه آهي. ڇو ته عورتن جي شاهدي هڪ مرد جي شاهدي برابر آهي.

6. نڪاح جو طريقو :

جيڪڏهن نڪاح جي مجلس ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار ٻئي موجود هجن ته وارث ۽ شاهدن جي اڳيان اول گهوٽ کان مهر پڇجي، پوءِ زال کان پڇجي ته فلاڻو پٽ فلاڻي جو هيتري مهر ۾ تو ان کي پنهنجو مڙس ڪيو. ٿي ٻيرا پڇجي. وري گهوٽ کان پڇجي ته فلاڻي ڌيءَ فلاڻي جي (پيءُ جو نالو وٺجي) کي تو پنهنجي زال ڪري قبول ڪيو. ٿي ٻيرا پڇجي.

جيڪڏهن عورت اتي موجود نه هجي ته ان کان پڇڻ لاءِ ٻه شاهد موڪلجن جيڪي مٿئين ڳالهه ڪنوار کان پڇن. پر جيڪڏهن ڪنوار ڪنهن کي پنهنجو وڪيل بنائي، ته اهو وڪيل به ڪنوار جي پاران نڪاح وجهي ڏئي سگهي ٿو. پوءِ هي نڪاح جو خطبو پڙهجي :

Scanned by CamScanner

7. خطبءِ نڪاح :

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ نَسْتَعِينُهُ وَنَسْتَغْفِرُهُ وَنَعُوذُ بِهِ مِنْ شُرُورِ أَنْفُسِنَا مَنْ يَهْدِ اللّٰهُ فَلَا مُضِلَّ لَهُ وَمَنْ يُضْلِلْ فَلَا هَادِيَ لَهُ وَأَشْهَدُ أَنْ لَا إِلٰهَ إِلَّا اللّٰهُ وَأَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهُ وَرَسُولُهُ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِي تَسَاءَلُونَ بِهِ وَالْأَرْحَامَ إِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلَيْكُمْ رَقِيبًا يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقَاتِهِ وَلَا تَمُوتُنَّ إِلَّا وَأَنْتُمْ مُسْلِمُونَ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَقُولُوا قَوْلًا سَدِيدًا يُصْلِحْ لَكُمْ أَعْمَالَكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوبَكُمْ وَمَنْ يُطِعِ اللّٰهَ وَرَسُولَهُ فَقَدْ فَازَ فَوْزًا عَظِيمًا (ابوداؤد)[1]

ان کانپوءِ دعا گھرجي ۽ ڇوهارا تقسيم ڪجن.

8. وليمو سنت آهي :

وليمو سنت آهي. جڏهن شادي ڪيو تہ پنهنجي پيءُ ماءُ، پائرن ڀينرن، دوستن احبابن، مائٽن متن، پاڙيسرين، غريبن مسڪينن کي سڏيو ۽ پنهنجي طاقت آهر وليمو ڪيو ۽ سيني کي مفت ۾ کارايو. ان تي پئسہ ڏوکڙ وصول نہ ڪيو (يعني منهہ موڪ).

حديث نمبر 428 :

حضور ڪريم ﷺ فرمايو تہ :

وليمو ڪيو پلي ڪٽي هڪ پکري ڇو نہ هجي. (مؤطا امام محمد)[2]

---

[1] حديث: سنن أبي داود بَاب فِي خُطْبَةِ النِّكَاحِ (ج 6 / ص 15 ـ الرقم: 1809) مسند أحمد مُسْنَدُ عَبْدِ اللّٰهِ بْنِ مَسْعُودٍ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالَى عَنْهُ (ج 8 / ص 71 ـ الرقم: 3536) مسند أبي يعلى الموصلي مسند عبد الله بن مسعود (ج 10 / ص 497 ـ الرقم: 5111)

[2] حديث نمبر 428: أَوْلِمْ وَلَوْ بِشَاةٍ.

سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الْوَلِيمَةِ (ج 4 / ص 277 ـ الرقم: 1014)

Scanned by CamScanner

قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ طَعَامُ أَوَّلِ يَوْمٍ حَقٌّ وَطَعَامُ يَوْمِ الثَّانِي سُنَّةٌ وَطَعَامُ يَوْمِ الثَّالِثِ سُمْعَةٌ.

وليمي جو حق شادي جي ڏينهن ئي آهي، ٻئي ڏينهن وليمو ڪرڻ سنت آهي ۽ ٽئين ڏينهن وليمو ڪرڻ ڏيکاءُ آهي. (ترمذی)[1]

حديث نمبر 429 :

شَرُّ الطَّعَامِ طَعَامُ الْوَلِيمَةِ يُدْعَى لَهَا الْأَغْنِيَاءُ وَيُتْرَكُ الْفُقَرَاءُ (بخاری، طبراني اوسط)[2]

سڀ کان بيڪار طعام ان وليمي جو طعام آهي، جنهن ۾ اميرن کي سڏيو ويجي ۽ غريبن کي ڇڏي ڏنو ويجي.

مُتعہ جو نڪاح حرام آهي :

چند ڏهاڙن لاءِ ڪنهن عورت سان ڪجهه معاوضي تي نڪاح ڪرڻ اهو مُتعہ آهي. ان ۾ نہ عدت نہ ورثو هوندو آهي. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ٿوري عرصي لاءِ صحابہ ڪرام کي متعہ جي نڪاح جي اجازت ڏني هئي. پوءِ ان کان قيامت تائين منع فرمائي ڇڏيائين.

صحيح مسلم ۾ روايت آهي سيدنا ابي عمرة رضی اللہ عنہ فرمائي ٿو :

إِنَّهَا كَانَتْ رُخْصَةً فِي أَوَّلِ الْإِسْلَامِ لِمَنِ اضْطُرَّ إِلَيْهَا كَالْمَيْتَةِ وَالدَّمِ وَلَحْمِ الْخِنْزِيرِ ثُمَّ أَحْكَمَ اللَّهُ الدِّينَ وَنَهَى عَنْهَا۔[3]

اسلام جي شروعات ۾ بحالتِ مجبوري متعہ جي اجازت هئي. جنهن طرح مجبوري ۾ مردار رت ۽ سوئر کائڻ جي اجازت آهي.

---

[1] حديث: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ طَعَامُ أَوَّلِ يَوْمٍ حَقٌّ وَطَعَامُ يَوْمِ الثَّانِي سُنَّةٌ وَطَعَامُ يَوْمِ الثَّالِثِ سُمْعَةٌ.
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الْوَلِيمَةِ (ج 4 / ص 279۔ الرقم: 1016)

[2] حديث نمبر 429: صحيح البخاري بَاب مَنْ تَرَكَ الدَّعْوَةَ فَقَدْ عَصَى اللَّهَ وَرَسُولَهُ (ج 16 / ص 168۔ الرقم: 4779)
موطأ مالك بَاب مَا جَاءَ فِي الْوَلِيمَةِ (ج 4 / ص 95۔ الرقم: 1002) سنن أبي داود بَاب مَا جَاءَ فِي إِجَابَةِ الدَّعْوَةِ (ج 10 / ص 180۔ الرقم: 3251) سنن ابن ماجه بَاب إِجَابَةِ الدَّاعِي (ج 6 / ص 30۔ الرقم: 1903)

[3] صحيح مسلم (133/4)

Scanned by CamScanner

پوءِ جڏهن الله دين کي محڪم ڪيو تہ متعہ کان منع ڪيو ويو.

عَنِ الرَّبِيعِ بْنِ سَبْرَةَ عَنْ أَبِيهِ أَنَّ النَّبِيَّ ﷺ نَهَى عَنْ نِكَاحِ الْمُتْعَةِ.[1]

ربيع بن سبرة رضي الله عنه پنهنجي والد کان روايت ڪري ٿو نبي ڪريم ﷺ متعہ واري نڪاح کان منع فرمايو.

هڪ روايت آهي حضرت سبره بن معبد رضي الله عنه فرمايو تہ فتح مڪہ واري سال اسان رسول الله ﷺ سان گڏ هئاسين پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو تہ اي انسانو! مون اوهان کي زالن سان متعہ جي اجازت ڏني هئي خبردار! اهو هاڻي الله تعالي اوهان لاءِ قيامت تائين حرام ڪري ڇڏيو آهي. جنهن وٽ هجي ان جو رستو آجو ڪري. (مسلم)[2]

حديث نمبر 430 :

حضرت علي شير جلي، فاتح خيبر، نبي جي برادر رضي الله عنه فرمايو تہ :

أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ نَهَى عَنْ مُتْعَةِ النِّسَاءِ يَوْمَ خَيْبَرَ وَعَنْ لُحُومِ الْحُمُرِ الْإِنْسِيَّةِ. (ابن ماجه)[3]

بيشڪ رسول الله ﷺ خيبر واري ڏينهن زالن سان متعہ ڪرڻ ۽ گهريلو گڏهه کائڻ کان منع فرمائي ڇڏي.

---

[1] صحيح مسلم (133/4)

[2] ان سان ملندڙ هڪ روايت صحيح مسلم ۾ هن طرح آهي: حَدَّثَنَا الرَّبِيعُ بْنُ سَبْرَةَ الْجُهَنِيُّ عَنْ أَبِيهِ أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صلى الله عليه وسلم نَهَى عَنِ الْمُتْعَةِ وَقَالَ «أَلاَ إِنَّهَا حَرَامٌ مِنْ يَوْمِكُمْ هَذَا إِلَى يَوْمِ الْقِيَامَةِ وَمَنْ كَانَ أَعْطَى شَيْئًا فَلاَ يَأْخُذْهُ». صحيح مسلم (134/4)

[3] حديث نمبر 430 : صحيح البخاري بَاب غَزْوَةِ خَيْبَرَ (ج 13 / ص 116) سنن ابن ماجه (ج 6 / ص 97 ـ الرقم : 1951) سنن النسائي، تَحْرِيمُ الْمُتْعَةِ (ج 11 / ص 24 ـ الرقم : 3313) موطأ مالك بَاب نِكَاحِ الْمُتْعَةِ (ج 4 / ص 82 ـ الرقم : 994)

Scanned by CamScanner

حلالو ڪندڙ ۽ جنهن لاءِ حلالو ڪيو وڃي بنهين تي الله جي لعنت آهي.

عقد نڪاح ۾ ئي (حلالہ جو) شرط لڳائي تہ اهو ناجائز ۽ گناهہ آهي ۽ حديث ۾ اهڙي حلالي ڪرڻ واري تي لعنت اچي ٿي ۽ اگر دل ۾ ان جو ارادو هجي مگر شرط نہ ڪيو وڃي تہ اهو جائز آهي بلڪہ ان تي اجر جي اميد آهي. در مختار ۾ آهي :

لعن الله المحلل والمحلل له (بشرط التحليل) كتزوجتك على عن احللك (اما اذا اضمر ذلك لا) يكره (وكان) الرجل (ماجورا) لقصد الاصلاح۔

حلالہ جي شرط تي نڪاح ڪرڻ تہ مان ان شرط تي تو سان نڪاح ڪيان ٿو تہ تو کي طلاق ڏئي حلال ڪري ڇڏيندس. ٻئي شخص جو نڪاح مڪروه تحريمي آهي. پر ٻئي اگر حلالہ جي نيت ڪن تہ مڪروهہ نہ آهي. ان صورت ۾ ٻيو شخص اصلاح جي غرض سان نڪاح ڪرڻ تي اجر جو مستحق ٿيندو. (فتاوي رضويہ : ج 12/ص 409)

شِغارُ جو نڪاح جائز نہ آهي :

ڪو ماڻهو ڪنهن سان مائٽي ڪري چوي تہ مان پنهنجي ڌيٽ تو کي ٿو پرٽائي ڏيان تون پنهنجي ڌيٽ مون کي پرٽائي ڏي، سڱ جي بدلي سڱ جي مائٽي جنهن کي بدي جي مائٽي بہ ڇئبو آهي جنهن ۾ سڱ جي بدلي سڱ هجي مهر مقرر نہ ڪيو وڃي تہ ان کي شِغار ڇئبو آهي.

حديث نمبر 432 :

أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَهَى عَنِ الشِّغَارِ (ابو داؤد)[1]

شغار جي مائٽي کان رسول الله ﷺ جن منع فرمائي.

گهٽ مهر واري زال :

عورت جي اها خوبي آهي جو اها گهٽ مهر واري هجي.

---

[1] حديث نمبر 332 : صحيح البخاري بَاب الْحِيلَةِ فِي النِّكَاحِ ج 21/ ص 295) سنن أبي داود بَاب فِي الشِّغَارِ ج 5/ ص 464) موطأ مالك بَاب جَامِعِ مَا لَا يَجُوزُ مِنَ النِّكَاحِ ج 4/ ص 55۔ الرقم: 980) سنن الترمذي ج 4/ ص 325۔ الرقم: 1043)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 433 :


أَعْظَمُ النِّسَاءِ بَرَكَةً أَيْسَرُهُنَّ مَئُونَةً (سنن الكبرىٰ نسائي)[1]

وڏي برڪت واري زال اُها آهي جيڪا گهٽ مهر واري هجي.

شوال ۾ شادي سنت آهي :

حضرت بي بي عائشہ صديقہ رضي الله عنها جيڪا سڀ گهروارين ۾ حضور نبي ڪريم ﷺ کي وڌيڪ پياري هئي، ان سان پاڻ نڪاح ۾ شوال ۾ ڪيائون ۽ شادي ۾ شوال ۾ ڪيائون. (سنن الكبرىٰ نسائي) 2

بهتر آ ۽ نڪاح شوال ۾ ڪجي ۽ نڪاح جي مجلس مسجد ۾ ڪئي وجي ۽ ڪا به غير اسلامي ريت رسم نہ ڪئي وجي.



---

[1] حديث نمبر 433: مسند أحمد ،باقي المسند السابق، عن عائشة (ج 51/ ص 123 ـ الرقم: 23966)

مصنف ابن أبي شيبة (ج 3/ ص 319) السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ ص 402 ـ الرقم: 9274)

[2] حديث: عن عائشة قالت تزوجني رسول الله صلى الله عليه وسلم في شوال وأدخلت عليه في شوال وكانت عائشة تحب أن تدخل نساءها في شوال فأي نسائه كانت أحظى عنده مني.

السنن الكبرى للنسائي (ج 3/ ص 274 ـ الرقم: 5353)

Scanned by CamScanner

باب ٽيون

مڙس جا حق

شريعتِ مطهره ۾ مڙس جي حيثيت زال کان وڌيڪ ڪئي وئي آهي. مڙس حاڪم آهي زال محڪوم. مڙس بادشاهه آهي، زال وزير. مڙس ڏنار آهي زال ءِ پار ان جو ڏڻ.

حضرت بيبي عائشه صديقه رضي الله عنها عورتن کي نصيحت ڪندي هئي ته اي عورتون! جيڪڏهن توهان کي خبر پوي ته مڙسن جا توهان تي ڪيترا حق آهن ته توهان پنهنجي مڙسن جي پيرن جي ترين کي پنهنجي ڳلن سان صاف ڪيو. نبي اڪرم هادي عالم ﷺ فرمائن ٿا ته:

حديث نمبر 434 :

لَوْ أَمَرْتُ أَحَدًا أَنْ يَسْجُدَ لِأَحَدٍ لَأَمَرْتُ الْمَرْأَةَ أَنْ تَسْجُدَ لِزَوْجِهَا (ابن ماجه، مسند احمد) [1]

جيڪڏهن مان (الله کانسواءِ) ڪنهن ٻئي کي سجدي ڪرڻ جي اجازت ڏيان ها ته (اول) مان زال کي حڪم ڏيان ها ته پنهنجي مڙس کي سجدو ڪري.

حديث نمبر 435 :

بيبي عائشه صديقه رضي الله عنها فرمايو ته مون سهڻي نبي ڪريم ﷺ کي عرض ڪيو ته: يا رسول الله عورت جي مٿان سڀ کان وڌيڪ حق ڪهن جو آهي؟ پاڻ فرمايائون مڙس جو. وري عرض ڪيم ته مرد تي سڀ کان وڌيڪ حق ڪنهن جو آهي؟ فرمايائون سندس ماءُ جو. (مستدرک حاڪم) [2]

---

[1] حديث نمبر 434: سنن ابن ماجه بَاب حَقِّ الزَّوْجِ عَلَى الْمَرْأَةِ (ج 5 / ص 448 ـ الرقم: 1842) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي حَقِّ الزَّوْجِ عَلَى الْمَرْأَةِ (ج 4 / ص 386 ـ الرقم: 1079) مسند أحمد: حَدِيثُ السَّيِّدَةِ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا (ج 49 / ص 487 ـ الرقم: 23331) واخرجه ابو داؤد في السنن بلفظ: لَوْ كُنْتُ آمِرًا أَحَدًا أَنْ يَسْجُدَ لِأَحَدٍ لَأَمَرْتُ النِّسَاءَ أَنْ يَسْجُدْنَ لِأَزْوَاجِهِنَّ. سنن أبي داود بَاب فِي حَقِّ الزَّوْجِ عَلَى الْمَرْأَةِ (ج 6 / ص 42 ـ الرقم: 1828)

[2] حديث نمبر 435: المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 17 / ص 84 ـ الرقم: 7353) السنن الكبرى للنسائي (ج 5 / ص 363)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 436:

حضرت انس بن مالک رضی اللہ عنہ چيو تہ سھڻي محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ جن فرمايو تہ جيڪڏھن ڪنھن ماڻھو جو ڪنھن ماڻھو کي سجدو ڪرڻ درست ھجي ھا تہ مان عورت کي حڪم ڏيان ھا تہ پنھنجي مڙس کي سجدو ڪري. مون کي قسم آھي ان رب جو جنھن جي ھٿ ۾ منھنجو ساھ آھي جيڪڏھن مڙس جي بدن تي ڦٽ ھجن جن مان گند ۽ پوءِ پئي نڪري پوءِ عورت ان کي پنھنجي زبان سان چٽي صاف ڪري تہ بہ مڙس جا حق ادا ڪري نہ ٿي سگھي. (مسند احمد)[1]

عورت لاءِ جنت ۽ جھنم :

حديث نمبر 437:

ھڪ عورت سھڻي نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمتِ با برڪت ۾ آئي، پاڻ فرمايائون تون شادي شده آھين؟ عرض ڪيائين ھائو يا رسو الله. پاڻ فرمايائون مڙس سان ڪيئن ھلندي آھين؟ عرض ڪيائين جيترو پچي ٿو ان جي خدمت ڪيان ٿي. پاڻ فرمايائون :

فَانْظُرِي كَيْفَ أَنْتِ لَهُ فَإِنَّهُ جَنَّتُكِ وَنَارُكِ (احمد، طبرانی)[2]

نھاري ڏس تہ تون پنھنجي مڙس لاءِ ڪيئن آھين؟ بيشڪ اھو ئي تو لاءِ جنت بہ آھي دوزخ بہ آھي. يعني عورتن لاءِ مڙس ئي سڀ ڪجھ آھي. مڙس جي خدمت ۽ رضا جو ئي جنت آھي، مڙس جي بي فرماني ۽ دل آزاري اھا ئي دوزخ آھي.

مڙس جا حق؟

عورت مٿان مڙس جا شرعي حق ڪھڙا آھن؟

---

[1] حديث نمبر 436: قال رسول الله ﷺ :أَنْ يَسْجُدَ لِبَشَرٍ لَأَمَرْتُ الْمَرْأَةَ أَنْ تَسْجُدَ لِزَوْجِهَا مِنْ عِظَمِ حَقِّهِ عَلَيْهَا وَالَّذِي نَفْسِي بِيَدِهِ لَوْ كَانَ مِنْ قَدَمِهِ إِلَى مَفْرِقِ رَأْسِهِ قُرْحَةٌ تَنْبَجِسُ بِالْقَيْحِ وَالصَّدِيدِ ثُمَّ اسْتَقْبَلَتْهُ فَلَحَسَتْهُ مَا أَدَّتْ حَقَّهُ.

مسند أحمد مُسْنَدُ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ (ج 25/ ص 199۔ الرقم: 12153)

[2] حديث نمبر 437: المعجم الكبير للطبراني عَنْ حُصَيْنِ بن مِحْصَنٍ، عَنْ عَمَّتِهِ (ج 18/ ص 357۔ الرقم: 20956)

مسند أحمد حَدِيثُ حُصَيْنِ بْنِ مِحْصَنٍ رَضِيَ اللَّهُ تَعَالَى عَنْهُمَا (ج 38/ ص 491۔ الرقم: 18233) مصنف ابن أبي شيبة (ج 3/ ص 397) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ ص 291)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 438:

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه فرمايو ته هڪ عورت حضرت نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن کي عرض ڪيو ته يا رسول الله زال تي مڙس جا حق ڪهڙا آهن؟ پاڻ فرمايائون :

لَا تَمْنَعُهُ نَفْسَهَا وَإِنْ كَانَتْ عَلَى ظَهْرِ قَتَبٍ

پنهنجو بدن پنهنجي مڙس کان نه روڪي (جنسي خواهش جي پوري ڪرڻ کان) پلي ڪٺي اٺ جي پلاڻ تي ويٺل هجي. وري پيو پيرو ان عورت پڇيو ته يا رسول الله زال تي مڙس جا حق ڪهڙا آهن؟ پاڻ فرمايائون :

وَلَا تَصُوْمُ يَوْماً تَطَوُّعاً إِلَّا بِإِذْنِهِ فَإِنْ فَعَلَتْ ذَلِكَ أَثِمَتْ وَلَمْ تُؤْجَرْ

پنهنجي مڙس جي موڪل کان سواءِ نفلي روزو نه رکي جيڪڏهن رکندي ته گنهگار ٿيندي ۽ روزو به قبول نه پوندس. وري ان عورت عرض ڪيو ته يا رسول الله زال تي مڙس جا حق ڪهڙا آهن؟ پاڻ فرمايائون :

وَلَا تُعْطِيْ مِنْ بَيْتِهِ شَيْئًا إِلَّا بِإِذْنِهِ فَإِنْ فَعَلَتْ ذَلِكَ كَانَ لَهُ الْأَجْرُ وَعَلَيْهَا الْوِزْرُ

گهر مان پنهنجي مڙس جي موڪل کان سواءِ ڪابه شيءِ خيرات نه ڪري جيڪڏهن ڪندي ته ثواب مڙس کي ٿيندو ۽ گناهه زال کي. وري ان عورت عرض ڪيو ته يا رسول الله زال تي مڙس جا حق ڪهڙا آهن؟ پاڻ فرمايائون :

وَلَا تَخْرُجُ مِنْ بَيْتِهِ إِلَّا بِإِذْنِهِ فَإِنْ فَعَلَتْ لَعَنَتْهَا الْمَلَائِكَةُ مَلَائِكَةُ الْغَضَبِ وَمَلَائِكَةُ الرَّحْمَةِ حَتّٰى تَتُوبَ أَوْ تُرَاجِعَ (بيهقي سنن الكبرىٰ، مجمع الزوائد)[1]

مڙس جي موڪل کان سواءِ گهر مان نه نڪري. جيڪڏهن نڪرندي ته ان تي رحمت جا ملائڪ ۽ ڏمر جا ملائڪ تيستائين لعنت ڪندا رهندا جيستائين توبه ڪري ۽ واپس گهر موٽي اچي.

---

[1] حديث نمبر 438: السنن الكبرى للبيهقي باب ما جاء في بيان حقه عليها (ج 7/ ص 292)

Scanned by CamScanner

معلوم ٿيو تہ :

نفلي روزو جيڪا هڪ عبادت ۽ چگو ڪم آهي، زال کي اهو بہ جائز نہ آهي. مڙس جي موڪل کان سواءِ، متان ڪنهن مهل ان کي جنسي خواهش غالب ٿئي ۽ عورت روزيدار هجڻ سبب انڪار ڪري ويهي. اڻ جي پاڪڙي تي ويڻل هجي (سفر ۾ هجي) تہ بہ پنهنجي مڙس کي خواهش پوري ڪرڻ کان نہ روڪي. خيرات ڪري تہ بہ مڙس جي اجازت سان، گهر کان ٻاهر نڪري تہ بہ مڙس کان موڪل وٺي نڪري نہ تہ سڀ ملائڪن جي لعنت ان تي وسندي رهندي.

جنت جا سڀ دروازا کلي وڃن ٿا :

حديث نمبر 439 :

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي چيائين تہ فرمايو رسول الله ﷺ جن تہ :

إِذَا صَلَّتْ الْمَرْأَةُ خَمْسَهَا وَصَامَتْ شَهْرَهَا وَحَفِظَتْ فَرْجَهَا وَأَطَاعَتْ زَوْجَهَا قِيلَ لَهَا ادْخُلِي الْجَنَّةَ مِنْ أَيِّ أَبْوَابِ الْجَنَّةِ شِئْتِ (ابن حبان)[1]

جڏهن کا عورت پنج نمازون پڙهي رمضان جا روزا رکي، پنهنجي شرمگاهہ جي حفاظت ڪري، پنهنجي مڙس جي فرمانبرداري ڪري تہ ان لاءِ جنت جا سڀ دروازا کُلي وڃن ٿا جنهن مان بہ چاهي داخل ٿئي.

زالون مردن کان اڳ جنت ۾ :

خوشنصيب آهن اُهي عورتون جن پنهنجي گهر ۽ وَرَ سان دل لاتي، پنهنجي گهر ۽ گهوٽ جي خدمت چاڪري دل جان سان بجا آندائون. پنهنجي مڙس جي رضا لاءِ پاڻ پتوڙيائون تہ اُهي عورتون مڙس کان بہ اڳ جنت ۾ داخل ٿيندیون. پر ڇا لاءِ؟؟

حديث نمبر 440:

سچي سردار مٿي محمد مختار ﷺ جن فرمايو تہ :

---

[1] حديث نمبر 439: مسند أحمد (ج 4/ ص 85۔ الرقم: 1573) صحيح ابن حبان (ج 17/ ص 319۔ الرقم: 4237)

Scanned by CamScanner

يدخل نساء الدنيا الجنة قبل الرجال فيتصنعن ويتعطرن ويتحلين حتىٰ يقدم عليهن ازواجهن (ذم الدنيا)[1]

دنيا واريون زالون مردن کان به اڳ جنت ۾ داخل ٿيندیون اتي وڃي پاڻ سينگاريندیون، عطر مکيندیون، زيور پائيندیون، (هار سينگار ۽ ميڪ اپ ڪندیون) تان جو انهن جا مڙس انهن وٽ ايندا.

مون ساريندي سپرين اڇين جي هيڪار،
پيرين ڏريان پنبڻيون، هنڌ وڃايان وار،
ساجن سپ ڇمار گولي ٿي گذاريان.

زال خوش خصال :

حديث نمبر 441:

نبي ڪريم ﷺ کان پڇيو ويو ته زالن ۾ سڀ کان پلي عورت ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون :

خَيْرُ النِّسَاءِ مَنْ تَسُرُّ إِذَا نَظَرَ ، وَتُطِيعُ إِذَا أَمَرَ ، وَلَا تُخَالِفُهُ فِي نَفْسِهَا وَمَالِهَا . (مستدرک حاکم)[2]

پلي زال اُها آهي جنهن کي مڙس ڏسي ته اها خوش ٿئي، مڙس کو ڪم چوي ته فرمانبرداري ڪري، پنهنجي جان ۽ مال ۾ مڙس جي مخالفت نه ڪري.

رسول اڪرم ﷺ پلي زال جون خوبيون بيان ٿا فرمائن ته :

- ان کي مڙس ڏسي ته خوش ٿيندي آهي.
- اها مڙس جي هر حڪم جي فرمانبرداري ڪندي آهي.
- ان جي جان ۽ مال ۾ جيڪا شيءِ مڙس کي پسند نه آهي ان کان ڪنارو ڪري.
- جنهن ڪم سان مڙس خوش ٿئي ان کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.

---

[1] حديث نمبر 440: وايضاً اخرجه الطبراني في حديث في هذا الباب : عن ام سلمة قالتْ قُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ أَنِسَاءُ الدُّنْيَا أَفْضَلُ أَمِ الْحُورُ الْعِينُ قَالَ بَلْ نِسَاءُ الدُّنْيَا أَفْضَلُ مِنَ الْحُورِ الْعِينِ كَفَضْلِ الظِّهَارَةِ عَلَى الْبِطَانَةِ قُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ وَبِمَا ذَاكَ قَالَ: بِصَلَاتِهِنَّ.
المعجم الكبير للطبراني عَنْ أُمِّ سَلَمَةَ رضي الله عنها ج 17 / ص 188 ـ الرقم: 19313)

[2] حديث نمبر 441: المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب النكاح (ج 6 / ص 290 ـ الرقم: 2633)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 442:

إِذَا قَالَتِ الْمَرْأَةُ لِزَوْجِهَا: وَاللهِ! مَا رَأَيْتُ مِنْكَ خَيْرًا قَطُّ؛ فَقَدْ حَبِطَ عَمَلُهَا (كنز العمال)[1]

جڏهن کا زال پنهنجي مڙس کي چوي ته "الله جو قسم تو مان مون کا به پلائي نه ڏٺي آهي." ته ان جا سڀ عمل برباد ٿي وڃن ٿا.

اڇڪلهه گهٽين عورتن جي اِها عادت بنجي وئي آهي ته ڳالهه ڳالهه تي مڙس سان جهيڙو فساد ڪندیون رهندیون آهن. مڙس سڄي زندگي خدمت ڪندو رهي پر جيڪڏهن زال جي کا هڪ فرمائش پوري نه ڪري ته ساري عمر جي محنت برباد ڪري ويهندیون آهن. انهن عورتن لاءِ هيءَ وڏي تنبيهه آهي، مڙس جي بي فرماني بي ادبي ڪرڻ سبب انهن جا سڄي زندگي جا عمل ۽ نيڪيون برباد ٿي وڃن ٿيون.

لطيفو : چون ٿا ته هڪ ولي الله جي زال نهايت بد اخلاق جهيڙيڪار هئي. بزرگ سوچيو ته هن کي کا ڪرامت ڪري ڏيکاريان ته پوءِ من مون کي مڃي. بزرگ گهر کان ٻاهر نڪري هواءِ ۾ اڏاڻو. گهر مٿان ڦيرا ڏيندو رهيو. زال به ڏسندي رهي. شام جو بزرگ گهر موٽي آيو ته زال چيس ته تون ڪهڙو الله وارو آهين!؟ ولي الله مون اڄ ڏٺو، هواءِ ۾ ائين اڏري پيو جيئن پکي اڏامندا آهن. الله وارا ته اِهي آهن. بزرگ فرمايو ته اُهو مان هيس. زال چيس ته اُهو تون هئين؟ مان به چيو ته اڏامڻ توکي ڏانءُ نه پيو اڇي مون چيو اِجهو ٿو ڪري اِجهو ٿو ڳاتو پڇيس.

حديث نمبر 443 :

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنها چيو ته رسول الله ﷺ فرمايو:

لَا يَنْظُرُ اللهُ إِلَى امْرَأَةٍ لَا تَشْكُرُ لِزَوْجِهَا وَهِيَ لَا تَسْتَغْنِي عَنْهُ۔ (سنن الكبرىٰ نسائي)[2]

---

[1] حديث نمبر 442: حديث مرسل إسناده ضعيف العيال (2/745) الجامع الصغير من حديث البشير النذير (1/60)

[2] حديث نمبر 443: السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ص 354۔ الرقم: 9135) المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب النكاح (ج 6/ص 385۔ الرقم: 2721) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ص 294) كنز العمال (ج 16/ص 396۔ الرقم: 45082)

Scanned by CamScanner

اهڙي عورت ڏانهن الله پاڪ رحمت جي نگاهه ڪري نه ٿو ڏسي جيڪا عورت پنهنجي مڙس جي شڪر ادائي نه ٿي ڪري، ۽ اها ان کان بي پرواهه نه ٿي رهي.
يعني مڙس کان مستفيض نه ٿيندي رهي ۽ ان جي خلاف واويلا نه ڪندي رهي.

اڪثر عورتون جهنم ۾ :

حديث نمبر 444:

حضرت عبدالله بن مسعودرضی اللہ عنہ فرمايو ته سهڻي نبي ڪريمﷺ جن عورتن کي نصيحت ڪندي فرمايو ته اي عورتون! گهڻا صدقا (خيراتون) ڪنديون ڪريو ڇو ته (معراج واري رات) جهنم ۾ اڪثر عورتن کي ڏٺو هو. هڪ عورت عرض ڪيو ته يا رسول الله اڪثر عورتون جهنم ۾ ڇا لاءِ؟ پاڻ فرمايائون ان ڪري جو عورتون گهڻي لعنت ڪنديون آهن ۽ مڙسن جي نا شڪر هونديون آهن. (سنن الکبریٰ نسائی) 1

اڪثر ڏٺو به ائين ويو آهي ته عورتون لعنت ملامت گهڻي ڪنديون آهن، اولاد تي، جانورن تي، هر شيءِ تي لعنت وجهنديون آهن ۽ عورتون اڪثر پنهنجي مڙسن جي بي فرماني به گهڻي ڪنديون آهن، سواءِ انهن جي جن کي الله بچائي.

انهن ۾ سببن جي ڪري اڪثر عورتون جهنم جي باهه جو ٻارڻ بنبيون. الله شال بچائي جهنم جي باهه کان.

مڙس جي رضا :

پلي زال اُها آهي جيڪا هر حال ۾ پنهنجي مڙس سان راضي رهي. تنگدستي جي وقت صبر ڪري، مڙس کان ناجائز فرمائشون نه ڪري. ان جي حيثيت کان وڌيڪ ان کان خرچ پکي جو مطالبو نه ڪري. پنهنجي قول ۽ فعل سان مڙس کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي. اهڙي عورت لاءِ جنت آهي.

---

[1] حديث نمبر 444: قال رسول الله ﷺ يَا مَعْشَرَ النِّسَاءِ تَصَدَّقْنَ فَإِنِّي أُرِيتُكُنَّ أَكْثَرَ أَهْلِ النَّارِ فَقُلْنَ وَبِمَ يَا رَسُولَ اللَّهِ قَالَ تُكْثِرْنَ اللَّعْنَ وَتَكْفُرْنَ الْعَشِيرَ. صحيح البخاري بَاب تَرْكِ الْحَائِضِ الصَّوْمَ (ج 2/ ص 3۔ الرقم: 293)
سنن ابن ماجه بَاب فِتْنَةِ النِّسَاءِ (ج 12/ ص 6۔ الرقم: 3993)
السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ ص 380۔ الرقم: 9200)

Scanned by CamScanner

امام الانبياء حبيب كبريا حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ فرمايو:

حديث نمبر 445:

أَيُّمَا امْرَأَةٍ مَاتَتْ وَزَوْجُهَا عَنْهَا رَاضٍ دَخَلَتِ الْجَنَّةَ (ترمذی)[1]

جيڪا عورت ان حال ۾ فوت ٿي وئي ته ان جو مڙس ان کان راضي آهي ته اها جنت ۾ داخل ٿيندي.

هڪ عورت پنهنجي مڙس جي فرمانبردار، خدمتگار آهي. مڙس کي هر طرح سان راضي رکيائين ۽ اها ان حال ۾ انتقال ڪري وڃي ٿي ته اها عورت جنت ۾ داخل ٿيندي.

حديث نمبر 446:

حضرت معاذ رضی اللہ عنہ جڏهن يمن کان واپس آيو ته سڌو سردار نبي پاڪ کي عرض ڪيائين ته يا رسول الله اسان کي اجازت ڏيو ته اوهان کي سجدو ڪيون. (جيئن عجم جي بادشاهن کي سندس رعيت ۽ غلام سجدا ڪندا آهن. پاڻ فرمايائون جيڪڏهن مان ڪنهن کي سجدي ڪرڻ جو حڪم ڏيان ها ته زالن کي حڪم ڏيان ها ته پنهنجي مڙسن کي سجدا ڪن. (بيهقی، سنن الكبرىٰ)[2]

جنت جي خوشبوءِ به حرام:

عورت کي جڳائي ته ڏڪ سڪ ۾ پنهنجي وَرَ سان نيائيندي رهي. مڙس جي مال ۽ حال کان وڌيڪ فرمائشون ۽ انگل آرا نه ڪري.

---

[1] حديث نمبر 445: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي حَقِّ الزَّوْجِ عَلَى الْمَرْأَةِ (ج 4/ص 388۔الرقم: 1081) سنن ابن ماجه بَاب حَقِّ الزَّوْجِ عَلَى الْمَرْأَةِ (ج 5/ص 450۔الرقم: 1844) شعب الإيمان للبيهقي (ج 18/ص 254۔الرقم: 8485) مصنف ابن أبي شيبة (ج 3/ص 397) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 17/ص 174۔الرقم: 7436) المعجم الكبير للطبراني (ج 17/ص 193۔الرقم: 19327)

[2] حديث نمبر 446: ان معاذ بن جبل رضی الله عنه قدم الشام فوجدهم يسجدون لبطارقتهم واساقفتهم فروى في نفسه ان يفعل ذلك للنبي ﷺ فلما قدم سجد للنبي صلى الله عليه وسلم فأنكر. ذلك قال يا رسول الله انى دخلت الشام فوجدتهم يسجدون لبطارقتهم واساقفتهم فروبت في نفسي ان افعل ذلك بك فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم لو كنت آمرا أحدا أن يسجد لاحد لامرت المرأة ان تسجد لزوجها.

السنن الكبرى للبيهقي باب ما جاء في بيان حقه عليها (ج 7/ص 292)

Scanned by CamScanner

گھٽيون عورتون مڙس کي ٿوري ٿوري ڳالھ تي چونديون آھن تہ هيءَ شيءِ ونِي ڏي هي کم کر، هيءَ فرمائش پوري کر نہ تہ مون کي طلاق ڏي. حالانکہ طلاق جھڙي کاٻ بيڙي شيءِ ناهي جنهن کي رب حلال کيو هجي. معمولي ڳالھ تي طلاق جو مطالبو کرڻ نهايت ئي بيڙو مطالبو آهي.

حديث نمبر 447 :

تاجدارِ حرم خطيب الأمم حضرت محمد ﷺ جن فرمايو تہ :

أَيُّمَا امْرَأَةٍ سَأَلَتْ زَوْجَهَا طَلَاقَهَا مِنْ غَيْرِ بَأْسٍ فَحَرَامٌ عَلَيْهَا رَائِحَةُ الْجَنَّةِ (ابن حبان)[1]

اُها عورت جيڪا بنا ڪنهن سخت اهنج جي پنهنجي مڙس کان طلاق گهري ٿي تہ ان تي جنت جي خوشبوءِ به حرام آهي.

اهڙي عورت جيڪا مڙس کان طلاق ونڻ جو مطالبو ڪري تہ اُها جنت ۾ داخل ٿيڻ تہ درڪنار پر اُن کي جنت جي سُرهاڻ به نصيب نہ ٿيندي. حالانکہ حديث پاڪ ۾ آهي تہ جنت جي سرهاڻ پنج سو سالن جي پري پنڌ کان به محسوس ٿيندڙ آهي. ان جو مطلب آهي تہ اها عورت جنت کان پنج سو سال جي مسافت نائين پري هوندي.

تعويذن جي تلاش :

نفعو ءِ نقصان، خير ءِ شر سڀ الله جي پاران آهن. رب جيئن چاهيندو آهي تيئن ٿيندو آهي. اڇڪلھ ماڻهن کي ڏنو ويو آهي تہ اڪثر ماڻهن جو ايمان ءِ يقين سڳن ڏاڳن، چندن، ڦيٽن ءِ جادو جنات، ڪاري علم تي وڃي بيٺو آهي. ڪيترائي مسلمان هندن ڪولهين اڳيان هٿ جوڙيون تعويذن لاءِ بيٺا آهن. عورتن ۾ تہ اِها بيماري عام ٿي وئي آهي. ٻوٻن، ملان مُراٽن، جادوگرن وٽ ڏسو تہ عورتن جا ميلا متل آهن. ماڻهو پنهنجي غمن ڏکن جي آساني الله پاڪ کان طلب ڪرڻ بجاءِ ٻوٻن ءِ نجومين کان طلب ڪندا

---

[1] حديث نمبر 447: سنن أبي داود بَاب فِي الْخُلْعِ (ج 6 / ص 142 ـ الرقم: 1899) صحيح ابن حبان باب الهدي (ج 17 / ص 361 ـ الرقم: 4258) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الْمُخْتَلِعَاتِ (ج 4 / ص 433 ـ الرقم: 1108) سنن ابن ماجه بَاب كَرَاهِيَةِ الْخُلْعِ لِلْمَرْأَةِ (ج 6 / ص 232 ـ الرقم: 2045)

Scanned by CamScanner

آهن، جيڪي پاڻ محتاج ۽ عاجز هوندا آهن. مسلمانن کي اهڙن ڪمن کان بچڻ گهرجي جن کي الله ۽ ان جو حبيب ﷺ پسند نه ٿو ڪري. هڪ حديث شريف ۾ اچي ٿو ته :

حديث نمبر 448 :

مَنْ أَتَى كَاهِنًا أَوْ عَرَّافًا فَصَدَّقَهُ بِمَا يَقُولُ فَقَدْ كَفَرَ بِمَا أُنْزِلَ عَلَى مُحَمَّدٍ ﷺ

(مسند احمد)[1]

جو شخص ڪنهن غيب جي خبرون ڪندڙ (هٿ ڏسڻ واري ۽اري وجهندڙ يا نجومي يا رملي) يا ٻوپي وٽ آيو ۽ ان جي ڳالهين کي سچو سمجهيائين ته جيڪو (دين، قرآن) محمد ڪريم ﷺ تي نازل ڪيو ويو آهي ان سان ڪفر ڪيائين.

يعني ٻوپن ۽ ۽اري وارن، هٿ ڏسڻ وارن، ڪاهنن، نجومين جي ڳالهين تي ويساهه ڪرڻ ۽ انهن کي سچو سمجهڻ ڪفر آهي. توڙي جو انهن جون ڪي ڳالهيون سچيون به ٿي پونديون آهن ته به مسلمانن کي انهن تي يقين ۽ ويساهه نه ڪرڻ گهرجي.

زال مڑس ۾ جهيڑو وجهائڻ :

حديث نمبر 449 :

حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہ روايت ڪئي ته رسول الله ﷺ فرمايو ته جيڪو ماڻهو غلام کي آقا جي خلاف ڪري ۽ ان جي مالڪ کان جدا ڪري ته اُهو اسان مان ناهي ۽ جيڪو ماڻهو زال کي (غلط ڳالهيون ٻڌائي) مڑس جي ۽ ان جي وچ ۾ جهيڑو وجهائي ته اُهو اسان مان نه آهي. (سنن الكبرىٰ نسائی)[2]

۽ انهن ٻوپن جو ڪهڙو حال ٿيندو جيڪي مسلمانن جا گهر ڦٽائڻ جي پويان هوندا آهن. سڻا حبيب ڪريم ﷺ اهڙي ماڻهو کي پنهنجي امت، جماعت ۽ پنهنجي ٽولي ۾

---

[1] حديث نمبر 448: مسند أحمد: مُسْنَدُ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ (ج 19 / ص 214. الرقم: 9171) الإبانة الكبرى لابن بطة باب ذكر الذنوب التي تصير بصاحبها الخ (ج 3 / ص 15. الرقم: 991) المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب الإيمان (ج 1 / ص 18. الرقم: 15) السنن الكبرى للبيهقي (ج 8 / ص 135)

[2] حديث نمبر 449: عن أبي هريرة عن النبي ﷺ قال من خبب عبدا على أهله فليس منا ومن أفسد امرأة على زوجها فليس منا. مسند أحمد مُسْنَدُ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ (ج 18 / ص 334. الرقم: 8792) السنن الكبرى للنسائي، مسألة المرأة طلاأختها (ج 5 / ص 385. الرقم: 9214)

Scanned by CamScanner

شمار ئي نہ ٿا ڪن. ها البتہ ڪنهن کي نفعو پهچائڻ لاءِ قرآن و حديث مان تعويذ يا ڦيٽو چنبو ڪري تہ جائز آهي. ڪجهہ ڦيٽا ءِ دعائون هن ڪتاب ۾ بہ ڏنل آهن.

مڙس جي موڪل کان سواءِ گهر کان نہ نڪرڻ :

حيادار ديندار عورت جو شان ءِ مان اُهو آهي تہ پنهنجي وَرَ جي اجازت کان سواءِ پنهنجي گهر کان ٻاهر نہ نڪري ڪنهن جي موت فوت يا شادي غمي ۾ وڃي تہ بہ پنهنجي مڙس جي موڪل سان وڃي ءِ جيترو وقت موڪل ملي ان کان وڌيڪ نہ ترسي. مائٽن گهمڻ لاءِ گهٽا ڏينهن نہ رهي.

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه فرمائيندا هئا تہ زال مائٽ گهمڻ وڃي تہ وڌ کان وڌ چار راتيون رهي، ان کان وڌيڪ نہ سواءِ مجبوري جي.

حديث نمبر 450 :

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه روايت فرمائي تہ :

هڪ شخص سفر ۾ ويندي ويندي پنهنجي زال کي چيائين تہ گهر کان ٻاهر نہ نڪرجانءِ. عورت مٿي رهندي هئي هينئين گهر ۾ سندس پيءُ رهندو هيو پوءِ ان جو پيءُ بيمار ٿي پيو. ان عورت سهٽي نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم ڏانهن ماڻهو موڪليو تہ منهنجو پيءُ هينئين گهر ۾ بيمار آهي، آءٌ مٿئين گهر ۾ آهيان مڙس منع ڪري ويو آهي تہ گهر کان ٻاهر نہ نڪران. هاڻي آءٌ چا ڪيان؟ پاڻ فرمايائون :

اَطِيْعِيْ زَوْجَكِ (طبراني اوسط)[1] پنهنجي مڙس جي فرمانبرداري ڪر.

پوءِ ان جو پيءُ مري ويو. وري حضور ڏانهن نياپو موڪليائين. پاڻ وري بہ فرمايائون تہ پنهنجي مڙس جي فرمانبرداري ڪر. عورت ائين ڪيو (پيءُ جي جنازي ۾ بہ شريڪ نہ

---

[1] حديث نمبر 450: عن أنس بن مالك عن النبي صلى الله عليه وسلم أن رجلا خرج وأمر امرأته أن لا تخرج من بيتها وكان أبوها في أسفل الدار وكانت في أعلاها فمرض أبوها فأرسلت إلى النبي صلى الله عليه وسلم فذكرت له ذلك فقال أطيعي زوجك فمات أبوها فأرسلت إلى النبي صلى الله عليه وسلم فقال أطيعي زوجك فأرسل إليها النبي صلى الله عليه وسلم إن الله غفر لأبيها بطاعتها لزوجها.

المعجم الأوسط للطبراني باب الميم من اسمه : محمد (ج 16 / ص 439 ـ الرقم : 7863)

مسند عبد بن حميد: مسند أنس بن مالك (ج 3 / ص 492 ـ الرقم : 1372)

Scanned by CamScanner

ٿي) پوءِ محبوبن ڪريمن ﷺ ان عورت ڏانهن پيغام موڪليو تہ پنهنجي مڙس جي فرمانبرداري سبب الله تعالىٰ ٿنهنجي پيءُ کي بخشي ڇڏيو. (طبراني اوسط)

مڙس جي گهر مان خرچ ڪرڻ :

گهٽن عورتن جي عادت هوندي آهي تہ مڙس جي گهر مان جا چيز هٿ ايندي آهي مائٽن جي گهر موڪلي ڇڏيندیون آهن. اجازت ورتي نہ ورتي مال اسمگل (Smuggle) ٿي ويو پيڪاٽي گهر! چا شريعت ۾ ان جي اجازت آهي؟ اچو تہ سهٽي حبيب ڪريم ﷺ جن جا پاڪ ارشاد پڙهون تہ پاڻ ان باري ۾ چا ٿا فرمائن.

گهر جي شيءِ گهر ۾ استعمال ڪرڻ :

جيڪڏهن عورت کا شيءِ کٽي پنهنجي ئي گهر ۾چن تي استعمال ڪري تہ جائز آهي.

حديث نمبر 451 :

ابو سفيان جي زال هنده سهٽي نبي ڪريم ﷺ وٽ آئي. عرض ڪيائين يا رسول الله ابو سفيان ڪنجوس مرد آهي، پنهنجي ۾چن جي ءِ گهر جي ضرورتن جي پورائي جو خرچ بہ پورو نہ ٿو ڏئي، ان جي اجازت کان سواءِ ان جو مال کٽان تہ جائز آهي يا نہ؟ پاڻ ڪريمن فرمايو تہ :

خُذِي مَا يَكْفِيكِ وَوَلَدَكِ بِالْمَعْرُوفِ (بخاری)[1]

پنهنجي ءِ ۽ارن جي ضرورتن جي پورائي جيترو مال نيڪيءَ سان وٺي سگهين ٿي.

گهر جي شيءِ تحفي ۾ ڏيڻ :

حديث نمبر 452 :

حضرت سعد رضی اللہ عنہ فرمايو تہ هڪ عورت ڊگهي قد واري ڇڪ مُضر قبيلي وارن مان هئي، سرڪار دو عالم ﷺ وٽ آئي عرض ڪيائين تہ اسان پنهنجي پيءُ، ياءُ يا مڙس جي گهر مان چا کائي سگهون ٿيون؟ پاڻ فرمايائون :

---

[1] حديث نمبر 451 : صحيح البخاري بَاب الْقَضَاءِ عَلَى الْغَائِبِ (ج 22/ ص 109) سنن أبي داود بَاب فِي الرَّجُلِ يَأْخُذُ حَقَّهُ مِنْ تَحْتَ يَدِهِ (ج 9/ ص 412۔ الرقم: 3065) السنن الكبرى للبيهقي (ج 10/ ص 141) السنن الكبرى للنسائي (ج 3/ ص 481)

Scanned by CamScanner

اَلرُّطَبُ تَأْكُلِيْنَهٗ وَتَهْدِيْنَهٗ [1] : آليون شيون کائوءِ تحفو ڏيو.

'الرطب': اُهي شيون جن جي خراب ٿي وڃڻ جو خطرو هوندو آهي جيئن ميوات، کير، ڏؤنرو، تازي کجور وغيره.

هڪ عورت: حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه کان پڇيو ته پنهنجي مڙس جي گهر مان کهڙي شيءِ مون لاءِ حلال آهي (کائڻ ءِ کارائڻ جي شين مان)؟ پاڻ فرمايائون ماني، کتل، ميوات ءِ ان جهڙيون ٻيون شيون. عرض کيائين ٻلا پئسا ڏوکڙ؟ فرمايائين نه.

گهر جي چوري :

عورت جو گهر اُن جي مڙس جي امانت آهي، هر شيءِ جي حفاظت کرڻ، سار سنڀال لهڻ عورت تي فرض آهي، مڙس جي اجازت کان سواءِ اگر کا شيءِ مثلاً سامان پيسا پنهنجي مائٽن ڏانهن موکلڻ سخت گناهه آهي. ان جو عورت کان پڇاڻو ٿيندو.

حديث نمبر 453 :

هڪ عورت حضرت بيبي عائشه صديقه رضي الله عنها کان پڇيو ته منهنجا مائٽ ڏاڍا غريب ءِ مسڪين آهن. ڇا مان پنهنجي مڙس جي گهر مان کا شيءِ ڪٽي انهن ڏانهن موکلي سگهان ٿي؟ فرمايائين مڙس کي پڌائي پوءِ ڪر. عرض کيائين جيکا شيءِ موکليان ٿي هر شيءِ مڙس کي پڌائي نه ٿي سگهان (متان ناراض نه ٿي پوي). امان عائشه رضي الله عنها فرمايو ته مڙس کان موکل وٺ. جنهن شيءِ جي موکلڻ جي اجازت ڏئي به ڇڏي ته به اها گهٽي مقدار ۾ نه موکل پر ٿوري موکل ءِ اگر جيکا شيءِ مڙس جي اجازت کان سواءِ موکلين ٿي اها چوري آهي. چوري مڙس جي گهر جي هجي يا پاڙي جي هجي، ٻئي برابر آهن. (کتاب العيال)

---

[1] حديث نمبر 452 : مصنف ابن أبي شيبة، من رخص في الحكرة لما لا يضر بالناس (ج 5 / ص 244) مسند عبد بن حميد مسند سعد بن أبي وقاص رضي الله عنه (ج 1 / ص 158. الرقم: 149) معرفة الصحابة لأبي نعيم الأصبهاني، باب السين من اسمه سعد (ج 9 / ص 75. الرقم: 2824)

Scanned by CamScanner

هن مان معلوم ٿيو تہ مڙس جي موڪل بنا ڪا شيءِ عورت پنهنجي مائٽن ڏانهن موڪلي ٿي اُها چوري آهي، اِن جو اُن کان پڇاڙو ٿيندو.

مڙس جا ڪپڙا ڏوئڻ :

عورت لاءِ پنهنجي مڙس جا ڪپڙا ڏوئڻ بہ نيڪي آهي ۽ ان جو بہ ڪيس اجر ڏنو ويندو.

حديث نمبر 454 :

جيڪا عورت پنهنجي مڙس جا ڪپڙا ڏوئي ٿي تہ هر پيري لاءِ هڪ هزار نيڪيون لکيون وڃن ٿيون، هڪ هزار گناهہ ميٽايا وڃن ٿا ۽ هڪ هزار درجا بلند ڪيا وڃن ٿا. (مسند الفردوس)

هڪ نياڻيءَ کي نصيحت :

حضرت بي بي اسماء رضي الله عنها جي نياڻي جي شادي ٿي. شاديءَ جي رات ڪنوار کي ماءُ هنن لفظن ۾ نصيحت ڪئي :

اي نياڻي تون اڄ اِن گهر مان نڪري رهي آهين جو تنهنجي جاءِ پناهہ هيو.

هاڻي تون ان بستري تي وڃي رهي آهين، جنهن سان تو ڪڏهن بہ الفت نہ ڪئي هئي.

هاڻي تون ان جي زمين بنجي وڃ، تہ هُو تنهنجو آسمان بنجي ويندو.

تون ان جو بستر بنجي وڃ، هُو تنهنجو چپر چانوَر بنجي ويندو.

تون ان جي پاڻهي بنجي وڃ، هُو تنهنجو خادم ٿي ويندو.

تون ان کان ڪنارو نہ ڪجانءِ ورنہ هُو تو کان دور ٿي ويندو.

تون ان جي ڪن، نڪ ۽ اک جي حفاظت ڪجانءِ

تان جو هُو تو مان عمدي خوشبوءِ سنگهي.

تون کان سٹي ڳالهہ ٻڌي سگهي.

۽ اهو تو کي خوبصورت ڏسي. (احياء العلوم)



باب چوٿون
زال جا حق

گذريل باب ۾ بيان ٿيو ته زال تي مڙس جا حق ڪهڙا آهن؟ هن باب ۾ اِهو بيان ٿيل آهي ته مڙس تي سندن زال جا شريعت پاڪ ڪهڙا حق مقرر ڪيا آهن. جيڪڏهن زالون پنهنجا پنهنجا حق ادا ڪن ۽ مرد پنهنجون پنهنجون زميداريون پوريون ڪن ته گهرن ۾ راحت ۽ فرحت پيدا ٿي وڃي. جهيڙا جهڳڙا سڀ ختم ٿي وڃن.

حديث نمبر 455 :

هڪ شخص حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن کان پڇيو ته مڙس تي زال جا حق ڪهڙا آهن؟ پاڻ فرمايائون :

أَنْ يُطْعِمَهَا إِذَا طَعِمَ وَأَنْ يَكْسُوَهَا إِذَا اكْتَسَى وَلَا يَضْرِبُ الْوَجْهَ وَلَا يُقَبِّحُ وَلَا يَهْجُرُ إِلَّا فِي الْبَيْتِ (ابن ماجه)[1]

مڙس تي زال جو حق هي آهي ته :

- جڏهن پاڻ کائي ته ان کي به کارائي.
- جڏهن پاڻ پهري تي ان کي به ڪپڙا پهرائي.
- مُنهن تي ڪڏهن به مار نه ڪيي.
- زال کي بروءِ نياڳي نه سمجهي.
- (ڪاوڙ ۾ به) ان کان جدائي نه ڪري، سواءِ گهر ئي گهر ۾.

---

[1] حديث نمبر 455 : سنن ابن ماجه بَاب حَقِّ الْمَرْأَةِ عَلَى الزَّوْجِ (ج 5/ص 445. الرقم: 1840)
المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب النكاح (ج 6/ص 378. الرقم: 2714)
صحيح ابن حبان باب الهدي (ج 17/ص 343. الرقم: 4249)

Scanned by CamScanner

پلا ماڻهو کير آهن؟

حديث نمبر 456:

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته سهڻي نبي کريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته :

أَكْمَلُ الْمُؤْمِنِينَ إِيمَانًا أَحْسَنُهُمْ خُلُقًا وَخِيَارُكُمْ خِيَارُكُمْ لِنِسَائِكُمْ (مسند احمد)[1]

ايمان ۾ سڀ کان وڌيڪ کامل مؤمن اُهي ماڻهو آهن جيڪي سڀ کان وڌيڪ سهڻن اخلاقن وارا آهن ۽ توهان ۾ سڀ کان وڌيڪ پلا ماڻهو اُهي آهن جيڪي پنهنجي زالن سان پلا آهن.

معلوم ٿيو ته کامل ايمانُ سهڻن اخلاقن سان تعلق رکي ٿو.

حديث نمبر 457 :

خَيْرُكُمْ عِنْدَ اللهِ خَيْرُكُمْ اَخْلَاقًا وَ خَيْرُكُمْ لِبَنَاتِهٖ وَنِسَاءِهٖ

(کتاب العيال)[2]

توهان مان الله وٽ پلا ماڻهو اُهي آهن جيڪي پلن اخلاقن وارا آهن ۽ پنهنجي نياڻين ۽ زالن سان پلا آهن.

ٻاهر انسان کيترو به کٽي پلو هجي پر جي پنهنجي گهر وارن سان پلو نه آهي ته اُهو ماڻهو پلو نه آهي. اسلامي تعليمات مطابق ماڻهو جي پلائي جو معيار اُهو آهي ته اُهو پنهنجي گهروارين ۽ نياڻين سان کيترو پلو آهي؟

زال جي عزت :

الله تعالي پنهنجون ٻانهيون مردن لاءِ نڪاح جي صورت ۾ حلال کري ڏنيون آهن، انهن کي ذلت ۽ حقارت سان نه ڏسڻ گهرجي جيئن ماڻهو چوندا آهن ته :

---

[1] حديث نمبر 456 : مسند أحمد مُسْنَدُ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ (ج 20 / ص 268۔ الرقم: 9725) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي حَقِّ الْمَرْأَةِ عَلَى زَوْجِهَا (ج 4 / ص 390۔ الرقم: 1082) بغية الحارث باب حسن الخلق (ج 1 / ص 253۔ الرقم: 812) الإبانة الكبرى لابن بطة باب فضائل الإيمان، الخ (ج 2 / ص 362۔ الرقم: 842)

[2] حديث نمبر 457 : اخرجه أبي الفضل في حديث أبي الفضل الزهري بلفظ: خياركم عند الله خيركم أخلاقا ، وخيركم لنسائه (ج 1 / ص 86۔ الرقم: 85)

Scanned by CamScanner

"زال پير جي جُتي وانگر آهي."

جُتي وانگر انهن کي هميشہ پيرن ۾ لتاڑڻ نہ گهرجي. پر ڏسو تہ جُتي مان بہ کيترا فائدا آهن. سردي گرميءَ کان اسان جي پيرن کي بچائي ٿي، پليتي ناپاکائي کان اسان جي پيرن جي حفاظت کري ٿي. زالن مان بہ هزارين فائدا آهن. ان کري ان کي حقير ذليل نہ سمجهڻ گهرجي. سيد الکونين ﷺ فرمائن ٿا :

حديث نمبر 458:

مَا زَالَ جِبْرِيْلُ يُوْصِيْنِيْ بِالنِّسَاءِ حَتّٰى ظَنَنْتُ أَنَّهٗ سَيُحَرِّمُ طَلَاقَهُنَّ

(مطالب العاليه)[1]

جبرائيل عليہ السلام هميشہ مون کي زالن جي باري ۾ پارت کندو رهندو آهي، تان جو مون کي گمان ٿي پيو آهي تہ سگهوئي انهن کي طلاق ڏيڻ حرام نہ بنائي وجي.

زال کي راضي ۽ خوش کرڻ :

مڙس کي لازم آهي تہ پنهنجي کردار ۽ اخلاقن سان پنهنجي گهرواريءَ کي خوش رکڻ جي کوشش کري. ان جي جائز مطالبن کي مڃي، ان جي دل وندرائڻ، راضي خوش رکڻ لاءِ جيکڏهن کوڙ ڳالهائي تہ بہ جائز آهي. حالانکہ الله پاڪ فرمايو آهي تہ :

لَعْنَةَ اللّٰهِ عَلَى الْكٰذِبِيْنَ ○ (آل عمران: ٦١)

کوڙن تي الله جي لعنت آهي.

پر زال کي خوش رکڻ لاءِ کوڙ ڳالهائڻ جي بہ اجازت ڏني وئي آهي.

حديث نمبر 459 :

هک دفعي حضرت حبيب کريم ﷺ جن خطبو ڏيندي فرمايائون تہ هر کوڙ ڳالهائڻ تي لکيو وجي ٿو. (روز محشر حساب ڏيڻو پوندو) مگر ٽن ڳالهين ۾ کوڙ ڳالهائڻ جو حساب ناهي.

---

[1] حديث نمبر 459: المطالب العالية للحافظ ابن حجر باب الوصية بالنساء (ج 5 / ص 206۔ الرقم: 1723)

Scanned by CamScanner

رَجُلٌ كَذَبَ عَلَى امْرَأَتِهِ لِيُرْضِيَهَا أَوْ رَجُلٌ كَذَبَ فِي خَدِيعَةِ حَرْبٍ أَوْ رَجُلٌ كَذَبَ بَيْنَ امْرَأَيْنِ مُسْلِمَيْنِ لِيُصْلِحَ بَيْنَهُمَا (مسند احمد بن حنبل)[1]

1. اُهو مڙس جيڪو پنهنجي زال کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائي
2. اُهو ماڻهو جيڪو بن وڙهيل ماڻهن جي صلح ڪرائڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائي.
3. اُهو ماڻهو جيڪو جنگ ۾ دشمن کي دوکي ڏيڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائي.

پنهنجي گهرواريءَ جي دل جوئي خاطر، ان کي راضي رکڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ بہ جائز چيو ويو آهي. ان مان مقصد اُهو آهي تہ زال مڙس هڪ ٻئي مان خوش رهن. گهر جو ماحول خوشگوار رهي. ان جو اثر ٻچڙن تي بہ پوندو. جن زال مڙسن جي پاڻ ۾ محبت الفت هوندي آهي تہ انهن جا ٻار بہ سلجهيل، خوش اخلاق ۽ خوش مزاج هوندا آهن. پر جيڪڏهن مڙس جو مُنهن پنهنجو هجي ۽ زال جو مُنهن پنهنجو جيئن چوندا آهن تہ "ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي الهيار." تہ پوءِ ٻار بہ بد اخلاق، ۽ بي فرمان پيدا ٿيندا آهن.

هيءَ بہ عبادت آهي :

حديث نمبر 460:

حضرت امان عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو تہ هڪ ڏينهن خولہ بنت حڪيم نالي مديني جي هڪ عورت مون وٽ آئي، جيڪا حضرت عثمان بن مظعون رضي الله عنهما جي گهرواري هئي. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن ان جا ايرا حال ڏٺا. پاڻ فرمايائون اي عائشہ خولہ جا اهڙا ايرا حال چو آهن؟ مون عرض ڪيو يا رسول الله خولہ اهڙي عورت آهي جڏڪ ان جو مڙس ئي نہ هجي. ڏينهن جو روزو رکندو آهي رات جو عبادت ڪندو آهي. خولہ ائين آهي جيئن هن کي مڙس ئي نہ هجي انڪري هن جا حال ايرا آهن. پوءِ پاڻ حضرت عثمان بن مظعون رضي الله عنهما کي ماڻهو موڪلي گهرايائون جڏهن عثمان بن مظعون رضي الله عنهما آيو پاڻ فرمايائون اي عثمان ڇا تون منهنجي سنت کان مُنهن موڙي ويٺو آهين؟ عرض ڪيائين يا رسول الله ﷺ آءٌ تہ اوهان جي سنتن جو طالب آهيان.

---

[1] حديث نمبر 460: مسند أحمد: مِنْ حَدِيثِ أَسْمَاءَ ابْنَةِ يَزِيدَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا (ج 56/ص 100۔ الرقم: 26289)

Scanned by CamScanner

پاڻ فرمايائون مان ننڊ بہ ڪندو آهيان، نماز بہ پڙهندو آهيان ۽ زالن سان رهاڻ بہ ڪندو آهيان. اي عثمان الله ڪان ڊج.

فَإِنَّ لِأَهْلِكَ عَلَيْكَ حَقًّا وَإِنَّ لِضَيْفِكَ عَلَيْكَ حَقًّا وَإِنَّ لِنَفْسِكَ عَلَيْكَ حَقًّا فَصُمْ وَأَفْطِرْ وَصَلِّ وَنَمْ (ابوداؤد، مسند احمد)[1]

بيشڪ تنهنجي گهروارن جو تو تي حق آهي، تنهنجي مهمان جو تو تي حق آهي ۽ بيشڪ تنهنجي جان جو توتي حق آهي. تون (نفلي) روزا رک بہ ۽ ڇڏ بہ. سمهي آرام بہ ڪر ۽ نماز بہ پڙهہ.

فاروق اعظم جي بارگاهہ ۾ فرياد :

هڪ عورت حضرت عمر فاروق رضي الله عنه وٽ دانهن ڪٽي آئي. چيائين اي امير المؤمنين منهنجي مڙس کي سمجهاءِ، سڄي رات عبادت ڪندي جاڳندو آهي. ڏينهن جو روزو رکندو آهي. (آءٌ ڪاڏي وڃان؟) حضرت عمر رضي الله عنه فرمايو تہ ڇا تون چوين ٿي تہ مان ان کي الله جي عبادت کان منع ڪيان؟ عورت واپس هلي وئي. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ وري ساڳي دانهن ڪٽي موٽي آئي. پاڻ فرمايائون ڇا تون چوين ٿي تہ مان ان کي الله جي عبادت کان منع ڪيان. ان وقت حضرت ڪعب بن سور رضي الله عنه حضرت عمر فاروق رضي الله عنه وٽ ويٺل هيو، اُن فرمايو تہ "اي عمر عورت جو حق آهي، اُهو ان کي وٺرائي ڏي." حضرت عمر رضي الله عنه فرمايو تہ "اي ڪعب عورت جو ڇا حق آهي؟" حضرت ڪعب فرمايو تہ چئن راتين مان هڪ رات عورت وٽ رهڻ ان جو حق آهي. حضرت عمر رضي الله عنه ان جي مڙس کي گهرائي حڪم ڏنو تہ "چئن راتين مان هڪ رات زال سان گذار."

۽ حضرت ڪعب رضي الله عنه کي بصري جو قاضي بنايائين. (كتاب العيال)[2]

---

[1] حديث نمبر 461 : سنن أبي داود بَاب مَا يُؤْمَرُ بِهِ مِنَ الْقَصْدِ فِي الصَّلَاةِ ج 4/ ص 131۔ الرقم: 1162)
مسند أحمد: باقي المسند السابق ج 53/ ص 262۔ الرقم: 25104)

[2] الدر المنثور (ج 2/ ص 49)

Scanned by CamScanner

گھرواريءَ کي ڏسڻ ۾ بہ اجر :

پنھنجي گھرواريءَ جي چھري کي ڏسڻ پيار ۽ محبت سان سندس صورت جو ديدار ڪرڻ بہ عبادت آھي. ان ديدار ۾ رب راضي ٿئي ٿو. جيڪڏھن مڙس مِھر سان نھاري ۽ عورت عشق سان نھاري، ديدون ديدن ۾ ملن تہ رب راضي ٿي رحمت جي نظر سان ان جوڙي ڏانھن نھاري ٿو. الله جي نظرِ رحمت ڪير نہ گھرندو؟ رب جي رحمت جي نظر جنھن سان ڏک دور ٿين غم غلط ٿين، خوف امن ۾ تبديل ٿئي، مسڪين شاھوڪار ٿئي، محتاج موجن ۾ اچي .

ملاحظہ فرمايو تہ اسان جو حبيب سھڻو محمد ڪريم ﷺ فرمائي رھيو آھي :

حديث نمبر 462 :

حضرت ابو سعيد خدري رضی اللہ عنہ چيو تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو:

اِنَّ الرَّجُلَ اِذَا نَظَرَ اِلٰی اِمْرَأَتِهٖ وَنَظَرَتْ اِلَيْهِ نَظَرَ اللّٰهُ اِلَيْهِمَا نَظْرَةَ رَحْمَةٍ وَاِذَا اَخَذَ بِكَفِّهَا تُسَاقِطُ ذُنُوْبُهُمَا مِنْ خَلَالِ اَصَابِعِهِمَا (الجامع الصحيح)[1]

جڏھن ڪو مڙس پنھنجي زال ڏانھن نھاري ٿو ۽ زال مڙس ڏانھن نھاري ٿي تہ الله پاڪ انھن ٻنھين ڏانھن رحمت جي نظر سان نھاري ٿو، ۽ جيڪڏھن مڙس (پيار منجھان) زال جو ھٿ پڪڙي ٿو تہ انھن جي آڱرين مان ٻنھين جا گناھ ڇٽي وڃن ٿا. سبحان الله!

ديدار بازی رب راضی ❊ ہتھ لاوݨ گناہ بخشاوݨ

پنھنجي زال، پنھنجي لڄ، پنھنجي گھرواري سان قرب وندیو، پيار سان نھاريو، ھٿ ھٿن ۾ ملايو اِھو بہ الله کي راضي ڪرڻ جو عمل آھي. پرائي عورت ڏانھن نہ نھاريو، پرائي لڄ ۾ بُرائي جا ھٿ نہ وجھو. نفس شيطان ڏاڍا دشمن آھن. پنھنجي زال کيتري بہ حسين مہ جبين، خوبصورت ھوندي تہ اُھا نہ وٽندي. پرائي عورت ڪاري ڪوجھي بہ اھڙي سھڻي من موھڻي ڪري ڏيکاريندا جو ماڻھن جا پير ترڪي پون.

---

[1] حديث نمبر 462: كنز العمال كتاب النكاح (ج 16 / ص 276۔ الرقم: 44437)

Scanned by CamScanner

ان لاءِ حڪم آهي تہ پرائي عورت ڏانهن نہ نهاريو. نگاهہ ڪرڻ سان گناهن جا دروازا کُلن ٿا. شيطان هميشہ برائي کي سهڻو ڪري ڏيکاريندو آهي.

اَفَمَنْ زُيِّنَ لَهٗ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ فَرَاٰهُ حَسَنًا ؕ (فاطر : 8)

پوءِ ڇا اُهو ماڻهو جنهن جي نگاهہ ۾ سندس برو عمل سينگاريو ويو پوءِ ان کي چڱو سمجهيائين (اُهو ماڻهو هدايت واري وانگر ٿي سگهي ٿو ڇا؟)

پرديسي پرين :

جڏهن زال ءِ مڙس (وَني ءِ وَرُ) جي پاڻ ۾ محبت الفت هجي تہ هڪ پل بہ جدائي ڏاڍي ڏکي لڳندي آهي.

راڻو رات نہ آئيو، ويڙهم ويل ٿري،
وَٽ سورينديِ، ولها، ويڙهم تيل ٻري،
راڻي کاڻ رڙي، رات ولهامي ڏينهن ٿيو.

رات جي وقت حضرت امير المؤمنين عمر فاروقؓ مديني جي گلين ۾ ڦهرو ڏئي رهيو هيو. رات جي سَناٽي ۾ مخلوق ننڊ ۾ هئي پر عادل عمر کي ننڊ نہ هئي. متان کو مؤمن تڪليف ۾ هجي. رات بي گاهہ وقت هڪ گهر ۾ چراغ ٽِمڪي رهيو هيو. هڪ عورت جي آهُن ءِ سڏڪن جو آواز اچي رهيو هيو.

ڏکويون ڏُسکن، کانہ ڏسکي ڏک ري،
پيون ائين سڏون ڪن، پٽڻ واريون پڌريون.

فاروقِ اعظم جا قدم رُکجي ويا. سڏڪن جو ساز، درد پريو آواز حضرت عمرؓ جي ڪنن سان ٽڪرايو:

تَطَاوَلُ هٰذَا اللَّيْلِ تُسْرِیْ كَوَاكِبَهٗ
وَاَرَّقَنِیْ اَنْ لَّاحَبِيْبَ اُلَاعِبَهٗ

هاءِ هجر جي رات ڪيڏي ڊگهي ٿي وئي آهي، تارا ڪتيون ٽڙي ويا آهن مون کي هن ڳالهہ بي آرام ڪري ڇڏيو آهي جو محبوب ناهي جو اُن سان رهاڻيون راندیون ڪيان ها.

Scanned by CamScanner

ايي اياريام، نڪت سڀ نئي ويا،
هڪ مَيو ٻيو مينڊرو، سڄي رات ساريام،
ڳوڙها ڳل ڳاڙيام، پرهه شاخون ڪڍيون.

آواز اچي رهيو هيو ته منهنجي اکيلائي ويڄوڙي ۽ مڙس جي جدائي جي خبر ڪير عمر کي پهچائي.

صبح جو حضرت عمر فاروق رضي الله عنه خبر ورتي ته اُها عورت ڪير آهي ۽ ڇو روئي رهي آهي؟ خبر پئي ته ان عورت جي پنهنجي مڙس سان ڏاڍي دل آهي، سندس مڙس جهاد لاءِ جنگ جي محاذ تي ويل آهي. حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ان عورت ڏانهن خرچ پکو لڻا ڪپڙا ڏياري موڪليا ۽ ان مهل حڪم جاري ڪيائين ته جلد هن عورت جي مڙس کي واپس آندو ويجي. (در منثور) 1

لمبي جدائي :

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه پنهنجي نياڻي حضرت حفصه رضي الله عنها کان پڇيو ته عورت کي گهٽ مهينن کان پوءِ مڙس سان ملڻ جي خواهش ٿيندي آهي؟ ڇيائين ڇهه مهينن کان پوءِ. حضرت عمر فاروق رضي الله عنه قانون ٺاهي ڇڏيو ته کوبه مجاهد ڇهه مهينن کان وڌيڪ جهاد تي نه وڃي. (در منثور) 2

ڪجهه ڏيان ڏين اُهي مسلمان جيڪي سالن جا سال پنهنجي گهر ٻڇڙن کان جدائي ڪري سفر ۾ هليا وڃن ٿا، ڪي ڪمائڻ لاءِ ڏيهان ڏور سالن جا سال گم ٿي وڃن ٿا. ڪي وري تبليغ لاءِ سال جي سفر تي نڪري وڃن ٿا. زال پلي اوپاسيون ڏيندي وتي. خدا جا پانها خدا جو خوف رکو، پنهنجي گهر ٻڇڙن کان ايتري جدائي نه ڪيو.

---

[1] الدر المنثور (البقرة: 227) (ج 2/ ص 48)

[2] سأل عمر ابنته حفصة كم أكثر ما تصبر المرأة عن زوجها؟ فقالت: ستة أشهر. أو أربعة. فقال عمر: لا أحبس أحداً من الجيوش أكثر من ذلك۔
الدر المنثور (ج 2/ ص 48)

Scanned by CamScanner

زال کي پنهنجي هٿ سان گرهه کارائڻ :

زال ۽ مڙس جو رشتو پيار ۽ محبت جو رشتو آهي. پيار وارن جا انگل آرا سهٽا پوندا آهن، پيار ۽ پريم ۾ پنهنجي حيثيت کان هٿي به محبت نيائٽي پوندي آهي.

حديث نمبر 463 :

حضرت عرباض بن ساريه رضي الله عنه فرمايو ته سهڻي نبي کريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته :

إِنَّ الرَّجُلَ إِذَا سَقَى امْرَأَتَهُ مِنَ الْمَاءِ أُجِرَ [1]

جنهن پنهنجي گهرواريءَ کي پاڻي پياريو ته ان جو به ان کي اجر ڏنو ويندو.

حديث نمبر 464:

پاڻ فرمايائون توهان جيڪو به خرچ ڪيو ان مان الله جي راضي ڪرڻ جي نيت رکو ته ان جو توهان کي اجر ڏنو ويندو.

حَتَّى اللُّقْمَةَ تَرْفَعُهَا إِلَى فِي امْرَأَتِكَ (بخاری، مسلم) [2]

تان جو جيڪو گرهه پنهنجي گهرواري جي وات ۾ وجهو ٿا ان جو به توهان کي اجر ڏنو ويندو.

زال کي پاڻي پيارڻ يا گرهه وات ۾ وجهڻ سان مرد جي عزت ڪونه گهٽبي بلڪ اُها به عبادت آهي، جنهن جو ان کي اجر ڏنو ويندو.

زال کي مارڻ ڪيو :

انسان خطا جو پتلو آهي. غلطي ڪوتاهي کان ڪو انسان واندو نه آهي. ڪڏهن مرد غلطي ڪري ويهندو آهي، ڪڏهن عورت مڙس جي طبيعت جي مخالف ڪم ڪري ويهندي آهي. ان لاءِ زال مڙس کي اُها ڳالهه پنهنجي ذهن ۾ ويهارڻ گهرجي ته اسان ٻنهين کي هڪ گهر ۾ رهڻو آهي. زندگي گڏ گذارڻي آهي.

---

[1] حديث نمبر 463 : مسند أحمد: حَدِيثُ الْعِرْبَاضِ بْنِ سَارِيَةَ (ج 35/ ص 17۔الرقم: 16529)

[2] حديث نمبر 464 : صحيح البخاري بَاب مِيرَاثِ الْبَنَاتِ (ج 20/ ص 456۔الرقم: 6236) سنن أبي داود بَاب مَا جَاءَ فِي مَا لَا يَجُوزُ لِلْمُوصِي فِي مَالِهِ (ج 8/ ص 50۔الرقم: 2480) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الْوَصِيَّةِ بِالثُّلُثِ (ج 7/ ص 483۔الرقم: 2042) مسند أحمد (ج 3/ ص 409۔الرقم: 1399) الآحاد والمثاني لابن أبي عاصم (ج 1/ ص 220۔الرقم: 212)

Scanned by CamScanner

جيڪڏهن مڙس کان غلطي ٿئي تہ عورت کي برداشت ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن عورت کان ڪو قصور ٿئي تہ مرد کي صبر ڪرڻ گهرجي.

هٿان حبيبن ڪڏهن ڪونہ ڏکوئيو :

حديث نمبر 465:

حضرت امان عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو تہ :

مَا رَأَيْتُ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ ضَرَبَ بِيَدِهٖ قَطُّ وَلَا خَادِمًا قَطُّ

وَلَا ضَرَبَ بِيَدِهٖ نِسَآءً قَطُّ اِلَّا اَنْ يُجَاهِدَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ (كتاب العيال) [1]

پوري زندگي مون ڏٺو تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي هٿ سان ڪڏهن ڪنهن کي ماريو هجي، نہ ڪنهن نوڪر کي، نہ ڪنهن زال کي مگر الله جي راهہ ۾ جهاد ڪندا هئا.

حضرت انس رضي الله عنه فرمايو تہ مون ڏهہ سال محبوبن ڪريمن جي خدمت چاري ڪئي پر پاڻ ڪڏهن مون کي ڇڙڪ بہ نہ ڏنائون جڏهن ڪا غلطي ڪري ويهندو هيس تہ بس ايترو فرمائيندا هئا تہ الله جي تقدير ائين ئي هئي.

حديث نمبر 466:

حضرت عبدالله بن زمعہ رضي الله عنه فرمايو تہ رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ :

لَا يَجْلِدُ أَحَدُكُمُ امْرَأَتَهُ جَلْدَ الْعَبْدِ ثُمَّ يُجَامِعُهَا فِي آخِرِ الْيَوْمِ (بخاری، مسلم) [2]

توهان مان هڪڙو زال کي ائين ٿو ماري جيئن غلام کي ماربو آهي، وري شام جو ان سان ميلاپ ٿو ڪري.

حديث پاڪ جا لفظ قابلِ غور آهن، حضور عليہ الصلواة والسلام جن حيرت سان فرمائن ٿا تہ عجب آ ان ماڻهو تي جيڪو هڪ ئي ڏينهن ۾ بہ ڪم ڪري ٿو.

---

[1] حديث نمبر 465 : اخرجه مسلم في الصحيح بلفظ: عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ مَا ضَرَبَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ شَيْئًا قَطُّ بِيَدِهِ وَلَا امْرَأَةً وَلَا خَادِمًا إِلَّا أَنْ يُجَاهِدَ فِي سَبِيلِ اللَّهِ. صحيح مسلم (ج 11/ص 474۔الرقم: 4296)

[2] حديث نمبر 466: صحيح البخاري بَاب مَا يُكْرَهُ مِنْ ضَرْبِ النِّسَاءِ (ج 16/ص 214۔الرقم: 4805)

السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ص 305)

Scanned by CamScanner

صبح جو ان کي بي دردیءَ سان ماري ٿو، شام وري ان سان پاکر پائي ٿو. ان کي نہ الله جو ڊپ ٿو ٿئي نہ پنهنجي ضمير جي ملامت کان ٿو ڊجي، نہ وري زال کان شرمسار ٿو ٿئي تہ جنهن کي جانور وانگر کٽي رهيو آهيان شام جو مون کي ان سان گڏ رهڻو آهي. جن هٿن سان ڏينهن جو ڏک هڻي ٿو، انهن هٿن سان رات جو پاکر پائي ٿو. جن چپن سان ڏينهن جو گاريون ڏئي ٿو، ان چپن سان رات جو محبت واريون ڳالهيون ڪري ٿو.

بهانو : هڪ شخص جي عادت هئي تہ روزانو ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان زال کي ضرور مار ڪيندیو هيو. هڪ رات زال ويچاري مار جي خوف کان سڀ کم سر انجام ڪري ڇڏيا. مڙس ڏٺو تہ کم تہ سڀ سر انجام آهن. کهڙي بهاني سان ماريانس. جڏهن اچي کٽ تي ستو تہ مٿان آسمان ۾ ڪهڪشان وارو ستارن جو گس ڏسي زال کي چيائين اي زال! هڻي تهڙي تو منهنجي مارڻ جي پٽيان آهين. رستي هيٺان منهنجي کٽ رکي اٽئي. کا بس يا ٽرڪ ڪري پوي تہ منهنجو سِر ختم ٿي وڃي. تون منهنجي وڏي دشمن آهين. زال ويچاري چيو تہ خدا کان ڊج. آسمان ۾ ڪهڙو رستو، کهڙي بس، کهڙي ٽرڪ ايندي؟ پر همراهہ نہ ڪئي هَمَ نہ کا تَمَ لڳي ويو ويچاري کي موچڑن هڻڻ ۾.

مڙس جو اعلیٰ ڪردار :

مڙس کي گهرجي تہ زال جي اڻ وٽندڙ ڳالهين تي بہ صبر ڪري. پنهنجي گهر ۾ خوش طبع، خوش مزاج هجي. تُرش رُو، بد مزاج، بي رحم ۽ ظالم نہ هجي. زال کي سندس پيءُ ماءُ ڏي وڃڻ کان منع نہ ڪري. غير شرعي شادين ۾ زال کي وڃڻ جي اجازت نہ ڏئي. ڪنهن غير شرعي ڪم ڪرڻ سبب ان تي ناراض ٿئي تہ جائز آهي. ان جي اصلاح خاطر ٿوري ٽڪا ٽُڪي ڪري تہ جائز آهي. پر اهڙو نہ ماري جو هڏائي پيچي وجهيس. جيئن اڳتي بيان اچي رهيو آهي.

عورت ڏِنگي پاسري :

حديث نمبر 467 :

حضرت ابوهريرہ رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ حاميءِ بيڪسان، غمخوارِ غريبان، آقا ۽ دوجهان حضرت محمد مصطفيٰ صلی اللہ علیہ وسلم جن فرمايو تہ :

Scanned by CamScanner

الْمَرْأَةُ كَالضِّلَعِ فَإِنْ تَحْرِصْ عَلَى إِقَامَتِهِ تَكْسِرْهُ وَإِنْ تَتْرُكْهُ تَسْتَمْتِعْ بِهِ وَفِيهِ عِوَجٌ (بخاری، احمد) [1]

عورت ڏنگي پاسراتي جي مثال آهي جيڪڏهن ان کي سڌو ڪرڻ جي گهٽي ڪوشش ڪندين تہ ان کي ٻيجي وجهندين ۽ جيڪڏهن ان کي ان ٽيڙاڻ جي حالت ۾ ڇڏي ڏيندين تہ ان مان نفعو حاصل ڪندو رهندين.

جيئن تہ حديثن ۾ آيل آهي تہ بي بي حوا حضرت آدم عليہ السلام جي پاسراتي مان پيدا ڪئي وئي هئي تہ عورت ذات ۾ اِها فطري ٽيڙاڻ ضرور هوندي آهي، ان کي سڌو ڪرڻ جي گهٽي ڪوشش ان کي ٻيجي وجهندي. يعني طلاق واقع ٿي ويندي. بهتر آ تہ ان ٽيڙاڻ جي باوجود ان مان نفعو حاصل ڪجي.

اُهي مرد ٻلا نہ آهن :

حديث نمبر 468: حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ :

لَا تَضْرِبُنَّ إِمَاءَ اللَّهِ : الله جي ٻانهين کي مار نہ ڪيو.

ڪجهہ ڏينهن گذريا تہ حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ خدمتِ نبوي ۾ آيو. عرض ڪيائين "يا رسول الله اوهان زالن کي مارڻ کان روڪيو آهي هاڻي تہ زالون زور ٿي ويون آهن. مڙسن تي دلير ٿي ويون آهن." پوءِ رسول ڪريم ﷺ جن زالن کي مار ڪيڻ جي اجازت ڏني ۽ اصحابن زالن کي ڪُٽاڻا ڪيا. صبح جو سهڻي نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ اڄ ستر (70) عورتون مون وٽ دانهين آيون آهن هر ڪا مڙس جي مارڻ جي دانهن ڪڍي آئي آهي. اُهي مرد ٻلا نہ آهن جن زالن کي ماريو آهي. (ابن ماجه) [2]

---

[1] حديث نمبر 467 : مسند أحمد (ج 19 / ص 202۔ الرقم: 9159) اخرجه البخاري في الصحيح بلفظ: اَلْمَرْأَةُ كَالضِّلَعِ إِنْ أَقَمْتَهَا كَسَرْتَهَا وَإِنْ اسْتَمْتَعْتَ بِهَا اسْتَمْتَعْتَ بِهَا وَفِيهَا عِوَجٌ. صحيح البخاري (ج 16 / ص 182۔ الرقم: 4786)

[2] حديث نمبر 468: قَالَ النَّبِيُّ ﷺ لَا تَضْرِبُنَّ إِمَاءَ اللَّهِ فَجَاءَ عُمَرُ إِلَى النَّبِيِّ ﷺ فَقَالَ يَا رَسُولَ اللَّهِ قَدْ ذَئِرَ النِّسَاءُ عَلَى أَزْوَاجِهِنَّ فَأُمِرَ بِضَرْبِهِنَّ فَضُرِبْنَ فَطَافَ بِآلِ مُحَمَّدٍ ﷺ طَائِفٌ نِسَاءٍ كَثِيرٍ فَلَمَّا أَصْبَحَ قَالَ لَقَدْ طَافَ اللَّيْلَةَ بِآلِ مُحَمَّدٍ سَبْعُونَ امْرَأَةً كُلُّ امْرَأَةٍ تَشْتَكِي زَوْجَهَا فَلَا تَجِدُونَ أُولَئِكَ خِيَارَكُمْ. سنن ابن ماجه (ج 6 / ص 128) سنن أبي داود (ج 6 / ص 50۔ الرقم: 1834)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 469:

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما روايت ڪئي تہ رسول اڪرم هاديءِ اعظم ﷺ جن خطاب فرمايو تہ :

"اي انسانو! زالون توهان وٽ امانت آهن، اُهي پنهنجي نفعي ۽ نقصان جون مالڪ نہ آهن. توهان انهن کي الله جي امانت ۾ ورتو آهي، الله جي ڪلام (نڪاح) سببان انهن جون شرمگاهون توهان لاءِ حلال ڪيون ويون آهن. انهن جي مٿان اوهان جا حق آهن. انهن حقن مان هي بہ آهي تہ توهان جي بسترن کي غير کي استعمال ڪرڻ نہ ڏين، ڇڪي ڪمن ۾ اوهان جي بي فرماني نہ ڪن، جيڪڏهن زالون ائين ڪن تہ توهان تي حق آهي تہ انهن جي کاڌ خوراڪ ۽ لٽي ڪپڙي جو ڇڪي طرح اهتمام ڪيو.

وَلَا تَضْرِبُوهُنَّ فَإِنْ ضَرَبْتُمُوهُنَّ فَاضْرِبُوهُنَّ ضَرْبًا غَيْرَ مُبَرِّحٍ

(مسلم، ابن ماجه)[1]

انهن کي مار نہ ڪيو، پر جيڪڏهن (ڪنهن جائز عذر سبب) انهن کي مار ڪيو تہ بہ اهڙو ڏڪ نہ هڻو جيڪو ايذائيندڙ هجي.

الضربُ المُبرح : هُوَ الضربُ الشديدُ: زورائتو ڏڪ نہ هڻو.

زالن کي مار ڪيڻ جي اجازت :

وَ الّٰتِيْ تَخَافُوْنَ نُشُوْزَهُنَّ فَعِظُوْهُنَّ وَ اهْجُرُوْهُنَّ فِي الْمَضَاجِعِ وَاضْرِبُوْهُنَّ فَإِنْ اَطَعْنَكُمْ فَلَا تَبْغُوْا عَلَيْهِنَّ سَبِيْلًا ۝ (النساء: ٣٤)

۽ جن عورتن جي بدخوئي کان اوهان کي خوف هجي تہ کين نصيحت ڪريو ۽ کين سمهڻ ۾ جدا ڪريو ۽ کين مار ڏيو، پوءِ جيڪڏهن توهان جي تابعداري ڪن تہ پوءِ انهن لاءِ الزام جي راهہ تلاش نہ ڪيو.

---

[1] حديث نمبر 469: صحيح مسلم بَاب حَجَّةِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ (ج 6/ص 245. الرقم: 2137)
سنن ابن ماجه بَاب حَقِّ الْمَرْأَةِ عَلَى الزَّوْجِ (ج 5/ص 446. الرقم: 1841)

Scanned by CamScanner

نُشُوْزَ: مان مراد آهي مڙس جي بي فرماني يعني جيڪي عورتون مڙسن جي بي فرماني ڪن تہ انهن جي مڙسن لاءِ پهريون رستو آهي تہ زال کي نصيحت ڪن. قرآن حديث مان انهن کي حق حقوق سمجهائن. جي نہ سڌرن تہ پوءِ انهن کي بسترن کان ڌار ڪن.

حضرت ابن عباس رضي الله عنها فرمايو تہ مڙس ان کي پٽي ڪري سمهي (منهن نہ ڪري) انهن سان ڳالهہ پولهہ نہ ڪري. مجاهد فرمائي ٿو تہ انهن سان هڪ بستري تي گڏ نہ سمهن. پوءِ جيڪڏهن اجا بہ باز نہ اچن تہ پوءِ ٽين صورت آهي مارڻ جي. مارڻ سان سڌري وڃن تہ پوءِ وڌيڪ مردن کي بهانا ڳولڻ نہ گهرجن.

هن آيت ڪريمہ ۾ عورتن جي اصلاح جون ٽي صورتون بيان ٿيل آهن:

1. زبان سان نصيحت ڪرڻ. 2. بسترن ۾ جدائي ڪرڻ. 3. مار ڪيڻ.

حديث نمبر 470 :

لَا يُسْأَلُ الرَّجُلُ فِيمَ يَضْرِبُ امْرَأَتَهُ (ابن ماجه)[1]

مڙس کان ان ڳالهہ جي باري ۾ سوال نہ ڪيو ويندو جنهن ۾ زال کي مار ڪيو ويائين.

يعني اُهو معاملو زال مڙس جو آهي. جيڪڏهن مڙس اخلاقي تربيت لاءِ پنهنجي زال کي ماري تہ ڪنهن ٽئين ماڻهو کي اختيار نہ آهي تہ ان کان پڇندو وتي تہ زال کي ڇو ماريئي؟ جڏهن تہ اهو اخلاقي تربيت جي پيش نظر ماري ٿو.

جيڪڏهن زال کي سمجهائڻ لاءِ تہ نماز نہ ٿي پڙهي يا ستر پردو نہ ٿي ڪري ۽ سمجهائڻ کان پوءِ بہ گهر کان ٻاهر نڪري ٿي، مڙس جي عزت ۽ ناموس جو خيال نہ ٿي رکي تہ مڙس زال کي مار ڪيڊي سگهي ٿو. پر مارڻ جو چهبڪ ڏنڊڻ جهڙو سنهون هجي. مُنهن تي يا نازڪ عضون تي ڏڪ نہ هڻي. زور ائتو ڏڪ نہ هڻي جنهن سان کو عضوو پڇي پوي يا نشان نهي پوي.

---

[1] حديث نمبر 470: سنن ابن ماجه بَاب ضَرْبِ النِّسَاءِ (ج 6/ ص 129 ـ الرقم: 1976) السنن الكبرى للبيهقي. باب لا يسأل الرجل فيم ضرب امرأته (ج 7/ ص 305) كشف الخفاء (ج 2/ ص 373 ـ الرقم: 3121) كنز العمال (ج 3/ ص 455)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 471:

حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها کي محبوبن ڪريمن ﷺ فرمايو تہ اي عائشہ جڏهن تون راضي هوندي آهين تہ مون کي خبر پئجي ويندي آهي. جڏهن تون ناراض هوندي آهين تہ بہ مون کي خبر پئجي ويندي آهي. عرض ڪيائين ڪيئن يا رسول الله؟ پاڻ فرمايائون جڏهن تون مون سان ناراض هوندي آهين تہ قسم کڻندي آهين تہ چوندي آهين، ابراهيم جي رب جو قسم پر جڏهن مون سان راضي هوندي آهين تہ چوندي آهين محمد ﷺ جي رب جو قسم. عرض ڪيائين يا رسول الله توهان سچ ٿا فرمايو پر آءٌ توهان کان ڪڏهن بہ جدائي نہ ڪندي آهيان سواءِ نالي جي. (سنن الكبرىٰ نسائي) 1

هڪ ٻئي جا عيب ظاهر نہ ڪرڻ گهرجن:

هر انسان ۾ خوبيون بہ هونديون آهن تہ خاميون بہ هونديون آهن. هر عيب کان پاڪ ذات رب العالمين جي آهي ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ کي الله تعاليٰ بي عيب بنائي پيدا ڪيو آهي. باقي هر انسان ۾ خوبيون بہ هونديون آهن تہ خاميون بہ هونديون آهن. مڙس کي لازم آهي تہ جيڪڏهن پنهنجي زال ۾ کو عيب ڏسي تہ ان کي شرمسار نہ ڪري ۽ وري زال کي بہ لازم آهي تہ پنهنجي مڙس ۾ کو عيب ڏسي تہ ان کي خوار نہ ڪري.

هڪ شخص زال کي طلاق ڏيڻ جو ارادو ڪيو. پڇيائون ڇا لاءِ؟ چيائين عقلمند پنهنجي گهروارن جو عيب ظاهر نہ ڪندو آهي. جڏهن طلاق ڏنائين تہ پڇيائونس تہ زال کي طلاق ڇو ڏنئي؟ چيائين منهنجو ڪهڙو ڪم جو پرائي عورت جا عيب ظاهر ڪيان.

---

[1] حديث نمبر 471: عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا قَالَتْ قَالَ لِي رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِنِّي لَأَعْلَمُ إِذَا كُنْتِ عَنِّي رَاضِيَةً وَإِذَا كُنْتِ عَلَيَّ غَضْبَى قَالَتْ فَقُلْتُ مِنْ أَيْنَ تَعْرِفُ ذَلِكَ فَقَالَ أَمَّا إِذَا كُنْتِ عَنِّي رَاضِيَةً فَإِنَّكِ تَقُولِينَ لَا وَرَبِّ مُحَمَّدٍ وَإِذَا كُنْتِ عَلَيَّ غَضْبَى قُلْتِ لَا وَرَبِّ إِبْرَاهِيمَ قَالَتْ قُلْتُ أَجَلْ وَاللهِ يَا رَسُولَ اللهِ مَا أَهْجُرُ إِلَّا اسْمَكَ.

صحيح البخاري بَاب غَيْرَةِ النِّسَاءِ وَوَجْدِهِنَّ ج 16 / ص 250۔ الرقم: 4827)

صحيح مسلم بَاب فِي فَضْلِ عَائِشَةَ رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُمَا ج 12 / ص 187۔ الرقم: 4469)

السنن الكبرى للنسائي ج 5 / ص 365۔ الرقم: 9156)

Scanned by CamScanner

جهيڙيڪار زال :

اگر ڪنهن ماڻهو جي نصيب ۾ جهيڙيڪار ملي آهي تہ ان کي گهرجي تہ صبر ڪري، الله تعاليٰ کيس ان تڪليف جو اجر ۽ انعام عطا ڪندو.

حضرت ابوالحسن خرقاني رحمة الله عليہ جي زال تمام جهيڙيڪار هئي. هڪ مهمان طالقان مان خرقان ۾ حضرت ابوالحسن رحمة الله عليہ سان ملڻ آيو. جڏهن دروازي تي آيو ۽ پڇيائين تہ ابو الحسن خرقاني رحمة الله عليہ ڪٿي آهي؟ اندران ٻيبي صاحبہ بزرگ کي تمام گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ مهمان جي بي عزت ڪيائين. چيائين تو کي ٻيو ڪو الله وارو نظر ئي نہ آيو تو هن زنديق سان ملڻ آيو آهين. مهمان ڏاڍو بي اعتقاد ٿيو تہ اهو ڪهڙو الله وارو چئبو جنهن جي زال جا اهڙا حال آهن! اُهو شخص واپس موٽيو تہ سامهون حضرت ابوالحسن خرقاني رحمة الله عليہ شينهن تي سوار اچي رهيو هيو. مٿي تي ڪاٽين جي هڙ هيس پر اها مٿي ڪان چار آڱر مٿي هوا ۾ هئي. بزرگ مُسڪرائي مهمان کي چيو تہ توسان اڄ اها حالت ٿي آهي مون سان روز ائين ٿيندو آهي. ان صبر جي بدلي رب مون کي شينهن جو سوار بنائي ڇڏيو آهي.

معلوم ٿيو تہ زال جي اهنجاين تي مرد صبر ڪري تہ اُهو بہ ان لاءِ درجات جي بلندي جو سبب آهي.

بي غيرت مرد :

اُهو مڙس جيڪو پنهنجي گهر جي خبر چار نہ رکي تہ ڪير آيو ڪير ويو؟ جنهن مرد ۾ غيرت نہ آهي ان کي "ديوثُ" چيو ويندو آهي، اُهو ڪڏهن بہ جنت ۾ داخل نہ ٿيندو.

حديث نمبر 472 :

ثَلَاثَةٌ لَا يَدْخُلُونَ الْجَنَّةَ اَلرَّجُلُ يَلْبِسُ لُبْسَةَ الْمَرْأَةِ وَالْمَرْأَةُ تَلْبِسُ لُبْسَةَ الرَّجُلِ وَالدَّيُّوْثُ (بيهقي، شعب الايمان)[1]

ٽي ماڻهو جنت ۾ داخل نہ ٿيندا.

---

[1] حديث نمبر 472: شعب الإيمان للبيهقي فصل في حجاب النساء والتغليظ في سترهن (ج 16/ص 309۔ الرقم: 7556)

Scanned by CamScanner

1. اُهو مرد جيڪو عورتن وارا لباس پهري.
2. اُها عورت جيڪا مردن وارا لباس پهري.
3. ديوث (بي غيرت)

غيرت ئي مردانگي آهي:

حديث نمبر 473:

حضرت علي ڪرم الله وجه چيو ته رسولِ خدا ﷺ فرمايو:

إِنِّيْ لَغَيُوْرٌ وَاللّٰهُ أَغْيَرُ مِنِّيْ وَإِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ مِنْ عِبَادِهِ الْغُيُّوْرِ (طبراني اوسط)[1]

بيشڪ مان محمد ڪريم غيرتمند آهيان ۽ الله مون کان وڌيڪ غيرت وارو آهي ۽ بيشڪ الله تعالي غيرتمند بانهن کي پياروَ رکندو آهي.

حديث نمبر 474:

عُمَرُ غَيُّوْرٌ وَأَنَا أَغْيَرُ مِنْهُ وَاللّٰهُ أَغْيَرُ مِنَّا (طبراني اوسط)[2]

عمر (رضی اللہ عنہ) غيرتمند آهي، مان ان کان وڌيڪ غيرت وارو آهيان ۽ الله اسان کان وڌيڪ غيرت وارو آهي.

حديث نمبر 475:

حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته "تن ماڻهن تي الله تعالي جنت حرام ڪري ڇڏي آهي."

1. شراب جو عادتي 2. پيءُ ماءُ جو بي فرمان 3. ديوثُ (اُهو بي غيرت جيڪو پنهنجي گهروارن وٽ ڏاريو مرد اچڻ کي برو نه سمجهي.) (احمد)[3]

---

[1] حديث نمبر 473: المعجم الأوسط للطبراني من بقية من أول اسمه ميم من اسمه موسى (ج 18/ ص 255۔ الرقم: 8677)
مجمع الزوائد باب الغيرة (ج 4/ ص 327)

[2] حديث نمبر 474: المعجم الأوسط للطبراني، من اسمه: مقدام (ج 19/ ص 336۔ الرقم: 11059)

[3] حديث نمبر 475: أَنَّ رَسُولَ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ ثَلَاثَةٌ قَدْ حَرَّمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمُ الْجَنَّةَ مُدْمِنُ الْخَمْرِ وَالْعَاقُّ وَالدَّيُّوثُ.
مسند أحمد: مُسْنَدُ عَبْدِ اللّٰهِ بْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالَى عَنْهُمَا (ج 11/ ص 153۔ الرقم: 5117)
واخرجه حاكم في المستدرک بلفظ: ثلاثة لا يدخلون الجنة العاق بوالديه والديوث ورجلة النساء
المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب الإيمان (ج 1/ ص 237۔ الرقم: 226)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 476:

رسول الله ﷺ فرمايو تہ "صَقُورَ" جي قيامت واري ڏينهن الله تعاليٰ کابہ عبادت قبول نہ کندو. اصحابن عرض کيو تہ يا رسول الله ﷺ "صَقُورَ" کير آهي؟ پاڻ فرمايائون:

الَّذِي يُدْخِلُ الرَّجُلَ عَلَى أَهْلِهِ (طبرانی)[1]

اُهو ماڻهو جيکو پنهنجي گهرواريءَ وٽ پيا مرد آڻي ٿو.

هک حديث پاک ۾ آهي تہ جڏهن الله پاک جنت ناهي تہ ان جي ٻاهران لکائي ڇڏيائين تہ "هيءَ جاءِ بي غيرت (ديوث) تي حرام آهي." (کتاب الکبائر)

حديث نمبر 477:

إِنَّ اللهَ يَغَارُ وَالْمُؤْمِنُ يَغَارُ وَغَيْرَةُ اللهِ أَنْ يَأْتِيَ الْمُؤْمِنُ مَا حَرَّمَ عَلَيْهِ (ترمذی)[2]

بيشک الله تعاليٰ کي غيرت اچي ٿي، ۽ مومن کي بہ غيرت اچي ٿي، ۽ الله کي غيرت ان ڳالهہ تي اچي ٿي جو مؤمن اُهو ڪم ڪري جيکو الله تعاليٰ متس حرام ڪيو آهي.

---

[1] حديث نمبر 476: المعجم الكبير للطبراني عَنْ مَالِكِ بن أُخَيْمَرٍ (ج 14/ ص 204۔ الرقم: 16009)

شعب الإيمان للبيهقي فصل فيما يقول العاطس في جواب التشميت (ج 22/ ص 211۔ الرقم: 10389)

معرفة الصحابة لأبي نعيم الأصبهاني من اسمه مالك (ج 17/ ص 237۔ الرقم: 5434)

[2] حديث نمبر 477: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الْغَيْرَةِ (ج 4/ ص 399۔ الرقم: 1088)

مسند أبي يعلى الموصلي: مسند أبي هريرة (ج 12/ ص 251. صحيح ابن حبان كتاب البر والإحسان (ج 2/ ص 73۔ الرقم: 292)

Scanned by CamScanner

باب پنجون

ميلاپ جا مسائل

انساني نسل جي بقا لاءِ ۽ هن جهان کي آباد رکڻ لاءِ، الله تبارڪ و تعاليٰ زال ۽ مڙس جي ميلاپ ۾ هڪ لذت ۽ فرحت جي گهڙي رکائي آهي. اُها لذت بهشت جي لذتن جو هن دنيا ۾ هڪ نمونو آهي.

هُوَ الَّذِیْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّ جَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا لِیَسْكُنَ اِلَیْهَا ۚ (الاعراف: ۱۸۹)

الله جي ذات اُها آهي جنهن توهان کي هڪ جان مان پيدا ڪيو ۽ ان مان ان جو جوڙ (زال) پيدا ڪيائين تہ جيئن ان مان سڪون حاصل ڪري.

الله تبارڪ و تعاليٰ مرد ۽ عورت جي اندر ۾ شهوت جي قوت پيدا فرمائي جيڪا بن بدنن کي قريب ڪري ٿي. اڪيون نهارن ٿيون، قلب قرب چاهي ٿو پوءِ جسم جسم کي چُهي ٿو، اڪ لذت حاصل ڪري ٿي، بدن سڪون ۽ فرحت سان سرشار ٿي وڃي ٿو.

واڪثر ما يكون الشوق يوماً * ان دنت الديار من الديار

جنهن ڏينهن گهر گهر جي قريب ٿئي ٿو تہ شوق اڇا وڌي وڃي ٿو.

ميلاپ جا ٽي فائدا سڀ کان وڏا آهن.

1. انساني نسل جو بقاءُ 2. پاڻيءَ (مني) جو نڪرڻ جيڪڏهن اُهو پاڻي رکيل رهي تہ سارو بدن بيمار ٿي پوي ٿو. 3. لذت جو حاصل ٿيڻ.

حڪيم جالينوس جو چوڻ آهي تہ "مني" واري پاڻي تي باهہ ۽ هوا جو اثر هوندو آهي. ان جا اثرات گرم آهن. جيڪڏهن ان جو بدن مان جائز طرح سان اخراج نہ ٿو ٿئي تہ ان سان ردي بيماريون پيدا ٿين ٿيون. جيئن وسواس، چريائي، مرگهي وغيره.

Scanned by CamScanner

صحت لاءِ ضروري اقدام:

بعض بزرگن جو چوڻ آهي تہ انسان کي ٿي ڪم ضرور ڪرڻ گهرجن، انهن ٽن ڪمن کان پاڻ کي نہ روڪجي.

1. **پنڌ ڪرڻ:** ضرورت نہ هجي تڏهن بہ ڪجهہ پنڌ روزانہ ضرور ڪجي. ان سان صحت سالم رهي ٿي. جسم جي اجائي ٿولهہ جو خاتمو ٿئي ٿو. پنڌ ڪرڻ جي ورزش سان جسم تازو ۽ توانو ٿئي ٿو. گهٽو پنڌ ڪرڻ شگر کي ڪنٽرول ۾ آڻي ٿو. بلڊ پريشر کي نارمل ڪري ٿو.

2. **کاڌو کائڻ:** ضرورت محسوس نہ ٻہ ٿئي تہ بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور کائڻ گهرجي چو تہ نہ کائڻ سان آندا سوڙها ۽ معدو سوڙهو ٿي وڃي ٿو.

3. **زال سان ميلاپ:** هي جسماني صحت لاءِ ضروري آهي چو تہ جيڪڏهن کوهہ جي کاتي نہ ڪئي وڃي تہ ان جو پاڻي ختم ٿي وڃي ٿو.

محمد بن زڪريا فرمايو تہ جيڪو ماڻهو ڊگهي عرصي تائين پنهنجي گهرواريءَ سان ميلاپ کان رکجي وڃي ٿو تہ ان جا اعصاب ڪمزور ٿي وڃن ٿا. بدن ٽڏو ٿي وڃي ٿو ۽ جسم بيمار ٿي وڃي ٿو.

پنهنجي گهرواري سان قربت ڪرڻ سان هڪ طرف صحت جي حفاظت ٿئي ٿي تہ ٻئي طرف ان جو الله وٽ اجر ۽ ثواب بہ آهي. تہ صحت سان گڏ ثواب، نگاهہ جي حفاظت، عفت ۽ پاڪدامني ۾ مدد ملي ٿي.

اجر ۽ ثواب:

حديث نمبر 378:

تاجدار دو عالم ﷺ فرمايو تہ:

وَفِي بُضْعِ أَحَدِكُمْ صَدَقَةٌ قَالُوا يَا رَسُولَ اللهِ أَيَأْتِي أَحَدُنَا شَهْوَتَهُ وَيَكُونُ لَهُ فِيهَا أَجْرٌ قَالَ أَرَأَيْتُمْ لَوْ وَضَعَهَا فِي حَرَامٍ أَكَانَ عَلَيْهِ فِيهَا وِزْرٌ فَكَذَلِكَ إِذَا وَضَعَهَا فِي الْحَلَالِ كَانَ لَهُ أَجْرًا (مسلم، نسائی)[1]

---

[1] حديث نمبر 478: صحيح مسلم بَاب بَيَانِ أَنَّ اسْمَ الصَّدَقَةِ يَقَعُ عَلَى كُلِّ نَوْعٍ مِنَ الْمَعْرُوفِ (ج 5/ص 177۔الرقم: 1674)
مسند أحمد (ج 43/ص 474۔الرقم: 20508) السنن الكبرى للبيهقي (ج 4/ص 188) مستخرج أبي عوانة (ج 8/ص 306)

Scanned by CamScanner

زال سان صحبت (ميلاپ جماع) کرڻ ۾ بہ توهان لاءِ اجر آهي. اصحابن عرض کيو تہ يا رسول الله ﷺ هڪ ماڻهو پنهنجي شهوت پوري کري ٿو ڇ ان ۾ بہ ان لاءِ اجر آهي؟ پاڻ فرمايائون ڇا توهان نہ ٿا ڏسو تہ جيڪڏهن کو حرام کاري (زنا) کري تہ ان کي گناهہ ٿيندو اهڙي طرح جيڪڏهن حلال کم (پنهنجي گهرواريءَ سان صحبت) کري ٿو تہ ان ۾ ان لاءِ اجر ۽ ثواب آهي.

حديث نمبر 479 :

حضور نبي کريم ﷺ کنهن اصحابي کي فرمايو تہ ڇا تو اڄ روزو رکيو آهي؟ ۽ صدقو کيو اٿئي؟ چيائين نہ فرمايائون اٿي وڃ گهرواريءَ سان صحبت کر اِهو صدقو آهي ۽ اُهو ڏينهن جمعي جو هيو. (کتاب العيال) [1]

معلوم ٿيو تہ جمعو افضل ڏينهن آهي ان ڏينهن کجهہ نہ کجهہ خيرات کرڻ گهرجي پر جيڪڏهن اُهو نہ ٿئي تہ گهر واري سان صحبت کجي اُهو بہ صدقو آهي.

صحبت جا آداب

1. پردو کرڻ گهرجي:

جڏهن زال ۽ مڙس پاڻ ۾ قرب ونڊڻ لاءِ قريب ٿي وڃن تہ کمري جو دروازو بند کرڻ گهرجي ۽ پنهنجي مٿان کپڙو وجهڻ گهرجي.

حديث نمبر 480:

حضرت ابوهريره رضی الله عنه روايت کئي تہ محبوب عربي ﷺ فرمايو تہ توهان مان جڏهن بہ کو صحبت لاءِ پنهنجي گهرواريءَ ڏانهن اچي تہ اهو پنهنجي مٿان کپڙو وجهي پردو کري جيڪڏهن مٿان کپڙو نہ ٿو ڏيکي تہ حياء جي کري ملائڪ نکري وڃن ٿا ۽ شيطان اچي وڃي ٿو. [2]

---

[1] حديث نمبر 479: مشكل الآثار للطحاوي: (ج 3/ص 354۔الرقم: 1144)

[2] حديث نمبر 480: كذا اخرج الترمذي في السنن بلفظ: عَنْ ابْنِ عُمَرَ أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ إِيَّاكُمْ وَالتَّعَرِّيَ فَإِنَّ مَعَكُمْ مَنْ لَا يُفَارِقُكُمْ إِلَّا عِنْدَ الْغَائِطِ وَحِينَ يُفْضِي الرَّجُلُ إِلَى أَهْلِهِ فَاسْتَحْيُوهُمْ وَأَكْرِمُوهُمْ. سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الِاسْتِتَارِ عِنْدَ الْجِمَاعِ (ج 9/ص 490۔الرقم: 2724)

Scanned by CamScanner

2. ڳجهي ڳالهه ظاهر نه ڪرڻ گهرجي :

حديث نمبر 481:

حضرت محبوب عربي ﷺ جن فرمايو ته :

أَلَا هَلْ رَجُلٌ يُغْلِقُ بَابًا وَيُرْخِي سِتْرًا فَيَقُولُ : فَعَلْتُ بِأَمْرَأَتِي وَفَعَلْتُ ، فَقَامَتْ جَارِيَةٌ فَقَالَتْ : إِي وَاللهِ لَيَقُولُونَ ذَاكَ وَاللهِ إِنَّهُنَّ لَيَقُلْنَ قَالَ : أَفَلَا أُحَدِّثُكُمْ بِمَثَلِ ذَلِكَ ؟ قَالُوا : وَمَا مَثَلُهُ ؟

چا توهان مان کو (ائين به ڪري ٿو ته پنهنجي گهرواري سان مخصوص عمل جي وقت) دروازو به بند ڪري ڇڏي ٿو ۽ دروازي تي پردو به لڙڪائي ڇڏي ٿو پوءِ (پنهنجون ڳجهيون) ڳالهيون ٻاهر ڪري ٿو ته مون پنهنجي زال ائين ائين ڪيو؟ ته هڪ عورت اٿي عرض ڪيائين ها الله جو قسم مرد به ته ائين ڪندا آهن عورتون به ائين ڪنديون آهن (لکل ڳالهيون ٻاهر ڪندا آهن) پاڻ فرمايائون توهان کي ٻڌايان ان جو ڪهڙو مثال آهي؟ عرض ڪيو ويو ها ٻڌايو ان جو مثال ڪيئن آهي؟ پاڻ فرمايائون :

كَمَثَلِ شَيْطَانٍ لَقِيَ شَيْطَانَةً فِي الطَّرِيقِ ، فَوَقَعَ عَلَيْهَا وَالنَّاسُ يَنْظُرُونَ [1]

ان جو مثال ائين آهي جيئن ڪو شيطان وچ رستي تي ڪنهن شيطانڙي سان مليو ۽ ان تي واقع ٿيو ان حال ۾ جو سڀ ماڻهو ڏسي رهيا آهن.

اڄ به گهڻن مردن ۽ عورتن جي اِها عادت آهي جو ڳجهيون ڳالهيون زال مڙس جي وچ ۾ جيڪي راز هوندیون آهن سي يارن دوستن جي وچ ۾ ويهي ڪندا آهن. محبوبن ڪريمن ﷺ اهڙي مرد کي شيطان ۽ ان عورت کي شيطانڙي وانگر ڪري سڏيو آهي. ۽ هن حديث مان اِهو به دليل مليو ته جيڪڏهن ڪمري جي دروازي تي پردو لڙڪايو وڃي ته اهو وڌيڪ بهتر آهي ڇو ته ان ۾ پردو به آهي، گرمي سردي کان بچاءُ به آهي. مڪين ۽ مڃرن کان حفاظت به ٿئي ٿي. باقي ديوارن کي پردن سان ڏکڻ نه گهرجي.

---

[1] الآحاد والمثاني (221/5)

Scanned by CamScanner

زال ۽ مڙس جا راز :

حديث :

حضرت ابو سعيد خُدري رضي الله عنه فرمايو تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ قيامت واري ڏينهن الله پاڪ وٽ وڏي کان وڏي امانت اُها هوندي جو مڙس زال سان ميلاپ ڪري ۽ زال مڙس سان ميلاپ ڪري پوءِ وري اهي ڳجهيون ڳالهيون ظاهر نہ ڪيون وڃن. (بيهقي، شعب الايمان) [1]

میاں عاشق و معشوق رمز سیت کراماکاتبین راہم خبر نیست

3. مقعد (پٺئين ڀ) صحبت نہ ڪجي :

ڪي بدڪردار بد افعال ماڻهو اهڙا بہ آهن جيڪي پنهنجي گهر وارين کي پوئين رستي ڀ صحبت ڪندا آهن اِهو حرام آهي ۽ ڪبيرو گناهہ آهي.

حديث نمبر 482 :

إِنَّ اللَّهَ لَا يَسْتَحْيِي مِنَ الْحَقِّ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ لَا تَأْتُوا النِّسَاءَ فِي أَدْبَارِهِنَّ

(ابن ماجه) [2]

بيشڪ الله تعالي حق بيان ڪرڻ کان حياءُ نہ ٿو ڪري اُهي لفظ ٽي ڀيرا فرمايائون پوءِ فرمايائون تہ پنهنجي زالن کي پويان نہ اچو.

حديث نمبر 483 :

لَا يَنْظُرُ اللهُ عَزَّ وَجَلَّ إِلَى رَجُلٍ جَامَعَ امْرَأَتَهُ فِي دُبُرِهَا (ابن ماجه) [3]

---

[1] حديث : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم إن أعظم الأمانة عند الله عز وجل يوم القيامة الرجل يفضي إلى امرأته وتفضي إليه ثم يفشي سرها. شعب الإيمان للبيهقي فصل في حفظ اللسان عن المفاخرة بالجماع (ج 11/ص 221. الرقم: 5008)
صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ إِفْشَاءِ سِرِّ الْمَرْأَةِ (ج 7/ص 305. الرقم: 2597)
مسند أحمد: مُسْنَدُ أَبِي سَعِيدٍ الْخُدْرِيِّ رَضِيَ اللَّهُ تَعَالَى عَنْهُ (ج 23/ص 273. الرقم: 11228)

[2] حديث نمبر 482 : سنن ابن ماجه (ج 6 / ص 45 . الرقم: 1914) مسند أحمد (ج 44 / ص 328 . الرقم: 20855) السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ص 316 . مصنف ابن أبي شيبة (ج 3/ص 364) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ص 197)

[3] حديث نمبر 483 : سنن ابن ماجه بَاب النَّهْيِ عَنْ إِتْيَانِ النِّسَاءِ فِي أَدْبَارِهِنَّ (ج 6/ص 44. الرقم: 1913)
مسند أحمد: مُسْنَدُ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ (ج 17/ص 218. الرقم: 8176) مصنف ابن أبي شيبة (ج 3/ص 364)

Scanned by CamScanner

ان ماڻهو ڏانهن الله تعاليٰ (رحمت سان) نهاريندو ئي ڪونہ جنهن پنهنجي گهر واريءَ سان پويان ميلاپ ڪيو.

حديث نمبر 484 :

اِتْيَانُ النِّسَاءِ فِيْ أَدْبَارِهِنَّ حَرَامٌ (سنن الكبرىٰ، نسائی)[1]

زالن کي پويان صحبت ڪرڻ حرام آهي.

پويان صحبت ڪرڻ غم ۽ ڏک پيدا ڪري ٿو. زال مڙس مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿين ٿا. چهري جو نور ۽ دل جو سرور ختم ٿي وڃي ٿو. دل جي روشنائي ختم ٿئي ٿي.

يهودين جو نظريو :

يهودي اهو نظريو رکندا هئا تہ جيڪو ماڻهو پنهنجي زال سان اڳئين رستي ۾ پويان کان صحبت ڪري تہ پار ٽيڏا پيدا ٿيندا، پوءِ الله تعاليٰ قرآن ۾ هي آيت نازل فرمائي.

نِسَآؤُكُمْ حَرْثٌ لَّكُمْ ۠ فَأْتُوْا حَرْثَكُمْ اَنّٰى شِئْتُمْ ۪ (البقرة:٢٢٣)

زالون توهان جون پوکون آهن، پنهنجي پوک تي جتان بہ چاهيو اچو.

اڳيان صحبت ڪيو، پويان صحبت ڪيو (اڳئين رستي ۾) پر پوئين رستي کان بچو. حيض ۾ صحبت ڪرڻ کان بچو. بيشڪ الله تعاليٰ حق بيان ڪرڻ کان حياءُ نہ ٿو ڪري پنهنجي زال کي پويان صحبت نہ ڪيو. (سنن الكبرىٰ نسائی)

حديث نمبر 485 :

مَنْ أَتَى النِّسَاءَ فِيْ أَعْجَازِهِنَّ فَقَدْ كَفَرَ (طبرانی)[2]

جو شخص زالن کي پويان صحبت ڪري تہ بيشڪ ان ڪفر ڪيو.

---

[1] حديث نمبر 484: السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ص 319۔الرقم: 8995)

[2] حديث نمبر 485: المعجم الكبير للطبراني، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ (ج 19/ص 286۔الرقم: 700)

المعجم الأوسط للطبراني، من اسمه: مقدام (ج 20/ص 15۔الرقم: 11235)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 486 :

مَلْعُونٌ مَنْ أَتَى امْرَأَةً فِي دُبُرِهَا (ابوداؤد)[1]

اُهو ماڻهو لعنتي آهي جيڪو پنهنجي زال کي پويان اچي.

صحبت جون دعائون :

انسان کي الله تعاليٰ جي ياد کان ڪڏهن به غافل ٿيڻ نه جڳائي، ڏک ۾ سک ۾، رنج و الم ۾، راحت و سکون ۾، هر حال ۾، هر خيال ۾ الله جو يادگيرو هجڻ گهرجي تان جو جڏهن پنهنجي گهرواريءَ سان ميلاپ جي پُر لطف گهڙين ۾ هجي تہ به الله پاڪ کي نہ وساريو. ان وقت به رب ڪريم جو شڪر گذار رهڻ گهرجي.

حديث نمبر 487 :

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ توهان مان جڏهن ڪو پنهنجي گهرواريءَ سان صحبت ڪري تہ هيءَ دعا پڙهي، جيڪڏهن الله ان کي اولاد عطا ڪندو تہ ان تي شيطان مسلط نہ ڪندو نہ ڪو شيطان ان کي ڪو نقصان پهچائي سگهندو.

بِاسْمِ اللهِ اللَّهُمَّ جَنِّبْنِي الشَّيْطَانَ وَجَنِّبِ الشَّيْطَانَ مَا رَزَقْتَنَا

(بخاری ، مسلم)[2]

حضرت امام غزاليرحمة الله عليه "احياء العلوم" ۾ لکيو آهي تہ صحبت کان اول "بسم الله الرحمٰن الرحيم" ۽ "سورة قل هو الله احد" پڙهڻ گهرجي، پوءِ مٿين دعا پڙهجي ۽ جڏهن انزال جو وقت ٿئي تہ دل ۾ هيءَ دعا پڙهجي چپ جُنبن نہ چُرن.

---

[1] حديث نمبر 486 : سنن أبي داود بَاب فِي جَامِعِ النِّكَاحِ (ج 6 / ص 66۔ الرقم: 1847)

مسند أحمد: مُسْنَدُ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ (ج 20 / ص 359۔ الرقم: 9816) السنن الكبرى للنسائي (ج 5 / ص 323)

[2] حديث نمبر 487: صحيح البخاري بَاب مَا يَقُولُ الرَّجُلُ إِذَا أَتَى أَهْلَهُ (ج 16 / ص 150۔ الرقم: 4767)

صحيح مسلم بَاب مَا يُسْتَحَبُّ أَنْ يَقُولَهُ عِنْدَ الْجِمَاعِ (ج 7 / ص 296۔ الرقم: 2591)

مستخرج أبي عوانة باب ذكر الدعاء والترغيب في القول به للزوج الخ (ج 9 / ص 48۔ الرقم: 3480)

مسند أحمد: بِدَايَةُ مُسْنَدِ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ الْعَبَّاسِ (ج 4 / ص 341۔ الرقم: 1809)

Scanned by CamScanner

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَ مِنَ الْمَاءِ بَشَراً فَجَعَلَهٗ نَسَباً وَصِهْراً [1]

صحبت جي وقت قبلہ ڈانهن منهن نہ ڪرڻ گهرجي ۽ تہ اُهو ادب جي خلاف آهي. مڙس کي زال ۽ زال کي مڙس جي شرمگاهہ ڏسڻ کان حذر ڪرڻ گهرجي توڙي جو ڏسڻ جائز آهي پر گهٽي ڏسڻ سان ويسر جي بيماري پيدا ٿئي ٿي.

حديث نمبر 488 :

حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو تہ مون ڪڏهن بہ رسول الله ﷺ جن جي شرمگاهہ نہ ڏٺي هئي. (احمد، ابن ماجه، ترمذی) [2]

6. تڪڙ نہ ڪيو:

حديث نمبر 489:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ جڏهن توهان مان ڪو ماڻهو پنهنجي گهرواريءَ سان ميلاپ ڪري تہ اُن کي مڪمل ڪري. جيڪڏهن زال کان اڳ پنهنجي حاجت پوري ٿي وڃي تہ بہ تڪڙ نہ ڪري ايستائين جو زال بہ پنهنجي حاجت پوري ڪري وٺي. (مسند ابو يعلیٰ) [3]

جڏهن مرد جلد بازي ڪري ٿو ۽ زال جو خيال نہ ٿو ڪري تہ ان زال مڙس جي پاڻ ۾ دل نہ لڳندي ۽ اڪثر انهن جا پاڻ ۾ جهيڙا رهندا.

7. لعنتڻ عورت :

حديث نمبر 490:

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما روايت فرمائي تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ :

---

[1] إحياء علوم الدين ، في آداب الجماع (ج 1 / ص 401)

[2] حديث نمبر 488: عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ مَا نَظَرْتُ أَوْ مَا رَأَيْتُ فَرْجَ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَطُّ

سنن ابن ماجه بَاب النَّهْيِ أَنْ يَرَى عَوْرَةَ أَخِيهِ (ج 2 / ص 340۔ الرقم: 654)

مسند أحمد: حَدِيثُ السَّيِّدَةِ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا (ج 49 / ص 364۔ الرقم: 23208)

[3] حديث نمبر 489: إذا جامع أحدكم أهله فليصدقها ، ثم إذا قضى حاجته قبل أن تقضي حاجتها فلا يعجلها حتى تقضي حاجتها.

مسند أبي يعلى الموصلي: أبو عمران الجوني ، عن أنس (ج 9 / ص 237۔ الرقم: 4091)

Scanned by CamScanner

لَعَنَ اللّٰهُ الْمُسَوِّفَاتِ

"مُسوفات" عورتن تي الله لعنت ڪئي آهي.

صحابہ ڪرام عرض ڪيو تہ يا رسول الله مُسوفات عورتون ڪير آهن؟ پاڻ فرمايائون:

الَّتِي يَدْعُوهَا زَوْجُهَا إِلَى فِرَاشِهَا فَتَقُولُ سَوْفَ حَتَّى تَغْلِبَهُ عَيْنَاهُ

اها عورت جنهن کي مڙس پنهنجي بستري ڏانهن سڏي (صحبت لاءِ) ۽ زال چوي ٿورو ترس، ٿورو ترس تان جو مڙس کي ننڊ کڻي وڃي تہ (ان عورت تي لعنت آهي) پوءِ فرمايائون: زال کي رات گذارڻ حلال نہ آهي جيستائين پنهنجو بدن پنهنجي مڙس کي نہ آڇي. اصحابن عرض ڪيو تہ يا رسول الله پنهنجو بدن پنهنجي مڙس کي ڪيئن آڇي؟ پاڻ فرمايائون تہ:

تَنْزِعُ ثِيَابَهَا وَتَدْخُلُ فِي فِرَاشِهِ حَتَّى تَلْصَقَ جِلْدَهَا بِجِلْدِهِ (طبراني اوسط)[1]

زال پنهنجا ڪپڑا لاهي مڙس جي بستري ۾ داخل ٿئي تان جو ان جي چمڙي مڙس جي بدن سان ملي وڃي.

حديث نمبر 491:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن ڪو مڙس پنهنجي زال کي (صحبت لاءِ) پنهنجي بستري ڏانهن سڏي ٿو ۽ زال انڪار ڪري ٿي ۽ مڙس ڪاوڙجي سمهي پوي ٿو تہ الله جا ملائڪ سڄي رات صبح تائين ان عورت تي لعنت ڪندا رهن ٿا. (بخاري و مسلم)[2]

---

[1] حديث نمبر 490: المعجم الكبير للطبراني عن جَعْفَرُ بن مَيْسَرَةَ الأَشْجَعِيُّ، عَنْ أَبِيهِ (ج 11/ص 384۔الرقم: 905)
المعجم الأوسط للطبراني، من اسمه عبد الله (ج 10/ص 100۔الرقم: 4546)

[2] حديث نمبر 491: عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ إِذَا دَعَا الرَّجُلُ امْرَأَتَهُ إِلَى فِرَاشِهِ فَلَمْ تَأْتِهِ فَبَاتَ غَضْبَانَ عَلَيْهَا لَعَنَتْهَا الْمَلَائِكَةُ حَتَّى تُصْبِحَ. صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ امْتِنَاعِهَا مِنْ فِرَاشِ زَوْجِهَا (ج 7/ص 303۔الرقم: 2596)
صحيح البخاري بَاب إِذَا بَاتَتْ الْمَرْأَةُ مُهَاجِرَةً فِرَاشَ زَوْجِهَا (ج 16/ص 196۔الرقم: 4794)
سنن أبي داود بَاب فِي حَقِّ الزَّوْجِ عَلَى الْمَرْأَةِ (ج 6/ص 43۔الرقم: 1829)
مصنف ابن أبي شيبة (ج 3/ص 398)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 492 :

إِذَا دَعَا الرَّجُلُ زَوْجَتَهُ لِحَاجَتِهِ فَلْتَأْتِهِ، وَإِنْ كَانَتْ عَلَى التَّنُّورِ (مسند احمد)[1]

جيڪڏهن مڙس پنهنجي زال کي پنهنجي حاجت پوري ڪرڻ لاءِ سڏي ته زال کي جلدي اچڻ گهرجي پلي ڪٽي تنور تي (مانين پچائڻ ۾ مشغول) هجي.

8. قاصد :

ميلاپ کان اڳ محبت ۽ قرب جي ڪچهري ڪرڻ گهرجي مُٽين (چمين) سان محبت بيدار ڪجي.

حديث نمبر 493:

سرڪارِ دو عالم ﷺ جن فرمايو ته توهان مان ڪو پنهنجي زال تي ائين نه پوي جيئن جانور پوندا آهن بلڪ زال مڙس ۾ اول ايلچي (قاصد) موڪلڻ گهرجي. صحابہ ڪرام عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ ايلچي ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون چمي ۽ گفتگو.

(احياء العلوم عن المسند الفردوس)2

صحبت جا اوقات :

پنهنجي گهرواريءَ سان صحبت ڪڏهن ڪجي؟ ڪيترن ڏينهن کان پوءِ ڪجي؟ ان جي باري ۾ مختلف رايا آهن.

1) حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ فرمايو ته هن عورتن جي فتني کان بچو متان توهان کي جهاد کان روڪي نه وجهن. هر هڪ پاڪائي ۾ (حيض کان فارغ ٿيڻ بعد) هڪ پيرو زال سان صحبت ڪرڻ ڪافي آهي. هڪ شخص اِها ڳالهہ ٻڌي اچي پنهنجي گهرواريءَ سان ڪئي ته حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ فرمائي ٿو ته :

---

[1] حديث نمبر 492: المعجم الكبير للطبراني عَنْ قَيْسِ بن طَلْقٍ (ج 7/ ص 388. الرقم: 8161)
صحيح ابن حبان باب الهدي (ج 17/ ص 323. الرقم: 4239) مصنف ابن أبي شيبة (ج 3/ ص 399)

[2] حديث نمبر 493: إذا جامع أحدكم أهله فلا يتجردان تجرد العيرين أي الحمارين وليقدم التلطف بالكلام والتقبيل قال رسول الله ﷺ لا يقعن أحدكم على امرأته كما تقع البهيمة وليكن بينهما رسول قيل وما الرسول يا رسول الله قال القبلة والكلام. إحياء علوم الدين: في آداب الجماع (ج 1/ ص 401)

Scanned by CamScanner

هڪ مهيني ۾ هڪ ڀيرو صحبت ڪرڻ ڪافي آهي. زال چيس ته تو کي حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي ڳالهين مان رڳو اِها ڳالهه ياد رهي آهي ڇا؟!!

حضرت يحيٰ بن حيات رحمة الله عليه فرمايو ته منهنجو ڏاڏو ۽ ڏاڏي پاڻ ۾ تڪرار ڪري رهيا هئا. ڏاڏي چيو ته حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جو فرمان آهي ته هڪ مهيني ۾ هڪ دفعو زال سان صحبت ڪرڻ سان ان جو حق ادا ٿي وڃي ٿو ۽ مان ان تي پورو آهيان. ڏاڏيءَ چيو ته ماڻهن کان حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي ڳالهه ئي وسري وئي تون اجا ياد ڪيون وينو آهين. (كتاب العيال)

2) حضرت امام غزالي رحمة الله عليه فرمايو ته هر چئن ڏينهن بعد صحبت ڪرڻ گهرجي ڇو ته عورتن جو تعداد چئن تائين هوندو آهي. ان کان گهٽ زياده به ٿي سگهي ٿو. اصل ڳالهه عورت کي پاڪدامن رکڻ جي آهي، جنهن ۾ ان جي حاجت پوري ٿئي ۽ اڄ اجهامندي رهي. (احياء العلوم) 1

3) حضرت علي ۽ حضرت ابوهريره رضي الله عنهم کان مروي آهي ته ٽن راتين ۾ صحبت ڪرڻ مڪروهه آهي.

1. اسلامي مهيني جي پهرئين رات 2. وچين رات يعني پندرهين جي رات. 3. آخري رات ڇو ته انهن راتين ۾ شيطان صحبت جي وقت قريب ٿي ويندو آهي. (احياء العلوم)2

4. گهٽي بک وقت صحبت نه ڪجي ڇو ته ان سان قوت ڪمزور ٿئي ٿي.

5. ڏاول پيٽ وقت صحبت نه ڪجي.

6. صحبت ان وقت ڪجي جڏهن شهوت عروج تي هجي.

7. ڪراڙي جهور زال سان گهٽي صحبت کان پرهيز ڪجي.

8. ڪلي آسمان هيٺان صحبت ڪرڻ کان بچڻ گهرجي.

9. بيمار زال سان صحبت ڪرڻ ۾ نقصان جو انديشو آهي.

---

[1] إحياء علوم الدين (ج 1 / ص 101)

[2] إحياء علوم الدين (ج 1 / ص 401)

Scanned by CamScanner

10. مرد هيڻان ۾ عورت مٿان هجي ائين ميلاپ نہ ڪجي. ان سان ڪيئي بيماريون پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي.

11. ڪنهن بہ غير طبعي نموني سان صحبت نہ ڪجي، جيئن پويان صحبت ڪرڻ وغيره ائين ڪرڻ سان بيحد و حساب نقصانن جو خطرو هوندو آهي. مثلاً زال مڙس جي وچ ۾ نفرت پيدا ٿئي ٿي، پاڻ ۾ جهيڙو فساد ڪڙو ٿئي ٿو. نعمتن جو زوال ۽ غمن جي آمد ٿئي ٿي. حياءِ شرم ختم ٿي وڃي ٿو.

12. گهٽي ٽڪاوٽ مهل بہ صحبت نہ ڪجي.

13. گهٽي غم الم وقت يا گهٽي خوشيءَ مهل بہ صحبت نہ ڪجي، بلڪ جڏهن طبيعت معتدل هجي تڏهن ميلاپ ڪجي.

14. بهتر وقت آهي آڌي رات بعد صحبت ڪجي.

نقصانڪار صحبت :

نقصانڪار صحبت جا بہ قسم آهن:

1. ديني نقصان 2. جسماني نقصان.

1. **دين کي نقصان** : پهچائيندڙ صحبت اُها آهي جنهن کان الله ۽ ان جي رسول ﷺ جن منع ڪئي هجي. مثلاً احرام جي حالت ۾، روزي جي حالت ۾، اعتڪاف جي وقت ۽ حيض و نفاس ۾ پٽئين رستي ۾ وغيره.

2. **جساماني نقصان** : واري صحبت اُها آهي جنهن کان طبيبن، حڪين ۽ دانائن منع ڪئي آهي. مثلاً پويان صحبت ڪرڻ، عورت کي پنهنجي مٿان سوار ڪرڻ وغيره.

گهٽي صحبت :

حد کان وڌيڪ صحبت ڪرڻ بہ صحت لاءِ هاڃيڪار آهي.

1. گهٽي صحبت سان قوت ختم ٿي وڃي ٿي.
2. اعصابن جي ڪمزوري پيدا ٿئي ٿي.
3. بدن ۾ رعشو (رڪٽي) پيدا ٿئي ٿي.
4. فالج، تشنج جهڙيون بيماريون پيدا ٿين ٿيون.

Scanned by CamScanner

5. اکين جي نظر گهٽجي وڃي ٿي.

زال کي مڙس مان ۽ مڙس کي زال مان ڪڏهن به ڏوڻ نه ٿو ٿي سگهي.

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو ته :

حديث نمبر 494 :

أَرْبَعٌ لَا يَشْبَعْنَ مِنْ أَرْبَعٍ أَرْضٌ مِنْ مَطَرٍ وَأُنْثَى مِنْ ذَكَرٍ وَعَيْنٌ مِنْ نَظَرٍ وَعَالِمٌ مِنْ عِلْمٍ (ذكر الحاكم فى تاريخ نيسابور من حديث ابى هريرة يرفعه)[1]

چار شيون چئن شين مان نه ٿيون ڏاپن :

1. زمين مينهن مان. 2. عورت مرد مان. 3. اک نظر مان. 4. عالم علم مان.

جالينوس جو قول :

حڪيم جالينوس پنهنجي دوستن کي چيو ته چار ڪم پاڻ تي لازم ڪيو ۽ تن ڳالهين کان بچندا رهو ته توهان هميشه صحتمند رهندؤ، توهان کي ڪنهن طبيب وٽ وڃڻ جي ضرورت نه پوندي. 1. سٽپ ڪائڻ 2. خوشبو لڳائڻ 3. حلوو ڪائڻ 4. وهنجڻ پاڻ تي لازم ڪيو. 1. دونهون 2. ڏوڙ 3. بدبوءِ کان بچندا رهو.

حيض و نفاس وقت زال سان همبستري :

عورت کي هر مهيني جيڪو خون ايندو آهي ان کي حيض چئبو آهي. ان جي مدت گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون آهن ۽ وڌ ۾ وڌ مدت ڏهه ڏينهن ڏهه راتيون آهن. ٽن ڏينهن کان گهٽ يا ڏهن ڏينهن کان وڌيڪ خون اچي ته اها استحاضه (بيماري) آهي. ۽ عورت جڏهن ٻار ڄڻيندي آهي ته ان کان پوءِ جيڪو خون ايندو آهي ان کي نفاس چئبو آهي. ان جي وڌ ۾ وڌ مدت چاليهه ڏينهن آهي، ان کان وڌيڪ اچي ته اُها بيماري آهي. استحاضه (بيماري) جي حالت ۾ عورت صرف هڪ پيرو غسل ڪري پوءِ نماز به پڙهندي سگهي ٿي ۽ روزا به رکي سگهي ٿي ۽ پنهنجي مڙس سان ملي به سگهي ٿي.

---

[1] حديث نمبر 494 : حلية الأولياء (ج 1/ص 336) كشف الخفاء (ج 1/ص 107۔ الرقم: 309) المقاصد الحسنة، حرف الهمزة (ج 1/ص 26) الدرر المنتثرة في الأحاديث المشتهرة (ج 1/ص 2)

Scanned by CamScanner

حيض و نفاس جي حالت ۾ زال مڙس جو ميلاپ وڏو گناهه آهي.

حديث نمبر 495 :

مَنْ أَتَىٰ حَائِضًا أَوْ اِمْرَأَةً فِيْ دُبُرِهَا فَقَدْ كَفَرَ

جيڪو ماڻهو حيض واري زال سان صحبت ڪري يا پنهنجي زال سان پويان صحبت ڪري تہ بيشڪ ان ماڻهو ڪفر ڪيو. (سنن الكبرىٰ، نسائي)[1]

يهودين جو دستور هو تہ جڏهن زال کي حيض ايندو هيو تہ ان سان نہ کائيندا هئا نہ پيئندا هئا، نہ صحبت ڪندا هئا، نہ وري گهرن ۾ گڏ رهائيندا هئا. پوءِ صحابہ ڪرام محبوب ڪريمن ﷺ جن کان حيض واري زال بابت پڇا ڪئي تہ قرآن ۾ هيءَ آيت نازل ٿي:

وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْمَحِيْضِ قُلْ هُوَ اَذًى فَاعْتَزِلُوا النِّسَآءَ فِي الْمَحِيْضِ وَلَا تَقْرَبُوْهُنَّ حَتّٰى يَطْهُرْنَ ۚ (البقرة:٢٢٢)

ءِ توهان کان حيض جو حڪم پڇن ٿا، اوهان فرمايو تہ اُها پليتي آهي، سو حيض جي ڏينهن ۾ عورتن کان پري رهو، ءِ انهن سان قربت نہ ڪيو جيستائين پاڪ نہ ٿين.

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ :

"اِفْعَلُوْا كُلَّ شَيْءٍ إِلَّا الْجِمَاعَ" (نسائي سنن الكبرىٰ)[2]

صحبت کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهہ پلي ڪري سگهو ٿا.

يعني حيض واري زال سان گڏ کائڻ پيئڻ، سمهڻ، پاڪر پائڻ، چمي ڏيڻ سڀ جائز آهي صرف ميلاپ نہ ڪجي.

---

[1] حديث نمبر 495: السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ص 323۔ الرقم: 9016)
مصنف ابن أبي شيبة (ج 3/ص 364)

[2] حديث: السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ص 346)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 496 :

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ هڪ شخص حيض جي حالت ۾ پنهنجي گهرواريءَ سان صحبت ڪري ويٺو، پوءِ اُها ڳالهہ حضور ﷺ سان ڪيائين. پاڻ فرمايائون "اڌ دينار خيرات ڪر ڇڏ." (سنن الكبريٰ، نسائي) [1]

تڙ سان ننڍ ڪرڻ :

جيڪڏهن مڙس پنهنجي گهرواري سان ملي تہ هي مستحب آهي تہ ان مهل ئي غسل ڪري ڇڏي پر جيڪڏهن تڙ واري حالت ۾ ڪجهہ ڪائي يا پيئي يا ننڍ ڪري تہ اول پنهنجي اگهڙ کي ڏوئي پوءِ وضو ڪري جيئن نماز لاءِ وضو ڪبو آهي. پوءِ ڪائي پي سگهي ٿو ءِ ننڍ بہ ڪري سگهي ٿو.

حديث نمبر 497 :

حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ محبوبن ڪريمن کان پڇيو تہ ڇا اسان مان ڪو ماڻهو تڙ سان ننڍ ڪري سگهي ٿو؟

فَأَمَرَهُ أَنْ يَّغْسِلَ فَرْجَهُ وَيَتَوَضَّأَ (السنن الكبرى للنسائي) [2]

پاڻ ﷺ شرمگاهہ کي ڏوئڻ ءِ وضو ڪرڻ جو امر ڪيائون.

پيو پيرو ميلاپ :

حديث نمبر 498 :

حضرت رسول ڪريم ﷺ فرمايو تہ جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي گهرواريءَ سان صحبت ڪري ڇڪو وري پيو پيرو ميلاپ ڪرڻ چاهي تہ پنهنجي شرمگاهہ کي ڏوئي پوءِ ميلاپ ڪري. (مسند ابو يعلى) [3]

---

[1] حديث نمبر 496: عَنْ ابْنِ عَبَّاسٍ عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي الَّذِي يَأْتِي امْرَأَتَهُ وَهِيَ حَائِضٌ قَالَ يَتَصَدَّقُ بِدِينَارٍ أَوْ نِصْفِ دِينَارٍ. سنن أبي داود بَاب فِي إِتْيَانِ الْحَائِضِ (ج 1 / ص 336۔ الرقم: 230) السنن الكبرى للنسائي (ج 5 / ص 346۔ الرقم: 9098)

[2] حديث نمبر 497: السنن الكبرى للنسائي (ج 5 / ص 334۔ الرقم: 9063)

[3] حديث نمبر 498: عن أبي سعيد الخدري ، عن النبي ﷺ في الذي يجامع ثم يريد أن يعود فليتوضأ مسند أبي يعلى الموصلي (ج 3 / ص 173۔ الرقم: 1129) السنن الكبرى للبيهقي (ج 1 / ص 203) مصنف عبد الرزاق (ج 1 / ص 276۔ الرقم: 1062)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 499 :

هڪ ماڻهو حبيب ڪريم ﷺ کان پڇيو تہ حيض واري زال سان مڙس کي ڇا جائز آهي؟ فرمايائون دن کان مٿين حصي مان نفعو وٺڻ جائز آهي. (طبراني)[1]

چُمي :

پنهنجي منڪوحہ گهر واري کي چميون ڏيڻ بہ عبادت آهي. چمي محبت جي علامت آهي، ڪنهن چيو آهي تہ : Kiss is a key which opens the lock of love.

چمي اهڙي ڪنجي آهي جيڪا پيار ۽ محبت جو قلف کولينديِ آهي.

حديث نمبر 500 :

حضرت امان عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو تہ حضور نبي ڪريم ﷺ جن مون کي چمي ڏيڻ لاءِ قريب ٿيا. مون عرض ڪيو آءٌ روزيدار آهيان. پاڻ فرمايائون آءٌ بہ روزيدار آهيان پوءِ پاڻ مون کي چمي ڏنائون.[2]

عورتن ۾ حياءُ :

حديث نمبر 501 :

حضرت ابوهريره رضي الله عنه چيو رسول الله ﷺ فرمايو تہ زال کي مرد کان نوانوي (99) دفعا وڌيڪ لذت جا جزا عطا ڪيا ويا آهن پر الله تعاليٰ انهن تي حياءُ (جي چادر) وجهي ڇڏي آهي. (بيهقي)[3]

---

[1] حديث نمبر 499: جاءت امرأة إلى رسول الله ﷺ تسأله مايحل للرجل من امرأته وهي حائض فقال ما فوق السرة المعجم الأوسط للطبراني. من اسمه أحمد (ج 3/ ص 439. الرقم: 1478) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ ص 191) واخرجه مالك في المؤطأ بلفظ: أَنَّ رَجُلًا سَأَلَ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ فَقَالَ مَا يَحِلُّ لِي مِنْ امْرَأَتِي وَهِيَ حَائِضٌ فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ لِتَشُدَّ عَلَيْهَا إِزَارَهَا ثُمَّ شَأْنَكَ بِأَعْلَاهَا. موطأ مالك بَاب مَا يَحِلُّ لِلرَّجُلِ مِنْ امْرَأَتِهِ وَهِيَ حَائِضٌ (ج 1/ ص 172. الرقم: 114)

[2] حديث نمبر 500: عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ أَهْوَى إِلَيَّ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ لِيُقَبِّلَنِي فَقُلْتُ إِنِّي صَائِمَةٌ قَالَ وَأَنَا صَائِمٌ مسند أحمد (ج 51/ ص 29. الرقم: 23873) مصنف عبد الرزاق (ج 4/ ص 183) السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ ص 353. الرقم: 9131)

[3] حديث نمبر 501: قال رسول الله صلى الله عليه وسلم فضلت المرأة على الرجل بتسعة وتسعين جزءا من اللذة ولكن الله عز وجل ألقى عليهن الحياء. شعب الإيمان للبيهقي. باب الحياء (ج 16/ ص 228. الرقم: 7478)

Scanned by CamScanner

ابن قيم جو قول :

جنهن ماڻهوءَ کي تڙ پوي ۽ غسل ڪرڻ کان اڳ گهرواريءَ سان ميلاپ ڪري ۽ ان صحبت مان ان کي چريو ٻار جمي تہ ٻئي کنهن کي ميار نہ ڏئي. (زاد المعاد)

ٽن ماڻهن جي نماز قبول ناهي :

حديث نمبر 502 :

حضرت نبي پاڪ صاحب لولاڪ ﷺ فرمايو تہ ٽي ماڻهو اهڙا آهن جن جي نماز انهن جي مٿن کان مٿي نہ ٽي وڃي. (الله جي بارگاهہ ۾ شرفِ قبوليت حاصل نہ ٽي ڪري.)

1. اُهو ٻانهو جيڪو پنهنجي آقا کان ڀڄي نڪتو جيستائين موٽي اچي پنهنجو هٿ آقا جي هٿ ۾ ڏئي.

2. اُها عورت جنهن مڙس کي ناراض ڪيو آهي جيستائين مڙس ان تي راضي ٿئي.

3. ۽ اهڙو امام جيڪو اهڙي قوم جي امامت ڪري جيڪا کيس ناپسند ڪري ٿي. (طبراني اوسط) [1]

ڀڄندڙ غلام ۽ مڙس کي ناراض ڪرڻ واري زال ۽ زبردستي امامت ڪرڻ وارو پيش امام جنهن کي جماعتي ماڻهو پسند ڪن تہ ڪن پوءِ ڪ جاءِ نماز سان چنبڙيو پيو هجي، انهن ٽنهين جي نماز مٿي کان مٿي نہ ٽي چڙهي.

ڏهہ بدبخت ماڻهو :

حديث نمبر 503 :

حضرت براء بن عازب رضی اللہ عنہ کان روايت آهي چوي ٿو رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ هِن امت جي ڏهہ ماڻهن الله سان ڪفر ڪيو:

1. قاتل 2. جادوگر 3. ديوث (بي غيرت) 4. زال کي پويان صحبت ڪندڙ
5. زڪوات نہ ادا ڪندڙ 6. طاقت هوندي ڪ حج جي سعادت کان محروم شخص

---

[1] حديث نمبر 502: قَالَ رَسُولُ اللهِ ﷺ ثَلَاثَةٌ لا تُجَاوِزُ صَلَاتُهُمْ رُؤُوسَهُمِ الْعَبْدُ الآبِقُ وَالْمَرْأَةُ تَبِيتُ وَزَوْجُهَا عَلَيْهَا سَاخِطٌ وَإِمَامٌ أَمَّ قَوْمًا وَهُمْ لَهُ كَارِهُونَ. سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِيمَنْ أَمَّ قَوْمًا وَهُمْ لَهُ كَارِهُونَ (ج 2/ص 99۔ الرقم: 328)
المعجم الكبير للطبراني عَنْ أَبِي أُمَامَةَ الباهلي (ج 7/ص 330۔ الرقم: 8016) مصنف ابن أبي شيبة (ج 3/ص 399)

Scanned by CamScanner

7. شرابي 8. فتنہ باز 9. کافرن کي هٿيار وکرو ڪندڙ 10. حرام عورت سان نڪاح ڪندڙ (جامع الصغير للسيوطي)[1]

ڪڏڻ جي بيان ۾ :

ٽين جنس يعني ڪڏڙا جيڪي زنانو لباس پائي عورتن سان مشابهت ڪري هلندا آهن، انهن کي گهر ۾ اچڻ نہ ڏيو. حضرت مرشد ڪريم پير الاهي بخش رحمة الله عليہ نَوَرالله مرقده فرمائيندا هئا تہ رول عورت جيڪا دربدر رلندي وتي ان کي بہ گهر ۾ اچڻ نہ ڏيو جو تہ ان جو گهر ۾ اچڻ، رهڻ وبهڻ، خطري کان خالي نہ آهي، متان نيڪ عورتن کي بہ خراب نہ بنائي ڇڏي.

حديث نمبر 504 :

لَا يَدْخُلُ بَيْتَكَ اِلَّا تَقِي (طبراني اوسط)[2] تنهنجي گهر ۾ نہ داخل ٿين مگر پرهيزگار.

حديث نمبر 505 :

حضرت بيبي ام سلمہ رضي الله عنها فرمايو تہ هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن آيا، هڪ ڪڏڙي جو آواز ٻڌائون جيڪو حضرت عبدالله بن اميہ رضي الله عنه کي چئي رهيو هيو تہ جيڪڏهن سياڻي الله تعالي طائف فتح ڪرائي ڏئي تہ مان تو کي هڪ اهڙي عورت ٻڌائيندس جيڪا جڏهن سامهون اچي ٿي تہ ان کي چار وَرَ پون ٿا، واپس وڃي ٿي تہ آٺ وَرَ پونس ٿا (ان عورت جي حُسن جي تعريف ڪيائين). جڏهن محبوبن ڪريمن اُهو ٻڌيو تہ فرمايائون تہ :

أَخْرِجُوهُ مِنْ بُيُوتِكُمْ هن کي پنهنجي گهرن مان ڪيو. (ابن ماجه)[3]

---

[1] حديث نمبر 503: كفر بالله العظيم عشرة من هذه الأمة الغال و الساحر و الديوث و ناكح المرأة في دبرها و شارب الخمر و مانع الزكاة و من وجد سعة و مات و لم يحج و الساعي في الفتن و بائع السلاح من أهل الحرب و من نكح ذات محرم منه. (قال الشيخ ناصر الدين الألباني هذا حديث ضعيف)
صحيح وضعيف الجامع الصغير (ج 20/ص 245۔الرقم: 9673)

[2] حديث نمبر 504: المعجم الأوسط للطبراني من بقية من أول اسمه ميم من اسمه موسى (ج 18/ص 254۔الرقم: 8676)

[3] حديث نمبر 505: سنن ابن ماجه بَاب فِي الْمُخَنَّثِينَ (ج 6/ص 16۔الرقم: 1892)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 506 :

حضرت صفوان بن اميه رضي الله عنه فرمايو ته اسان رسول الله صلي الله عليه وسلم جن وٽ وينا هئاسين ته عَمرُو بن مُرّه حضور جي خدمت ۾ آيو، عرض ڪيائين يا رسول الله ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته الله تعاليٰ منهنجي تقدير ۾ بدبختي ڪي لکي ڇڏيو آهي جو مون وٽ دف وڄائي ڪائڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪمائي جو ذريعو نه آهي. مون کي ڳائڻ جي اجازت ڏيو منهنجو ڳائڻ فحش نه هوندو. پاڻ ڪريمن فرمايو ته نه مان تو کي ڳائڻ جي اجازت ڏيندس، نه مان تو کي عزت ڏئي تنهنجي اکين کي ٺڏو ڪندس. اي خدا جا دشمن! تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين. الله تعاليٰ تو کي حلال ۽ پاڪ رزق ڏئي ٿو پر تون ان جي بجاءِ حرام رزق کي اختيار ڪرين ٿو. جيڪڏهن مان اڳ ۾ تو کي منع ڪري چڪو هجان ها ته اڄ تو کي سزا ڏيان ها، اٿي وڃ مون وٽان ۽ الله اڳيان توبه ڪر ۽ آئينده جيڪڏهن ائين ڪيئي ته آءٌ تو کي سخت سزا ڏيارينديس. تنهنجو مٿو ڪوڙائي تنهنجو مٿلو بنائيندس. تنهنجي قوم ڪان تو کي ڪيندس ۽ تنهنجو سامان ماڻهن لاءِ حلال ڪندس (ته جيئن ان کي لُٽي وڃن). پوءِ عمرو اٿيو ۽ ان جي اهڙي ذلت ۽ رسوائي ٿي جو ان کي الله ڪان سواءِ ٻيو نه ٿو ڄاڻي. جڏهو اُهو هليو ويو ته پاڻ فرمايائون اِهي ئي بي فرمان ماڻهو آهن. جيڪڏهن انهن مان ڪو بنا توبه جي مري وڃي ته الله تعاليٰ ان کي قيامت واري ڏينهن ائين کڙو ۽ اڳاڙو ڪري اٿارينديو جيئن اُهو دنيا ۾ هيو ته ماڻهن کان پنهنجي اگهڙ نه لڪائيندو هيو جڏهن اُهو اٿندو ته وري ڪري پوندو. (ابن ماجه) 1

---

[1] حديث نمبر 506: صَفْوَانَ بْنَ أُمَيَّةَ قَالَ كُنَّا عِنْدَ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَجَاءَ عَمْرُو بْنُ مُرَّةَ فَقَالَ يَا رَسُولَ اللَّهِ إِنَّ اللَّهَ قَدْ كَتَبَ عَلَيَّ الشِّقْوَةَ فَمَا أُرَانِي أُرْزَقُ إِلَّا مِنْ دُفِّي بِكَفِّي فَأْذَنْ لِي فِي الْغِنَاءِ فِي غَيْرِ فَاحِشَةٍ فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَا آذَنُ لَكَ وَلَا كَرَامَةَ وَلَا نُعْمَةَ عَيْنٍ كَذَبْتَ أَيْ عَدُوَّ اللَّهِ لَقَدْ رَزَقَكَ اللَّهُ طَيِّبًا حَلَالًا فَاخْتَرْتَ مَا حَرَّمَ اللَّهُ عَلَيْكَ مِنْ رِزْقِهِ مَكَانَ مَا أَحَلَّ اللَّهُ عَزَّ وَجَلَّ لَكَ مِنْ حَلَالِهِ وَلَوْ كُنْتُ تَقَدَّمْتُ إِلَيْكَ لَفَعَلْتُ بِكَ وَفَعَلْتُ قُمْ عَنِّي وَتُبْ إِلَى اللَّهِ أَمَا إِنَّكَ إِنْ فَعَلْتَ بَعْدَ التَّقْدِمَةِ إِلَيْكَ ضَرَبْتُكَ ضَرْبًا وَجِيعًا وَحَلَقْتُ رَأْسَكَ مُثْلَةً وَنَفَيْتُكَ مِنْ أَهْلِكَ وَأَحْلَلْتُ سَلَبَكَ نُهْبَةً لِفِتْيَانِ أَهْلِ الْمَدِينَةِ فَقَامَ عَمْرٌو وَبِهِ مِنَ الشَّرِّ وَالْخِزْيِ مَا لَا يَعْلَمُهُ إِلَّا اللَّهُ فَلَمَّا وَلَّى قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ هَؤُلَاءِ الْعُصَاةُ مَنْ مَاتَ مِنْهُمْ بِغَيْرِ تَوْبَةٍ حَشَرَهُ اللَّهُ عَزَّ وَجَلَّ يَوْمَ الْقِيَامَةِ كَمَا كَانَ فِي الدُّنْيَا مُخَنَّثًا عُرْيَانًا لَا يَسْتَتِرُ مِنَ النَّاسِ بِهُدْبَةٍ كُلَّمَا قَامَ صُرِعَ.

سنن ابن ماجه بَاب الْمُخَنَّثِينَ (ج 8 / ص 40 ـ الرقم: 2603)

شعب الإيمان للبيهقي باب في إخلاص العمل لله (ج 14 / ص 345 ـ الرقم: 6553)

Scanned by CamScanner

باب ڇهون

پردو فضائل و مسائل

عورت لفظ جي معنيٰ آهي اگهڙ. عورت جو بدن اگهڙ، وار اگهڙ، ڳالهائڻ اگهڙ آهي. انڪري الله پاڪ عورت کي پردي ۾ رهڻ جو حڪم فرمايو آهي. عورت جو بي پرده ٿي نڪرڻ سراسر فتنو آهي، دين ۽ دنيا جو نقصان آهي. پنهنجي قيمتي شيءِ کي هر ڪو محفوظ رکندو آهي نه ڪه رستي گلي ۾ ڪڍي ڇڏيندو آهي.

حديث نمبر 507 :

حضرت مرتضيٰ علي شاهه رضي الله عنه فرمايو ته هڪ ڏينهن حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن مون کان پڇيو ته اي علي عورتن لاءِ ڪهڙي شيءِ بهتر آهي؟ ان مهل منهنجي سمجهه ۾ نه آيو ته ڪهڙو جواب ڏيان. پوءِ موتي گهر آيس ۽ حضرت فاطمه الزهراء رضي الله عنها سان اِها ڳالهه ڪيم فرمايائين تو هيئن چو نه چيو :

اَلاَّ يَرَيْنَ الرِّجَالَ وَلَا يَرَوْنَهُنَّ

عورتن لاءِ اِها چيز بهتر آهي جو نه اُهي مردن کي ڏسن نه وري مرد انهن کي ڏسن.

حضرت علي رضي الله عنه فرمايو ته پوءِ مون اُها ڳالهه اچي سهٽي حبيب ڪريم ﷺ سان ڪئي ته فاطمة الزهراء رضي الله عنها هينئن چيو آهي. پاڻ فرمايائون :

اِنَّهَا بَضْعَةٌ مِّنِّيْ : فاطمه منهنجي بدن جو ٽڪرو آهي. (طبراني، شفا شريف) 1

بيشڪ عورت جي بهتري ان ڳالهه ۾ آهي ته پنهنجي گهر ۾ رهي پنهنجو حُسن ۽ زيبائش ظاهر نه ڪري. الله پاڪ فرمايو ته :

---

1 حديث نمبر 507: البحر الزخار مسند البزار مسند علي بن أبي طالب (ج 2/ص 199۔ الرقم: 491)
مجمع الزوائد ومنبع الفوائد باب أي شيء خير للنساء (ج 2/ص 179)
إحياء علوم الدين (ج 1/ص 398)

Scanned by CamScanner

وَلَا يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا مَا ظَهَرَ مِنْهَا ○ (النور: ۳۱)

پنهنجي زينت کي ظاهر نه ڪن مگر جيڪا پاڻ ئي ظاهر آهي.

”مَا ظَهَرَ مِنْهَا“ مان مراد ڇا آهي؟

حضرت عبدالله رضي الله عنه فرمايو ته ڪپڑا ۽ جُتي مراد آهي.

حضرت حسن رضي الله عنه فرمايو ته مُنهن ۽ ڪپڑا ظاهر آهن.

حضرت سعيد بن جُبير رضي الله عنهما فرمايو ته سرمون ۽ منڊي مراد آهي.

حضرت عطا فرمايو ته ميندي ۽ منڊي مراد آهي.

وَلَا يَضْرِبْنَ بِاَرْجُلِهِنَّ ۽ پنهنجا پير (زمين تي زور سان) نه هڻن.

يعني محفل مان لنگهندي پيرن ۾ پاتل جهنڪار يا گهنگهرو جو آواز ظاهر نه ڪن متان ماڻهو انهن ڏانهن متوجهه ٿين.

حديث نمبر 508 :

حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها فرمايو ته هڪ ڏينهن حضرت رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جن مسجد شريف ۾ ويٺا هئا. مُزينه قبيلي جي هڪ عورت هار سينگار ڪري مسجد ۾ آئي. پاڻ فرمايائون اي انسانو! پنهنجي زالن کي مسجد ۾ سينگار ڪري اچڻ کان منع ڪيو چو ته بني اسرائيل تي ايستائين لعنت نه ڪئي وئي هئي جيستائين انهن جون زالون مسجدن ۾ سينگار ڪري فخر سان نه اچڻ لڳيون. (ابن ماجه) 1

عورتن لاءِ سڀ کان سٺي ڳالهه انهن جو گهرن ۾ رهڻ آهي. جيئن حديث شريف ۾ اچي ٿو رسول الله صلى الله عليه وسلم فرمايو:

---

1 حديث نمبر 508: عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ بَيْنَمَا رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جَالِسٌ فِي الْمَسْجِدِ إِذْ دَخَلَتْ امْرَأَةٌ مِنْ مُزَيْنَةَ تَرْفُلُ فِي زِينَةٍ لَهَا فِي الْمَسْجِدِ فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَا أَيُّهَا النَّاسُ انْهَوْا نِسَاءَكُمْ عَنْ لُبْسِ الزِّينَةِ وَالتَّبَخْتُرِ فِي الْمَسْجِدِ فَإِنَّ بَنِي إِسْرَائِيلَ لَمْ يُلْعَنُوا حَتَّى لَبِسَ نِسَاؤُهُمْ الزِّينَةَ وَتَبَخْتَرْنَ فِي الْمَسَاجِدِ.

سنن ابن ماجه بَاب فِتْنَةِ النِّسَاءِ (ج 12/ ص 4. الرقم: 3991)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 509 :

خَيْرُ مَسَاجِدِ النِّسَاءِ قَعْرُ بُيُوتِهِنَّ (احمد)[1]

زالن جي لاءِ پلي مسجد انهن جي گهرن جا ترا آهن.

عورتن جي حڪومت :

مرد کي الله پاڪ کيترين ئي اهڙين خوبين عطا ڪيون آهن جن جي سبب مرد عورت مٿان حاڪم بنايو ويو آهي. نبوت، امامت، اقامت، جهاد، جمعي ۽ حڪمراني مردن جو حق آهي.

حديث نمبر 510:

لَنْ يُّفْلِحَ قَوْمٌ يَمْلِكُ أَمْرَهُمْ اِمْرَأَةٌ (طبراني اوسط)[2]

اُها قوم ڪڏهن به فلاح نه حاصل ڪندي جنهن قوم ۾ حاڪم عورت هجي.

نابينا کان پردو :

حديث نمبر 511:

هڪ ڏينهن حضرت بيبي اُم سلمه ۽ بيبي ميمونه رضي الله عنهما ٻئي گهرواريون سهٽي حبيب ڪريم ﷺ سان گڏ ويٺيون هيون ۽ پردي جو حڪم به نازل ٿي چڪو هيو. حضرت عبدالله بن اُم مڪتوم رضي الله عنه نابينا اصحابي سامهون آيو. حضور ﷺ جن ٻنهي گهروارين کي پردي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ام المومنين عرض ڪيو :

---

[1] حديث نمبر 509 : مسند أحمد: حَدِيثُ أُمِّ سَلَمَةَ زَوْجِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ (ج 53/ص 493۔الرقم: 25331)

السنن الكبرى للبيهقي، باب خير مساجد النساء قعر بيوتهن (ج 3/ص 131)

المستدرك على الصحيحين للحاكم، كتاب الإمامة (ج 2/ص 261۔الرقم: 712)

صحيح ابن خزيمة (ج 6/ص 254۔الرقم: 1591) مسند الشهاب القضاعي (ج 4/ص 390۔الرقم: 1157)

[2] حديث نمبر 510: المعجم الأوسط للطبراني من اسمه: عبد الوارث (ج 11/ص 76۔الرقم: 5012)

اخرجه البخاري في الصحيح بلفظ: لَنْ يُفْلِحَ قَوْمٌ وَلَّوْا أَمْرَهُمُ امْرَأَةً

صحيح البخاري بَاب كِتَابِ النَّبِيِّ ﷺ إِلَى كِسْرَى وَقَيْصَرَ (ج 13/ص 337۔الرقم: 4073)

سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي النَّهْيِ عَنْ سَبِّ الرِّيَاحِ (ج 8/ص 217۔الرقم: 2188)

سنن النسائي النَّهْيُ عَنْ اسْتِعْمَالِ النِّسَاءِ فِي الْحُكْمِ (ج 16/ص 224۔الرقم: 5293)

المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 10/ص 415۔الرقم: 4585)

Scanned by CamScanner

يَا رَسُولَ اللّٰهِ أَلَيْسَ أَعْمَى لَا يُبْصِرُنَا وَلَا يَعْرِفُنَا

يا رسول الله ﷺ چا هُو نابينا نه آهي! نه اسان کي ڏسي ٿو نه سڃاڻي ٿو.

پاڻ فرمايائون:

أَفَعَمْيَاوَانِ أَنْتُمَا أَلَسْتُمَا تُبْصِرَانِهِ (سنن الكبرىٰ بيهقي) [1]

چا توهان به نابينا آهيو؟ چا توهان ان کي نه ٿيون ڏسو؟

پوءِ ازواج مطهرات ان اصحابي کان به پردو کيو. معلوم ٿيو ته جيئن مرد کي پرائي عورت ڏسڻ جائز نه آهي تيئن عورت کي پرائو مرد ڏسڻ جائز نه آهي پلي کٽي مرد نابينا ئي چو نه هجي.

درگاهن تي عورتن جا هُجوم:

مزارن تي عورتن جو وڃڻ علماء جي درميان نزاعي مسئلو آهي. کن حرام چيو آهي کن کجهه شرطن سان وڃڻ جي اجازت ڏني آهي ته شرعي پردي سان پنهنجي محرم سان وڃن ۽ کو غير شرعي کم نه کن. چو ته الله وارن جا آستانا، بزرگن جون درگاهون ادب جون جايون آهن. اتي غير شرعي کم کرڻ هرگز جائز نه آهي. ڏنو ويو آهي ته هن فتني ۽ فساد جي دؤر ۾ بزرگن جي آستانن تي بي حيائي جي بازار گرم آهي چو ته درگاهن تي اکثريت عورتن جي هوندي آهي. هک مرد ته ڏهه عورتون. نه ستر نه پردو، نه چادري نه چوديواري. مُنهن اگهاڙا، متن تي نه گندي نه پوتي. لاڏا ڳائيندیون تاڙيون وڄائيندیون، وڃن ٿيون. جڏهن پردو ۽ ستر عورت لاءِ بيحد ضروري آهي. کجهه مرد اهڙا آهن جو خود ته مسجد ۾ تسبيح تهليل پڙهي رهيا آهن پر گهرواري کي کلي اجازت ڏئي ڇڏن ٿا ته پلي وجي درگاهه تي چونک راتين جو رهي. حالانکه اولياء الله جي تعليمات ته هرگز ائين نه آهي.

---

[1] حديث نمبر 511: سنن أبي داود بَاب فِي قَوْلِهِ عَزَّ وَجَلَّ وَقُلْ لِلْمُؤْمِنَاتِ يَغْضُضْنَ مِنْ أَبْصَارِهِنَّ (ج 11/ص 153)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي احْتِجَابِ النِّسَاءِ مِنَ الرِّجَالِ (ج 9/ص 455. الرقم: 2702)
مسند أحمد حَدِيثُ أُمِّ سَلَمَةَ زَوْجِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ (ج 53/ص 488. الرقم: 25326)
السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ص 92) المعجم الكبير للطبراني (ج 17/ص 132) مشكل الآثار للطحاوي (ج 1/ص 299)

Scanned by CamScanner

همڙا حاجا ٽين پينر هن پنيور ۾ :

هڪ شخص کي سندس زال چيو تہ اسان کي پُٽ ڏنو آ مرشد يوسف شاهہ جيلاني. ان درگاهہ تي مون باس باسي هئي. هاڻي هل تہ باس ادا ڪري اچون. مڙس چيو تہ هينئر نہ پئسو نہ پائي نہ لٽو آ فصل ڪيئن هلون؟ زال چئي چيلو بہ وٽ پَڙُ بہ وٽ تہ هلون مرشد جي دربار تي. مڙس ڪيو انڪار، همراهہ ويو هرن تي مائي وڏا مرچ چوڪري کي. چوڪري جي رڙ هيٺ رڙ مٽي. منجهند جو مڙس آيو چئي پٽ چو ٽو روئي؟ زال چيو مُئا ماريا نہ هلين مرشد ڏي تہ جيلاني جوان ورتو اٿس. همراهہ ويچارو ويو اوڏر سوڏر ڪري آندائين چيلو ۽ پَڙُ. زال چيو تہ ايجا ترس باس جو اڌ رهيل آهي. مون چيو هو تہ پٽ ڇمندو پنهنجي مڙس جي اڌ ڏاڙهي، اڌ مٽو، اڌ پيرون بہ ڪوڙائيندس پوءِ مرشد تي حاضري ڏيندس. مڙس چيو تہ پلا سڄي ڏاڙهي مٽو ڪوڙيان. چئي نہ باس اڌ جي باسيل آهي. بس پوءِ تہ (حق هادي، همراهہ سان ٽي وئي تادي). هي آهي انهن جهال جو دين.

مسلمانو! مشرڪانہ ڪمن کان بچو. زالن جي مڪرن کان بچو چو تہ انهن جا مڪر تمام خطرناڪ هوندا آهن.

إِنَّ كَيْدَكُنَّ عَظِيمٌ (يوسف:28) : بيشڪ توهان عورتن جا مڪر تمام وڏا آهن.

هوشيار خبردار! زالن جي اهڙي فرمانبرداري نہ ڪيو جنهن سان الله ۽ ان جو حبيب ﷺ ناراض ٿي وڃن.

اَلرِّجَالُ قَوّٰمُوْنَ عَلَى النِّسَآءِ (النساء:34)

مرد عورتن تي حاڪم آهن.

عورتن کي انهن جي حدود ۾ رهڻ ڏيو. غير شرعي ۽ غير اسلامي باسون باسڻ کان باز اچي وڃو.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ مِنْ اَزْوَاجِكُمْ وَاَوْلَادِكُمْ عَدُوًّا لَّكُمْ فَاحْذَرُوْهُمْ ۚ (التغابن:14)

Scanned by CamScanner

اي ايمان وارؤ بعض زالون ۽ اولاد توهان جا دشمن آهن. انهن کان هوشيار رهو.

حضرت مجاهد فرمايو ته "فَاحْذَرُوْهُمْ" جو مطلب آهي ته متان اوهان کي زالن ۽ اولاد جي محبت مائٹي چنڙ تي يا الله جي بي فرماني تي مجبور نه ڪري وجهي. جهاد، هجرت، سنت جي اطاعت کان زالن ٻارن جي محبت جي سبب رڪجي نه پئو، متان اوهان کي حرام ڪمن تي لاهي نه وجهن. زالن سان محبت رکو پر اهڙي نه جو ان جي سببان الله ۽ ان جي رسول جي بي فرماني ڪري ويهو.

حضرت خواجه پير الاهي بخش رحمة الله عليه فداه قلبي و روحي فرمائيندا هئا "فَاحْذَرُوْهُمْ" مان مراد آهي انهن سان دل نه لايو چوته انهن سان اهڙي طرح دل لائبي ته ضرور جائز ناجائز ڪمن ۾ انهن جي ڳالهه مڃٹي پوندي. اڪبر اِلہ آبادي فرمائي ٿو ته:

بے پردہ کل جو نظر آئیں چند بیبیاں
اکبر زمین میں غیرتِ قومی سے گرگیا
پوچھا جو اُن سے آپ کا "پردہ" کہاں گیا ؟
کہنے لگیں کہ عقل پہ مردوں کے پڑگیا

حديث نمبر 512 :

لَعَنَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ زُوَّارَاتِ الْقُبُورِ (ابن ماجه)[1]

قبرن جي زيارت ڪرڻ وارين عورتن تي رسول الله ﷺ لعنت ڪئي.

حديث نمبر 513:

حضرت علي رضی اللہ عنہ فرمايو ته سڌا محبوب ڪريم ﷺ جن ٻاهر نڪتا، ڏٺائون ڪجهه عورتون ويٺل هيون. پاڻ فرمايائون ڪيئن ويٺيون آهيون؟ چيائون جنازي جي انتظار ۾.

---

[1] حديث نمبر 512: سنن ابن ماجه بَاب مَا جَاءَ فِي النَّهْيِ عَنْ زِيَارَةِ النِّسَاءِ الْقُبُورَ (ج 5/ص 50۔ الرقم: 1563)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي كَرَاهِيَةِ زِيَارَةِ الْقُبُورِ لِلنِّسَاءِ (ج 4/ص 213۔ الرقم: 976)
مسند أحمد مُسْنَدُ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ (ج 17/ص 358۔ الرقم: 8316) واخرجه البيهقي في السنن الكبرى بلفظ: لعن الله زوارات القبور۔ السنن الكبرى للبيهقي (ج 4/ص 78)

Scanned by CamScanner

پاڻ فرمايائون ڇا توهان غسل ڏيندؤ؟ چوڻ لڳيون نه. پاڻ فرمايائون ڇا ٻلا توهان کلهو ڏئي ڪڍندؤ؟ ڇيائون نه. پاڻ ﷺ فرمايائون:

فَارْجِعْنَ مَأْزُورَاتٍ غَيْرَ مَأْجُورَاتٍ (ابن ماجه)[1]

گناهن جا بار بنا ثواب جي ڪڍندي واپس موٽي وڃو.

حديث نمبر 514:

لَعَنَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ زَائِرَاتِ الْقُبُورِ وَالْمُتَّخِذِينَ عَلَيْهَا الْمَسَاجِدَ وَالسُّرُجَ (ابوداؤد)[2]

قبرن جي زيارت ڪرڻ وارين عورتن تي رسول الله ﷺ لعنت فرمائي ۽ قبرن کي مسجد بنائڻ وارن ۽ اتي ڏيئا ٻارڻ وارن تي به رسول الله ﷺ جن لعنت ڪئي آهي.

مانعين انهن ئي حديثن مان استدلال ڪندي عورتن کي مزارن تي وڃڻ کان منع ڪيو. ۽ جائز چوڻ وارن تي سيده عائشه ۽ سيده فاطمه رضي الله عنهما جي بقيع الغرقد جي زيارت تي وڃڻ واري حديثن مان استدلال ڪندي جواز جي فتويٰ ڏني آهي. اسان چئون ٿا هن پُر فتن دؤر ۾ عورتن جو مزارن تي نه وڃڻ ئي بهتر آهي.

حديث نمبر 515:

حبيب پاڪ صاحبِ لولاڪ ﷺ فرمايو ته:

الْمَرْأَةُ عَوْرَةٌ فَإِذَا خَرَجَتْ اسْتَشْرَفَهَا الشَّيْطَانُ

(ترمذي)[3]

---

[1] حديث نمبر 513: سنن ابن ماجه بَاب مَا جَاءَ فِي اتِّبَاعِ النِّسَاءِ الْجَنَائِزَ (ج 5/ص 55. الرقم: 1567)
مصنف عبد الرزاق باب منع النساء اتباع الجنائز (ج 3/ص 457. الرقم: 6299) السنن الكبرى للبيهقي (ج 4/ص 77)

[2] حديث نمبر 514: سنن أبي داود بَاب فِي زِيَارَةِ النِّسَاءِ الْقُبُورَ (ج 9/ص 46. الرقم: 2817) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي كَرَاهِيَةِ أَنْ يَتَّخِذَ عَلَى الْقَبْرِ مَسْجِدًا (ج 2/ص 37. الرقم: 294) سنن النسائي التَّغْلِيظُ فِي اتِّخَاذِ السُّرُجِ عَلَى الْقُبُورِ (ج 7/ص 170. الرقم: 2016) مسند أحمد بِدَايَة مُسْنَد عَبْدِ اللّٰهِ بْنِ الْعَبَّاسِ (ج 4/ص 458. الرقم: 1926)
السنن الكبرى للنسائي (ج 1/ص 657) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 3/ص 411)

[3] حديث نمبر 515: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي كَرَاهِيَةِ الدُّخُولِ عَلَى الْمُغِيبَاتِ (ج 4/ص 406. الرقم: 1093)
المعجم الكبير للطبراني (ج 8/ص 438. الرقم: 9969) مصنف ابن أبي شيبة (ج 2/ص 277)

Scanned by CamScanner

عورت اگھڑ آهي، پوءِ جڏهن گهر کان ٻاهر نڪري ٿي ته شيطان ان جي تاڙ ۾ آهي (تان ته اهو ان کي فتني ۾ نه وجهي ڇڏي).

گهر ۾ پردو:

غيرتمند ۽ باهمت مرد جو ڪم آهي ته پنهنجي گهر جي پردي کي يقيني ٻاهي. زال تي برقعو ۽ چار ديواري جي اندر رهڻ جي پابندي لڳائي. گهر جو ڪوٽ يا لوڙهو ايترو ته اوچو ڪري جو ٻاهرئين ماڻهو جي نظر اندر نه پوي. چار ديواري جا سوراخ بند ڪجن. اگر مِينهن يا تيز هوا ۾ چار ديواري يا لوڙهو اڏامي وڃي ته ان کي دوباره مضبوط ڪرڻ ۾ دير نه ڪري. ٻاهرئين دروازي تي ڏيڏي نهرائي يا دروازي تي پردو لڳائي جيئن دروازو ڪليل هجي ته به ٻاهرئين ماڻهو جي اندر نظر نه پوي. گهر ۾ هر ڪنهن مائٽ مٽ کي داخل ٿيڻ جي اجازت نه ڏيڻ گهرجي. ماسات، ماروٽ، ملوير، پڦاٽ وغيره کي گهر ۾ اندر اچڻ جي اجازت نه آهي.

حديث نمبر 516:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو ته:

إِيَّاكُمْ وَالدُّخُولَ عَلَى النِّسَاءِ فَقَالَ رَجُلٌ مِنْ الْأَنْصَارِ يَا رَسُولَ اللَّهِ أَفَرَأَيْتَ الْحَمْوَ قَالَ الْحَمْوُ الْمَوْتُ (بخاری)[1]

(پر اين) عورتن وٽ وڃڻ کان بچو. انصارن مان هڪ اصحابي عرض ڪيو ته يا رسول الله ڏير جي باري ۾ ڇا ٿا فرمايو؟ ٻاڻ فرمايائون ڏير ته موت آهي.

گهر ۾ ڪهڙن رشتيدارن جي اچڻ جي اجازت آهي. حضرت پير الاهي بخش رحمة الله عليه پنهنجي تصنيف "قوة السالكين" ۾ تحرير فرمايو ته:

---

[1] حديث نمبر 516: صحيح البخاري بَاب لَا يَخْلُوَنَّ رَجُلٌ بِامْرَأَةٍ إِلَّا ذُو مَحْرَمٍ الخ (ج 16/ص 257۔الرقم: 4831)
صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ الْخَلْوَةِ بِالْأَجْنَبِيَّةِ وَالدُّخُولِ عَلَيْهَا (ج 11/ص 146۔الرقم: 4037)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي كَرَاهِيَةِ الدُّخُولِ عَلَى الْمُغِيبَاتِ (ج 4/ص 404۔الرقم: 1091)
مسند أحمد: حَدِيثُ عُقْبَةَ بْنِ عَامِرٍ الْجُهَنِيِّ (ج 35/ص 218۔الرقم: 16708)

Scanned by CamScanner

1. زال جو پيءُ (صهرو) 2. پُٽ 3. پوٽو 4. ڏاڏو 5. نانو 6. مامو 7. چاچو 8. پائٽيو 9. پاءُ 10. پاٽج 11. ڏهٽو.

ان کان سواءِ ڪنهن کي به گهر ۾ اندر اچڻ نه ڏجي تان جو گهمندڙ بازاري عورت کي به گهر ۾ اچڻ نه ڏيو. (قوت السالكين)

عورتن جي برقعي جي بيان ۾ :

عورت کي هرگز جائز نه آهي ته اهڙو لباس پهري نڪري جنهن سان سندس بدن ظاهر ٿئي چو ته عورت کي مڪمل جسم ڍڪڻ ضروري آهي.

حديث نمبر 517:

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا أَنَّ أَسْمَاءَ بِنْتَ أَبِي بَكْرٍ دَخَلَتْ عَلَى رَسُولِ اللّٰهِ ﷺ وَعَلَيْهَا ثِيَابٌ رِقَاقٌ فَأَعْرَضَ عَنْهَا رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ وَقَالَ يَا أَسْمَاءُ إِنَّ الْمَرْأَةَ إِذَا بَلَغَتْ الْمَحِيضَ لَمْ تَصْلُحْ أَنْ يُرَى مِنْهَا إِلَّا هَذَا وَهَذَا وَأَشَارَ إِلَى وَجْهِهِ وَكَفَّيْهِ.

سيده عائشه صديقه رضي الله عنها روايت فرمائي ٿي ته حضرت اسماء بنت ابوبكر رضي الله عنها حضور نبي كريم ﷺ وٽ آئي ۽ مٽس سنهو ڪپڙو هيو. پاڻ ڪريمن ﷺ ان کان پنهنجو رخ زيبا ڦيرائي ڇڏيائون ۽ فرمايائون اي اسماء! جڏهن عورت حيض واري ٿي وڃي ته ان جي چهري ۽ هٿ جي ترين کان سواءِ جسم جو ڪوبه حصو ظاهر ڪرڻ زيب نه ٿو ڏئي.

(ابوداؤد)[1]

---

[1] حديث نمبر 517: عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا أَنَّ أَسْمَاءَ بِنْتَ أَبِي بَكْرٍ دَخَلَتْ عَلَى رَسُولِ اللّٰهِ ﷺ وَعَلَيْهَا ثِيَابٌ رِقَاقٌ فَأَعْرَضَ عَنْهَا رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ وَقَالَ يَا أَسْمَاءُ إِنَّ الْمَرْأَةَ إِذَا بَلَغَتْ الْمَحِيضَ لَمْ تَصْلُحْ أَنْ يُرَى مِنْهَا إِلَّا هَذَا وَهَذَا وَأَشَارَ إِلَى وَجْهِهِ وَكَفَّيْهِ.

سنن أبي داود باب فِيمَا تُبْدِي الْمَرْأَةُ مِنْ زِينَتِهَا (ج 11/ص 145۔ الرقم: 3580)

شعب الإيمان للبيهقي فصل في حجاب النساء والتغليظ في سترهن (ج 16/ص 301۔ الرقم: 7548)

معرفة السنن والآثار للبيهقي، صلاة المرأة (ج 3/ص 237۔ الرقم: 1051)

مسند الشاميين للطبراني (ج 8/ص 68۔ الرقم: 2672)

Scanned by CamScanner

عورت تي لازم آهي تہ اها اهڙو برقعو پائي جيڪو سندس سارو بدن ڍڪي ڇڏي. فقط پيرن کان ٿورو مٿي هجي تہ جيئن هلڻ ۾ تڪليف نہ ٿئي. اگر جُراب پائي تہ اجا وڌيڪ افضل آهي. منهن ۽ هٿن جي ترين کي کليل رکڻ ۾ علماء جو وڏو اختلاف آهي.

فتني باز عورتون :

حديث نمبر 518:

حضرت ابو سعيد رضي الله عنه فرمايو تہ هڪ ڏينهن تپهري جي نماز کان پوءِ رسول الله صلي الله عليه وسلم خطبو ڏنو پاڻ فرمايائون خبردار! هي دنيا سبز ۽ شيرين آهي. الله تعاليٰ توهان کي زمين تي ڇڏيو آهي ۽ ڏسي رهيو آهي تہ توهان کهڙا عمل ٿا ڪيو.

فَاتَّقُوا الدُّنْيَا وَاتَّقُوا النِّسَاءَ (بيهقي، مسلم)[1]

دنيا کان ڊجو عورتن (جي فتني) کان ڊجو.

بيشڪ بني اسرائيلن ۾ جيڪو پهريون فتنو پيدا ٿيو اهو عورتن جو ئي هيو. تان جو ننڍي قد واري عورت کاٽ جي جُتي پائي (ڊگهي ڪُڙي وارو جوتو پائي) ڊگهي قدواري عورت جي برابر ٻيهندي هئي ۽ هڪ عورت پنهنجي منڊي کي خوشبوءِ ۾ ٻوڙي نڪرندي هئي جڏهن مردن وٽان لنگهندي هئي تہ منڊي کي ڦيرائيندي هئي تہ ماڻهو خوشبو سنگهي ان جي باري ۾ پڇندا هئا.

الله تعاليٰ پنهنجي پناهہ ۾ رکي اڄڪلهہ اُهو ئي حال اسان جي ملڪ جي عورتن جو ٿي چڪو آهي. ڊگهي ڪُڙي وارو سينڊل پائي ۽ ميڪ اپ ڪري اڄ عورتون بازارن ۾ هلي رهيون آهن.

---

[1] حديث نمبر 518: صحيح مسلم بَاب أَكْثَرُ أَهْلِ الْجَنَّةِ الْفُقَرَاءُ .الخ(ج 13 / ص 286) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي رَفْعِ الْأَمَانَةِ (ج 8 / ص 112 ـ الرقم: 2117) سنن ابن ماجه بَاب فِتْنَةِ النِّسَاءِ (ج 12 / ص 3) مسند أحمد: مسند ابي سعيد الخدري (ج 22 / ص 288 ـ الرقم: 10743) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7 / ص 91) مصنف عبد الرزاق (ج 11 / ص 346)

Scanned by CamScanner

چار عورتون جنت ۾ چار جهنم ۾ :

حديث نمبر 519 :

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ چار عورتون جنت ۾ هوندیون چار جهنم ۾. جيڪي چار جنت ۾ هوندیون اُهي هي آهن :

1. اُها پاڪدامن عورت جيڪا الله جا فرض بہ ادا ڪري ۽ پنهنجي مڙس جي فرمانبرداري بہ ڪري.
2. اُها پارن واري عورت جيڪا صبر ۽ قناعت سان ٿوري عطا تي بہ مڙس سان راضي رهي.
3. اُها حياء واري زال جيڪا مڙس جي غير موجودگي ۾ پنهنجي جان ۽ مال (گهر) جي حفاظت ڪري. مڙس اچي تہ پنهنجي زبان کي بند رکي.
4. اُها عورت جنهن جو مڙس مري وڃي ۽ سندس پار ننڍا هجنس، پنهنجو پاڻ کي روڪي پنهنجي اولاد جي تربيت جي خاطر بي شادي نہ ڪري، متان اولاد رُلي نہ وڃي.

جهنم ۾ وڃڻ واريون چار عورتون :

1. مڙس سان گندي زبان سان ڳالهائيندڙ زال جو مڙس ٻاهر وڃي تہ پنهنجي جان ۽ مال جي حفاظت نہ ڪري، مڙس اچي تہ پنهنجي زبان سان ان کي ايذائي.
2. اهڙي عورت جيڪا مڙس جي طاقت کان وڌيڪ ڪانئس فرمائش ڪري.
3. اُها عورت جا ڏارين مردن کان پاڻ کي نہ لڪائي ۽ گهر کان بي پرده ٿي ٻاهر نڪري.
4. اُها عورت جنهن کي ڪائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ کان سواءِ ٻيو ڪو فڪر ئي نہ هجي. نہ نماز جي رغبت، نہ الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي فرمانبرداري جو فڪر ۽ نہ ئي مڙس جي فرمانبرداري جو ڏيان هجيس.[1] (كتاب الكبائر) 1

---

[1] حديث نمبر 519: الكبائر فصل في فضل المرأة الطائعة لزوجها وشدة عذاب العاصية (ج 1 / ص 67)

Scanned by CamScanner

باب ستون
عورتن لاءِ نصيحتون

عورت گھر جو سينگار آھي، اولاد جي استاد آھي. مڙس جي گھر مال ۽ عزت جي رکوال آھي. جيڪڏھن زال نمازڻ، نيڪ ديندار هجي تہ يقيناً ان کي ڏسي سندس اولاد بہ اُھا ئي ريت اختيار ڪندو ۽ پوءِ اُھو سارو گھر ھڪ اسلامي ۽ مؤمن گھر بنجي ويندو. پر جيڪڏھن زال بدحال آھي تہ گھر سارو ڏانوان ڏول هوندو.

دائودي دعا :

حضرت دائود عليہ السلام دعا گھرندو هيو تہ يا الله مان تو کان چار شين جو سوال ڪيان ٿو اُھي مون کي عطا ڪر ۽ چار شين کان پناھ گھران ٿو انھن کان مون کي بچاءِ تو کان گھران ٿو تہ :

1. ذڪر واري زبان ڏي. 2. خوف واري دل ڏي 3. صبر وارو بدن ڏي 4. اھڙي زال عطا ڪر جيڪا دين جي ڪمن ۾ ۽ آخرت جي نيڪين ۾ منھنجي مددگار هجي.

توکان پناھ گھران ٿو:

1. اھڙي پُٽ کان بچاءِ جيڪو پيءُ تي حاڪم هجي. 2. اھڙي زال کان بچاءِ جيڪا ڪراڙپ کان اڳ مون کي جھور بنائي ڇڏي (پنھنجن روين جي سبب).
3. اھڙي مال کان بچاءِ جنھن مان فائدو پين کي ٿئي ۽ قبر ۾ حساب مون کان ڪيو وڃي.
4. اھڙي پاڙيسري کان بچاءِ جيڪو منھنجو نيڪيون ڏسي تہ انھن کي لڪائي ڇڏي مون ۾ برايون ڏسي تہ مون کي خوار ڪري.

سھوتي زال :

اھڙي زال جيڪا گھر کي صاف ستڙو رکي. ٻار چنديل ڪپڙا صاف ۽ اجرا رکي. پنھنجو پاڻ کي صاف رکي ۽ گھر ۾ هر ضرورت جي شيءِ سانڍي سنڀالي رکي. مثال طور:

Scanned by CamScanner

1. بجلي هلي وڃي تہ ميڙ بتي ۾ ماچيس هٿيڪو رکيل هجي.
2. ٽڦٽي، ٽڦٽي، ڪاتي، اُکري مهري، ويلڙ وغيره شيون سڀ سنڀالي رکي جنهن مهل ۽ جنهن شيءِ جي ضرورت پوي تہ اُها جلدي ملي وڃي.
3. مڙس جا ۽ ٻارن جا ڪپڑا ڌوتل رکيا هجن ۽ جنهن ۽ وقت مڙس ڪپڑا تبديل ڪرڻ چاهي تہ ڏکيائي نہ ٿئي.
4. مڙس ۽ ٻچڙن کي وقت تي ماني تيار ڪري ڏئي.
5. مڙس کي ۽ ڪم چوي تہ جلدي فرمانبرداري ڪري.
6. مڙس سان ڪڏهن ۽ مُنهن ڪتو ڪري نہ ڳالهائي.
7. بورچيخانو ۽ غسل خانو صاف ستڙو رکي.
8. استعمال ٿيڻ کان پوءِ گهر جا برتن صاف ڪري ڌوئي ماڄي رکي.
9. مڙس سان ڏک سک ۾ حال ڀائڙ رهي.
10. مڙس کان ان جي حيثيت کان وڌيڪ فرمائشون ۽ انگل آرا نہ ڪري.
11. مڙس جا مهمان اچن تہ انهن کي خوشيءَ سان ماني ڪري کارائي.

مهمانن جي ماني پچائڻ ۽ کارائڻ ۾ ارهائي نہ ڪري ڇو تہ مهمانن جو اچڻ ڀاڳ ۽ بخت جي نشاني آهي. انهن جي خدمت گناهن جو ڪفارو آهي، مهمانن جي ماني پچائڻ ۾ دونهين ۾ لڙڪ وهن يا گرمي ۾ پگهر وهي تہ ان سان ان جا گناهہ معاف ٿي وڃن ٿا.

12. مڙس سان جهيڑو جهڳڙو نہ ڪري.
13. مڙس جو عيب پين اڳيان بيان نہ ڪري.
14. مڙس جي گهر جي حفاظت ڪري، قيمتي شيون ڇڄي پوري نہ ڇڏي.
15. ضرورت کان وڌيڪ اسراف خرچ نہ ڪري. مثلاً ماني، ڀت ايترو تيار ڪري جو ضرورت مطابق هجي. ائين نہ ٿئي جو بعد ۾ بچائي گٽر ۽ گندي پاڻي جي نالي ۾ ڪاڏو اڇلايو وڃي. گيهہ، ڪنڊ، چانهہ، لوڻ، مرچ زيان نہ ڪري، هر شيءِ محفوظ ڪري رکي.
16. ٻچڙن کي وهنجاري صاف ستڙا ڪپڑا پهرائي.
17. ٻارن کي مار ڪُٽ نہ ڪري.

Scanned by CamScanner

18. مڙس جي موڪل کان سواءِ گھر کان ٻاھر نہ نڪري.
19. دروازي تي ٻاھر نہ بيھي.
20. ڪنھن شين وڪٽندڙ کان ڪا شيءِ ٻاڙ خريد نہ ڪري، جيئن پٽاڙ کان ڪپڙو وغيرہ.
21. مڙس جا والدين يا مائٽ اچن تہ انھن سان سٽي اخلاق سان پيش اچي.
22. گھر ۾ ايترو ڏاڍيان نہ ڳالھائي جو آواز ٻاھر ٻڌڙ ۾ اچي.
23. جڏھن بہ دعا گھري تہ پنھنجي مڙس لاءِ بہ ضرور خير برڪت جي دعا گھري ڇو تہ حديثن ۾ آھي تہ عورت جي دعا تيستائين مردود آھي جيستائين مڙس لاءِ دعا نہ گھرندي.
24. پنھنجي جان، گھر ۽ مال کي مرد جي امانت سمجھي ان ۾ خيانت نہ ڪري.
25. پنھنجي زبان جي حفاظت ڪري، گلا غيبت، گار گند، جھڙو فساد نہ ڪري. زبان مان خراب لفظ نہ ڪڍي.
26. ڪنھن ڏارئي مرد سان مصافحو نہ ڪري.
27. ھار سينگار، زينب و زينت ڪري تہ نيت پنھنجي مڙس کي خوش ڪرڻ لاءِ ھجي.
28. وڃندڙ زيور جيئن گھنگھرو، جھنڪار، پازيب وغيرہ پائي گھر کان ٻاھر نہ نڪري.
29. زال کي گھرجي تہ نوڪريون ڪرڻ بجاءِ عفت ۽ پاڪدامنيءَ سان پنھنجي مڙس جي گھر ۾ رھي زندگي جا ڏينھن پورا ڪري.

وار ڪوڙائڻ يا ڪٽائڻ:

اڄڪلھ عورتن ۾ وارن ڪٽائڻ جو فيشن عام ٿي ويو آھي، حالانڪہ وار ئي عورت جو سينگار آھن، حديث ۾ آھي تہ ملائڪ سڳورا تسبيح پڙھندا آھن تہ:

سُبْحَانَ الَّذِيْ زَيَّنَ الرِّجَالَ بِاللُّحٰى وَزَيَّنَ النِّسَاءَ بِالذَّوَائِبِ [1]

پاڪ آھي اُھا ذات جنھن مردن کي ڏاڙھي سان سينگاريو آھي ۽ عورتن کي مٿي جي وارن سان سينگاريو آھي.

---

[1] حديث: كشف الخفاء، حرف السين المهملة (ج 1/ص 444، الرقم: 1447)

Scanned by CamScanner

هاڻي مرد کي لازم آهي تہ ڏاڙهي نہ کوڙائي ۽ مٺ کان گهٽ نہ کٹائي ۽ عورتن کي بہ لازم آهي تہ پنهنجي مٿي جا وار نہ کوڙائن نہ کٹائن، ان ۾ ئي انهن جو حسن و جمال آهي.

حديث نمبر 520 :

نَهَى رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ أَنْ تَحْلِقَ الْمَرْأَةُ رَأْسَهَا (نسائی)[1]

عورت کي وار کوڙائڻ کان رسول الله ﷺ جن منع فرمايو.

ڏاريا وار ملائڻ :

حديث نمبر 521 :

عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي حضرت حبيب کريم ﷺ جن فرمايو تہ :

لَعَنَ اللّٰهُ الْوَاصِلَةَ وَالْمُسْتَوْصِلَةَ وَالْوَاشِمَةَ وَالْمُسْتَوْشِمَةَ (بخاری و بيهقی)[2]

الله تعالي لعنت کئي وار ملائيندڙ ۽ وار ملارائيندڙ تي ۽ ڏينهوڙيون هڻندڙ ۽ هڻائيندڙ تي.

حديث نمبر 522 :

سيده اسماء رضي الله عنها فرمايو تہ هڪ عورت رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ آئي عرض کيائين تہ منهنجي نياڻيءَ جي شادي آهي. چيچڪ جي بيماري سببان سندس مٿي جا وار چٹي ويا آهن، ڇا سندس وارن ۾ آڻ ٻيا وار ملايان؟ پاڻ فرمايائون تہ :

لعن الله الواصلة والمستوصلة (ابن ماجه)[3]

الله لعنت کئي آهي وار لڳائيندڙ ۽ لڳرائيندڙ تي.

---

[1] حديث نمبر 520 : سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي كَرَاهِيَةِ الْحَلْقِ لِلنِّسَاءِ (ج 3 / ص 480۔ الرقم : 838) سنن النسائي النَّهْيُ عَنْ حَلْقِ الْمَرْأَةِ رَأْسَهَا (ج 15 / ص 266۔ الرقم : 4963) البحر الزخار مسند البزار (ج 2 / ص 89۔ الرقم : 422) أمالي المحاملي (ج 1 / ص 128۔ الرقم : 123) السنن الكبرى للنسائي (ج 5 / ص 407)

[2] حديث نمبر 521 : صحيح البخاري بَاب الْوَصْلِ فِي الشَّعَرِ (ج 18 / ص 303۔ الرقم : 5477) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي مُوَاصَلَةِ الشَّعْرِ (ج 6 / ص 387۔ الرقم : 1681) مسند أحمد (ج 17 / ص 160 8) السنن الكبرى للبيهقي (ج 2 / ص 426)

[3] حديث نمبر 522 : صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ فِعْلِ الْوَاصِلَةِ وَالْمُسْتَوْصِلَةِ .الخ (ج 11 / ص 48۔ الرقم : 3961) سنن ابن ماجه بَاب الْوَاصِلَةِ وَالْوَاشِمَةِ (ج 6 / ص 132۔ الرقم : 1978) سنن النسائي .الْمُسْتَوْصِلَةُ (ج 15 / ص 332)

Scanned by CamScanner

حضور عليہ الصلوات والسلام جن جي ظاهري حياتي ۾ هڪ ماڻهو نظر کان بچڻ لاءِ سُئي گرم تيل ۾ ٻوڙي سرمو يا ٻي کا شيءِ وجهي سُئي سان بدن جي عضون تي نشان ٺاهي ڏينهوڙيون هڻي نظر کان بچڻ جو علاج ڪندو هو. پاڻ ڪريمن فرمايو ته :

حديث نمبر 523:

الْعَيْنُ حَقٌّ وَنَهَى عَنِ الْوَشْمِ (بخاری)[1]

نظر حق آهي ۽ ڏينهوڙيون هڻڻ کان منع فرمائي.

عطر مکي نڪرڻ :

عطر جي خوشبوء پري تائين پکڙي آهي، هر هڪ ماڻهو ان سُگنڌ ۽ سُرهاڻ ڏانهن متوجهہ ٿيندو آهي. ان ڪري عورتن کي منع ڪيو ويو آهي تہ اهڙي خوشبو وارو عطر يا سينٽ يا پرفيوم وغيره هڻي گهر کان ٻاهر نہ نڪرن. حديث ۾ آهي تہ عورت جو عطر اهڙو هجي جيڪو رنگين هجي ۽ خوشبوءِ پري تائين نہ پکڙي (جيئن پائوڈر وغيره). مرد جو عطر اهڙو هجي جنهن کي رنگ نہ هجي (يعني صرف پاڻياٽ هجي) ۽ خوشبوءِ پري تائين پکڙي. (بيهقي، شعب الايمان)[2]

اهڙي عطر ۽ پرفيوم کان بہ پرهيز ڪجي جنهن ۾ الڪوحل (Alcohol) يا ٻي کا ناپاڪ شيءِ مليل هجي.

حديث نمبر 524:

أَيُّمَا امْرَأَةٍ اسْتَعْطَرَتْ فَمَرَّتْ عَلَى قَوْمٍ لِيَجِدُوا رِيحَهَا فَهِيَ زَانِيَةٌ (بيهقی)[3]

---

[1] حديث نمبر 523 : صحيح البخاري بَاب الْعَيْنُ حَقٌّ و بَاب الْوَاشِمَةِ (ج 18/ص 20۔ الرقم: 5299۔5488)
مسند أحمد مُسْنَدُ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ (ج 16/ص 439۔ الرقم: 7897)
مصنف عبد الرزاق (ج 11/ص 18۔ الرقم: 19778) صحيح ابن حبان (ج 23/ص 31۔ الرقم: 5595)

[2] حديث: قال رسول الله ﷺ إن طيب الرجال ما خفي لونه وظهر ريحه وطيب النساء ما ظهر لونه وخفي ريحه
شعب الإيمان للبيهقي فصل في حجاب النساء والتغليظ في سترهن (ج 16/ص 317۔ الرقم: 7564)

[3] حديث نمبر 524 : سنن النسائي مَا يُكْرَهُ لِلنِّسَاءِ مِنَ الطِّيبِ (ج 15/ص 370۔ الرقم: 5036)
شعب الإيمان للبيهقي فصل في حجاب النساء والتغليظ في سترهن (ج 16/ص 322۔ الرقم: 7569)
مسند أحمد (ج 40/ص 196۔ الرقم: 18879) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 8/ص 150۔ الرقم: 3456)

Scanned by CamScanner

جيڪا عورت عطر مکي مردن اڳيان لنگهي تہ ماڻهو ان جو واس وٺن تہ اُها عورت زانياڻي آهي.

گهر مان بغير اجازت نڪري وڃڻ:

جيڪا عورت مڙس جي گهر مان بغير اجازت جي نڪري وڃي تہ ان جي نماز قبول نہ ٿي ٿئي جيستائين واپس اچي مڙس جي هٿ ۾ هٿ ڏئي چوي تہ آءٌ حاضر آهيان جو دل چاهي مون سان سلوڪ ڪر.

رستي جي وچ ۾ نہ هلڻ:

جڏهن عورتون رستي تي هلن تہ انهن کي گهرجي تہ رستي جو ڪناري ڏئي گردن جهڪائي هلن.

حديث نمبر 525:

لَيْسَ لِلنِّسَاءِ سُرَّأَةَ الطَّرِيْقِ (بيهقي)[1]

عورتون جي لاءِ رستي جو وچ نہ آهي.

يعني جڏهن هلن تہ رستي جي ڪناري سان هلن.

مُحرم کان سواءِ سفر جائز نہ آهي:

حديث نمبر 526:

لَا تُسَافِرُ اِمْرَأَةٌ إِلَّا مَعَ مُحْرَمٍ وَلَا يَدْخُلُ عَلَيْهَا رَجُلٌ إِلَّا وَمَعَهَا مَحْرَمٌ (بيهقي)[2]

ڪابہ عورت محرم کان سواءِ مسافري ۾ نہ نڪري ۽ ڪنهن عورت وٽ محرم موجود نہ هجي تہ ڪوبہ مرد داخل نہ ٿئي.

عورتون حج يا عمري جي سفر تي پراون مردن سان گڏ نڪرن ٿيون اِهو هرگز جائز نہ آهي.

---

[1] حديث نمبر 525: المعجم الأوسط للطبراني من اسمه إسحاق (ج 7/ص 94۔الرقم: 3136)
شعب الإيمان للبيهقي فصل في حجاب النساء والتغليظ في سترهن (ج 16/ص 328۔الرقم: 7575)
معرفة الصحابة لأبي نعيم الأصبهاني (ج 20/ص 341)

[2] حديث نمبر 526: شعب الإيمان للبيهقي باب في تحريم الفروج (ج 11/ص 422۔الرقم: 5204)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 527:

إِذَا خَرَجَتِ الْمَرْأَةُ مِنْ بَيْتِ زَوْجِهَا لَعَنَتْهَا الْمَلَائِكَةُ حَتّٰى تَرْجِعَ أَوْ تَتُوبَ (طبراني)[1]

جڏهن کا عورت مڙس جي گهر کان ٻاهر نڪري ٿي ته واپس موٽي اچڻ يا توبه ڪرڻ تائين ملائڪ ان عورت تي لعنت ڪندا رهن ٿا.

عورتن جي هٿن کي ميندي لڳائڻ:

عورت لاءِ مستحب آهي ته پنهنجي هٿن کي ميندي لڳائي جنهن سان فرق معلوم ٿئي ته هي عورت جو هٿ آهي. اڄڪلهه مردن فيشن بنائي ورتو آهي ته هٿن پيرن کي ميندي لڳائن ٿا. حالانڪه شريعت مطابق ميندي عورت جي هٿن جي نشاني آهي. لهذا اگر ڪو مرد ميندي لڳائي ٿو ته جڏ ان کي عورت بنجڻ جو شوق آهي. مرد کي عورتن سان تشبيهه ڪرڻ ناجائز آهي.

حديث نمبر 528:

سيده عائشه رضي الله عنها فرمايو ته هڪ عورت پردي جي پويان کو ڪتاب ڏيڻ لاءِ حضور عليه الصلواة والسلام ڏانهن هٿ ڏڳهو ڪيو. پاڻ پنهنجو هٿ پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتائون. ان عورت چيو ته يا رسول الله ﷺ مون ڪتاب ڏيڻ لاءِ هٿ ڏڳهو ڪيو هو ۽ توهان پنهنجو هٿ واپس ڪيو؟ پاڻ فرمايائون ڪهڙي خبر ته هي هٿ عورت جو آهي يا مرد جو؟ عرض ڪيائين هٿ ته عورت جو آهي. پاڻ فرمايائون:

لَوْ كُنْتِ امْرَأَةً لَغَيَّرْتِ أَظْفَارَكِ بِالْحِنَّاءِ (نسائي)[2]

جيڪڏهن تون عورت آهين ته پنهنجي نِهن (هٿن) کي ميندي جي رنگ سان بدلي ڇڏ.

---

[1] حديث نمبر 527: الكبائر ، فصل في فضل المرأة الطائعة لزوجها وشدة عذاب العاصية (ج 1 / ص 66) مسند أبي يعلى الموصلي: أول مسند ابن عباس (ج 6 / ص 9 ـ الرقم: 2400)

[2] حديث نمبر 528 : سنن النسائي الْخِضَابُ لِلنِّسَاءِ (ج 15 / ص 319 ـ الرقم: 5002) مسند أحمد باقي المسند السابق عن عائشة رضي الله عنها (ج 53 / ص 215 ـ الرقم: 25057) المعجم الأوسط للطبراني ،من اسمه علي (ج 8 / ص 460 ـ الرقم: 3907) سنن أبي داود (4/ 77)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 529 :

هڪ عورت بيبي عائشه صديقه رضي الله عنها کان ميندي جي باري ۾ پڇيو. فرمايائين عورت کي لڳائڻ ۾ ڪو حرج ناهي پر آءٌ نه ٿي لڳايان جو منهنجي محبوب ﷺ کي ميندي جي بوءِ نه وٺندي آهي. (ابوداؤد) 1

مرد مرد جي ۽ عورت عورت جي شرمگاهه نه ڏسي :

اڪثر عورتون پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي شرمگاه ڏسڻ کي گناهه نه سمجهنديون آهن. مثلاً ڪنهن عورت جو ويم ٿيندو آهي ته سڀ عورتون گڏجي ويهنديون آهن ۽ ان عورت جي شرمگاهه کي ڏسڻ عيب نه سمجهنديون آهن. حالانڪه ائين ڪرڻ گناهه آهي.

حضرت پير منا سائين رحمة الله عليه فرمائيندا هئا ته پار ڇڻ وقت دائي به نه ويهي، پار الله جي حڪم سان ايندو آهي، ٻئي جي شرمگاهه ڏسڻ ٺيڪ نه آهي.

حديث نمبر 530:

تاجدارِ حرم سيد العرب والعجم حضرت محمد ﷺ فرمايو ته هڪ مرد ٻئي مرد جي شرمگاهه نه ڏسي. هڪ عورت ٻي عورت جي شرمگاهه نه ڏسي. هڪ مرد ٻئي مرد سان گڏ هڪ ئي چادر ۾ لپٽي نه سمجهي. هڪ عورت ٻي عورت سان هڪ ئي چادر ۾ لپٽي نه سمهي. (سنن الكبريٰ نسائي، ترمذي) 2

---

[1] حديث نمبر 529: أَنَّ امْرَأَةً أَتَتْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا فَسَأَلَتْهَا عَنْ خِضَابِ الْحِنَّاءِ فَقَالَتْ لَا بَأْسَ بِهِ وَلَكِنْ أَكْرَهُهُ كَانَ حَبِيبِي رَسُولُ اللَّهِ ﷺ يَكْرَهُ رِيحَهُ.

سنن أبي داود بَاب فِي الْخِضَابِ لِلنِّسَاءِ (ج 11/ ص 217۔ الرقم: 3633)

[2] حديث نمبر 530: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَا يَنْظُرُ الرَّجُلُ إِلَى عَوْرَةِ الرَّجُلِ وَلَا تَنْظُرُ الْمَرْأَةُ إِلَى عَوْرَةِ الْمَرْأَةِ وَلَا يُفْضِي الرَّجُلُ إِلَى الرَّجُلِ فِي الثَّوْبِ الْوَاحِدِ وَلَا تُفْضِي الْمَرْأَةُ إِلَى الْمَرْأَةِ فِي الثَّوْبِ الْوَاحِدِ.

صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ النَّظَرِ إِلَى الْعَوْرَاتِ (ج 2/ ص 238۔ الرقم: 512)

سنن الترمذي بَاب فِي كَرَاهِيَةِ مُبَاشَرَةِ الرِّجَالِ الرِّجَالَ وَالْمَرْأَةِ الْمَرْأَةَ (ج 9/ ص 479۔ الرقم: 2717)

مسند أحمد: مُسْنَدُ أَبِي سَعِيدٍ الْخُدْرِيِّ رَضِيَ اللَّهُ تَعَالَى عَنْهُ (ج 23/ ص 218۔ الرقم: 11173)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 531:

هڪ عورت پي عورت سان مباشرت نه ڪري ۽ پوءِ وري اِها ڳالهه اچي مڙس يا ٻئي مرد سان ائين بيان ڪري جڏهن اُهو ان کي ڏسي رهيو آهي. (ابن حبان)[1]

يعني هڪ عورت پي عورت جا جنسي عضوا نه ڏسي ۽ وري اها واڪاڻ اچي پنهنجي مڙس کي ٻڌائي ته فلاڻي عورت هيئن آهون آ، اِها به بي پردگي آهي.

بزرگن ته فرمايو آهي ته پنهنجي گهر جو ڪپڙو به ڏارئي مرد کي نه ڏيکاريو، نه وري ڏارئي مرد جو ڪپڙو پنهنجي گهر ۾ آڻيو.

حديث نمبر 532 :

لا تُبَاشِرُ الْمَرْأَةُ الْمَرْأَةَ إِلا وهُمَا زَانِيَتَانِ،

وَلا يُبَاشِرُ الرَّجُلُ الرَّجُلَ إِلا وهُمَا زَانِيَانِ (طبراني اوسط)[2]

ڪا عورت پي عورت سان مباشرت نه ڪري جيڪي ڪن ٿيون ته اُهي ٻئي زانياڻيون آهن. ڪو مرد ٻئي مرد سان مباشرت نه ڪري جيڪي ڪن ٿا اُهي ٻئي زاني آهن.

جسم جو اهو حصو جنهن جو ستر واجب آهي بلا حائل ملائڻ مباشرت آهي ۽ عين شرمگاهه کي ملائڻ مباشرت فاحشه آهي. عورتن ۾ مردن کي پاڻ ۾ مباشرت ڪرڻ کان رسول الله ﷺ منع فرمايو آهي.

جنت جا سڀ دروازا ڪُلي وڃن ٿا :

حديث نمبر 533:

إِذَا صَلَّتْ الْمَرْأَةُ خَمْسَهَا وَصَامَتْ شَهْرَهَا وَحَفِظَتْ فَرْجَهَا وَأَطَاعَتْ زَوْجَهَا قِيلَ لَهَا ادْخُلِي الْجَنَّةَ مِنْ أَيِّ أَبْوَابِ الْجَنَّةِ شِئْتِ

---

[1] حديث نمبر 531: قال رسول الله ﷺ لا تباشر المرأة المرأة كأنها تنعتها لزوجها أو تصفها لرجل كأنه ينظر إليها صحيح ابن حبان باب الهدي ج 17 / ص 313. الرقم: 4234)

[2] حديث نمبر 532: المعجم الكبير للطبراني عَنْ أَبِي مُوسَى الأَشْعَرِيِّ ج 20 / ص 198. الرقم: 1646)
المعجم الأوسط للطبراني، من اسمه علي ج 9 / ص 360. الرقم: 4307)

Scanned by CamScanner

(احمد، صحيح ابن حبان)[1]

جڏهن عورت پنج نمازون پڙهي ۽ رمضان المبارڪ جا روزا رکي ۽ پنهنجي شرمگاهه جي (زنا کان) حفاظت ڪري، پنهنجي مڙس جي فرمانبرداري ڪري ته (ان لاءِ جنت جا سڀ دروازا کلي وڃن ٿا) جنهن دروازي مان چاهي جنت ۾ داخل ٿئي.

عورتون نمازون گهرن ۾ پڙهن :

عورتون جيترو پاڻ کي لڪائن اوترو وڌيڪ بهتر آهي. نماز جيڪا الله جي عبادت آهي اها به عورتن کي گهر جي ڪنڊ ۾ لکي پڙهڻ ۾ وڌيڪ اجر ثواب آهي.

حديث نمبر 534:

حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها چيو ته رسول الله ﷺ فرمايو ته جيڪڏهن عورت حُجري ۾ نماز پڙهڻ جي بجاءِ ننڍڙي ڪمري ۾ پڙهي ته پلو، اڳڻ ۾ نماز پڙهڻ جي بجاءِ حجري ۾ پڙهي ته بهتر آهي. مسجد ۾ نماز پڙهڻ جي بجاءِ گهر ۾ پڙهي ته بهتر آهي. (بيهقي)[2]

عورتن کي سنها ڪپڙا پائڻ حرام آهن :

اڇڪلهه عورتن جو فيشن ٿي ويو آهي ته اهي مٿي ته رئو نه ٿيون رکن بلڪه مٿو اگهاڙو رکنديون آهن. پر جي اتفاق سان مٿو ڍڪن به ٿيون ته رئو (گندي) ايترو ته سنهو هوندو آهي جنهن مان مٿي جا وار به صاف نظر ايندا آهن حالانڪه عورت جا وار به اگهڙ آهن.

چون ٿا ته هڪ دفعي هارون رشيد جي زال زبيده بيگم کي ڪانهي وارن کي ڪٽي پٽي ڏني. اوچتو ڪنهن مرد جي نظر هن جي وارن تي پئجي وئي ته اُهي وار ڪوڙائي ڇڏيائين جن وارن کي ڏاڙهي مرد ڏنو. هي سندس احتياط هيو.

---

[1] حديث نمبر 533 : مسند أحمد: حَدِيثُ عَبْدِ الرَّحْمَنِ بْنِ عَوْفٍ الزُّهْرِيِّ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ (ج 4/ص 85۔الرقم: 1573)
صحيح ابن حبان ، باب الهدي (ج 17 / ص 319 ۔ الرقم: 4237) المعجم الكبير للطبراني، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ (ج 19 / ص 411 ۔ الرقم: 991) المعجم الأوسط للطبراني (ج 10 / ص 309) معرفة الصحابة لأبي نعيم الأصبهاني (ج 13 / ص 53)

[2] حديث نمبر 534: عن عائشة قالت قال رسول الله ﷺ لأن تصلي المرأة في بيتها خير من أن تصلي في حجرتها ولأن تصلي في حجرتها خير من أن تصلي في الدار وأن تصلي في الدار خير من أن تصلي في المسجد
شعب الإيمان للبيهقي فصل في حجاب النساء والتغليظ في سترهن (ج 16 / ص 327۔الرقم: 7574)
السنن الكبرى للبيهقي باب المرأة تؤم النساء فتقوم وسطهن (ج 3 / ص 132)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 535:

نِسَاءٌ كَاسِيَاتٌ عَارِيَاتٌ مَائِلَاتٌ مُمِيلَاتٌ لَا يَدْخُلْنَ الْجَنَّةَ وَلَا يَجِدْنَ رِيحَهَا وَرِيحُهَا يُوجَدُ مِنْ مَسِيرَةِ خَمْسِ مِائَةِ عَامٍ (بيهقي)[1]

اُهي عورتون جيڪي ڪپڙن جي باوجود اگهاڙيون آهن (سنهي ڪپڙن سبب) مردن کي پاڻ ڏي متوجهه ڪندڙ يا پاڻ مردن ڏانهن متوجهه ٿيندڙ اُهي جنت ۾ داخل ته نه ٿيندیون پر انهن کي جنت جي سُرهاڻ به نصيب نه ٿيندي حالانڪه جنت جي خوشبوءِ پنج سو سالن جي مفاصلي تي ايندي.

زالن کان ٻاهر جو ڪم نه ونو:

لَا يَجِبُ عَلَى الْمَرْأَةِ خِدْمَةُ خَارِجِ الْبَيْتِ كَخِدْمَةِ الْغَرْسِ اَمَّا خِدْمَةٌ فِي الْبَيْتِ كَالْعَجْنِ وَالطَّبْخِ وَالْكَنْسِ وَذَالِكَ بِحَسْبِ اَقْدَارِ النِّسَآءِ

(اكمال المعلم شرح صحيح مسلم جلد :5ص:446)

گهر کان ٻاهر جو ڪم عورت تي لازم نه آهي جيئن پوک جو ڪم پر گهر جو ڪم جيئن اٽو گوهڻ، ماني پچائڻ، صفائي ڪرڻ اُهو ڪم به پنهنجي حال آهر آهي.

ان جو مطلب هي ته عورت اگر اهڙي گهر مان آئي آهي جتي عورتون گهر جو ڪم ڪار ڪنديون آهن ته ان کان ڪم ورتو ويندو اگر عورت اهڙي گهر مان آئي آهي جتي نوڪرياڻيون گهر جو ڪم ڪار ڪنديون آهن ته مڙس ان کي نوڪرياڻي مهيا ڪري ڏيڻي پوندي. عورتن کان پني ٻاري پوک راهه جو ڪم ونڻ درست نه آهي. ڪي ماڻهو گهٽيون شاديون ڪن ئي ان لاءِ ٿا ته ڪم ڪار لاءِ ماڻهو وڌيڪ ٿي پوندو. پوءِ مال جو گاهه، ڪمند جي ڏڙ به عورتن کان ڪرائين ٿا.

---

[1] حديث نمبر 535: صحيح مسلم بَاب النِّسَاءِ الْكَاسِيَاتِ الْعَارِيَاتِ الْمَائِلَاتِ الْمُمِيلَاتِ (ج 11/ص 59۔الرقم: 3971)
شعب الإيمان للبيهقي فصل في حجاب النساء والتغليظ في سترهن (ج 16/ص 306۔الرقم: 7553)
موطأ مالك ،بَاب مَا يُكْرَهُ لِلنِّسَاءِ لُبْسُهُ مِنَ الثِّيَابِ موطأ مالك (ج 5/ص 410۔الرقم: 1421)
السنن الكبرى للبيهقي (ج 2/ص 234) دلائل النبوة للبيهقي (ج 7/ص 491)

Scanned by CamScanner

ميل ۾ پري کان پاڻي ۾ عورتون پري اچن ٿيون. اِهو سراسر ظلم آهي.

حديث نمبر 536:

ڪجھ عورتون رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ آيون، عرض ڪيائون يا رسول الله جهاد جي سببان مرد عورتن کان ثواب ۾ وڌي ويا. اسان کي اهڙو ڪو ڪم ٻڌايو جنهن سان اسان کي ۾ جهاد جو ثواب ملي.

فَقَالَ مِهْنَةُ إِحْدَاكُنَّ فِيْ بَيْتِهَا تُدْرِكُ بِهٖ عَمَلَ الْمُجَاهِدِ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ (طبرانی)[1]

پاڻ فرمايائون توهان جيڪو ڪم ڪار گهر جو ڪيو ٿيون ان سان توهان کي مجاهد في سبيل الله جو ثواب ملي وڃي ٿو.

گهر جو ڪم زال کي ڪرڻ گهرجي :

گهر جو ڪم عورتن کي ئي ڪرڻ گهرجي. سيدِ ڪائنات ﷺ جي نياڻي جنت جي مالڪياڻي سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها پنهنجي گهر جو ڪم پاڻ ڪندي هئي.

حديث نمبر 537:

حضرت علي رضي الله عنه فرمايو ته هڪ ڏينهن حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها گهر جي ڪم جي شڪايت ڪئي. جنڊ هلائڻ جي سبب سندس هٿ ڦاٽي پيا هئا. مون چيو ته رسول الله ﷺ جي خدمتِ با برڪت ۾ وڃي غلام عطا ڪرڻ جو عرض ڪر. حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها نبي ڪريم ﷺ وٽ وئي پر ملاقات نه ٿي سگهي. جڏهن پاڻ ﷺ آيا ته کين بيبي فاطمة رضي الله عنها جي اچڻ جي خبر ڏني وئي. پاڻ اسان جي گهر آيا. اسان ان وقت بستري تي ستل هئاسين. اسان جي مٿان هڪ چادر هئي ڍڪي ڪري مٿان وجهون پيا ته پاسا ظاهر ٿي پون پيا، ويڪر ۾ وجهون پيا ته مُنهن يا مٿو ظاهر ٿي پوي پيو. (چادر ايتري ننڍي هئي جو پورو جسم ۾ ان ۾ ڍڪجي نه پي سگهيو). پاڻ فرمايائون اي فاطمة (رضي الله عنها) تون مون وٽ آئي هئين ڪو ڪم ڪار هيو چا؟

---

[1] حديث نمبر 536: المعجم الأوسط للطبراني باب من اسمه إبراهيم (ج 6/ ص 370۔ الرقم: 2914)
شعب الإيمان للبيهقي باب في حقوق الأولاد والأهلين (ج 18/ ص 252۔ الرقم: 8483)
مسند أبي يعلى الموصلي: ثابت البناني عن أنس (ج 7/ ص 436۔ الرقم: 3322)

Scanned by CamScanner

مون عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ فاطمة الزهراء جنڊ هلائڻ سبب هٿن ۾ ڇالا پوڻ جي شڪايت ڪئي. مون ڪيس اوهان جي خدمت ۾ موڪليو هيو تہ غلام عطا فرمايو. پاڻ فرمايائون توهان کي اهڙو ڪم نہ ٻڌايان جيڪو اوهان لاءِ خادم کان وڌيڪ هجي تہ جڏهن توهان سمهڻ جو ارادو ڪيو تہ 33 ڀيرا سبحان الله 33 ڀيرا الحمدلله ۽ 34 ڀيرا الله اڪبر پڙهندا ڪيو. (سنن الكبرىٰ نسائي)[1]

عورتن کي سورة نور پڙهايو :

حديث نمبر 538 :

حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان مروي هڪ حديث ۾ آهي رسول الله ﷺ فرمايو تہ :

وَعَلِّمُوْهُنَّ الْمِغْزَلَ وَسُوْرَةُ النُّوْرِ (طبراني اوسط)[2]

۽ انهن کي پرت پرڻ (اٽاوت) سيکاريو ۽ سورة النور سيکاريو.

عورتن کي مردن سان مشابهت جائز نہ آهي :

ڪنهن بہ مرد کي ڪنهن عورت سان مشابهت ڪرڻ جائز نہ آهي. ان طرح ڪنهن بہ عورت کي ڪنهن مرد سان مشابهت ڪرڻ ناجائز آهي. ائين ڪرڻ وارن متان الله ۽ ان جي رسول ﷺ لعنت ڪئي آهي.

---

[1] حدیث نمبر 537: عن عَلِيٍّ أَنَّ فَاطِمَةَ عَلَيْهَا السَّلَام اشْتَكَتْ مَا تَلْقَى مِنَ الرَّحَى مِمَّا تَطْحَنُ فَبَلَغَهَا أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أُتِيَ بِسَبْيٍ فَأَتَتْهُ تَسْأَلُهُ خَادِمًا فَلَمْ تُوَافِقْهُ فَذَكَرَتْ لِعَائِشَةَ فَجَاءَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَذَكَرَتْ ذَلِكَ عَائِشَةُ لَهُ فَأَتَانَا وَقَدْ دَخَلْنَا مَضَاجِعَنَا فَذَهَبْنَا لِنَقُومَ فَقَالَ عَلَى مَكَانِكُمَا حَتَّى وَجَدْتُ بَرْدَ قَدَمَيْهِ عَلَى صَدْرِي فَقَالَ أَلَا أَدُلُّكُمَا عَلَى خَيْرٍ مِمَّا سَأَلْتُمَاهُ إِذَا أَخَذْتُمَا مَضَاجِعَكُمَا فَكَبِّرَا اللهَ أَرْبَعًا وَثَلَاثِينَ وَاحْمَدَا ثَلَاثًا وَثَلَاثِينَ وَسَبِّحَا ثَلَاثًا وَثَلَاثِينَ فَإِنَّ ذَلِكَ خَيْرٌ لَكُمَا مِمَّا سَأَلْتُمَاهُ.

صحيح البخاري بَاب الدَّلِيلِ عَلَى أَنَّ الْخُمُسَ لِنَوَائِبِ رَسُولِ اللهِ ﷺ ج10/ص354.الرقم: 2881)

صحيح مسلم بَاب التَّسْبِيحِ أَوَّلَ النَّهَارِ وَعِنْدَ النَّوْمِ ج13/ص259.الرقم: 4906)

سنن أبي داود بَاب فِي بَيَانِ مَوَاضِعِ قَسْمِ الْخُمُسِ وَسَهْمِ ذِي الْقُرْبَى ج8/ص220.الرقم: 2595)

مسند أحمد: وَمِنْ مُسْنَدِ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ج2/ص208.الرقم: 702)

السنن الكبرى للنسائي ج6/ص203.الرقم: 10650)

[2] حدیث نمبر 538: المعجم الأوسط للطبراني باب الميم من اسمه: محمد ج12/ص452.الرقم: 5874)

المستدرك على الصحيحين للحاكم .كتاب التفسير ج8/ص147.الرقم: 3453)

شعب الإيمان للبيهقي ذكر سورة الحج وسورة النور في سور سواها ج5/ص464.الرقم: 2353)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 539:

لَعَنَ رَسُولُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الْمُتَشَبِّهِينَ مِنَ الرِّجَالِ بِالنِّسَاءِ وَالْمُتَشَبِّهَاتِ مِنَ النِّسَاءِ بِالرِّجَالِ . (بخاری)[1]

اهڙن مردن تي رسول الله ﷺ لعنت ڪئي آهي جيڪي عورتن سان مشابهت ڪن ٿا ۽ اهڙين عورتن تي لعنت ڪئي جيڪي مردن سان مشابهت ڪن ٿيون.

لباس ۾، هلڻ چلڻ ۾، عورتن کي مردن جي، مردن کي عورتن جي مشابهت ڪرڻ جائز نه آهي.

عورتن ۾ تبليغ :

الله جو قرآن سکڻ، دين جا احڪام سکڻ، مسئلا مسائل، حلال حرام، جائز ناجائز جيئن مردن کي سکڻ لازم آهي تيئن عورتن کي دين جا مسئلا سکڻ لازم آهن. انڪري جيڪڏهن ڪا عورت ڪنهن با خدا عالم کان باپرده وڃي اسلامي مسئلا سکي ته جائز آهي. سڌي نبي ڪريم ﷺ وٽ عورتون به دين جا مسئلا سکڻ ايندیون هيون. پاڻ ﷺ انهن کي بيعت به ڪندا هئا پر ڪڏهن ڪنهن عورت سان مصافحو نه ڪيائون.

حديث نمبر 540: حضور ﷺ فرمايو ته:

إِنِّي لَا أُصَافِحُ النِّسَاءَ (سنن الكبرىٰ نسائی)[2]

مان عورتن سان مصافحو نه ڪندو آهيان.

---

[1] حديث نمبر 539: صحيح البخاري بَاب الْمُتَشَبِّهُونَ بِالنِّسَاءِ وَالْمُتَشَبِّهَاتُ بِالرِّجَالِ (ج 18/ص 239۔الرقم: 5435) سنن ابن ماجه بَاب فِي الْمُخَنَّثِينَ (ج 6/ص 18۔الرقم: 1894) شعب الإيمان للبيهقي (ج 16/ص 304۔الرقم: 7551) مسند أحمد بِدَايَةُ مُسْنَدِ عَبْدِ اللّٰهِ بْنِ الْعَبَّاسِ (ج 7/ص 17۔الرقم: 2984) مصنف ابن أبي شيبة (ج 6/ص 236) المعجم الكبير للطبراني (ج 9/ص 450۔الرقم: 11481) شعب الإيمان للبيهقي (ج 16/ص 304۔الرقم: 7551)

[2] حديث نمبر 540: السنن الكبرى للنسائي (ج 4/ص 429۔الرقم: 7804) موطأ مالك بَاب مَا جَاءَ فِي الْبَيْعَةِ (ج 6/ص 107۔الرقم: 1556) سنن النسائي بَيْعَةُ النِّسَاءِ (ج 13/ص 74۔الرقم: 4110) سنن ابن ماجه بَاب بَيْعَةِ النِّسَاءِ (ج 8/ص 412۔الرقم: 2865) مسند أحمد: (ج 54/ص 441۔الرقم: 25765)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 541:

وَاللّٰهِ مَا مَسَّتْ يَدُ رَسُولِ اللّٰهِ ﷺ يَدَ امْرَأَةٍ قَطُّ غَيْرَ أَنَّهُ بَايَعَهُنَّ بِالْكَلَامِ

(سنن الكبرىٰ، نسائي)[1]

حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو تہ ڪڏهن بہ رسول الله ﷺ پنهنجي هٿ سان ڪنهن عورت جي هٿ کي نہ چهيو هيو. جڏهن ڪنهن عورت کي بيعت ڪندا هئا تہ زباني طرح ڪندا هئا.

معلوم ٿيو تہ مرشد کي جائز نہ آهي جو ڪنهن مريدياڻي جي هٿ ۾ هٿ ڏئي. اگر نصيحت وعظ عورتن ۾ ڪجي تہ بہ با پرده هجي ۽ عورتن ۾ ديني مجلس ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ ﷺ آهي.

حديث نمبر 542 :

حضرت ابوهريره رضي الله عنه روايت ڪئي تہ هڪ عورت سهڻي حبيب ڪريم ﷺ کي عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ اسان عورتون توهان جي محفل ۾ مردن سان گڏ شريڪ نہ ٿيون ٿي سگهون، اسان لاءِ ڪو ڏينهن مقرر فرمايو جتي اچي اسين اوهان جون نصيحتون پڏي سگهون. پاڻ فرمايائون تہ فلاڻي وقت فلاڻي گهر ۾ توهان کي نصيحت ڪبي. پوءِ ان جاءِ تي (عورتون جمع ٿيون) رسول الله ﷺ جن انهن وٽ آيا ۽ اتي جيڪي نصيحتون ڪيائون انهن مان هي بہ هئي تہ جنهن عورت جا ٽي ٻار مري وڃن انهن تي ثواب جي نيت ڪري (صبر ڪري ۽ رب کان انهن جو اجر ثواب طلب ڪري) تہ اُها عورت جنت ۾ داخل ٿيندي. هڪ عورت چيو تہ بہ ٻار، پاڻ فرمايائون بہ ٻار بہ. (سنن الكبرىٰ)[2]

---

[1] حديث نمبر 541 : صحيح البخاري بَاب إِذَا أَسْلَمَتْ الْمُشْرِكَةُ أَوْ النَّصْرَانِيَّةُ .الخ (ج 16 / ص 339. الرقم: 4879)
صحيح مسلم بَاب كَيْفِيَّةِ بَيْعَةِ النِّسَاءِ (ج 9 / ص 430. الرقم: 3470) سنن الترمذي بَاب وَمِنْ سُورَةِ الْمُمْتَحِنَةِ (ج 11 / ص 119. الرقم: 3228) سنن ابن ماجه بَاب بَيْعَةِ النِّسَاءِ (ج 8 / ص 413. الرقم: 2866) السنن الكبرىٰ للنسائي (ج 5 / ص 393)

[2] حديث نمبر 542: عن أبي هريرة قال قالت امرأة إنا لا نقدر على مجلسك مع الرجال فواعدنا يوما نأتيك فيه فقال موعدكن بيت فلانة فأتاهن فكان فيما حدثهن أيما امرأة يموت لها ثلاثة من الولد فتحتسب إلا دخلت الجنة قالت امرأة أو اثنتان قال أو اثنتان.
السنن الكبرى للنسائي (ج 3 / ص 452. الرقم: 5898)
مسند الحميدي: مسند أبي هريرة (ج 2 / ص 351. الرقم: 1067)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 543:

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ هڪ ڀيري رسول الله ﷺ سان گڏ عيد ادا ڪيم. پھريائين پاڻ عيد نماز پڙھيائون پوءِ خطبو ڏنائون. پاڻ ڏنائون تہ (گھٽي جماعت سبب) پويان ويٺل عورتن سندن خطبو نہ ٻڌي سگھيو. پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ عورتن وٽ آيا انهن کي نصيحت ۽ صدقو ڪرڻ جو امر فرمايائون. حضور ﷺ سان گڏ حضرت بلال رضي الله عنه هيو جنهن ڪپڙو کوليو تہ ڪا عورت سون جون واليون، منڊي، ڪا ٻي شيءِ اڇلائي ڏيڻ لڳي. (سنن الكبرىٰ نسائي) 1

فطرتي طور تي عورتون انتها پسند آهن. اگر انهن کي نيڪي جي رستي ۾ ڇڏيو تہ مردن کان اڳرائي ڪري ويندیون. اگر برائي ڏانهن لاڙو رکيائون تہ ٻہ مردن کان گوءِ ڪٽي ويندیون آهن. انڪري عورتن کي نيڪي جي راهہ جي تعليم تربيت ڏيڻ لازم آهي.

پٽڪو ڪرڻ ۽ پار ڪيڻ جائز نہ آهي:

موت ۽ فوت هر انسان تي اچڻو آهي. فوتگي تي تعزيت لاءِ وڃڻ وارين عورتن جي عادت هوندي آهي تہ اتي وڃي اهي پار ڪيندیون آهن، پٽڪا ڪري روئندیون آهن. ائين هرگز جائز نہ آهي بلڪہ صبر ڪرڻ گھرجي. بنا دانهن ڪرڻ جي اکين مان لڙڪ وهي پون تہ گناهہ ناهي.

---

[1] حديث نمبر 543: عن عطاء قال سمعت ابن عباس يقولا شهد أني شهدت العيد مع رسول الله ﷺ فبدأ بالصلاة قبل الخطبة ثم خطب فرأى أنه لم يسمع النساء فأتى النساء فوعظهن وذكرهن وأمرهن بالصدقة ومعه بلال قائل بثوبه هكذا أي فاتحة فجعلت المرأة تلقي الخرص والخاتم والشئ.

السنن الكبرى للنسائي (ج 1/ص 545۔الرقم: 1766)

صحيح البخاري بَاب الْعَرْضِ فِي الزَّكَاةِ. الخ (ج 5/ص 282۔الرقم: 1357)

صحيح مسلم كِتَاب صَلَاةِ الْعِيدَيْنِ (ج 4/ص 396۔الرقم: 1465)

سنن أبي داود بَاب الْخُطْبَةِ يَوْمَ الْعِيدِ (ج 3/ص 362۔الرقم: 965)

سنن ابن ماجه بَاب مَا جَاءَ فِي صَلَاةِ الْعِيدَيْنِ (ج 4/ص 150۔الرقم: 1263)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 544 :

رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ پار ڪيڻ جاهليت جو ڪم آهي. جيڪڏهن پارن ڪيڻ واري عورت بنا توبہ جي مري وئي تہ ان کي الله تعالي جهنم جي باهہ جا ڪپڑا ڏکائيندو ۽ باهہ جي ڇيين جي زرهہ پارائيندو. (ابن ماجه)[1]

حديث نمبر 545 :

الْمَيِّتُ يُعَذَّبُ فِي قَبْرِهِ بِمَا نِيحَ عَلَيْهِ (مسلم)[2]

ميت تي پار ڪيڻ سان ميت کي قبر ۾ عذاب ڪيو وڃي ٿو.

حيادار زال :

حياءُ الله جي نعمت آهي، حياء دين ۽ ايمان آهي. حياءُ عورت جو زيور آهي، حياءُ آهي تہ سڀ ڪجهہ آهي، حياءُ ناهي تہ ڪجهہ بہ نہ آهي.

حديث نمبر 546 :

إِذَا لَمْ تَسْتَحْيِ فَاصْنَعْ مَا شِئْتَ (بيهقي)[3]

جيڪڏهن تو ۾ حياءُ ناهي تہ تو کي جيئن وٹي تيئن ڪر.

---

[1] حديث نمبر 544: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ النِّيَاحَةُ مِنْ أَمْرِ الْجَاهِلِيَّةِ وَإِنَّ النَّائِحَةَ إِذَا مَاتَتْ وَلَمْ تَتُبْ قَطَعَ اللَّهُ لَهَا ثِيَابًا مِنْ قَطِرَانٍ وَدِرْعًا مِنْ لَهَبِ النَّارِ.

سنن ابن ماجه بَاب فِي النَّهْيِ عَنْ النِّيَاحَةِ (ج 5/ ص 59۔ الرقم: 1570)

[2] حديث نمبر 545: صحيح البخاري بَاب مَا يُكْرَهُ مِنْ النِّيَاحَةِ عَلَى الْمَيِّتِ (ج 5/ ص 38۔ الرقم: 1210)

صحيح مسلم بَاب الْمَيِّتِ يُعَذَّبُ بِبُكَاءِ أَهْلِهِ عَلَيْهِ (ج 4/ ص 494۔ الرقم: 1537)

سنن النسائي النِّيَاحَةُ عَلَى الْمَيِّتِ (ج 6/ ص 395۔ الرقم: 1830)

سنن ابن ماجه بَاب مَا جَاءَ فِي الْمَيِّتِ يُعَذَّبُ بِمَا نِيحَ عَلَيْهِ (ج 5/ ص 74۔ الرقم: 1582)

واخرجه الترمذي في السنن بلفظ: الْمَيِّتُ يُعَذَّبُ بِبُكَاءِ أَهْلِهِ عَلَيْهِ

سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي كَرَاهِيَةِ الْبُكَاءِ عَلَى الْمَيِّتِ (ج 4/ ص 124۔ الرقم: 923)

[3] حديث نمبر 546: صحيح البخاري بَاب إِذَا لَمْ تَسْتَحْيِ فَاصْنَعْ مَا شِئْتَ (ج 19/ ص 80۔ الرقم: 5655)

سنن ابن ماجه بَاب الْحَيَاءِ (ج 12/ ص 221۔ الرقم: 4173)

شعب الإيمان للبيهقي باب الحياء (ج 16/ ص 224۔ الرقم: 7474)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 547 :

اَلْحَيَاءُ مِنَ الْإِيمَانِ وَالْإِيمَانُ فِي الْجَنَّةِ وَالْبَذَاءُ مِنَ الْجَفَاءِ وَالْجَفَاءُ فِي النَّارِ (بيهقي)[1]

حياءِ ايمان کان آهي، ايمان جنت ۾ (ويندو) آهي، فحاشي جفا کان آهي، جفا جهنم ۾ (ويندي) آهي.

ٽج مڙس جي امانت آهي :

عورت کي جيڪو ٽج جو ڪير هوندو آهي اُهو مڙس جي امانت آهي. مڙس جي موڪل کان سواءِ ڪنهن ٻئي ٻار کي ڪير نہ پياري، ڇوتہ جنهن ٻار کي ڪير پياريندي اُهو بہ هن عورت جو رضائي اولاد ليکيو ويندو.

حديث نمبر 548 :

يَحْرُمُ مِنَ الرَّضَاعَةِ مَا يَحْرُمُ مِنَ الْوِلَادَةِ (موطا امام محمد)[2]

ڪير پيارڻ جي سبب اُهي سمورا رشتا حرام ٿي وڃن ٿا جيڪي نسب جي وجہ سان هوندا آهن.

مثال : اسلم ءِ اڪرم پاڻ ۾ دوست آهن. هر ڪنهن جي ذات ۾ آهي پر اڪرم جي پٽ اسلم جي زال جي ٽج پيتي تہ اڪرم ءِ اسلم جا اُهي ٻار جن ڪڏ ٽج پيتي پاڻ ۾ ٻاءُ ٻيٽ ٿي ويا. هاڻي جيئن سڳي ٻاءُ ٻيٽ جو نڪاح ناجائز آهي، تيئن رضائي (ٽج شريڪ) ٻاءُ ٻيٽ جو بہ پاڻ ۾ نڪاح ناجائز آهي.

---

[1] حديث نمبر 547: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الْحَيَاءِ (ج 7/ص 294۔الرقم: 1932)
سنن ابن ماجه بَاب الْحَيَاءِ (ج 12/ص 222۔الرقم: 4174) شعب الإيمان للبيهقي باب الحياء (ج 16/ص 198۔الرقم: 7448)
مسند أحمد: مسند أبي هريرة (ج 21/ص 152۔الرقم: 10108) المعجم الكبير للطبراني (ج 13/ص 70۔الرقم: 14823)

[2] حديث نمبر 548: موطأ مالك بَاب جَامِعِ مَا جَاءَ فِي الرَّضَاعَةِ (ج 4/ص 272۔الرقم: 1116)
صحيح البخاري بَاب مَا يَحِلُّ مِنَ الدُّخُولِ وَالنَّظَرِ إِلَى النِّسَاءِ فِي الرَّضَاعِ (ج 16/ص 270۔الرقم: 4838)
صحيح مسلم بَاب يَحْرُمُ مِنَ الرَّضَاعَةِ مَا يَحْرُمُ مِنَ الْوِلَادَةِ (ج 7/ص 329۔الرقم: 2616)
سنن أبي داود بَاب يَحْرُمُ مِنَ الرَّضَاعَةِ مَا يَحْرُمُ مِنَ النَّسَبِ (ج 5/ص 439۔الرقم: 1759)
صحيح ابن حبان باب الهدي (ج 17/ص 214۔الرقم: 4183)
سنن الدارمي باب مَا يَحْرُمُ مِنَ الرَّضَاعِ (ج 7/ص 37۔الرقم: 2302)

Scanned by CamScanner

عورتن جي عادت هوندي ته جنهن ڪنهن ٻار کي ٿج پياري ڇڏيندیون آهن، پوءِ ٻار وڏا ٿي ويندا آهن ۽ بي خبري ۾ انهن جو هڪ ٻئي سان نڪاح ٿي ويندو آهي پوءِ خبر پوندي آهي ته جن کي زال مڙس بنايو ويو آهي سي پاڻ ۾ ٿج شريڪ ڀاءُ ڀيڻ آهن.

اهڙا تمام گهٽا واقعا ڏسڻ ۾ ٻڌڻ ۾ آيا آهن. هڪ واقعو هاڻي ٻڌوسين ته ٿج شريڪ ڀاءُ ڀيڻ جي پاڻ ۾ شادي ٿي وئي. چار ٻار ٿيڻ کان پوءِ ڳالهه کُلي ته زال مڙس ته پاڻ ۾ ڀاءُ ڀيڻ آهن. اهو ڪيڏو وڏو ظلم آهي.

عورت کي گهرجي ته پرائي ٻار کي هرگز ٿج نه پياري. اگر پياري ته مڙس کان اجازت طلب ڪري جيئن ڳالهه لڪل نه رهي.

حضور عليه الصلواة والسلام جن معراج واري رات ڪجهه عورتون ڏٺيون هيون جيڪي سخت عذاب ۾ هيون. چيو ويو ته هي اُهي عورتون آهن جيڪي پراون ٻارن کي (مڙس جي اجازت کانسواءِ) کير پيارينديون هيون.

مسئلو : رضاعت جي ثبوت لاءِ ٻه مرد يا هڪ مرد ۽ ٻه عورتون عادل گواهه هجن. اگرچه اها عورت پاڻ ٿج پيارڻ واري هجي. فقط عورتن جي شاهدي سان ثبوت نه ٿيندو مگر بهتر هي آهي ته عورتن جي چوڻ سان به جدائي ڪري ڇڏجي. (بهار شريعت عن جوهرة النيرة)

حديث نمبر 549 :

حضرت عقبه رضی الله عنه فرمايو ته مون هڪ عورت سان شادي ڪئي، هڪ ڪاري رنگ جي عورت آئي ان چيو ته مون توهان ٻنهين کي کير پياريو آهي. پوءِ آءٌ رسول الله ﷺ وٽ آيس عرض ڪيم ته مون فلاڻي عورت سان شادي ڪئي آهي. هڪ ڪاري رنگ جي عورت آئي اُها چوي ٿي ته مون توهان ٻنهين کي ٿج پياري آهي. حالانڪه اها ڪوڙ ٿي هڻي. پاڻ ﷺ مون کان چهرو انور ڦيرائي ڇڏيائون. مان چهره انور جي طرف آيس ۽ عرض ڪيم ته هي عورت ڪوڙ ڳالهائي ٿي. پاڻ ﷺ فرمايائون تون ڪيئن ٿو چوين؟ جڏهن ته اُها چوي ٿي ته مون توهان ٻنهين کي ٿج پياري آهي. ان زال کي ڇڏي ڏي. (ترمذی)[1] هِن حديث مطابق رسول الله ﷺ صرف هڪ عورت جي شاهدي کي قبول فرمايو آهي.

---

[1] حديث نمبر 549: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي شَهَادَةِ الْمَرْأَةِ الْوَاحِدَةِ فِي الرَّضَاعِ (ج 4 / ص 372۔ الرقم: 1071) صحيح البخاري (ج 16 / ص 55۔ الرقم: 4714) سنن النسائي، الشَّهَادَةُ فِي الرَّضَاعِ (ج 10 / ص 475۔ الرقم: 3278)

Scanned by CamScanner

باب اٺون
بدنگاهي ۽ بدڪرداري

انسان جي طبيعت ۾ مرد ۽ عورت جي وچ ۾ ڪشش ۽ محبت رکائي وئي آهي. مرد عورت سان قربت چاهيندو آهي ۽ عورت مرد کي ويجهو ٿيڻ چاهيندي آهي. خالقِ اڪبر پنهنجي پاڻهن لاءِ هن قربت جو جائز طريقو نڪاح کي مقرر ڪيو آهي. ان کان علاوه قربت جا سمورا طريقا ناجائز آهن. ايستائين جو غير عورت کي شهوت جي نگاهه سان ڏسڻ به گناهه آهي. الله ڪريم مردن کي غير عورتن کان ۽ عورتن کي غير مردن کان نگاهه بچائڻ جو حڪم فرمايو آهي.

قُلْ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ يَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِهِمْ وَيَحْفَظُوْا فُرُوْجَهُمْ ؕ ذٰلِكَ اَزْكٰى لَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا يَصْنَعُوْنَ ۝ وَقُلْ لِّلْمُؤْمِنٰتِ يَغْضُضْنَ مِنْ اَبْصَارِهِنَّ وَيَحْفَظْنَ فُرُوْجَهُنَّ (النور: 30، 31)

(اي نبي!) مؤمنن کي فرماءِ تہ پنهنجون اکيون (پراين عورتن) کان بند ڪن تہ پنهنجي شرمگاهن جي (زنا کان) حفاظت ڪن. اهو انهن لاءِ پاڪيزه فعل آهي ۽ اهي جيڪي ڪم ڪن ٿا الله انهن ڪمن کان باخبر آهي ۽ (اي پيارا نبي) مومنياڻين کي به فرماءِ تہ (پراون مردن کان) پنهنجي اکين کي بند ڪن ۽ پنهنجي شرمگاهن جي (زنا کان) حفاظت ڪن.

زنا ۽ بدڪاري جي شروعات نظر کان ٿئي ٿي. ان لاءِ الله تعاليٰ اول نظر جي حفاظت جو امر فرمايو پوءِ زنا کان منع فرمايائين چو تہ اکيون زنا جا دروازا کولن ٿيون. البتہ جيڪڏهن اوچتو نظر پئجي وڃي تہ اُها معاف آهي وري پيهر ڄاڻي واڻي نهارڻ جائز نہ آهي.

رسول الله ﷺ جو فرمان آهي:

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 550 :

إِنَّ النَّظْرَةَ سَهْمٌ مِنْ سِهَامِ إِبْلِيسَ مَسْمُومٌ (طبراني کبير)[1]

نظر شيطان جي تيرن مان هڪ زهر آلوده تير آهي.

پهرئين نظر زهر ۾ ٻڏل تير آهي وري جيڪڏهن پيو پيرو ڏسي ته زخم مٿان زخم ٿئي ٿو. نادان ماڻهو هڪ پيرو پرائي عورت کي نهاري وري چاهيندو آهي ته پيهر ڏسي دل ناريان پر ان کي اها خبر نه آهي ته ان سان دل ٺرندي ڪونه پر دل سڙندي. تير مٿان پيو تير زوردار لڳي ته زخم گهرو ٿيندو آهي. ڦٽ جي مٿان ڇرو هڻڻ سان ڦٽ ڇٽندو ته نه پر وڌيڪ زخم ڪاري ٿي ويندو، زهر جو علاج زهر سان نه ٿيندو آهي.

ابن عباس رضي الله عنه جو قول :

پاڻ فرمايائون شيطان مرد کي عورت جي فتني ۾ ڦاسائڻ لاءِ ٽي هٿيار استعمال ڪندو آهي:

1. نگاهه 2. دل 3. عورت جي حسن و جمال جي تعريف

اهڙي طرح عورت کي مرد جي فتني ۾ ڦاسائڻ لاءِ به ٽي هٿيار استعمال ڪندو آهي:

1. نگاهه 2. دل 3. شرمگاهه

نگاهه دل تي اثر ڪري ٿي. حسين چهري جي تصور جو چاپو جڏهن دل تي ويهي وجي ٿو تڏهن عبادت جي لذت، ذڪر جو سرور، قلب جو قرار ۽ روح جو اطمينان ڦرجي وجي ٿو. نماز ۾ حضور قلب ختم ٿي وجي ٿو. قلب و باطن ۽ روحانيت جو ڪارخانو تباهه ٿي وجي ٿو. قلب بيمار ٿي پوي ٿو. جنهن ڪم کي الله ۽ ان جي رسول صلى الله عليه وسلم حرام يا ناجائز قرار ڏنو آهي ان ۾ ڪابه پلائي نه هوندي آهي، رڳو نقصان ئي نقصان هوندو آهي.

حديث نمبر 551 :

عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بن مَسْعُودٍ، قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ:

إِنَّ النَّظْرَةَ سَهْمٌ مِنْ سِهَامِ إِبْلِيسَ مَسْمُومٌ، مَنْ تَرَكَهَا مَخَافَتِي أَبْدَلْتُهُ

---

[1] حديث نمبر 550: المعجم الكبير للطبراني عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بن مَسْعُودٍ (ج 9/ ص 17۔ الرقم: 10211)
مسند الشهاب القضاعي (ج 1/ ص 484۔ الرقم: 282)

Scanned by CamScanner

إِيمَانًا يَجِدُ حَلَاوَتَهُ فِي قَلْبِهِ. (احمد، طبرانی)[1]

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه روايت ڪري ٿو رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو بري نظر شيطان جي تيرن مان هڪ زهر آلوده تير آهي جنهن ماڻهو الله پاڪ جي خوف کان بري نظر کي ڇڏي ڏئو تہ ان جي بدلي الله ان کي اهڙو ايمان عطا ڪندو جنهن جي لذت اهو پاڻ پنهنجي دل ۾ محسوس ڪندو.

سبحان الله! بد نظري سان صرف چند لمحن لاءِ مزو حاصل ٿيندو پوءِ هميشہ لاءِ ندامت، حسرت، غم الم ۽ گناهہ رهجي ويندو پر اک بند ڪرڻ سان گهڙي کن لاءِ تہ برابر نفس کي ڳالهہ ڏکي لڳندي پر ان جي بدلي هميشہ واري لذت و حلاوت ۽ سرور ملي ويندو.

بزرگن فرمايو آهي تہ:

وَاللهِ لَلَذَّةُ الْعِفَّةِ أَعْظَمُ مِنْ لَذَّةِ الذَّنْبِ[2]

الله جو قسم پاڪدامنيءَ جي لذت گناهہ جي لذت کان تمام وڏي آهي.

ڇو تہ گناهہ جي لذت گهڙي کن لاءِ ۽ عارضي آهي پر پاڪدامني جي لذت هميشہ هميشہ رهڻ واري آهي.

فراستِ قلبي:

جو شخص پنهنجي نگاهہ کي برائي کان محفوظ رکي غير کي ڏسڻ سان پنهنجي اکين کي آلوده نہ بنائي تہ الله تعالیٰ ان کي قلبي ۽ باطني اک عطا فرمائيندو آهي، جنهن سان ان تي ڳجهيون ڳالهيون پڌريون ٿيڻ لڳنديون آهن، غيبي اسرار ۽ انوار کلڻ شروع ٿي ويندا آهن.

---

[1] حديث نمبر 551: المعجم الكبير للطبراني (9 / 17) واخرجه الحاكم في المستدرك بلفظ: النظرة سهم من سهام إبليس مسمومة فمن تركها من خوف الله أثابه جل وعز إيمانا يجد حلاوته في قلبه مستدرک على الصحيحين للحاكم، كتاب الرقاق (ج 18 / ص 246۔ الرقم: 7988) مسند الشهاب القضاعي (ج 1 / ص 484۔ الرقم: 282)

[2] قول: غذاء الألباب في شرح منظومة الآداب (ج 1 / ص 129)

Scanned by CamScanner

حضرت شاهہ شجاع كرماني رحمة الله عليہ جي باطني فراست ايتري كليل هئي جو ماڻهن جي سينن جون ڳالهيون، قبرن جا راز بہ جاڻي وٺندا هئا. كنهن ماڻهو پڇيو تہ اوهان كي اُها باطن جي ڇٽائي كٿان ملي آهي؟ فرمايائين "جيكو شخص پنهنجي ظاهر كي شريعت سان سينگاري باطن كي ذكر سان اُجاري، اكين كي بري نظر كان بچائي، نفس كي شهوتن كان روكي ۽ كاڏو حلال كائي تہ كڏهن بہ ان جي فراست دوكو نہ كائيندي."

حديث نمبر 552 :

اتَّقُوا فِرَاسَةَ الْمُؤْمِنِ فَإِنَّ الْمُؤْمِنَ يَنْظُرُ بِنُورِ اللهِ۔ (فتاوىٰ حديثه)[1]

مومن جي فراست كان ڈجو ڇو تہ اُهو الله جي نور سان ڏسندو آهي.

بدنگاهي كان بچڻ سان اهو نور ۽ فراستِ مؤمنانہ حاصل ٿيندي آهي.

حديث نمبر 553:

مَا مِنْ مُسْلِمٍ يَنْظُرُ إِلَى مَحَاسِنِ امْرَأَةٍ أَوَّلَ مَرَّةٍ ثُمَّ يَغُضُّ بَصَرَهُ إِلَّا أَحْدَثَ اللهُ لَهُ عِبَادَةً يَجِدُ حَلَاوَتَهَا (احمد، طبرانی)[2]

جو مسلمان كنهن عورت جي حسن و جمال كان پنهنجون اكيون پهرئين نظر كان پوءِ بند كري ٿو تہ الله تعالىٰ ان جي بدلي ان جي (دل ۾) عبادت جي حلاوت پيدا كندو آهي.

نفس كي ٿوري دير لاءِ تكليف ايندي ڇو تہ نفس چاهي ٿو تہ حسين و جميل چهري كي تكيندو رهان. پر جيكڏهن پانهو الله جي خوف ۾ پنهنجي نفس جي خواهش كي نكرائي ٿو تہ رب كريم ان جي قلب و باطن كي منور فرمائي ٿو.

---

[1] حديث نمبر 552: سنن الترمذي بَاب وَمِنْ سُورَةِ الْحِجْرِ (ج 10 / ص 399۔ الرقم: 3052) تفسير الطبري (سورة الحجر) (ج 17 / ص 121) تفسير ابن كثير (سورة البقرة) (ج 1 / ص 705) تفسير القرطبي (ج 10 / ص 43) تفسير ابن أبي حاتم (ج 9 / ص 68) تفسير الألوسي (ج 8 / ص 179) بحر العلوم للسمرقندي (ج 2 / ص 450)

[2] حديث نمبر 553: مسند أحمد حَدِيثُ أَبِي أُمَامَةَ الْبَاهِلِيِّ (ج 45 / ص 242۔ الرقم: 21247)
شعب الإيمان للبيهقي باب في تحريم الفروج (ج 11 / ص 413۔ الرقم: 5195) الزواجر عن اقتراف الكبائر (ج 2 / ص 217)

Scanned by CamScanner

ان لاءِ ظاهري ۽ باطني علم جا دروازا ڪُلي وجن ٿا. ذهن ۾ ذڪاوت، فراست، يادداشت وڌي وجي ٿي. حضرت امام شافعي رحمة الله عليه فرمايو ته :

شَكَوْتُ اِلىٰ وَكِيْعٍ سُوْءَ حِفْظِيْ

فَاَوْصَانِيْ اِلىٰ تَرْكِ الْمَعَاصِيْ

فَاِنَّ الْعِلْمَ نُوْرٌ مِنْ اِلَاهِيْ

وَ نُوْرُ اللهِ لَا يُعْطَى لِعَاصِيْ

حضرت امام شافعي رحمة الله عليه فرمايو ته مون حضرت وڪيع رحمة الله عليه ڪي پنهنجي ويسر جي شڪايت ڪئي ته حافظو تمام ڪمزور آهي. علم جون ڳالهيون ياد نه ٿيون رهن. پاڻ فرمايائون ته گناهن ۽ بي فرمانين کان پاڻ کي بچاءِ ڇو ته علم الله جو نور آهي ۽ الله جو نور گنهگار کي نه ڏنو ويندو آهي. سڀ گناهه ۽ بدڪرداريون بدنگاهي مان پيدا ٿين ٿيون ڪنهن بزرگ فرمايو آهي ته :

كُلُّ الْحَوَادِثِ مَبْدَؤُهَا مِنَ النَّظَرِ وَمُعْظَمُ النَّارِ مِنْ مُسْتَصْغَرِ الشَّرَرِ [1]

سڀ برائي جي شروعات بدنگاهي آهي. وڌي باهه جا ٻيڙبه ته ننڍڙي چٽنگ مان پري پوندا آهن.

هاڃيڪار فتنو :

حديث نمبر 554 :

حضرت اُسامه بن زيد رضي الله عنهما ڇيو ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته :

مَاتَرَكْتُ بَعْدِيْ فِتْنَةً أَضَرَّ عَلَى الرِّجَالِ مِنَ النِّسَاءِ (بيهقي، بخاري، مسلم) [2]

---

[1] قول : الكبائر للذهبي: فصل في عقوبة من أمكن من نفسه طائعاً (ج 1 / ص 20) الزواجر عن اقتراف الكبائر (ج 3 / ص 85)

[2] حديث نمبر 554: صحيح البخاري بَاب مَا يُتَّقَى مِنْ شُؤْمِ الْمَرْأَةِ (ج 16 / ص 41۔ الرقم: 4706)
صحيح مسلم بَاب أَكْثَرُ أَهْلِ الْجَنَّةِ الْفُقَرَاءُ وَأَكْثَرُ أَهْلِ النَّارِ النِّسَاءُ (ج 13 / ص 284۔ الرقم: 4923) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي تَحْذِيرِ فِتْنَةِ النِّسَاءِ (ج 9 / ص 459۔ الرقم: 2704) سنن ابن ماجه بَاب فِتْنَةِ النِّسَاءِ (ج 12 / ص 1۔ الرقم: 3988)
شعب الإيمان للبيهقي باب في تحريم الفروج (ج 11 / ص 395۔ الرقم: 5177)

Scanned by CamScanner

مان پنهنجي پويان مردن لاءِ عورتن کان وڌيڪ نقصانڪار فتنو پيو نہ ڇڏيو. (بيهقي، بخاري، مسلم) [1]
يعني منهنجي ايندڙ امت جي مردن لاءِ سڀ کان وڏو فتنو عورتون هونديون.

بيشڪ اڄ عورتون ئي مردن لاءِ وڏي آزمائش بنجي چڪيون آهن. سڀ نہ ته بہ اڪثر مردن جو اِهو حال آهي تہ انهن تي عورتون حاڪم آهن، انهن جون واڳون عورتن جي هٿن ۾ آهن.

دنيا ۽ دولت، زر و جواهر، مال و مايا جي محبت جي فتني ۽ عورتن جي فتني کان پاڻ ﷺ پنهنجي امت کي اڳ ۾ ئي آگاهہ ڪري ويا. حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ :

حديث نمبر 555 :

اتَّقُوا الدُّنْيَا وَاتَّقُوا النِّسَاءَ (ترمذی) [2]

دنيا کان ڊجو ۽ عورتن جي (فتني) کان ڊجو.

حديث نمبر 556:

أَيُّمَا رَجُلٌ رَأَى أَحَدُكُمُ امْرَأَةً فَأَعْجَبَتْهُ فَلْيَأْتِ أَهْلَهُ فَإِنَّ مَعَهَا مِثْلَ الَّذِي مَعَهَا (بيهقی) [3]

---

[1] حديث نمبر 554: صحيح البخاري بَاب مَا يُتَّقَى مِنْ شُؤْمِ الْمَرْأَةِ (ج 16/ ص 41۔ الرقم: 4706)
صحيح مسلم بَاب أَكْثَرُ أَهْلِ الْجَنَّةِ الْفُقَرَاءُ وَأَكْثَرُ أَهْلِ النَّارِ النِّسَاءُ (ج 13/ ص 284۔ الرقم: 4923)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي تَحْذِيرِ فِتْنَةِ النِّسَاءِ (ج 9/ ص 459۔ الرقم: 2704)
سنن ابن ماجه بَاب فِتْنَةِ النِّسَاءِ (ج 12/ ص 1۔ الرقم: 3988)
شعب الإيمان للبيهقي باب في تحريم الفروج (ج 11/ ص 395۔ الرقم: 5177)

[2] حديث نمبر 555: صحيح مسلم بَاب أَكْثَرُ أَهْلِ الْجَنَّةِ الْفُقَرَاءُ وَأَكْثَرُ أَهْلِ النَّارِ النِّسَاءُ (ج 13/ ص 286۔ الرقم: 4925)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي رَفْعِ الْأَمَانَةِ (ج 8/ ص 112۔ الرقم: 2117) سنن ابن ماجه بَاب فِتْنَةِ النِّسَاءِ (ج 12/ ص 3۔ الرقم: 3990) مسند أحمد (ج 22/ ص 261۔ الرقم: 10716)

[3] حديث نمبر 556: شعب الإيمان للبيهقي باب في تحريم الفروج (ج 11/ ص 418۔ الرقم: 5200)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الرَّجُلِ يَرَى الْمَرْأَةَ تُعْجِبُهُ (ج 4/ ص 384۔ الرقم: 1078)
مسند أحمد (ج 29/ ص 59۔ الرقم: 14010) إحياء علوم الدين في الترغيب في النكاح والترغيب عنه (ج 1/ ص 384)

Scanned by CamScanner

اگر کو مرد ڪنهن عورت کي ڏسي ٿو ۽ اُها ان کي پسند اچي وئي (دل کي وڻي) ته ان کي گهرجي ته اهو پنهنجي گهرواريءَ وٽ اچي چو ته هِن وٽ به اُها شيءِ آهي جا هُن وٽ هئي.

پرائي عورت وٽ رهڻ :

چور جڏهن کو ڏِکو چورائيندو آهي ته ان کي رسيءَ ۾ ٻڌندو آهي، مردن کي قاسائڻ لاءِ شيطان جي رسي عورت هوندي آهي. اهو جڏهن به ڪنهن ماڻهو کي گمراهه ڪندو آهي ته عورت ان جو هٿيار آهي. ان لاءِ نا محرم عورت کي ڏسڻ ۽ ان وٽ رهڻ ۽ ان سان ڪچهريون ڪرڻ هرگز جائز نه آهي.

حديث نمبر 557 :

حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته :

أَلَا لَا يَبِيتَنَّ رَجُلٌ عِنْدَ امْرَأَةٍ ثَيِّبٍ إِلَّا أَنْ يَكُونَ نَاكِحًا أَوْ ذَا مَحْرَمٍ (نسائي)[1]

خبردار کو مرد ڪنهن عورت وٽ رات نه رهي سواءِ هن ڳالهه جي جو ان سان نڪاح هجيس يا محرم هجي.

حديث نمبر 558:

"حضرت ابن عمر رضي الله عنهما فرمايو ته مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو پاڻ ﷺ فرمايائون پرائي عورت سان گڏ کوبه مرد اڪيلو نه وبهي، جيڪڏهن وبهي ٿو ته انهن جي وچ ۾ ٽيون شيطان هوندو آهي." يعني نا محرم مرد ۽ نا محرم عورت اگر اڪيلا ويهن ٿا ته انهن سان گڏ شيطان به ويهندو آهي. (سنن الڪبريٰ نسائي)[2]

---

[1] حديث نمبر 557 : صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ الْخَلْوَةِ بِالْأَجْنَبِيَّةِ وَالدُّخُولِ عَلَيْهَا (ج 11/ص 145۔الرقم: 4036)
السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ص 386۔الرقم: 9215) مسند أبي يعلى الموصلي: مسند جابر (ج 4/ص 416۔الرقم: 1808)
صحيح ابن حبان (ج 23/ص 194۔الرقم: 5678)

[2] حديث نمبر 558: عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ لَا يَخْلُوَنَّ رَجُلٌ بِامْرَأَةٍ إِلَّا كَانَ ثَالِثَهُمَا الشَّيْطَانُ.
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي كَرَاهِيَةِ الدُّخُولِ عَلَى الْمُغِيبَاتِ (ج 4/ص 404۔الرقم: 1091)
السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ص 388۔الرقم: 9225)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 559:

لَا يَدْخُلُ رَجُلٌ عَلَى امْرَأَةٍ إِلَّا وَعِنْدَهَا ذُوْ مَحْرَمٍ (طبراني اوسط)[1]

ڪنهن عورت وٽ ڪو محرم نه هجي ته ڪو به مرد ان گهر ۾ داخل نه ٿئي.

ازدها نانگ :

حديث نمبر 560:

مَنْ قَعَدَ عَلَى فِرَاشِ مُغِيبَةٍ قُيِّضَ لَهُ ثُعْبَانٌ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

(طبراني اوسط)[2]

اگر ڪو مرد ان عورت جي بستري تي ويهي ٿو جنهن جو مڙس موجود نه آهي ته ان ماڻهو تي قيامت واري ڏينهن ازدها نانگ مسلط ڪيو ويندو.

حديث نمبر 561:

مرد کي پن عورتن جي وچ ۾ هلڻ کان رسول الله ﷺ منع فرمائي. (ابوداؤد)3

زنا جي مذمت :

الله پاڪ قرآن شريف ۾ ارشاد فرمايو ته :

وَلَا تَقْرَبُوا الزِّنٰٓى اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً ؕ وَسَآءَ سَبِيْلًا ○ (الاسراء:32)

۽ زنا کي ويجهو نه وڃو بيشڪ اِها بي حيائي ۽ بڇڙي واٽ آهي.

---

[1] حديث نمبر 559: المعجم الأوسط للطبراني،من بقية من أول اسمه ميم من اسمه موسى (ج 18/ص 191۔الرقم:8613)
شعب الإيمان للبيهقي باب في تحريم الفروج (ج 11/ص 421۔الرقم: 5203)

[2] حديث نمبر 560 : مسند أحمد:(ج 46/ص 60۔الرقم: 21519) المعجم الكبير للطبراني (ج 3/ص 389۔الرقم: 3202)
المعجم الأوسط للطبراني (ج 7/ص 311۔الرقم: 3341) معرفة الصحابة لأبي نعيم الأصبهاني (ج 6/ص 80)

[3] حديث نمبر 561: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَهَى أَنْ يَمْشِيَ يَعْنِي الرَّجُلَ بَيْنَ الْمَرْأَتَيْنِ.
سنن أبي داود بَاب فِي مَشْيِ النِّسَاءِ مَعَ الرِّجَالِ فِي الطَّرِيقِ (ج 14/ص 17۔الرقم: 4589)

Scanned by CamScanner

زاني کي سزا :

اَلزَّانِيَةُ وَ الزَّانِيْ فَاجْلِدُوْا كُلَّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا مِائَةَ جَلْدَةٍ ۖ وَّلَا تَاْخُذْكُمْ بِهِمَا رَاْفَةٌ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۚ وَلْيَشْهَدْ عَذَابَهُمَا طَآئِفَةٌ مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝٢ اَلزَّانِيْ لَا يَنْكِحُ اِلَّا زَانِيَةً اَوْ مُشْرِكَةً ۫ وَّ الزَّانِيَةُ لَا يَنْكِحُهَآ اِلَّا زَانٍ اَوْ مُشْرِكٌ ۚ وَّ حُرِّمَ ذٰلِكَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ ۝٣ (النور:2-1)

زنا ڪندڙ عورت ۽ زنا ڪندڙ مرد انهن مان هر هڪ کي سؤ (100) دُرا هڻو ۽ توهان کي انهن تي ٻاجهه نه اچي الله جي دين ۾ جيڪڏهن اوهان ايمان آڻيو ٿا الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ۽ گهرجي ته انهن ٻنهين جي سزا جي وقت مسلمانن جو هڪ گروهه حاضر هجي. بدڪار مرد نڪاح نه ڪري مگر بدڪار عورت سان يا مشرڪ عورت سان ۽ بدڪار عورت نه نڪاح ڪري مگر بدڪار مرد يا مشرڪ ۽ اهو ڪم ايمان وارن تي حرام آهي.

جيڪڏهن غير شادي شده مرد ۽ عورت زنا ڪن ته انهن مان هر هڪ کي سؤ سؤ ڪوڙا هڻجن. پر جيڪڏهن شادي شده مرد يا عورت زنا ڪن نه انهن کي سنگسار ڪيو وڃي يعني انهن کي پٿر هڻي ماريو وڃي. هيءَ صرف دنيا جي سزا آهي پر جيڪڏهن دنيا ۾ اُهي سزا کان بچي به ويا ۽ بنا توبه جي مري ويا ته انهن کي جهنم ۾ باهه جي ڪوڙن سان سزا ڏني ويندي. زبور شريف ۾ آهي ته زاني مرد ۽ زناڪار عورت جهنم جي باهه ۾ پنهنجي شرمگاهن سان لٽڪايا ويندا ۽ لوهه جي آرن سان انهن کي چيريو ويندو. جڏهن ڏڪ لڳڻ سان دانهن ڪندا ته ملائڪ انهن کي چوندا ته اُهو وقت ياد ڪيو جڏهن زنا جي وقت تون خوشيون پيي ملهايون ان وقت ته الله جي ذات کان به حياءُ نه پيي ڪيو. (كتاب الكبائر للذهبي) 1

---

1 قول: ورد أن الزبور مكتوباً: إن الزناة معلقون بفروجهم في النار يضربون عليها بسياط من حديد فإذا استغاث من الضرب نادته الزبانية أين كان هذا الصوت وأنت تضحك وتفرح وتمرح ولا تراقب الله تعالى ولا تستحي منه. الكبائر (ج 1 / ص 17)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 562 :

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن قريش جي نوجوانن کي نصيحت ڪندي فرمايو تہ :

يَاشَبَابَ قُرَيْشٍ : اِحْفَظُوْا فُرُوْجَكُمْ لَا تَزْنُوْا اَلَا مَنْ حَفِظَ فَرْجَهٗ فَلَهُ الْجَنَّةُ (بيهقي)[1]

اي قريش جا جوانو! پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪيو ۽ زنا نہ ڪيو. خبردار جنهن پنهنجي شرمگاهہ جي حفاظت ڪئي اهو جنتي آهي.

حديث نمبر 563 :

مَنْ يَضْمَنْ لِي مَا بَيْنَ لَحْيَيْهِ وَمَا بَيْنَ رِجْلَيْهِ أَضْمَنْ لَهُ الْجَنَّةَ (بخاري)[2]

جيڪو ماڻهو مون کي ضمانت ڏئي (ان عضوي جي) جو هن جاڙين جي وچ ۾ آهي (زبان) ۽ ان عضوي جي جو هن ٽنگن جي وچ ۾ آهي (شرمگاهہ) مان محمد ڪريم (ﷺ) ان جي جنت ۾ داخل ٿيڻ جي ضمانت ٿو ڏيان.

يعني جيڪو زبان سان بچڻي گفتار نہ ڪري جيئن ڪوڙ، چغلي، گلا وغيره ۽ پنهنجي شرمگاهہ کي برائي کان بچائي جئين زنا، چوڪري بازي وغيره تہ ان ماڻهو جي جنت ونيِ وڃڻ لاءِ سهڻا حبيب ڪريم ﷺ خود ضامن آهن.

صحيح بخاري ۾ حديث آهي تہ قيامت واري ڏينهن جڏهن ڪا ڇپر ڇانوَ نہ هوندي ان ڏينهن ست قسمن جا ماڻهو عرش عظيم جي سايہ ۾ هوندا، انهن ۾ هڪ اُهو بہ هوندو جنهن کي سهڻي دوشيزه برائي لاءِ سڏي ۽ اُهو صرف الله جو خوف رکي پاڻ کي زنا کان بچائي.

زنا محتاجي آڻي ٿي :

زاني انسان ضرور محتاج ۽ مفلس بنجي پوي ٿو.

---

[1] حديث نمبر 562 : شعب الإيمان للبيهقي باب في تحريم الفروج (ج 11 / ص 408) كنز العمال (ج 5 / ص 319)

[2] حديث نمبر 563 : صحيح البخاري بَاب حِفْظِ اللِّسَانِ (ج 20 / ص 115 ـ الرقم: 5993) شعب الإيمان للبيهقي فصل في فضل السكوت عن كل ما لا يعنيه (ج 10 / ص 423 ـ الرقم: 4717) مسند أبي يعلى الموصلي: حديث سهل بن سعد الساعدي (ج 15 / ص 367 ـ الرقم: 7389) السنن الكبرى للبيهقي (ج 8 / ص 166)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر564:

اَلزِّنَا يُورِثُ الْفَقْرَ (بيهقي)[1]

زنا مسڪيني ۽ محتاجي جو وارث بنائي ٿي.

ڪو ماڻهو ڪيڏو به دنيادار مالدار هجي اگر اهو زنا ڪندو ته مفلس ۽ ڪنگال بنجي ويندو، اِهو آسماني فيصلو آهي.

ڇهه سزائون :

حديث نمبر 565:

حضرت محبوب محمد مصطفيٰ ﷺ فرمايو ته اي مسلمانو! زنا کان بچو. ان جون ڇهه سزائون آهن. ٽي دنيا ۾ ٽي آخرت ۾.

دنيا ۾ :

1. اُن جي مُنهن جي رونق ختم ٿي ويندي.

2. زاني جي عمر گهٽائي ويندي. 3. هميشه محتاج ۽ مسڪين رهندو.

آخرت ۾ :

1. الله تعاليٰ ان تي ڏمريل هوندو.

2. زاني جو حساب ڪتاب ڏکيو ڪيو ويندو.

3. زاني جهنم جي باهه ۾ سڙندو رهندو. (بيهقي شعب الايمان)[2]

زاني بي ايمان آهي :

زنا جي وقت زاني بي ايمان بنجي پوي ٿو.

---

[1] حديث نمبر 564 : شعب الإيمان للبيهقي باب في تحريم الفروج (ج 11/ ص 401۔ الرقم: 5183)
مسند الشهاب القضاعي (ج 1/ ص 107۔ الرقم: 65) معرفة الصحابة لأبي نعيم الأصبهاني (ج 8/ ص 120۔ الرقم: 2495)

[2] حديث نمبر 565: يا معشر المسلمين إياكم والزنا فإن فيه ست خصال ثلاث في الدنيا وثلاث في الآخرة فأما التي في الدنيا فذهاب البهاء ودوام الفقر وقصر العمر وأما التي في الآخرة سخط الله وسوء الحساب والخلود في النار.
شعب الإيمان للبيهقي باب في تحريم الفروج (ج 11/ ص 455۔ الرقم: 5237)
تفسير ابن أبي حاتم (ج 23/ ص 211۔ الرقم: 6705)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 566:

مَنْ زَنَىٰ او شَرِبَ الْخَمْرَ نَزَعَ اللّٰهُ مِنْهُ الإِيمَانَ كَمَا يَخْلَعُ الإِنْسَانُ الْقَمِيصَ مِنْ رَأْسِهِ (حاكم)[1]

جنهن ماڻهو زنا ڪئي يا شراب پيتائين تہ الله تعاليٰ ان جو ايمان ائين ڪڍي ڇڏي ٿو جيئن ڪو ماڻهو پنهنجي مٿي مان قميص لاهي ڦٽو ڪندو آهي.

حديث نمبر 567:

الله تعاليٰ سان شرڪ ڪرڻ کان پوءِ پيو ڪوبہ ايڏو وڏو گناهہ نہ آهي جيڏو هي گناهہ آهي تہ ڪو ماڻهو پنهنجو نطفو اهڙي شرمگاهہ ۾ داخل ڪري جيڪا ان لاءِ حلال نہ آهي. (احمد، طبراني)[2]

حضرت مڪحول رحمة الله عليہ فرمايو تہ جهنم ۾ هڪ بدبوءِ ايڏي تہ خراب هوندي جو دوزخي چوندا تہ هڻو ڪو پيو عذاب ٿي نہ ٿو سگهي هي ڇا جي بدبوءِ آهي؟ چيو ويندو تہ هي زانين جي شرمگاهن جي بدبوءِ آهي. (كتاب الكبائر)[3]

جهنمين کي زانين جي شرمگاهن جي بدبوءِ جو عذاب ڏنو ويندو.

حديث نمبر 568:

لا يَنْظُرُ اللّٰهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ إِلَى الشَّيْخِ الزَّانِي، وَلا إِلَى الْعَجُوزِ الزَّانِيَةِ (طبراني)[4]

الله تعاليٰ قيامت واري ڏينهن (رحمت جي) نگاهہ ئي نہ ڪندو، ان مرد ڏانهن جيڪو ڪراڙپ ۾ زنا ڪري ۽ نہ ئي ان عورت ڏانهن جيڪا ڪراڙپ ۾ زنا ڪري.

---

[1] حديث نمبر 566: المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب الإيمان (ج 1/ ص 61۔ الرقم: 56)

[2] حديث نمبر 567: قال رسول الله صلى الله عليه وسلم ما من ذنب بعد الشرك بالله أعظم عند الله من نطفة وضعها رجل في فرج لا يحل له.

الكبائر الكبيرة العاشرة الزنا (ج 1/ ص 18)

[3] قول: وعن مكحول الدمشقي قال: يجد أهل النار رائحة منتنة فيقولون ما وجدنا أنتن من هذه الرائحة فيقال لهم هذه ريح فروج الزناة. الكبائر (ج 1/ ص 18)

[4] حديث نمبر 568: المعجم الكبير للطبراني عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ (ج 19/ ص 500۔ الرقم: 1198)

المعجم الأوسط للطبراني، من بقية من أول اسمه ميم من اسمه موسى (ج 18/ ص 215۔ الرقم: 8637) مجمع الزوائد (ج 6/ ص 255)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 569:

رسولِ اڪرم هاديءِ عالم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن فرمايو تہ :

ست آسمان ۽ ست زمينون ڪراڙي زناڪار تي لعنت ڪن ٿا ۽ بيشڪ زناڪارن جي شرمگاهن جي بدبوءِ جي ڏريعي جهنمين کي عذاب ڏنو ويندو. (البزار)

حديث نمبر 570:

حضرت بيبي ميمونہ رضي الله عنها فرمايو تہ سهڻي نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ :

"منهنجي امت سدائين چڱائيءَ تي هوندي جيستائين انهن ۾ زنا مان پيدا ٿيل پار گهٽا نہ ٿيندا پوءِ جڏهن انهن ۾ حرامي پار گهٽا ٿي ويندا تہ الله تعاليٰ انهن تي عام عذاب نازل ڪندو. (احمد) [1]

حديث نمبر 571:

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنهما روايت ڪئي تہ رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ جنهن قوم ۾ زنا ۽ وياج گهڻو ٿيندو تہ ان قوم پنهنجو پاڻ ئي الله جو عذاب حلال ڪري ڇڏيو. (مسند ابو يعليٰ) [2]

پاڙي ۾ برائي :

حديث نمبر 572:

حضرت مقداد بن اسود رضي الله عنه فرمايو تہ هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن اصحابن ڪرامن رضوان الله عليهم اجمعين کي فرمايو تہ توهان زنا جي باري ۾ ڇا ٿا چئو؟ ڇيائون حرام آهي جنهن کي الله ۽ ان جي حبيب ﷺ حرام ڪيو آهي، قيامت تائين حرام آهي.

---

[1] حديث نمبر 570: عَنْ ام المؤمنين مَيْمُونَةَ قَالَتْ سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ لَا تَزَالُ أُمَّتِي بِخَيْرٍ مَا لَمْ يَفْشُ فِيهِمْ وَلَدُ الزِّنَا فَإِذَا فَشَا فِيهِمْ وَلَدُ الزِّنَا فَيُوشِكُ أَنْ يَعُمَّهُمُ اللَّهُ عَزَّ وَجَلَّ بِعِقَابٍ. مسند أحمد حَدِيثُ مَيْمُونَةَ بِنْتِ الْحَارِثِ زوج النبي ﷺ (ج 54/ ص 269۔ الرقم: 25600)

[2] حديث نمبر 571: ما ظهر في قوم الزنى والربا إلا أحلوا بأنفسهم عقاب اللهز

مسند أبي يعلى الموصلي: مسند عبد الله بن مسعود (ج 10/ ص 237۔ الرقم: 4851)

مسند أحمد: مسند عبد الله بن مسعود (ج 8/ ص 153۔ الرقم: 3618)

صحيح ابن حبان باب الزنى وحده (ج 18/ ص 321۔ الرقم: 4487)

Scanned by CamScanner

پاڻ فرمايائون تہ ڏهن عورتن سان زنا ڪرڻ (جو عذاب) آسان آهي جڏهن تہ پاڙيسرڻ عورت سان زنا ڪرڻ (جو عذاب) اڃا وڌيڪ آهي. (طبراني اوسط)1

چوڪري بازي :

جڏهن ڪو مرد مرد سان برائي ڪري ٿو تہ اُهي ٻئي الله جي غضب ۽ ڏمر جا حقدار بنجي وڃن ٿا.

حديث نمبر 573:

حضرت ابوهريره رضي الله عنه چيو تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ چئن قسمن جا ماڻهو اهڙا آهن جن جو صبح الله جي ڏمر ۾ ٿئي ٿو ۽ شام الله جي غضب ۾ ٿئي ٿي. حضرت ابوهريره رضي الله عنه عرض ڪيو تہ يا رسول الله اُهي چئن قسمن جا ماڻهو ڪهڙا آهن؟ پاڻ ﷺ فرمايائون :

1. اُهي مرد جيڪي عورتن سان مشابهت ڪن.
2. اُهي عورتون جيڪي مردن سان مشابهت ڪن.
3. اُهو ماڻهو جيڪو ڪنهن جانور سان زنا ڪري.
4. اهڙو مرد جيڪو مرد سان برائي ڪري. (طبراني، بيهقي)2

حديث نمبر574:

لَا يَنْظُرُ اللّٰهُ إِلَى رَجُلٍ أَتَى رَجُلًا أَوْ امْرَأَةً فِي الدُّبُرِ (ترمذي، نسائي)3

---

[1] حديث نمبر 572: عن المقداد بن الأسود قال قال رسول الله ﷺ لأن يزني الرجل بعشر نسوة أيسر عليه من أن يزني بامرأة جاره ولأن يسرق من عشرة أبيات أيسر عليه من أن يسرق من بيت جاره.
المعجم الأوسط للطبراني باب الميم من اسمه : محمد (ج 14 / ص 93. الرقم: 6515)
مسند أحمد: بَقِيَّةُ حَدِيثِ الْمِقْدَادِ بْنِ الْأَسْوَدِ (ج 48 / ص 380. الرقم: 22734)
شعب الإيمان للبيهقي باب في إكرام الجار (ج 20 / ص 40. الرقم: 9230)

[2] حديث نمبر 573: شعب الإيمان للبيهقي باب في تحريم الفروج (ج 11 / ص 369. الرقم: 5151)
المعجم الكبير للطبراني عن ابي هريرة (ج 19 / ص 357 : الرقم: 867)
المعجم الأوسط للطبراني. باب الميم من اسمه : محمد (ج 15 / ص 128. الرقم: 7050)

[3] حديث نمبر 574 : سنن الترمذي (ج 4 / ص 395) مصنف ابن أبي شيبة (ج 3 / ص 363) السنن الكبرى للنسائي (ج 5 / ص 320) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 5 / ص 433) صحيح ابن حبان. باب الزنى وحده (ج 18 / ص 337. الرقم: 4495)

Scanned by CamScanner

اهڙي ماڻهو ڏي الله تعالي نگاهِ (رحمت) ئي نه ٿو ڪري جيڪو ڪنهن مرد سان زنا ڪري يا زال جي پويان اچي.

جهڙي طرح زال جي پٺيان صحبت ڪرڻ حرام آهي اهڙي طرح مرد ڪي مرد سان برائي ڪرڻ به حرام آهي. خوبصورت چوڪرن ڪي شهوت جي نظر سان ڏسڻ به گناهه آهي.

حضرت حسن فرمايو ته امير ماڻهن جي چوڪرن سان نه ويهو چو ته انهن جا چهرا به ڪنوارين چوڪرين وانگر حسين هوندا آهن. انهن ۾ چوڪرين کان وڌيڪ خطرو آهي. جيئن اڪيلي عورت سان رات گذارڻ حرام آهي تيئن لسي چوڪري سان به اڪيلي جاءِ ۾ رهڻ حرام آهي. (كتاب الكبائر) 1

امرد پرستي جي سزا :

حديث نمبر 575:

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما روايت ڪئي ته رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو ته :

مَنْ وَجَدْتُمُوهُ يَعْمَلُ عَمَلَ قَوْمِ لُوطٍ فَاقْتُلُوا الْفَاعِلَ وَالْمَفْعُولَ بِهِ

(ابو داؤد، ترمذی) 2

جنهن ماڻهو کي ان حال ۾ لهو جو (حضرت) لوط (عليه السلام) جي قوم وارو عمل ڪري رهيو هجي يعني (لونڊيبازي) ته پوءِ اهڙو عمل ڪندڙ ۽ ڪرائيندڙ بنهين کي قتل ڪيو.

حضرت منذري رحمة الله عليه چوڪري بازي جي سزا جي باري ۾ علماء جا اختلاف بيان ڪندي لکي ٿو ته سعيد بن مسيب ۽ عطاء، حسن، قتاده ۽ نخعي، ثوري، اوزاعي ۽ امام شافعي، ابو يوسف، محمد بن حسن جو مذهب آهي ته :

---

[1] الكبائر (ج 1/ص 20)

[2] حديث نمبر 575: سنن أبي داود بَاب فِيمَنْ عَمِلَ عَمَلَ قَوْمِ لُوطٍ (ج 12/ص 38. الرقم: 3869) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي حَدِّ اللُّوطِيِّ (ج 5/ص 376. الرقم: 1376) سنن ابن ماجه بَاب مَنْ عَمِلَ عَمَلَ قَوْمِ لُوطٍ (ج 7/ص 462. الرقم: 2551) مسند أحمد (ج 6/ص 128. الرقم: 2596) السنن الكبرى للبيهقي (ج 8/ص 232) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 18/ص 421. الرقم: 8160) المعجم الكبير للطبراني (ج 9/ص 412)

Scanned by CamScanner

چوکريبازي کندڙ اگر شادي شده هجي تہ ان کي سنگسار کيو وڃي پر جي غير شادي شده هجي تہ ان کي سؤ کوڙا هنيا وڃن.

عبرتناڪ سزا:

حضرت خالد بن وليد رضي الله عنه حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه کي خط لکيو تہ هتي هڪ اهڙو شخص آهي جيڪو چوکري سان زال وانگر نڪاح کيو ويٺو آهي، ان کي ڪهڙي سزا ڏجي؟ حضرت ابوبکر رضي الله عنه سڀني اصحابي سڳورن کي سڏرايو، انهن ۾ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه به هيو. حضرت علي رضي الله عنه فرمايو تہ هي اهڙو گناهہ آهي جيڪو اسان کان اڳ صرف هڪ قوم (يعني حضرت لوط عليہ السلام جي قوم) کيو هيو. توهان کي معلوم آهي تہ انهن کي الله تعاليٰ ڪهڙي سزا ڏني هئي! منهنجي راءِ آهي تہ ان ماڻهو کي باهہ ۾ ساڙيو وڃي. پوءِ ان ڳالهہ تي سڀ اصحابي متفق ٿي ويا. پوءِ حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه حضرت خالد بن وليد رضي الله عنه کي لکيو تہ ان ماڻهو کي باهہ ۾ ساڙيو وڃي. (الترغيب والترهيب للمنذری)

لعنتي ماڻهو:

حديث نمبر 576:

حضرت حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ پنج ماڻهو اهڙا آهن جن تي الله تعاليٰ لعنت ٿو ڪري، قيامت واري ڏينهن انهن ڏانهن نگاهہ بہ نہ ڪندو، ۽ فرمائيندو تہ دوزخ ۾ ويندڙن سان گڏ جهنم ۾ داخل ٿيو.

1. مرد مرد سان برائي ڪرڻ وارو. (فاعل)
2. مرد مرد کان برائي ڪرائڻ وارو. (مفعول)
3. جانور سان برائي ڪندڙ. 4. اُهو ماڻهو جيڪو هڪ ئي وقت ۾ ماءُ ۽ ان جي ڌيءَ کي نڪاح ۾ رکي. (يعني جنهن عورت سان شادي ٿيل اٿس ان جي ٻئي مڙس مان کا ڌيءَ هجي.) 5. پنهنجي هٿ سان غير فطري عمل ڪرڻ وارو (مشت زني ڪندڙ).

ايستائين جو اِهي پنج ماڻهو توبہ ڪن. (کتاب الکبائر) [1]

---

[1] حديث نمبر 576: قال رسول الله ﷺ خمسة يلعنهم الله تعالى ولا ينظر إليهم يوم القيامة ويقول ادخلوا النار مع الداخلين الفاعل والمفعول به يعني اللواط وناكح البهيمة وناكح الأم وابنتها وناكح يده إلا أن يتوبوا. الكبائر (ج ۱ / ص 20)

Scanned by CamScanner

مشت زني ڪري ماده منويہ کي ڪيڻ بہ ناجائز آهي. ان غير فطري عمل ڪندڙ تي الله تعاليٰ لعنت فرمائي آهي.

مرضن جي گهٽائي :

زنا ۽ لواطت الله جي قهر و غضب کي دعوت ڏيڻ آهي. جنهن قوم ۾ اهي برايون عام ٿي ويندیون آهن ان قوم تي ڪئي قسم جا مرض مسلط ڪيا ويندا آهن. سنن ابن ماجہ ۾ روايت آهي رسول الله ﷺ فرمايو:

لَمْ تَظْهَرِ الْفَاحِشَةُ فِي قَوْمٍ قَطُّ ، حَتَّى يُعْلِنُوا بِهَا ، إِلاَّ فَشَا فِيهِمُ الطَّاعُونُ ، وَالأَوْجَاعُ الَّتِي لَمْ تَكُنْ مَضَتْ فِي أَسْلاَفِهِمُ الَّذِينَ مَضَوْا[1]

جنهن قوم ۾ کلم ڪلا بي حيائي عام ٿي ويندي ان قوم ۾ وبا ۽ اهڙا مرض عام ٿي ويندا آهن جيڪي انهن جي پوئين نسلن بہ ڪونہ ڏٺا هوندا.



[1] سنن ابن ماجة (149/5)

Scanned by CamScanner

چوتون حصو

ونڊ کان وڌيڪ

گھروارين جون

Scanned by CamScanner



باب پهريون : گهٽيون شاديون

باب ٻيو : زالن ۾ عدل ڪرڻ

باب ٽيون : واري جي بيان ۾

Scanned by CamScanner

باب پھريون
گھٽيون شاديون

بعض غير مسلم قومن خصوصاً هندن ۾ اِها رسم آهي ته جيڪڏهن هڪ زال هجي ته پي شادي نه ڪندا آهن ۽ اِها ذهنيت بعض مسلمان قبيلن ۾ به ڏٺي وڃي ٿي. هڪ زال هوندي ته پي شادي کي عيب سمجهيو وڃي ٿو. حالانڪ الله تبارڪ و تعالىٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي ته:

فَانْكِحُوْا مَا طَابَ لَكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ مَثْنٰى وَ ثُلٰثَ وَ رُبٰعَ فَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا تَعْدِلُوْا فَوَاحِدَةً (النساء: ٣)

نڪاح ۾ آڻيو جيڪي عورتون توهان کي پسند هجن به ۽ ٻه ٻه ٽي ٽي ۽ چار چار ٻوءِ جيڪڏهن ڏِجو برابري نه رکي سگهندو ته هڪ ئي رکو.

مٿين ذڪر ڪيل آيت ۾ الله پاڪ مردن کي ڪُلي اجازت ڏني آهي ٻه ٻه، ٽي ٽي، چار چار شاديون پِلي ڪيو پر هڪ شرط آهي عدل جو، برابري جو. اگر برابري نه ٿا ڪري سگهو ته هڪ ئي ڪافي آهي.

حديث نمبر 577 :

حضرت سعيد بن جُبير رضي الله عنه کي حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته تو شادي ڪئي آهي؟ چيائين ته نه. فرمايائين شادي ڪر.

فَإِنَّ خَيْرَ هَذِهِ الْأُمَّةِ أَكْثَرُهَا نِسَاءً (بخاری)[1]

---

[1] حديث نمبر 577: صحيح البخاري بَاب كَثْرَةِ النِّسَاءِ ج 16/ ص 2۔ الرقم: 4681)
مسند أحمد: بِدَايَة مُسْنَد عَبْدِ اللَّهِ بْنِ الْعَبَّاسِ ج 4/ ص 476۔ الرقم: 1944)
المستدرك على الصحيحين للحاكم ج 6/ ص 282۔ الرقم: 2625) المعجم الكبير للطبراني ج 10/ ص 155)

Scanned by CamScanner

هن امت جا افضل ترين اُهي ماڻهو آهن جيڪي گهٽين زالن(هڪ وقت ڇئن جي اندر) رکڻ وارا آهن.

پيغمبرن جون شاديون :

دنيا ۾ ڪوبہ نبي اهڙو نہ آيو جنهن شادي نہ ڪئي هجي سواءِ حضرت يحيٰ عليہ السلام ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي. حضرت يحيٰ عليہ السلام نڪاح ڪيو هيو پر شاديءَ کان اڳ دنيا کان پردو فرمائي ويو. پر حضرت عيسيٰ عليہ السلام اڃا زنده آهي. جڏهن قيامت قريب ٿيندي تہ آسمان تان لهندو، زمين تي رهندو، شاديون ڪندو، ٻارن اولاد وارو ٿيندو پوءِ دنيا تان پردو ڪندو. (احياء العلوم)[1]

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلًا مِّنْ قَبْلِكَ وَجَعَلْنَا لَهُمْ اَزْوَاجًا وَّذُرِّيَّةً ۚ

(الرعد: ٣٨)

۽ بيشڪ اسان (اي سڏا محمد ڪريم ﷺ) تو کان اڳ ۾ جيڪي بہ رسول موڪليا هئا انهن لاءِ اسان زالون ۽ اولاد بہ مقرر ڪيا هئا.

انبياء ڪرام شاديون ڪيون ۽ ماڻهن کي ازدواجي زندگي جا معاملات سيکاريائون.

حديث نمبر 478 :

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ ڇهہ شيون نبين جي سنتون آهن.

اَلْحِلْمُ وَالْحَيَاءُ وَالْحِجَامَةُ وَالسِّوَاكُ وَالتَّعَطُّرُ وَكَثْرَةُ الْأَزْوَاجِ

(بيهقي، شعب الايمان)[2]

1. بردباري 2. حياء 3. سڱيون لڳرائڻ 4. ڏندڻ
5. عطر و خوشبوءِ 6. گهٽيون زالون.

---

[1] إحياء علوم الدين (ج 1/ ص 377)

[2] حديث نمبر 578: شعب الإيمان للبيهقي، باب الحياء بفصوله (ج 16/ ص 208۔ الرقم: 7458)
تهذيب الآثار للطبري، عن ابن عباس (ج 6/ ص 320۔ الرقم: 2813)

Scanned by CamScanner

انھن ڇھن شين تي غور ڪجي تہ دنياوي زندگي جي آسائش، زيبائش، سکون، سرور، صحت سڀ انھن ئي شين ۾ رکايل آھن.

گھٽيون شاديون سنت يا بدعت ؟

سڀٽي مدني ڪريم ﷺ جن جي زندگي امت لاءِ بھترين نمونو آھي. قرآن فرمايو تہ :

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ ○ (الاحزاب:٢١)

بيشڪ توھان جي لاءِ رسول الله ﷺ (جي زندگي) ۾ بھترين نمونو آھي.

جڏھن رسول الله ﷺ جي حياتِ طيبہ اسان لاءِ بھترين نمونو آھي. جڏھن اسان سيرتِ نبوي تي نظر وجھون ٿا تہ محبوب ڪريمن ﷺ جو ھڪ ڪان وڌيڪ شاديون ڪرڻ، وري انھن سان سڀٽو سلوڪ ڪرڻ، بطور احسن نظر اچي ٿو ۽ اِھو سڀ امت جي تعليم ۽ تربيت لاءِ ڪيائون. جڏھن پاڻ ھڪ ڪان وڌيڪ شاديون ڪيائون تہ اھا محبوبن جي سنت ٿي پئي نہ ڪہ بدعت! ان ڪان پوءِ ھيءَ ڳالھہ بہ قابل فھم آھي تہ سڀٽي سردار محمد ڪريم ﷺ صرف ھڪ ٻيبي ڪنواري سان شادي ڪئي ھئي باقي سڀ گھرواريون رنڊ ھيون. اھا بہ امت لاءِ درسِ عمل آھي تہ ٻيواھہ عورتن سان شادي ڪرڻ ۾ عذر ۽ عار نہ ڪيو وڃي، بلڪہ ان شادي ۾ ڀيٽو ثواب آھي. ھڪ شادي جو ثواب ٻيو ٻيواھہ جي سھاري بنجڻ جو ثواب.

حديث نمبر 579 :

حضرت ٻيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي عرض ڪيو تہ "يا رسول الله ﷺ جيڪڏھن توھان ڪنھن وادي ۾ جلوہ افروز ٿيو ۽ ان وادي ۾ وَڻَ ھجن جن مان خوراڪ کاڌل ھجي ۽ ھڪ اھڙو بہ وڻ ھجي جنھن جي خوراڪ اڃا کاڌل نہ ھجي تہ پوءِ توھان پنھنجو اٺ ڪھڙي وڻ وٽ چڙيندو؟" پاڻ ﷺ فرمايائون "ان وڻ وٽ جنھن جي خوراڪ کاڌل نہ ھجي." يعني رسول الله ﷺ ٻيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان سواءِ ٻي ڪنھن ڪنواريءَ سان شادي نہ ڪئي ھئي. (بخاری) 1

---

1 حديث نمبر 579: صحيح البخاري بَاب نِكَاحِ الْأَبْكَارِ .الخ(ج 16 / ص 13 ـ الرقم: 4687) صحيح ابن حبان كتاب الأيمان (ج 18 / ص 163 ـ الرقم: 4408) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7 / ص 81)

Scanned by CamScanner

اڪابرينِ امت جو عمل :

بعض طبيعتن تي شهوت جو غلبو هوندو آهي. انهن کي هڪ زال پارسا نہ رکي سگهي تہ اهڙن ماڻهن کي هڪ کان وڌيڪ چئن تائين شاديون ڪرڻ مستحب آهي. جيڪڏهن انهن گهروارين سان الله تعالي موافقت ۽ محبت نصيب ڪري تہ بهتر ورنہ مستحب آهي تہ ناموافق زال کي طلاق ڏئي وري پي سان نڪاح ڪري. (احياء العلوم) 1

حضرت امام حسن بن علي رضي الله عنهما گھٽا نڪاح ڪيا، تان جو پنهنجي زندگي ۾ 200 پہ سؤ کان وڌيڪ زالن سان نڪاح ڪيائون. بعض وقت هڪ ئي وقت ۾ چار زالن سان نڪاح ڪندا هئا ۽ هڪ ئي وقت ۾ چار زالن کي طلاق ڏيندا هئا.[2]

هڪ ڏينهن حضرت امام حسن رضي الله عنه حضرت عبدالرحمن بن حارث بن هشام رضي الله عنه وٽ ويا جيڪو مديني جو فقيہ ۽ رئيس هيو. حضرت امام حسن رضي الله عنه جو تمام گھٽو اعزاز، تعظيم ۽ تڪريم ڪيائين ۽ پنهنجي مسند تي ويهاريائين ۽ عرض ڪيائين توهان مون ڏانهن نياپو ڪيو ها تہ آءٌ حاضر ٿي وڃان ها. پاڻ فرمايائون ضرورت مون کي هئي ان لاءِ آءٌ پاڻ آيس. عرض ڪيائين ڪهڙي ضرورت آهي؟ فرمايائون تنهنجي نياڻي جو سگ وٽ آيو آهيان. حضرت عبدالرحمن رضي الله عنه عرض ڪيو تہ روءِ زمين تي توهان کان وڌيڪ پيو ڪوبہ محبوب نہ آهي. توهان ڇاڪو ٿا تہ منهنجي نياڻي منهنجي جگر جو ٽڪرو آهي. توهان طلاق گھٽي ڏيندا آهيو متان منهنجي نياڻي کي طلاق ڏيو ۽ نياڻي جي محبت سبب توهان سان محبت ۾ فرق نہ اچي وڃي. توهان رسول الله صلي الله عليه وسلم جي جگر جا ٽڪرا آهيو. توهان جي محبت منهنجو ايمان آهي. توهان يقين ڏياريو تہ منهنجي نياڻي کي طلاق نہ ڏيندؤ تہ مان اڄ ئي ان جو نڪاح اوهان سان ڪيان. پاڻ رضي الله عنه خاموش ٿي اُٺي هليا آيا ۽ فرمايائون تہ عبدالرحمن جي مرضي هئي تہ پنهنجي نياڻي منهنجي ڪچيءَ جو طوق بنائي ڇڏي.

(احياء العلوم) 3

---

[1] إحياء علوم الدين كتاب آداب النكاح (ج 1 / ص 384)

[2] إحياء علوم الدين كتاب آداب النكاح (ج 1 / ص 384)

[3] إحياء علوم الدين باب النظر في حقوق الزوج عليها (ج 1 / ص 406)

Scanned by CamScanner

حضرت علي ڪرم الله وجھ حضرت امام حسن رضي الله عنه جي طلاق ڏيڻ واري عادت ڪان تنگ ٿي ھڪ ڏينھن ممبر تي بيھي خطبو ڏنائين تہ منھنجو پٽ حسن اڪثر طلاق ڏئي ڇڏي ٿو، توھان پنھنجون نياڻيون ان کي نہ ڏيو. ھمدان جي قوم مان ھڪ شخص اٿي بيٺو ۽ عرض ڪيائين اي امير المؤمنين خدا جو قسم حضرت امام حسن رضي الله عنه جيترين بہ عورتن سان نڪاح ڪرڻ چاھي، اسان پنھنجون نياڻيون کين ڏيندا رھنداسين پوءِ سندس مرضي آھي تہ انھن کي رکي يا ڇڏي ڏئي. اسان جا ٻچا! سڀني حسن تان قربان آھن.

حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه خوش ٿي فرمايو تہ قيامت واري ڏينھن الله تعاليٰ مون کي جنت جو دربان ڪندو تہ مان ھمدان قوم مان ڪنھن کي بہ ٻاھر نہ ڇڏيندس سيني کي جنت ۾ موڪلينديس. (احياء العلوم ج:۲، کتاب النکاح) [1]

حضرت مغيره بن شعبہ رضي الله عنهما اسي (80) عورتن سان نڪاح ڪيو ھيو. صحابہ ڪرام رضوان الله تعاليٰ عليھم اجمعين مان گھٽا ٿي ٿي چار چار زالن وارا ھئا. ۽ گھروارين وارن جو تہ شمار ئي نہ ھيو.

حضرت سفيان بن عيينہ رحمة الله عليہ فرمايو تہ گھٽيون شاديون ڪرڻ دنياداري ناھي. اصل ۾ دنيا آھي الله کان غافل ٿي وڃڻ.

چيست دنيا از خدا غافل بُدن
نے قماش و نقره فرزنده زن

دنيا الله تعاليٰ کان غافل ٿيڻ جو نالو آھي. سون چاندي، زالون، ٻار ٻچا دنيا نہ آھي. جيڪڏھن الله جي ياد دل ۾ ھجي، الله جو خوف قلب و باطن ۾ ھجي، عدل ۽ انصاف سان زندگي گذاري تہ ان لاءِ چار شاديون ڪرڻ بہ عبادت آھي.

اولياءَ الله کي گھٽيون شاديون :

حضرت سائين سيد امير علي شاھہ جيڪي منھنجي مُربي حضرت خواجہ الاھي بخش رحمة الله عليہ جا مريد ۽ محبت وارا ھئا.

---

[1] إحياء علوم الدين باب النظر في حقوق الزوج عليها ج 1 / ص 406)

Scanned by CamScanner

انهن چيو تہ مون حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليہ جي گھٽي تعريف ٻڌي تہ ماتلي شهر ۾ هڪ الله وارو آيو آهي. مون کي شوق ٿيو تہ سندس زيارت لاءِ ڪڙيہ گهنور کان ماتلي ۾ آيس. ٽنبو غلام علي روڊ تي هڪ هوٽل تي ويٺس اهو هوٽل وارو منهنجو مريد هيو. ان چانهہ پياري ۽ پچيائين سائين ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ مون چيو هتي ماتلي ۾ هڪ الله وارو آيو آهي ان جو ديدار ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيو آهيان. ان هوٽل واري يڪدم چيو تہ الله وارا ڪو ائين ٿيندا آهن ڇا؟ ٻڌو اٽئون تہ ان بزرگ کي تي شاديون آهن. الله وارا گھٽيون شاديون ڪندا آهن ڇا؟ ان هوٽل واري تمام بدعقيدگي جون ڳالهيون ڪيون. مون چيو هتي تہ هاڻي آيو آهيان تہ زيارت کان سواءِ واپس نہ ويندس. جڏهن درگاهہ فضل آباد شريف ۾ آيس، پاڻ رحمة الله عليہ هڪ ڇٽائي تي ويٺل هيا. جڏهن سندس چهري تي نظر پئي تہ مون ائين سمجهيو تہ جيئن چوڏهين جو چنڊ چمڪي رهيو هجي. آءٌ اچي سندس اڳيان ويٺس تہ پاڻ مسڪرائي فرمايائون تہ ابا الله وارا مرد هوندا آهن، نامرد نہ هوندا آهن، مردن کي چار شاديون ڪرڻ بہ جائز آهن.

مون کي سندن ڪشف تي حيرت لڳي جيڪا ڳالهہ هوٽل ۾ ٿي، هڪ ماڻهو چوڻ وارو هيو، ٻڌڻ وارو صرف آءٌ هيس، اُها خبر کين ڪيئن پئي؟! پوءِ مون سندن دستِ حق تي بيعت ڪئي.

چئن کان وڌيڪ شاديون حرام آهن :

هڪ ئي وقت ۾ هڪ ماڻهو کي چئن تائين زالون رکڻ جي اجازت آهي، ان کان وڌيڪ زالون هڪ وقت رکڻ جائز نہ آهي.

حديث نمبر 580 :

حضرت قيس بن حارث رضي الله عنهما فرمايو تہ جڏهن مون اسلام آندو ان وقت مون وٽ اٺ زالون هيون. اُها ڳالهہ مون حضرت نبي ڪريم ﷺ جن سان ڪئي. پاڻ فرمايائون :

اخْتَرْ مِنْهُنَّ أَرْبَعًا (ابن ماجه)[1]

---

[1] حديث نمبر 580: سنن ابن ماجه (ج 6/ص 84۔الرقم: 1942) واخرجه ابو داؤد (ج 6/ص 164۔الرقم: 1914)

Scanned by CamScanner

آڻن مان کي به چار پاڻ وٽ رک. (باقي چئن کي پاڻ کان جدا ڪر)

جيڪو ماڻهو چاٽي واٽي پنجين شادي ڪري ته ان تي حد جاري ڪجي. حضرت زهري رحمة الله عليه فرمايو ته جيڪو چاٽي واٽي پنجين شادي ڪري ان کي سنگسار ڪجي ۽ جيڪو بي علمي ۾ ڪري ان کي ڪوڙا هڻجن. لهذا پنجين زال کي حق مهر ڏئي جدا ڪري ڇڏجي.

بي شادي ڪڏهن ڪجي؟

ماڻهو سمجهندا آهن ته بي شادي تڏهن ڪجي جڏهن پهرئين مان اولاد نه هجي، يا پهرئين ۾ ڪو عيب هجي يا پهرئين ملوڪ موچاري نه هجي وغيره وغيره.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو شادي شده هجي ۽ اولادي به هجي بي شادي جي ڳالهه ڪندو آهي ته يڪدم ماڻهو ان کي ملامت ڪندا آهن ته ميان اهڙي سني زال هوندي، اولاد هوندي بي شاديءَ جي تو کي ڪهڙي ضرورت آهي؟ حالانڪه انهن نادانن کي اِها خبر نه آهي ته گھٽيون شاديون ڪرڻ پيغمبرن جي سنت آهي.

قابلِ توجهه!

اگر دنيا جي آدمشماري تي نظر وڌي وجي ته مردن کان عورتن جو تعداد گھٽو وڌيڪ آهي. ان کان علاوه ڪافي عورتن جا مڙس به فوت ٿي ويندا آهن. هاڻي اگر هڪ مرد صرف هڪ عورت سان شادي ڪري ته هزارين عورتون شادي جي آس ۾ مري ويندیون. انهن لاءِ مڙس ملندا ئي نه. هيءَ ڳالهه فطرت جي خلاف آهي. ان لاءِ اسلام هڪ کان وڌيڪ شادين کي مشروع ڪيو آهي.

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن ام المومنين حضرت خديجة الكبريٰ رضي الله عنها جي رحلت بعد حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها ۽ حضرت سوده بنت زمعه رضي الله عنها سان شادي ڪئي.

محبوبن ڪريمن ﷺ کي سيده خديجه رضي الله عنها مان اولاد به هيو ۽ سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کي گھٽو چاهيندا به هئا. ان جي باوجود به حضرت عائشه رضي الله عنها جي موجودگي ۾ پاڻ ست امهات المومنين سان نڪاح ڪيائون. (فقه تعدد الزوجات)

Scanned by CamScanner

الله پاڪ فرمايو تہ:

فَانْكِحُوْا مَا طَابَ لَكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ ○ (النساء: ٣)

نڪاح ۾ آڻيو جيڪي عورتون توهان کي پسند هجن.

"طابَ" جو لفظ ٻڌائي ٿو تہ دل چاهي تہ شادي جي باوجود پي شادي ڪرڻ جائز ۽ مباح آهي.

عجيب قصو:

هڪ ڏينهن حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ حضرت عثمان رضی اللہ عنہ وٽان گذريو. هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن حضرت عثمان رضی اللہ عنہ جي گهرواري جيڪا رسول الله ﷺ جي نياڻي هئي، فوت ٿي چڪي هئي ۽ حضرت عثمان رضی اللہ عنہ ان غم کان دوچار هيو. چيائين توهان ڇو پريشان آهيو؟ حضرت عثمان رضی اللہ عنہ چيو مان ڇو نہ پريشان ٿيان جو رسول الله ﷺ کان منهنجو رشتو منقطع ٿي ويو. حضرت عمر رضی اللہ عنہ فرمايو ڇا مان پنهنجي نياڻي حفصہ تنهنجي نڪاح ۾ نہ ڏيان! چيائين ها. حضرت عمر رضی اللہ عنہ فرمايو ترس مان ان جي متعلق رسول الله ﷺ کان مشورو وٺان. پوءِ جڏهن حضرت عمر رضی اللہ عنہ رسول الله ﷺ سان هيءَ ڳالهہ بيان ڪئي تہ پاڻ ﷺ فرمايائون:

أَلَا أَدُلُّكَ عَلَى صِهْرٍ خَيْرٍ لَكَ مِنْ عُثْمَانَ، وَأَدُلُّ عُثْمَانَ عَلَى صِهْرٍ خَيْرٍ لَهُ مِنْكَ؟

ڇا مان توکي تنهنجي لاءِ عثمان کان بهتر نائي جو ڏس ڏيان؟ ۽ عثمان کي ان لاءِ توکان بهتر صهري جو ڏس نہ ڏيان؟ حضرت عمر رضی اللہ عنہ عرض ڪيو تہ ٻڌايو يا رسول الله! پاڻ فرمايائون:

تُزَوِّجُنِي حَفْصَةَ، وَأُزَوِّجُ عُثْمَانَ ابْنَتِي، قَالَ: فَفَعَلَ ذَلِكَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ۔ [1]

پنهنجي ڌيءَ حفصہ جو مون سان نڪاح ڪر ۽ عثمان کي مان پنهنجي نياڻي نڪاح ۾ ڏيان ٿو. پوءِ رسول الله ﷺ ائين ئي ڪيو.

---

[1] الآثار لأبي يوسف (ص: 216)

Scanned by CamScanner

هاڻي ڏسو رسول الله ﷺ پاڻ سيده حفصہ رضي الله عنها سان نڪاح ڪيائون حالانڪ حضور عليہ الصلواة جي نڪاح ۾ حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها موجود هئي.

(فقه تعدد الزوجات :ص 130)

ڪا اها ڳالهہ ثابت ٿيل آهي تہ هي شاديءَ لاءِ پهرئين گهرواريءَ کان اجازت وٺڻ ضروري نہ آهي. اگر پهرئين زال جي رضا خوشي هجي تہ بهتر پر جيڪڏهن ناراض هجي ڪا مڙس هي شادي ڪري تہ بہ جائز آهي. ڇو تہ عورت ڪٿي راضي ٿيندي تہ ان تي پهاڻ پوي؟!

حديث پاڪ ۾ آهي تہ عورت جي مثال جبل اڇي وڃي تہ بہ ان کي ايترو ڏکيو نہ لڳندو، جيترو پهاڻ ڏکي لڳي ٿي.

اڪثين لونگ لڳا جعفر ويا وسري :

گهٽا ماڻهو جڏهن هي شادي ڪندا آهن تہ پهرئين کي وساري ڇڏيندا آهن. شاديءَ جي خوشيءَ ۾ نماز، جماعت ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ بہ سست ٿي ويندا آهن. حالانڪہ انهن کي لازم آهي تہ الله جي نئين نعمت ملڻ تي وڌيڪ الله جا شڪر گذار ٿين ۽ وڌيڪ الله جي عبادت ڪن. ۽ اڳئين گهرواري جيڪا ڏُکاري آهي ان سان وڌيڪ قرب محبت ۽ شفقت جو اظهار ڪن ۽ ان جي هيانوَ کي ڇنبو هڻن.

حديث نمبر 581 : سيدنا انس رضی اللہ عنہ روايت ڪري ٿو:

أَوْلَمَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ حِينَ بَنَى بِزَيْنَبَ بِنْتِ جَحْشٍ فَأَشْبَعَ النَّاسَ خُبْزًا وَلَحْمًا ثُمَّ خَرَجَ إِلَى حُجَرِ أُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِينَ كَمَا كَانَ يَصْنَعُ صَبِيحَةَ بِنَائِهِ فَيُسَلِّمُ عَلَيْهِنَّ وَيُسَلِّمْنَ عَلَيْهِ وَيَدْعُو لَهُنَّ وَيَدْعُونَ لَهُ. (بخاری)[1]

جنهن ڏينهن حضرت نبي ڪريم ﷺ سيده زينب بنت جحش رضي الله عنها سان شادي ڪئي تہ پاڻ وليمو ڪيائون. ماڻهن ماني ۽ گوشت ڏؤ ڪري کاڌو. پوءِ پاڻ ٻين گهروارين امهات المؤمنين جي حجرن ڏانهن نڪتا.

---

[1] حديث نمبر 581: صحيح البخاري بَاب قَوْلُهُ لَا تَدْخُلُوا بُيُوتَ النَّبِيِّ إِلَّا أَنْ يُؤْذَنَ لَكُمْ. الخ ج 14 / ص 479. الرقم: 4420)

Scanned by CamScanner

ائين ڪيائون جيئن شادي واري رات جي صبح جو سندن دستور هوندو هيو. پاڻ هر هڪ جي گھر ۾ آيا انهن تي سلام ڪيائون ۽ انهن لاءِ دعا گھريائون. ٻيٻين ۾ حضور ﷺ تي سلام ڪيو ۽ دعا گھريائون.



Scanned by CamScanner

باب ٻيون

زالن ۾ عدل ڪرڻ

گھٽيون شاديون ڪرڻ انھن جي وچ ۾ عدل ۽ انصاف ڪرڻ وڏي آزمائش آھي، قرآن مجيد ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ فرمايو:

وَلَنْ تَسْتَطِيْعُوْٓا اَنْ تَعْدِلُوْا بَيْنَ النِّسَآءِ وَلَوْ حَرَصْتُمْ فَلَا تَمِيْلُوْا كُلَّ الْمَيْلِ فَتَذَرُوْهَا كَالْمُعَلَّقَةِ ۭ وَاِنْ تُصْلِحُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ○ (النساء: ۱۲۹)

۽ اصل نہ ٿا طاقت رکو توھان زالن جي وچ ۾ عدل ڪرڻ جي توڙي جو توھان ان ڳالھ جو حرص ۽ رکو پوءِ توھان (ھڪ زال ڏانھن) سڀ جو سڀ لاڙو نہ ڪيو، جو (ٻي زال کي) لڙڪيل بنائي ڇڏيو ۽ جيڪڏھن صلح ڪيو ۽ پرھيزگاري ڪيو تہ بيشڪ الله پاڪ بخشڻھار ۽ وڏي ٻاجھ وارو آھي.

وَلَنْ تَسْتَطِيْعُوْٓا اَنْ تَعْدِلُوْا

اِھا انساني طبيعت ۽ فطرت آھي ۽ دل جو معاملو آھي، دل ڪنھن ھڪ طرف وڌيڪ رغبت رکندي آھي ڇو تہ قلب ۽ باطن پنھنجي وس ۾ نہ ھوندو آھي. تڏھن تہ الله تبارڪ و تعاليٰ فرمايو تہ توھان ڪوشش جي باوجود ۽ زالن جي وچ ۾ عدل نہ ٿا ڪري سگھو. اِھا ڳالھ توھان جي وس ۾ ئي نہ آھي، جو ٻنھين سان بلڪل ھڪ جھڙو سلوڪ ڪري سگھو. رب ڪريم فرمايو تہ ڀلا ھاڻي ائين نہ ڪيو جو ھڪ زال ڏانھن جيڪا توھان جي دل پياري آھي، ان ڏانھن بلڪل اھڙو متوجھ نہ ٿي وڃو جو ٻي کي لڙڪيل شيءِ وانگر ڇڏي ڏيو.

كَالْمُعَلَّقَةِ ؕ : لڙڪيل يا قيدياڻي

Scanned by CamScanner

لتڪيل يعني نہ زمين تي، نہ آسمان تي. نہ مڙس واري، نہ طلاق واري، نہ شادي شده نہ غير شادي شدہ اهڙو ظلم نہ ڪيو.

وَاِنْ تُصْلِحُوْا ۽ جيڪڏهن توهان اصلاح ڪيو.

يعني جنهن زال سان توهان جي پَوَت ناهي، ان جا جيڪي توهان حق ڏيڻا آهن، ڪاڏي پيتي ۾، واري ڪرڻ ۾ جيڪي توهان کان زيادتيون ٿيون آهن انهن جو اصلاح ڪيو.

وَ تَتَّقُوْا ۽ ڏجو، ظلم ۽ زيادتي کان، صفا هڪڙي ڏانهن جيڪو متوجهہ ٿي پي ڪي وساري ويٺا آهيو ان کان باز اچي وڃو.

فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا۔ تہ پوءِ بيشڪ الله تبارڪ و تعاليٰ بہ توهان جون زيادتيون معاف ڪندڙ ۽ رحمت ڪندڙ آهي. توهان اصلاح جي ڪوشش ڪيو تہ الله جي بہ توهان سان مدد، رحمت ۽ مغفرت شامل حال ٿي ويندي.

عدل ڇا آهي؟

سوال پيدا ٿئي ٿو تہ اُهو عدل ڪهڙو آهي؟ جنهن لاءِ الله پاڪ فرمايو تہ:

وَلَنْ تَسْتَطِيْعُوْٓا اَنْ تَعْدِلُوْا بَيْنَ النِّسَآءِ وَلَوْ حَرَصْتُمْ ۝ (النساء:۱۲۹)

توهان ڪوشش جي باوجود بہ زالن جي وچ ۾ عدل نہ ٿا ڪري سگهو.

حضرت عبدالله بن مسعود رضی اللہ عنہ فرمايو تہ عدل مان هرگز اها مراد نہ آهي تہ جيترا پيرا هڪ زال سان حقِ زوجيت ادا ڪيو وڃي پي سان بہ اوترائي پيرا حقِ زوجيت ادا ڪجي.

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايوتہ عدل مان مراد صحبت ۽ محبت آهي. (تفسير در منثور)

لازم نہ آهي جيتري هڪ سان محبت هجي پي سان بہ اوتري ئي محبت هجي ڇو تہ محبت دل جي ڪيفيت آهي ۽ دل الله جي هٿ ۾ آهي.

حضرت مجاهد فرمايو تہ عدل مان مراد محبت آهي. تفسير در منثور ۾ آهي تہ هيءَ آيت حضرت امان عائشہ رضي الله عنها جي باري ۾ نازل ٿي هئي.

Scanned by CamScanner

چو ته سڀڻا محبوب ڪريم ﷺ جن امان عائشہ رضي الله عنها سان تمام گھٽي محبت رکندا ھئا.

حديث نمبر 582 :

حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو ته :

كَانَ رَسُولُ اللهِ ﷺ يَقْسِمُ بَيْنَ نِسَائِهِ فَيَعْدِلُ ثُمَّ يَقُولُ اللَّهُمَّ هَذَا فِعْلِي فِيمَا أَمْلِكُ فَلَا تَلُمْنِي فِيمَا تَمْلِكُ وَلَا أَمْلِكُ (ابو داؤد، ترمذی، نسائی) [1]

حضور نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي گھروارين جي وچ ۾ هر چيز ۾ عدل ڪندا ھئا (ڪاڏي پيتي، رات رهڻ ۾، خرچ پکي وغيره ۾) پوءِ فرمائيندا ھئا "اي الله هيءَ ورهاست آهي جيڪا منهنجي وس ۾ آهي، پوءِ ان ڳالهه تي مون تي ملامت نه ڪجانءِ جيڪا تنهنجي وس ۾ آهي، منهنجي وس ۾ نه آهي يعني دل جي محبت."

حضرت حسن فرمايو ته عدل مان مراد آهي :

اَلْمُحَادَثَةُ وَالْمُجَالَسَةُ وَالنَّظْرُ اِلَيْهِنَّ

ڪچهري ڪرڻ، گفتگو ڪرڻ، محبت پري نظرن سان نهارڻ.

لازم نه آهي ته هر هڪ زال سان هڪ جيتري ڪچهري وغيره ڪئي وڃي ائين ڪرڻ انسان جي وس ۾ نه آهي.

صحبت ۾ برابري شرط ناهي :

ابن قُدامہ فرمايو ته اهلِ علم هِن ڳالهه تي متفق آهن ته صحبت ۾ برابري ڪرڻ شرط نه آهي ۽ نه ئي واجب آهي چو ته صحبت، شهوت ۽ محبت دل جي ڪيفيتن مان آهن.

---

[1] حديث نمبر 582: سنن ابن ماجه بَاب الْقِسْمَةِ بَيْنَ النِّسَاءِ (ج 6/ص 110۔ الرقم: 1961)
سنن أبي داود بَاب فِي الْقَسْمِ بَيْنَ النِّسَاءِ (ج 6/ص 34۔ الرقم: 1822)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي التَّسْوِيَةِ بَيْنَ الضَّرَائِرِ (ج 4/ص 353۔ الرقم: 1059)
السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ص 281۔ الرقم: 8891) مسند أحمد (ج 51/ص 116۔ الرقم: 23959)
صحيح ابن حبان (ج 17/ص 404۔ الرقم: 4279) مصنف ابن أبي شيبة (ج 3/ص 447)

Scanned by CamScanner

ان ۾ برابري ڪرڻ پنهنجي وس ۾ نه آهي ڇو ته دل ڪنهن زال سان وڌيڪ ۽ ڪنهن سان گهٽ هوندي آهي. دل کي زبردستي هڪ طرف آڻي نه ٿو سگهجي.

(فقه تعدد الزوجات : ص 94)

ڪهڙين شين ۾ عدل واجب آهي :

اَلْعَدْلُ وَاجِبٌ: فِيْ الْمَأْكَلِ وَالْمَشْرَبِ وَالْمَلْبَسِ وَالْمَسْكَنِ وَالْمَبِيْتِ وَلَا يَجِبُ الْعَدْلُ فِيْمَا سِوَاهُ كَالْمَحَبَّةِ وَالْجِمَاعِ

پن يا پن کان وڌيڪ زالن جي وچ ۾ هنن شين ۾ عدل يعني هڪجهڙائي ڪرڻ واجب آهي.

1. **کائڻ ۾ :** سڀني گهروارين کي هڪجهڙو کارائي، ائين نه ڪري جو هڪ زال پوڙ پلاءُ وٺي کائي ۽ پي زال دال ماني تي گذارو ڪندي هجي.

2. **پيئڻ ۾ :** سڀني زالن کي هڪجهڙو پياري ائين نه ڪري جو هڪڙي زال روح افزا شربت پيئي ۽ پي کي نلڪي جو گرم پاڻي ب نه ملي.

3. **لباس ۾ :** سڀني زالن کي هڪجهڙو لباس پهرائي، جيڪڏهن دل پياري زال کي پنجاهه روپيه ميٽر وارو لباس ڏيکائي ٿو ته پي کي به اهڙو ئي ونڊي ڏئي.

4. **رات رهڻ :** سڀني زالن سان هڪجيترو وارو ڪجي، هڪ زال وٽ هڪ رات ته پي وٽ به هڪ رات. هڪ وٽ هفتو ته پي وٽ به هفتو، ان طرح وقت جي ورهاست ۾ برابري ڪرڻ گهرجي.

5. **گهر ۾ :** سڀني زالن کي هڪجهڙو گهر ناهي ڏيڻ گهرجي، ائين نه هجي جو هڪڙي زال بنگلن ۾ ۽ پي وري ڪکائين جهگي ۾ ته اهو به ظلم آهي.

انهن پنج شين کان سواءِ پين شين جهڙوڪ محبت، الفت، صحبت، ڪچهري وغيره ۾ هڪجهڙائي ڪرڻ واجب نه آهي. انهن شين ۾ پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪندو رهي پوءِ جيڪڏهن گهٽ وڌائي ٿي وئي ته معاف آهي. باقي مٿين پنج شين ۾ گهٽ وڌائي ڪرڻ وارو الله پاڪ وٽ گنهگار آهي ۽ آخرت جي سزا جو حقدار آهي.

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 583:

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته مدني تاجدار صلي الله عليه وسلم فرمايو ته :

مَنْ كَانَتْ لَهُ امْرَأَتَانِ فَمَالَ إِلَى إِحْدَاهُمَا جَاءَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَشِقُّهُ مَائِلٌ (ابوداؤد) 1

جنهن ماڻهو کي ٻه زالون هيون، هڪ کان وڌيڪ پي ڏانهن مائل رهيو (هڪ جا حق ادا نه ڪيائين) اهو ماڻهو قيامت واري ڏينهن ان حال ۾ ايندو جو ان جو هڪ پاسو مفلوج هوندو.

زالن جي وچ ۾ عدل ڪرڻ لازم آهي ڇو ته هڪ کان وڌيڪ شادين لاءِ الله پاڪ شرط رکيو آهي عدل جو، جيڪڏهن عدل ڪري سگهو ته پوءِ ئي وڌيڪ شاديون ڪيو. رب فرمايو :

فَإِنْ خِفْتُمْ أَلَّا تَعْدِلُوا فَوَاحِدَةً ○ (النساء:3)

پوءِ جيڪڏهن ڏڃو ٿا ته توهان عدل نه ڪري سگهندؤ ته هڪ زال ڪافي آهي.

حديث نمبر 584 :

مَنْ كَانَتْ لَهُ امْرَأَتَانِ يَمِيلُ مَعَ إِحْدَاهُمَا عَلَى الْأُخْرَى جَاءَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَأَحَدُ شِقَّيْهِ سَاقِطٌ. (نسائی، ترمذی) 2

جنهن ماڻهو کي ٻه زالون هيون، هڪ کان وڌيڪ پي ڏانهن مائل رهيو (هڪ جا حق ادا نه ڪيائين) اهو ماڻهو قيامت واري ڏينهن ان حال ۾ اٿندو جو ان جي جسم جو هڪ پاسو ڪريل هوندو.

---

[1] حديث نمبر 583: سنن أبي داود بَاب فِي الْقَسْمِ بَيْنَ النِّسَاءِ (ج 6/ ص 33۔ الرقم: 1821)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي التَّسْوِيَةِ بَيْنَ الضَّرَائِرِ (ج 4/ ص 354۔ الرقم: 1060)
سنن الدارمي باب فِي الْعَدْلِ بَيْنَ النِّسَاءِ (ج 6/ ص 482۔ الرقم: 2261)

[2] حديث نمبر 584: سنن ابن ماجه بَاب الْقِسْمَةِ بَيْنَ النِّسَاءِ (ج 6/ ص 108۔ الرقم: 1959) سنن النسائي. مَيْلُ الرَّجُلِ إِلَى بَعْضِ نِسَائِهِ دُونَ بَعْضٍ (ج 12/ ص 292۔ الرقم: 3881) مسند أحمد: مسند أبي هريرة (ج 17/ ص 254۔ الرقم: 8212)
شعب الإيمان للبيهقي (ج 18/ ص 225۔ الرقم: 8456)

Scanned by CamScanner

يعني ٻن شادين وارا جيڪي ٻنهين سان هڪجهڙو نه هلن تہ اُهي قيامت واري ڏينهن ان حال ۾ اٿندا جو هڪ پاسو مردو هوندو. ماڻهو پري کان سڃاڻندا تہ اِهي ظالم آهن جي ٻن زالن ۾ برابري نہ ڪندا هئا.

برابري جا مثال :

1. حضرت علي ڪرم الله وجہ الڪريم کي ٻہ زالون هيون هڪ وٽ ويندو هيو تہ اڌ درهم جو گوشت وٺي ويندو هيو، وري ٻيءَ جي واري ۾ ويندو هيو تہ ٻہ اڌ رهم جو گوشت وٺي ويندو هيو. (کتاب العيال)

2. حضرت مجاهد فرمايو تہ الله جا ٻانها زالن ۾ برابري کي ضروري سمجهندا هئا، ايستائين جو جيئن هڪ زال وٽ عطر مکي ويندا هئا تہ ٻي وٽ ٻہ مکي ويندا هئا.

3. حضرت محمد بن سيرين رضي الله عنه هڪ زال جي واري ۾ ٻي زال وٽ وڃي وضو ڪرڻ کي مڪروهہ سمجهندا هئا. (مصنف ابي شيبہ)

عورتن ۾ غيرت :

اِها فطري ڳالهہ آهي تہ عورت لاءِ پهاڻ جو سور ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي، عورت ڏک سور سهي ويندي آهي، غربت مسڪيني تي راضي ٿي ويندي آهي پر پنهنجي مڙس کي ٻي عورت سان ڏسڻ ان کي جبل کان وڌيڪ ڏکيو لڳندو آهي. انڪري ٻي شادي جو شوق رکڻ وارن کي ان ڳالهہ کان باخبر رهڻ گهرجي تہ ٻہ زالون وڏو امتحان آهي. دنيا جي زندگي ۾ ٻہ امتحان آهن ۽ آخرت جي زندگي لاءِ ٻہ امتحان آهن. هڪڙي زال کي پيار ڏئي ٻي کي نہ ڏئي تہ دنيا ۾ آزار ۽ آخرت ۾ ٻہ عذاب. اگر زالون صبر واريون آهن، طبيعتاً ذهني هم آهنگي رکن ٿيون تہ سکون آهي ورنہ تہ دنيا ۾ ئي دوزخ آهي.

لطيفو : هڪ شخص کي ٻہ زال هيون. هڪ ٽنگ کي هڪ زال زور ڏيندي هيس، ٻي ٽنگ کي ٻي. هڪ ٻيري هڪ زال مائٽن ڏي وئي تہ ٻي زال صرف هڪ ٽنگ کي زور ڏئي رهي هئي. مڙس چيو تہ ٻي ٽنگ کي ٻہ زور ڏي. چيائين پهاڻ واري ٽنگ کي زور نہ ڏيندیس. جڏهن مڙس گهٽو چيس تہ ڏنڊو ڪٽي پهاڻ جي حصي واري ٽنگ کي هنيائين تہ همراهہ جي رڙ نڪري وئي ۽ ٽنگ ٻہ ٽڪر ٿي پيس.

Scanned by CamScanner

ڪجھ ڏينھن کان پوءِ ٻي زال آئي ان کي سڄي ڳالھ ٻڌايائين. ان چيو تہ مان وري ان پھاڻ جي حصي واري ٽنگ ٽي ٻيڄان وھايائين ڏنبو تہ ھمراھ ٻنيھن ٽنگن کان منبو. سبحان الله! اِھي آھن ٻن زالن جا مزا.

لطيفو: ھڪ ماڻھو کي ٻہ زالون ھيون. ھڪ زال کي ھڪ پاسي ٻانھن تي سمھاريائين ٻي زال کي ٻئي پاسي ٻي ٻانھن تي سمھاريائين. جڏھن ھمراھ جي پٽي گرم ٿي تہ ھڪ زال کي چيائين تہ ٻانھن ڪڍ تہ پاسو ورايان. ان چيو تہ مان نہ ڇڏيندیس وري ٻي کي چيائين ان ٻہ انکار ڪيو. ھمراھ جڏھن ٽکو ڏنائين تہ کاٻہ زال ٻانھن ڪڍڻ نہ ٿي ڏئي تہ ھمراھ وٽي رڙيون ڪيون چور ڙي چور. سڄي ڳوٺ جا ماڻھو گڏ ٿي ويا. ھمراھ کان پڇيائون ڇا ماجرا آھي؟ چيائين خدا جي واسطي زالن کان مون کي ڇڏايو. ماڻھو ڏاڍا ڪِليا صبح جو ھڪ زال کي طلاق ڏئي ڇڏيائين.

زال ڇاھيندي آھي تہ گھر ۾ صرف آءٌ ھجان مڙس صرف مون سان ئي رھي. ان ڪري مڙس جو ٻي زال وڃ ويڙھ، رھڻ عورت کي تمام ڏکيو لڳندو آھي. ڪڏھن ڪڏھن عورت مڙس وڃ مطالبو ڪندي آھي تہ سندس پھاڻ کي طلاق ڏئي، اِھو مطالبو قطعاً جائز نہ آھي.

حديث نمبر 585 :

لَا تَسْأَلُ الْمَرْأَةُ طَلَاقَ الْأُخْرَى لِتَكْفِئَ مَا فِي إِنَائِهَا. (سنن الكبرىٰ، نسائي)[1]

ڪا عورت ٻي عورت (پھاڻ) جي طلاق طلب نہ ڪري تان تہ پلٽي وڃي جيڪو ڪجھ ان جي ٿانوَ ۾ آھي.

يعني ھڪ پھاڻ کي ٻي پھاڻ جي طلاق ونڻ جو مطالبو مڙس کي ڪرڻ ناجائز آھي.

امت لاءِ درسگاھ :

اسان جي سڻي نبي ڪريم ﷺ جن گھڻيون شاديون ڪيون ان ۾ ھزارھا حڪمتون ۽ راز آھن. سيني کان اھم ڳالھ ھي آھي تہ سڻي نبي ڪريم ﷺ گھڻيون شاديون ڪري پنھنجي

---

[1] حديث نمبر 585: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ لَا تَسْأَلُ الْمَرْأَةُ طَلَاقَ أُخْتِهَا ج 4/ ص 439. الرقم: 1111)
السنن الكبرى للنسائي ج 5/ ص 385. الرقم: 9213)

Scanned by CamScanner

امت کي سبق سيکاريو تہ گھٽين زالن سان ڪيئن برتاءُ ڪجي. حضور ﷺ جو گھراٽو امت لاءِ بھترين درسگاھ آھي. اچو تہ ڏسون تہ سھڻا حبيب ﷺ پنھنجي گھروارين سان ڪيئن ھلندا ھئا.

حديث نمبر 586:

حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو تہ ام المؤمنين بي بي صفيہ رضي الله عنها جھڙو سٹو طعام ٺاھيندڙ مون ۾ئي ڪنھن کي نہ ڏٺو. ھڪ ڏينھن منھنجي واري ۾ طعام ٺاھي حضور عليہ الصلواة والسلام جي خدمت ۾ موڪليائين مون کي اُھا ڳالھ ڏاڍي ڏکي لڳي.

فَمَا مَلَكْتُ نَفْسِي أَنْ كَسَرْتُهُ فَسَأَلْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنْ كَفَّارَتِهِ

فَقَالَ إِنَاءٌ كَإِنَاءٍ وَطَعَامٌ كَطَعَامٍ (نسائی)[1]

مان پنھنجي وس ۾ نہ رھيس ٽانوڻ ڀڃي ڇڏيم. (طعام بہ ضايع ٿي ويو) پوءِ عرض ڪيم يا رسول الله ان جو ڪفارو ڇا آھي؟ فرمايائون ٽانوڻ جو بدلو ٽانوڻ ۽ طعام جو بدلو طعام.

حديث نمبر 587:

حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو تہ ھڪ ڏينھن ام المؤمنين سوده بنت زمعہ رضي الله عنها مون وٽ آئي، اچي ويٺي ۽ رسول الله ﷺ منھنجي ۽ ان جي وچ ۾ ويٺل ھئا. مون حريرو (حلوو) ٺاھي ڪٽي آيس. سوده کي چيم تہ کاءِ. چيائين تہ مان اصل نہ کائيندس. مون چيو الله جو قسم تون ضرور کائيندينءَ نہ تہ تنھنجي منھن کي ملينديس. چيائين مان نہ کائيندس. پوءِ مون ٿورو ڪٽي ان جي منھن کي ملیو. حضور ﷺ مسڪرائي رھيا ھئا ۽ پاڻ اسان جي وچ ۾ ويٺل ھئا. وري سوده حلوو ڪٽي منھنجي منھن تي ملیو پاڻ تہ بہ مسڪرائي رھيا ھئا. (کتاب العيال)[2]

---

[1] حديث نمبر 586: سنن النسائي بَاب الْغَيْرَةِ (ج 12 / ص 308۔ الرقم: 3895) مسند أحمد: حَدِيثُ السَّيِّدَةِ عَائِشَةَ بَاقِي المسند السابق (ج 51 / ص 157۔ الرقم: 24000) السنن الكبرى للنسائي (ج 5 / ص 286۔ الرقم: 905ھ)

[2] حديث نمبر 587: عَنْ أَبِي سَلَمَةَ قَالَ قَالَتْ عَائِشَةُ زَارَتْنَا سَوْدَةُ يَوْمًا فَجَلَسَ رَسُولُ ﷺ بَيْنِي وَبَيْنَهَا أَحَدَ رِجْلَيْهِ فِي حِجْرِي وَالأُخْرَى فِي حِجْرِهَا فَعَمِلْتُ لَهَا حَرِيرَةً او قالت خزيرةً فَقُلْتُ كُلِي فَأَبَتْ فَقُلْتُ لَتَأْكُلِي او لأُلَطِّخَنَّ وَجْهَكِ فَأَبَتْ فَأَخَذْتُ مِنَ الْقَصْعَةِ شَيْئًا فَلَطَخْتُ بِهِ وَجْهَهَا فَرَفَعَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ رِجْلَهُ مِنْ حِجْرِهَا تَسْتَقِيدُ مِنِّي فَأَخَذَتْ مِنَ الْقَصْعَةِ شَيْئًا فلطخت بِهِ وَجْهِي وَرَسُولُ اللهِ ﷺ يَضْحَكُ. السنن الكبرى للنسائي (ج 5 / ص 291) فضائل الصحابة لأحمد بن حنبل من فضائل عمر بن الخطاب (ج 1 / ص 490۔ الرقم: 481)

Scanned by CamScanner

باب ٽيون

واري جي بيان ۾

ہن زالن يا گھٽين زالن واري مرد کي واجب آهي تہ سيني زالن جي درميان وقت جي ورهاست ۾ عدل ۽ انصاف ڪري هر هڪ زال کي هڪ جيترو ٽائيم ڏئي.

زال ڪراڙي هجي يا جوان، نئي هجي يا پراڻي، بيمار هجي يا چگي پلي، حيض نفاس واري هجي يا پاڪ صاف، پنهنجي هجي يا ڏاري، اولاد واري هجي يا ري اولاد، سيني سان وقت جي ورهاست هڪ جهڙي ڪرڻ لازم آهي.

ڏينهن دنياوي ڪم ڪار لاءِ هوندو آهي، رات آرام لاءِ آهي. واري ڪرڻ ۾ اعتبار به رات جو آهي ۽ رات جنهن زال وٽ رهيو ان رات جو ايندڙ ڏينهن به ان زال وٽ ئي رهڻو آهي. ڪم ڪار کان فارغ ٿي جيڪو وقت ڏينهن جو گھر اچي تہ ان زال وٽ رهي جنهن جي واري ۾ رات رهيو هيو.

نئين زال ۽ پراڻي زال :

زالن جي وچ ۾ وقت ۽ واري جي پرواهہ نہ ڪندڙ الله وٽ عذاب جو مستحق آهي. سيني گھروارين کي هڪ جيترو وقت ڏيڻ لازم آهي. اگر جيڪڏهن ڪو ماڻهو نئين شادي ڪري تہ نئين اچڻ واري گھرواريءَ جي تڪريم ڪرڻ به لازم آهي.

حديث نمبر 588 : حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ :

إِنَّ لِلثَّيِّبِ ثَلَاثًا وَلِلْبِكْرِ سَبْعًا[1]

جڏهن رنڈ عورت سان شادي ڪئي وڃي تہ ان جو حق آهي تہ ان وٽ ٽي راتيون وڌيڪ رهجي ۽ جيڪڏهن ڪنواري عورت سان شادي ڪجي تہ ان جو حق آهي تہ

---

[1] حديث نمبر 588: سنن ابن ماجه بَاب الْإِقَامَةِ عَلَى الْبِكْرِ وَالثَّيِّبِ (ج 6/ ص 34۔ الرقم: 1906)
نصب الراية في تخريج أحاديث الهداية ،بَابُ الْقَسْمِ (ج 6/ ص 185)

Scanned by CamScanner

ان وٽ ست راتيون وڌيڪ رهجي.

ڇا لاءِ ته نئين اچڻ واري مهمان کي اُنس ۽ اطمينان ٿئي، ان کري شارع عليه السلام نئين شاديءَ جي موقعي تي ان کي وڌيڪ وقت ڏيڻ جي تعليم ڏني آهي. ان کان پوءِ رنڊ جي ڀيٽ ۾ ڪنواري عورت وڌيڪ شرميلي ۽ حيادار هوندي آهي. انکري رنڊ وٽ ٽي راتيون ۽ ڪنواريءَ وٽ ست راتيون رهڻ جو فرمان ڪيو ويو، ان کان پوءِ وارا شروع ڪرڻ گهرجن.

وارو بخشي ڇڏڻ :

انسان سدائين هڪ حال ۾ نه هوندو آهي. بيماريون مصيبتون، ڪراڙپ، ضعيفي ۽ انسانن لاءِ آهي. هاڻي جيڪڏهن هڪ زال هميشه بيمار رهي ٿي يا ڪراڙي ٿي وئي، مڙس جي ڪم ڪار، خدمت چاکري جو ان ۾ حال افعال نه رهيو ته ڪيس خوف ٿئي ٿو ته ڪٽي مڙس ان کي آزاد نه ڪري ڇڏي ته هوءَ پنهنجو وارو اگر پنهنجي پهاڻ کي بخشي ڇڏي ته پوءِ مڙس ان وٽ نه وڃي ته ان کي گناهه نه ٿيندو. يا زال مڙس ۾ جهيڙو ٿي وڃي ۽ پوءِ اهي اگر ڪنهن ڳالهه تي صلح ڪن ته صلح سٽي ڳالهه آهي. رب العالمين فرمايو :

وَاِنِ امْرَاَةٌ خَافَتْ مِنْۢ بَعْلِهَا نُشُوْزًا اَوْ اِعْرَاضًا فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَآ اَنْ يُّصْلِحَا بَيْنَهُمَا صُلْحًا ؕ وَالصُّلْحُ خَيْرٌ ؕ. (النساء:128)

۽ جيڪڏهن ڪا عورت پنهنجي مڙس جي زيادتي يا بي رغبتي جو ڊپ ڪري ته انهن تي گناهه نه آهي جو پاڻ ۾ صلح ڪري ڇڏن ۽ صلح چڱي ڳالهه آهي.

حديث نمبر 589:

جڏهن حضرت بي بي سوده رضي الله عنها وڏي ڄمار کي پهچي وئي ته ڊني ته متان رسول الله ﷺ کيس طلاق ڏئي ڇڏي. پوءِ عرض ڪيائين يا رسول الله آءٌ پنهنجو وارو بيبي عائشه کي ڏيان ٿي. توهان مون کي طلاق نه ڏجو. پوءِ پاڻ ائين ڪيائون. تڏهن اِها آيت نازل ٿي. (تفسير در منثور عن ترمذی و الطبرانی) [1]

---

[1] حديث نمبر 589: الدر المنثور (سورة النساء:128) ج 3 / ص 267) سنن الترمذي ج 10 / ص 302 ـ الرقم: 2966) المعجم الكبير للطبراني عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ ج 9 / ص 481 ـ الرقم: 11581) السنن الكبرى للبيهقي ج 7 / ص 297)

Scanned by CamScanner

پوءِ پاڻ هر هڪ بي بي وٽ هڪ رات ويندا هئا پر امان عائشہ رضي الله عنها وٽ ٻه راتيون رهندا هئا.

رسول الله ﷺ جي رضا جي تلاش :

اصحابي سڳورا رضوان الله تعالي عليهم اجمعين ان انتظار ۾ هوندا هئا تہ سهڻا حبيب ڪريم ﷺ ڪڏهن ٿا امان عائشہ صديقہ رضي الله عنها جي واري ۾ اچن پوءِ جڏهن پاڻ امان عائشہ رضي الله عنها جي واري ۾ ايندا هئا تہ اصحابي پنهنجا تحفا سوڪڙيون حضور ﷺ جي خدمت ۾ موڪليندا هئا.

يَبْتَغُونَ بِذَلِكَ مَرْضَاةَ رَسُولِ اللَّهِ ﷺ (سنن نسائی)[1]

ان ڳالهہ ۾ اُهي رسول الله ﷺ جي رضا کي ڳوليندا هئا.

زالن کي سفر ۾ گڏ وٺي هلڻ :

اگر مڙس سفر تي وڃي ٿو تہ جنهن زال جي واري ۾ گهران نڪتو هيو وري واپس ٻہ ان ساڳي زال جي گهر ايندو. مثلاً مڙس ڏينهن جو گهر مان نڪتو ۽ جڏهن سفر مان واپس آيو ڏينهن جو ڪجهہ حصو باقي آهي تہ ان واري واري گهرواريءَ وٽ رهندو. اگر ڏينهن ختم ٿي چڪو تہ پوءِ پي گهرواري وٽ رهندو. پر جيڪڏهن سفر تي پاڻ سان گڏ ڪنهن گهرواري کي وٺي وڃي تہ انهن جي وچ ۾ ڪُٽا وجهي جنهن جو پُڪو نڪري ان کي ساڻ سفر ۾ وٺي وڃي.

حديث نمبر 590 :

حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو تہ جڏهن سهڻا حبيب ڪريم ﷺ جن سفر تي نڪرندا هئا تہ ازواج مطهرات جي وچ ۾ پُڪا وجهندا هئا، جنهن جو پُڪو نڪرندو هيو ان کي سفر ۾ ساڻ وٺي ويندا هئا. امام نساني روايت آندي آهي تہ :

---

[1] حديث: صحيح البخاري بَاب قَبُولِ الْهَدِيَّةِ (ج 9 / ص 22. الرقم: 2386)

صحيح مسلم بَاب فِي فَضْلِ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ تَعَالَى عَنْهُمَا (ج 12 / ص 189. الرقم: 4471)

سنن النسائي حُبُّ الرَّجُلِ بَعْضَ نِسَائِهِ أَكْثَرَ مِنْ بَعْضٍ (ج 12 / ص 301. الرقم: 3889)

Scanned by CamScanner

إِذَا أَرَادَ سَفَرًا أَقْرَعَ بَيْنَ نِسَائِهِ (سنن الكبرىٰ نسائی)[1]

پوءِ جڏهن پاڻ عازم سفر ٿيندا هئا تہ ازواج مطهرات جي وچ ۾ پُڪا وجهندا هئا.

پوءِ جنهن ٻيبي جو پُڪو نڪرندو هيو ان کي سفر ۾ ساڻ وٺي ويندا هئا. هر هڪ وٽ هڪ رات ۽ ان جو ڏينهن رهندا هئا سواءِ ٻيبي سوده رضي الله عنها جي جو تہ ان پنهنجي رات ۽ ڏينهن رسول الله ﷺ کي راضي ڪرڻ لاءِ ٻيبي عائشہ رضي الله عنها کي بخشي ڏنو هيو.

(سنن الكبرىٰ نسائي)

هڪ ڏينهن ۾ سڀ زالن وٽ وڃڻ:

حديث نمبر 591:

جڏهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ٽپهري نماز پڙهي فارغ ٿيندا هئا تہ پنهنجي سڀني ازواج مطهرات وٽ ويندا هئا. هر هڪ کي ويجهو ٿيندا هئا (حال احوال خير خيريت پڇندا هئا) ۽ ڪنهن ٻيبي وٽ ايترو ڪونہ ترسندا هئا جيترو ٻيبي حفصہ رضي الله عنها وٽ ترسندا هئا. (بخاری)[2]

حديث نمبر 592:

ام المومنين حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو تہ رسول الله ﷺ جن ورهاست ۾ ڪنهن زال کي پي تي ترجيح نہ ڏيندا هئا. ڏينهن جي ٿوري حصي ۾ سڀني ازواج مطهرات وٽ وڃي زيارت ڪرائي ايندا هئا ۽ هر هڪ گهرواريءَ جي ويجهو ويندا هئا سواءِ صحبت ڪرڻ جي، تان جو آخر ۾ ان ٻيبي وٽ ويندا هئا جنهن جو وارو هوندو هيو پوءِ رات ان وٽ رهندا هئا. (ابوداؤد)[3]

---

[1] حديث نمبر 590: صحيح البخاري (ج 9 / ص 187۔ الرقم: 2491) صحيح مسلم (ج 13 / ص 347۔ الرقم: 4974) سنن أبي داود (ج 6 / ص 38۔ الرقم: 1826) سنن ابن ماجه (ج 6 / ص 109۔ الرقم: 1960) السنن الكبرى للنسائي (ج 5 / ص 295)

[2] حديث نمبر 591: عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا كَانَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ إِذَا انْصَرَفَ مِنَ الْعَصْرِ دَخَلَ عَلَى نِسَائِهِ فَيَدْنُو مِنْ إِحْدَاهُنَّ فَدَخَلَ عَلَى حَفْصَةَ فَاحْتَبَسَ أَكْثَرَ مِمَّا كَانَ يَحْتَبِسُ. صحيح البخاري بَاب دُخُولِ الرَّجُلِ عَلَى نِسَائِهِ فِي الْيَوْمِ (ج 16 / ص 233۔ الرقم: 4815) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7 / ص 354)

[3] حديث نمبر 592: سنن أبي داود بَاب فِي الْقَسْمِ بَيْنَ النِّسَاءِ (ج 6 / ص 35۔ الرقم: 1823) المعجم الأوسط للطبراني باب الميم من اسمه: محمد (ج 11 / ص 490) المستدرك على الصحيحين للحاكم. كتاب النكاح (ج 6 / ص 374۔ الرقم: 2710)

Scanned by CamScanner

هن حديث شريف مان معلوم ٿيو ته بغير واري جي به بي گهرواري وٽ وڃي ان کان حال احوال خير خبر ونڻ سنتِ مصطفيٰ ﷺ آهي. ان طرح هڪ رات ۾ سڀ گهروارين ڏي وڃڻ صحبت ڪرڻ به جائز آهي، جيئن روايت ۾ آهي.

حديث نمبر 593:

أَنَّ نَبِيَّ اللّٰهِ ﷺ كَانَ يَطُوفُ عَلَى نِسَائِهِ فِي اللَّيْلَةِ الْوَاحِدَةِ وَلَهُ يَوْمَئِذٍ تِسْعُ نِسْوَةٍ (بخاری)[1]

بيشڪ نبي ڪريم ﷺ جن هڪ رات ۾ سڀني ازواج مطهرات سان صحبت ڪري ايندا هئا. ان وقت سندن نَوَ ازواج مطهرات هيون.

گهر جدا جدا هجي:

گهروارين کي هڪ گهر ۾ گڏ رهائڻ نه گهرجي مگر خود راضي ٿي رهن ته جائز آهي. (شرح المهذب)

ان طرح هڪ بستري تي ٻن زالن کي پاڻ سان گڏ نه سمهارڻ گهرجي، ڇو ته عورتون ان معاملي ۾ تمام گهٽيون غيرتمند هوندیون آهن. عورت کي جبل مٿي تي رکجي ان کان به پهاڻ وڌيڪ ڏکي لڳندي آهي. انڪري هر هڪ گهرواري جو گهرڙو جدا هجڻ گهرجي. پوءِ جنهن جو به وارو هجي مڙس ان سان وڃي رات ڏينهن گڏ رهي وارو پورو ڪري. سنت به ائين آهي. حضور عليه الصلواة والسلام جن جي هر هڪ بيبي صاحبه جو حجرو جدا جدا هيو. ان ۾ عورتن لاءِ آساني به آهي ۽ اطمينان به آهي ته جيئن پنهنجي گهرڙي ۾ عزت ۽ وقار سان رهي پر جيڪڏهن مرد پنهنجي لاءِ هڪ خاص گهر ٺاهي ان ۾ رهي ۽ جنهن زال جو وارو هجي ان کي پاڻ وٽ گهرائي ته ائين به جائز آهي. مرد کي اختيار آهي زال کي ڪٿي به رهائي سگهي ٿو. (ابن قدامه۔المغنی 34/7)

---

[1] حديث نمبر 593: صحيح البخاري بَاب الْجُنُبُ يَخْرُجُ وَيَمْشِي فِي السُّوقِ وَغَيْرِهِ (ج 1/ص 473۔الرقم: 275)
سنن النسائي كِتَاب النِّكَاحِ (ج 10/ص 288۔الرقم: 3147) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ص 54)
السنن الكبرى للنسائي (ج 3/ص 259۔الرقم: 5305)

Scanned by CamScanner

بيماري جي حالت ۾ :

جڏهن مڙس بيمار ٿي پوي يا کا اهڙي لاچاري حالت پيدا ٿي پوي جو هر هڪ گهرواريءَ وٽ نه ٿو وڃي سگهي تہ ان کي هڪ گهرواريءَ وٽ رهي پوڻ جائز آهي. حديث ۾ آهي تہ جڏهن نبي کريم ﷺ جن جي طبيعت ناساز ٿي پئي تہ پوءِ پاڻ امان عائشہ صديقہ رضي الله عنها جي گهر ۾ اچي رهيا هئا ۽ اتي ئي وصال فرمايائون.

گهروارين کي الڳ الڳ شهرن ۾ رهڻ:

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي ٻہ زالون جدا جدا شهرن ۾ رهيل هجن تہ مڙس تي لازم آهي تہ ٻنهين سان عدل ڪري، ٻنهين شهرن جي پري هجڻ سان زالن جي حق ۾ فرق نہ ٿو پوي، يا تہ انهن کي هڪ شهر ۾ گڏ رهائي. اگر کا زال ان شهر ۾ اچڻ کان انڪار ڪري تہ ان جو حق ختم ٿي وڃي ٿو. ٻن شهرن ۾ رهڻ وارين گهروارين جي وچ ۾ وقت جي ورهاست پنهنجي سهولت جي مطابق مساوات جي صورت ۾ ڪندو. زالن وٽ هڪ جيترو وقت رهندو. مثلاً هڪ هفتو هڪ وٽ تہ هڪ هفتو پي وٽ يا هڪ مهينو هڪ وٽ تہ هڪ مهينو پي وٽ رهي،پنهنجي سهولت مطابق وقت جي برابري ۾ ورهاست ڪري.(فقه الزوجات :ص 83)

عدل وارن لاءِ انعام :

حديث نمبر 594 :

إِنَّ الْمُقْسِطِينَ عِنْدَ اللَّهِ عَلَى مَنَابِرَ مِنْ نُورٍ عَنْ يَمِينِ الرَّحْمَنِ عَزَّ وَجَلَّ وَكِلْتَا يَدَيْهِ يَمِينٌ الَّذِينَ يَعْدِلُونَ فِي حُكْمِهِمْ وَأَهْلِيهِمْ وَمَا وَلُوا (مسلم)[1]

بيشڪ انصاف ڪرڻ وارا الله پاڪ وٽ نور جي ممبرن تي رحمن جي ساڄي طرف ويٺل هوندا ۽ الله جا ٻئي طرف ساڄا آهن. اُهي ماڻهو جيڪي پنهنجي فيصلن ۾ انصاف ڪندا هئا، پنهنجي گهروارين سان هڪ جهڙائي ڪندا هئا ۽ جن مٿان حاڪم مقرر ڪيا ويا تہ انهن سان انصاف ڪندا رهيا.

---

[1] حديث نمبر 594: صحيح مسلم (ج 9/ص 350) سنن النسائي (ج 16/ص 208) مسند أحمد (ج 13/ص 242) صحيح ابن حبان باب في الخلافة والإمارة (ج 18/ص 472. الرقم: 4562) مسند الحميدي: (ج 1/ص 452. الرقم: 616)

Scanned by CamScanner

پنجون حصو

اولاد

Scanned by CamScanner



Scanned by CamScanner

باب پهريون

اولاد الله جي نعمت

- دنياوي زندگيءَ ۾ اولاد الله پاڪ جي عظيم نعمت آهي.
- اولاد گهر جو سينگار ۽ اڪين جو ٿار آهي.
- اولاد عمل صالح آهي.
- اولاد ننڍپڻ ۾ مري وڃي تہ جهنم کان ڍال آهي.
- اولاد زندهہ رهي تہ ماءُ پيءُ لاءِ سهارو آهي.
- اولاد غم ڏک ۾ هڏ ڏوکي ۽ همراهہ آهي.
- اولاد پيءُ ماءُ لاءِ ورُونهن آهي.
- اولاد پيءُ ماءُ جي زندگي جي سونهن آهي.

الله پاڪ فرمايو تہ :

اَلْمَالُ وَ الْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ (الكهف : 46)

مال ۽ پُٽ دنياوي زندگي جو سينگار آهن.

سچ تہ اولاد بنا پيءُ ماءُ کي سندن زندگي ويڳاٽي ۽ غير مسرور لڳي ٿي. اگر اولاد فرمانبردار هجي تہ ماءُ پيءُ لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ پلائي آهي. انهن کي حلال ڪمائي کارائڻ عبادت آهي. انهن جي چڱي تربيت ڪرڻ انهن جي اهنجاين تي صبر ڪرڻ جهاد آهي. هڪ حديث ۾ آهي تہ :

لأَنْ يُؤَدِّبَ الرَّجُلُ وَلَدَهُ خَيْرٌ مِنْ أَنْ يَتَصَدَّقَ بِصَاعٍ۔ (ترمذی)[1]

---

[1] **حديث :** سنن الترمذي باب مَا جَاءَ فِي أَدَبِ الْوَلَدِ (ج 7/ ص 205۔ الرقم : 1874)

Scanned by CamScanner

کو ماڻهو پنهنجي اولاد کي صرف هڪ ادب سيکاري ته آنَ جو ٿويو خيرات ڪرڻ کان وڌيڪ ثواب آهي.

اولاد پٽ هجن يا نياڻيون انهن جي پرورش، تعليم ۽ تربيت، انهن جي معاش جا فڪرات، انهن جي شادين جا اوسيئڙا اِهي سڀ شيون گناهن جو ڪفارو، درجات جي بلندي جو سبب آهن.

مرڻ کان پوءِ به نالو روشن رهڻ :

جنهن کي الله پاڪ اولاد عطا فرمايو ۽ اولاد صالح فرمانبردار ٿي رهيو ته ان شخص لاءِ دنيا ۾ فرحت ۽ آرام آهي پر جيڪڏهن ماڻهو مري به وڃي ته به پويان ان جو نالو دنيا ۾ روشن ۽ باقي رهي ٿو، پر جنهن کي اولاد ناهي مرڻ کان پوءِ دنيا تان اُن جو نالو نشان مٽجي وڃي ٿو.

حديث نمبر 595 :

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو ته :

لَا يَدَعْ أَحَدُكُمْ طَلَبَ الْوَلَدِ، فَإِنَّ الرَّجُلَ إِذَا مَاتَ وَلَيْسَ لَهُ وَلَدٌ انْقَطَعَ اسْمُهُ (طبرانی)[1]

توهان مان ڪوبه اولاد جي طلب نه ڇڏي ڇو ته اگر ڪو ماڻهو بي اولاد مري ويو ته ان جو نالو و نشان ئي دنيا تان ڪٽجي ويندو.

ٽي خوشنصيب ماڻهو :

ٽي اهڙا ماڻهو آهن جن جي وفات کان پوءِ به انهن جو اجر و ثواب جاري رهندو آهي.

حديث نمبر 596 :

تاجدار حرم سيد العرب والعجم حضرت محمد ﷺ فرمايو ته :

إِذَا مَاتَ الْإِنْسَانُ انْقَطَعَ عَنْهُ عَمَلُهُ إِلَّا مِنْ ثَلَاثَةٍ

---

[1] حديث نمبر 595: المعجم الكبير للطبراني عن أُمِّ الْمُؤْمِنِينَ حَفْصَةَ (ج 17/ص 45۔الرقم: 18888)
مجمع الزوائد باب تزويج الولود (ج 4/ص 258)
كنز العمال (ج 16/ص 281۔الرقم: 44469)

Scanned by CamScanner

جڏهن انسان مري ويو تہ ان جا عمل رکجي ويندا آهن سواءِ ٽن عملن جي (ٽي عمل اهڙا آهن جو مرڻ کان پوءِ بہ اجر ملندو رهي ٿو.)

مِنْ صَدَقَةٍ جَارِيَةٍ أَوْ عِلْمٍ يُنْتَفَعُ بِهِ أَوْ وَلَدٍ صَالِحٍ يَدْعُو لَهُ (مسلم)[1]

1. صدقہ جاريہ مان کو عمل کرڻ. (جيئن کا مسجد، مدرسو، پل، مسافر خانو وغيره نهرائڻ).
2. يا تہ اهڙو علم جنهن مان نفعو حاصل کبو رهجي.
3. يا اهو نيک صالح اولاد جيکو کيس لاءِ دعا گهرندو رهي.

پهريون : اُهو ماڻهو مرڻ جي باوجود بہ نہ مُئو جنهن کو اهڙو کم کيو جنهن مان ماڻهو نفعو وٺندا رهن. جيئن رستو نهرايائين، کوهہ کوٽايائين، پُل نهرايائين، مسجد، مدرسو، خانقاه نهرايائين، وڻ پوکيائين جيستائين اُها ناهيل شيءِ ڏرتي تي سلامت هوندي ماڻهو نفعو وٺندا رهندا تيستائين نهرائيندڙ جي دفتر ۾ اجر ۽ انعام لکيا ويندا.

بيو : اُهو ماڻهو جنهن کو اهڙو علمي کارنامو سرانجام ڏنو جنهن مان ماڻهو نفعو حاصل کندا رهن ٿا، جيئن کو اسلامي کتاب لکيائين، قرآن کريم جو نسخو لکيائين، کنهن کي عالم بنايائين تہ مرڻ کان پوءِ بہ ان جا عمل صالح جاري رهن ٿا.

ٽيون : اُهو ماڻهو جنهن پنهنجي پويان نيک صالح اولاد ڇڏيو. اولاد پيءُ ماءُ لاءِ دعائون گهرندو رهندو. اولاد جيکا بہ عبادت کندو، جيترو ثواب اولاد کي اوترو ئي ثواب پيءُ ماءُ جي دفتر ۾ بہ لکيو ويندو ۽ اولاد جي ثواب ۾ بہ کا کمي کونہ ڪئي ويندي.

---

[1] حديث نمبر 596: صحيح مسلم بَاب مَا يَلْحَقُ الْإِنْسَانَ مِنَ الثَّوَابِ بَعْدَ وَفَاتِهِ (ج 8/ص 405۔ الرقم: 3084)

سنن أبي داود بَاب مَا جَاءَ فِي الصَّدَقَةِ عَنِ الْمَيِّتِ (ج 8/ص 76۔ الرقم: 2494)

سنن النسائي باب فَضْلُ الصَّدَقَةِ عَنِ الْمَيِّتِ (ج 11/ص 424۔ الرقم: 3591)

مسند أحمد (ج 18/ص 31۔ الرقم: 8489)

مستخرج أبي عوانة: مبتدأ كتاب الوصايا (ج 11/ص 447۔ الرقم: 4707)

السنن الكبرى للبيهقي (ج 6/ص 278)

شعب الإيمان للبيهقي (ج 7/ص 150)

معرفة السنن والآثار للبيهقي (ج 10/ص 469)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 597:

حضرت ابوهريره رضي الله عنه چيو تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو تہ:

هڪ ڀانهي جو درجو بلند ڪيو ويندو (قبر ۾) عرض ڪندو تہ اي رب هي منهنجو درجو ڪيئن بلند ٿيو؟ رب ڪريم فرمائيندو تہ:

بِاسْتِغْفَارِ وَلَدِكَ لَكَ مِنْ بَعْدِكَ (مسند احمد، ابنِ ماجه)[1]

تنهنجي اولاد تنهنجي مرڻ کان پوءِ تو لاءِ بخشش گهري (دعا گهري،) ان سبب تنهنجو هي درجو بلند ڪيو ويو آهي.

صالح اولاد جون دعائون، عبادتون، نيڪايون پيءُ ماءُ لاءِ قبر ۾ آخرت ۾ درجات جي بلنديِ جو سبب بنجن ٿيون. نماز پڙهڻ، روزو رکڻ، حج ڪرڻ وغيره اِهي سڀ عبادتون آهن پر انهن جو ثواب وقتي آهي. پر پويان نيڪ اولاد ڇڏڻ اِها اهڙي عبادت آهي جنهن جو ثواب مُدتن تائين دائم ۽ جاري رهڻ وارو آهي.

اولاد جو پيءُ ماءُ سان ملڻ:

پيءُ ماءُ جيڪڏهن گنهگار مري ويا پر پنيان اولاد صالح هجي تہ ان اولاد جي عبادتن ۽ نيڪين سبب پيءُ ماءُ بخشجي وڃن ٿا. جيئن حديث پاڪ ۾ آهي تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام هڪ قبر کان گذريو، ڏٺائين تہ قبر واري کي عذاب ٿي رهيو هيو. وري ڪجهہ ڏينهن بعد اتان لنگهيو تہ قبر وارو جنت ۾ نظر آيس. حضرت عيسيٰ عليہ السلام پڇيس تہ ڪهڙي سبب جنت ۾ داخل ٿئين؟ چيائين جڏهن مون وفات ڪئي هئي تہ منهنجي گهرواري اميد سان هئي. ان مان پٽ ڄائو ان کي مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ ڇڏيائون.

---

[1] حديث نمبر 597: سنن ابن ماجه بَاب بِرِّ الْوَالِدَيْنِ (ج 11/ص 51۔الرقم: 3650)

مسند أحمد: مُسْنَدُ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ (ج 21/ص 246۔الرقم: 10202)

مصنف ابن أبي شيبة (ج 7/ص 120)

المعجم الكبير للطبراني (ج 20/ص 37۔الرقم: 1291)

المعجم الأوسط للطبراني من اسمه أحمد (ج 4/ص 425۔الرقم: 1965)

Scanned by CamScanner

جڏهن منهنجي پڇڙي "بسم الله الرحمٰن الرحيم" پڙهي ته الله تعاليٰ منهنجي قبر جو عذاب معاف ڪري ڇڏيو.

هي آهي صالح اولاد جو پيءُ ماءُ کي نفعو پر جيڪڏهن اولاد صالح ڪامل اڪمل مؤمن نه هجي، الله وارو نه هجي ته پوءِ الله تعاليٰ انهن کي ماءُ پيءُ جي صالح عملن جي صدقي قيامت ڏينهن سندن والدين سان ملائي ڇڏيندو.

وڏن جي نسبت جي ڪري الله وٽ ننڍين جي به عزت ٿي ويندي آهي. قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمايو ته:

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَاتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيْمَانٍ اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَمَآ اَلَتْنٰهُمْ مِّنْ عَمَلِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ ۭ (الطور: 21)

ءِ جن ايمان آندو ءِ سندن اولاد به سندن ايمان سان تابعدار ٿيو، ملائيندا سون اسان انهن سان سندن اولاد کي ءِ سندن عملن مان به ڪجهه ڪونه گهٽائيندا سين.

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته:

اَلْمُؤْمِنُ تُرْفَعُ لَهُ ذُرِّيَّتُهُ وَاِنْ كَانُوْا دُوْنَهُ فِي الْعَمَلِ لِيُقِرَّ اللّٰهُ بِهِمْ عَيْنَهُ [1]

مؤمن پانهي جي اولاد کي به، درجا بلند ڪري، انهن سان ملايو ويندو. توڙي اولاد جا اهڙا عمل به نه هوندا پر الله تعاليٰ انهن جون اکيون ٺڏيون ڪرڻ لاءِ انهن کي راضي ڪرڻ لاءِ اولاد کي ساڻن ملائيندو.

نسب جو فائدو:

ڪنهن ادنيٰ شيءِ جي ڪنهن اعليٰ چيز سان نسبت ٿي وڃي ته اُها ادنيٰ چيز به اعليٰ ٿي ويندي آهي. خوشنصيب آهي اُهو اولاد جنهن جو پيءُ ماءُ نيڪ صالح آهي.

---

[1] حديث: المستدرك على الصحيحين للحاكم تفسير سورة الطور (ج 8/ص 425۔ الرقم: 3703)
مشكل الآثار للطحاوي: باب المستخرج من حديث عبد الله بن عباس (ج 3/ص 79۔ الرقم: 912)
السنن الكبرى للبيهقي (ج 10/ص 268)

Scanned by CamScanner

وري خوشنصيب آهي اُهو پيءُ ماءُ جنهن جو اولاد نيڪ صالح آهي. الله پاڪ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي تہ منهنجا پانها مون کان هيءَ دعا گهرندا آهن:

رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ اَزْوَاجِنَا وَ ذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّ اجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ○ (الفرقان:74)

اي اسان جا پالڻهار اسان کي زالن ۽ اولاد مان اُهي عطا ڪر جيڪي اکين جو ٺار هجن، ۽ اسان کي پرهيزگارن جو امام بناءِ.

حضرت حسن بصري رحمة الله عليہ کان پڇيائون تہ اکين جو ٺار دنيا ۾ ٿيندا يا آخرت ۾؟ پاڻ فرمايائون دنيا ۾. چو تہ ماڻهو دنيا ۾ پنهنجي زالن ۽ اولاد کي نيڪوڪار ڏسي ٿو تہ ان جو اکيون ٺرن ٿيون.

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان پڇيائون تہ اکين ٺار هجڻ جو مقصد ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ ان جو مقصد هي ناهي تہ جسماني طور تي سهڻا هجن، صحيح سالم هجن پر ان جو مقصد هي آهي تہ الله جا فرمانبردار هجن.

حضرت ضحاڪ رحمة الله عليہ بہ صالح ۽ متقي هجڻ کي اکين جو ٺار سڏيو آهي.

حضرت ابو يحيٰ ڪوفي رحمة الله عليہ کان پڇيائون تہ اکين جي ٺار جو مقصد ڇا آهي؟ تہ پاڻ فرمايائون:

يُطِيْعُوْنَكَ وَلَا يَعْصُوْنَكَ

اکين ٺار جو مطلب آهي تہ تنهنجي فرمانبرداري ڪن نافرماني نہ ڪن.

حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليہ فرمائيندا هئا تہ "بي فرمان اولاد ڇهين آڱر جي مثال آهي." اگر ڪٽي جدا ڪيو تہ ايذاءُ ايندو جدا ڪري نہ سگهبي پر جي ڇڏيوس تہ بدن کي بي زيب بنايون ٻيٽي هوندي. ان طرح سان بدڪردار ۽ نافرمان اولاد بہ جدا ڪري نہ سگهبو ۽ ان جا غلط ڪردار دل کي ايذائيندا رهندا. ان لاءِ رب پاڪ اِها دعا سيکاري آهي تہ اولاد اُهو گهرو جيڪو اکين جو ٺار هجي.

Scanned by CamScanner

خانداني منصوبه بندي :

اڄڪلهه دنيا ۾ زور شور سان تحريڪ هلي رهي آهي ته :

"گهٽا پار زندگي تي پار، ٿورا پار پيار ئي پيار"

ڪروڙين روپين جون دوائون استعمال ٿي رهيون آهن ته پار گهٽ پيدا ٿين، پر الله جي قدرت ڏسو جيترو اولاد گهٽائڻ جون ڪوششون ڪن ٿا، اوترا پار وڌيڪ جمي رهيا آهن. روز بروز دنيا جي آبادي ۾ اضافو ٿي رهيو آهي.

اسلام کان اڳ جاهل ماڻهو کي اولاد کي بتن جي قدمن ۾ قربان ڪندا هئا، کي گهٽي خرچ جي خوف کان ننڍي هوندي پارن کي ماري وجهندا هئا. کي نياڻين کي جيئري قبر ۾ پوري ڇڏيندا هئا، چوندا هئا گهٽو اولاد ٿيو ته انهن کي ڪٽان کارائيندا سين؟

اسلام انهن سڀني رسمن کان منع فرمائي، الله تي پروسو رکو جيڪو سڀني جو رزاق آهي.

وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَوْلَادَكُمْ خَشْيَةَ اِمْلَاقٍ ۭ نَحْنُ نَرْزُقُهُمْ وَاِيَّاكُمْ ۭ اِنَّ قَتْلَهُمْ كَانَ خِطْاً كَبِيْرًا ○ (بنی اسرائیل: 31)

ءِ پنهنجي اولادن کي سڃائي جي خوف کان قتل نه ڪيو، اسان ئي انهن کي ءِ اوهان کي رزق ٿا ڏيون، بيشڪ انهن جو مارڻ وڏو ڏوهه آهي.

اڄڪلهه ماڻهن جو به الله عزوجل تان پروسو کڄي ويو آهي انڪري اولاد گهٽائڻ جي فڪر ۾ آهن. حالانڪه شادي ڪرڻ جو اصل مقصد ئي اولاد ڇڪڻ آهي. انڪري آپريشن وغيره ڪرائي پار ڇمڻ بند ڪرائڻ نه گهرجي ءِ نه وري پارن جي بند ڪرڻ واريون دوائون استعمال ڪرڻ گهرجن. جيترو اولاد گهٽو اوترو اجر ءِ ثواب گهٽو. ها اگر اهڙي مجبوري آهي جنهن ۾ عورت جي جان وڃڻ جو خطرو اهي ته اهڙي حالت ۾ پار بند ڪرائڻ جي ڪجهه فقيهن اجازت ڏني آهي.

مائرن لاءِ اجر و ثواب ءِ انعام :

جڏهن ڪا عورت پنهنجي مڙس مان حلال طريقي سان حمل واري ٿئي ٿي،

Scanned by CamScanner

نَوَ ڏهه مهينا پار پيٽ ۾ سانڍي ٿي. حمل دوران گهڻا ڏک سور سهي ٿي، ڏينهن رات تڪليفون سهي ٿي، وري جڏهن پار ڇڻ جو ويلو اچي ٿو تہ اُهو وقت عورت لاءِ زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش جو ويلو هوندو آهي. پار ڇڻڻ کان پوءِ سردين ۽ گرمين ۾ پنهنجي ٻچڙي جي پرورش ڪندي آهي. پنهنجي ڏينهن جو آرام راتين جي ننڊ ٻچڙي تان قربان ڪندي آهي. پنهنجي سيني جو جوهر ٿڃ ٻچڙي کي پياري پالي جوان ڪندي آهي. ان دوران جيڪي تڪليفون ڏسندي آهي، اها سڀ عبادت آهي. الله پاڪ وٽ ان محنت جو وڏو ثواب ۽ انعام آهي.

حديث نمبر 598:

رسول اڪرم هاديءِ عالم ﷺ جو فرمان ذيشان آهي تہ:

إِنَّ لِلْمَرْأَةِ فِي حَمْلِهَا إِلَى وَضْعِهَا إِلَى فِصَالِهَا مِنَ الأَجْرِ كَالْمُتَشَحِّطِ فِي سَبِيلِ اللّٰهِ وَإِنْ هَلَكَتْ فِيمَا بَيْنَ ذَلِكَ فَلَهَا أَجْرُ الشَّهِيدِ (كتاب العيال)[1]

بيشڪ عورت لاءِ حمل ٿيڻ کان پار ڇڻڻ تائين ۽ پار جي ٿڃ ڇڏائڻ تائين اجر آهي. ائين جيئن ڪو مجاهد جنگ جي ميدان ۾ رت ۾ وهتو ٻيٺو هجي، جيڪڏهن ان وچ ۾ مري وئي تہ ان لاءِ شهيد وارو ساڳيو انعام آهي.

دوران حمل عورت جون تڪليفون سڌ جهاد آهي، ان جو بدلو جنت آهي. ويم ۾ موت اچي وجي تہ شهادت جو درجو آهي.

نياڻيون نماڻيون:

عربستان جي ڪافرن ۽ مشرڪن جي عادت هئي جو اُهي نياڻين کي نياڳ سمجهندا هئا، ۽ انهن کي زنده زمين ۾ پوري ڇڏيندا هئا. اڄ بہ گهڻا مسلمان نياڻين جي ڄمڻ کي عيب سمجهندا آهن. حالانڪہ پٽ الله جي نعمت آهن تہ نياڻيون بہ رب جي رحمت آهن. رب جي مرضي آ جنهن کي پٽ ڏئي جنهن کي نياڻيون ڏئي.

---

[1] حديث نمبر 598: مسند عبد بن حميد: أحاديث ابن عمر (ج 2/ ص 420۔ الرقم: 803)
المسند الجامع (ج 25/ ص 3 ۔ الرقم: 8245)

Scanned by CamScanner

لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّيَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ الذُّكُوْرَ ۙ﴿۴۹﴾ اَوْ يُزَوِّجُهُمْ ذُكْرَانًا وَّاِنَاثًا ۚ وَيَجْعَلُ مَنْ يَّشَآءُ عَقِيْمًا ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ ○ (الشوری:49_50)

الله جي واسطي آهي بادشاهي آسمانن جي ۽ زمين جي جيڪو چاهي سو پيدا ڪري، جنهن کي وٽيس تہ نياڻيون ٿو ڏئي ۽ جنهن کي وٽيس تہ پٽ ٿو ڏئي. يا کين پُٽ ۽ ڏيئر گڏي ٿو ڏئي ۽ جنهن کي گهري سنڌ بنائي، بيشڪ اُهو ڄاڻندڙ وس وارو آهي.

آيت ۾ پُٽ کان اڳ نياڻي جي عطا جو ذڪر ڪري رب پاڪ نياڻين جي اهميت وڌائي ڇڏي آهي ڇو تہ رب پاڪ ڄاڻي ٿو ماڻهو نياڻين جي ڄمڻ کي عيب سمجهن ٿا. ان ڳالهہ کي الله پاڪ هن طرح واضح بيان فرمايو آهي تہ :

وَاِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِالْاُنْثٰى ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّهُوَ كَظِيْمٌ ○ يَتَوَارٰى مِنَ الْقَوْمِ مِنْ سُوْٓءِ مَا بُشِّرَ بِهٖ ؕ اَيُمْسِكُهٗ عَلٰى هُوْنٍ اَمْ يَدُسُّهٗ فِى التُّرَابِ ؕ اَلَا سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ○ (النحل:58.59)

۽ جڏهن انهن مان ڪنهن کي نياڻي جي ڄمڻ جي مبارڪ ڏني وڃي ٿي تہ ان جو مُنهن ڪاراٽجي وڃي ٿو، ۽ اهو ڏک پريل ٿيندو آهي ۽ جا (نياڻي جي ڄمڻ جي) ان کي خوشخبري ڏني وئي آهي ان جو رنج سبب قوم کان لڪندو وتندو آهي. ڇا ان کي ذلت سان روکي رکي يا کيس زمين ۾ پوري ڇڏي خبردار اهو برو جيڪو هُو فيصلو ٿا ڪن.

نياڻي جي ڄمڻ جي خبر پڌرڻ سان همراهہ جو مُنهن ڪاراٽجي وڃي ٿو. چون ٿا تہ هڪ شخص خواب ڏٺو تہ سندس منهن ڪارو ٽيل هيو، صبح جو ڪنهن ماڻهو کي اڇي چيائين تہ مون هي خواب ڏٺو آهي، چيائين ڇا تو کي زال آهي؟ چيائين هائو. چيائين ڇا اها حاملہ آهي؟ چيائون هائو. چيائين پوءِ ان کي نياڻي ڄمندي جنهن کي تون ناپسند ڪندين. پوءِ ٽيوبہ ائين. نياڻين جي ڄمڻ تي ارهو ٽيڙ ۽ غمگين ٽيڙ ان کي عيب ۽ عار سمجهڻ جي رب پاڪ مذمت فرمائي آهي.

Scanned by CamScanner

نياڻين جي پالڻ تي اجر و ثواب :

حالانڪ نياڻين جو ڄمڻ حقيقتاً الله جي رحمت ۽ انهن جي پرورش پالنا عبادت آهي.

حديث نمبر 599:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ جنهن کي ٻہ نياڻيون ڇايون، انهن جي پرورش ڪيائين تان جو جوان ٿي ويون تہ اهو (نياڻين جو پيءُ) ۽ مان محمد ڪريم (ﷺ) قيامت ۾ ائين گڏ هونداسين جيئن هي آڱريون. پاڻ ﷺ اشهد آڱر ۽ وچين آڱر ملائي ڏيکاريائون. (مسلم) [1]

جهنم کان پردو :

حديث نمبر 600:

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ "جنهن کي ٽي نياڻيون هجن، انهن تي صبر ڪيائين پنهنجي طاقت آهر انهن کي ڪارايائين، پياريائين ۽ ڪپڑا پارايائين تہ اُهي نياڻيون ان لاءِ جهنم جي باهہ کان پردو هونديون." (مسند احمد) 2

حديث نمبر 601:

پاڻ فرمايائون جنهن ماڻهو کي ٽي نياڻيون پيدا ٿيون، انهن (جي پرورش پالنا) تي خرچ ڪندو رهيو، ايستائين جوانهن جي شادي ٿي وئي يا وفات ڪري ويون تہ اُهي ان لاءِ جهنم جي باهہ کان حجاب هونديون.

هڪ عورت چيو تہ "يا رسول الله جنهن کي ٻہ نياڻيون هجن تہ؟"

---

[1] حديث نمبر 599: عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ عَالَ جَارِيَتَيْنِ حَتَّى تَبْلُغَا جَاءَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ أَنَا وَهُوَ وَضَمَّ أَصَابِعَهُ. صحيح مسلم بَاب فَضْلِ الْإِحْسَانِ إِلَى الْبَنَاتِ (ج 13 / ص 77۔ الرقم: 4765)

سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي النَّفَقَةِ عَلَى الْبَنَاتِ وَالْأَخَوَاتِ (ج 7 / ص 148۔ الرقم: 1837)

[2] حديث نمبر 600: عن عُقْبَةَ بْنَ عَامِرٍ الْجُهَنِيَّ قَالَ سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ مَنْ كَانَتْ وَقَالَ مَرَّةً مَنْ كَانَ لَهُ ثَلَاثُ بَنَاتٍ فَصَبَرَ عَلَيْهِنَّ فَأَطْعَمَهُنَّ وَسَقَاهُنَّ وَكَسَاهُنَّ مِنْ جِدَّتِهِ كُنَّ لَهُ حِجَابًا مِنَ النَّارِ.

مسند أحمد: مُسْنَدُ الشَّامِيِّينَ، حَدِيثُ عُقْبَةَ بْنِ عَامِرٍ الْجُهَنِيِّ (ج 35/ص 272۔ الرقم: 16762)

سنن ابن ماجه بَاب بِرِّ الْوَالِدِ وَالْإِحْسَانِ إِلَى الْبَنَاتِ (ج 11 / ص 62۔ الرقم: 3659)

المعجم الكبير للطبراني (ج 12 / ص 266۔ الرقم: 14243)

شعب الإيمان للبيهقي (ج 18 / ص 202۔ الرقم: 8433)

Scanned by CamScanner

پاڻ فرمايائون تہ "پہ بہ" (جهنم جي باهہ کان حجاب هوندیون). (مسند احمد) [1]

حدیث نمبر 602:

حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها وٽ هڪ عورت آئي ان سان پہ نياڻيون گڏ هيون. ڪجهہ سوال ڪيائين. امان سائڻ وٽ ان مهل ڪتل جي هڪ ڇڙيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هيو. پاڻ اها کجور جي ڇڙي ان عورت کي ڏنائين. ان وٽي ان کي چيري پہ حصا ڪيا ۽ پنهنجين نياڻين کي ڏئي ڇڏيائين، پاڻ نہ کاڌائين. جڏهن اها عورت نياڻين سميت هلي وئي. پوءِ حضرت رسول الله ﷺ آيا تہ بيبي سائڻ اها ڳالهہ ڪري ٻڌائي. پاڻ فرمايائون تہ:

مَنِ ابْتُلِيَ بِشَيْءٍ مِنْ هَذِهِ الْبَنَاتِ فَأَحْسَنَ إِلَيْهِنَّ كُنَّ لَهُ سِتْرًا مِنَ النَّارِ (بخاری، مسند احمد) [2]

جو شخص هنن نياڻين جي ذريعي ڪنهن شيءِ سان آزمايو ويو پوءِ نياڻي سان چڱائي ڪندو رهيو تہ اُهي ان لاءِ باهہ کان پردو هوندیون.

امام احمد بن حنبل جو قول:

يعقوب بن بختان چيو تہ مون کي ست نياڻيون پيدا ٿيون جڏهن بہ نياڻي جمندي هئي تہ امام احمد بن حنبل رحمة الله عليہ وٽ ويندو هيس، پاڻ فرمائيندو هيو تہ:

"نبيءَ بہ تہ نياڻين جا پيئر هئا."

سندن اهو قول ٻڌڻ سان منهنجو غم ختم ٿي ويندو هيو.

---

[1] حديث نمبر 601: قَالَ رَسُولُ اللهِ ﷺ مَا مِنْ عَبْدٍ مُسْلِمٍ يَكُونُ لَهُ ثَلَاثُ بَنَاتٍ فَأَنْفَقَ عَلَيْهِنَّ حَتَّى يَبِنَّ أَوْ يَمُتْنَ إِلَّا كُنَّ لَهُ حِجَابًا مِنَ النَّارِ فَقَالَتْ امْرَأَةٌ يَا رَسُولَ اللهِ أَوْ اثْنَتَانِ قَالَ أَوْ اثْنَتَانِ.

مسند أحمد: مسند الانصار حَدِيثُ عَوْفِ بْنِ مَالِكٍ الْأَنْصَارِيِّ (ج 49/ص 36۔ الرقم: 22881)

[2] حديث نمبر 602: صحيح البخاري بَاب اتَّقُوا النَّارَ وَلَوْ بِشِقِّ تَمْرَةٍ وَالْقَلِيلِ مِنَ الصَّدَقَةِ (ج 5/ص 231۔ الرقم: 1329)

سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي النَّفَقَةِ عَلَى الْبَنَاتِ وَالْأَخَوَاتِ (ج 7/ص 149۔ الرقم: 1838)

مسند أحمد: حَدِيثُ السَّيِّدَةِ عَائِشَةَ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا (ج 49/ص 82۔ الرقم: 22926)

شعب الإيمان للبيهقي باب في حقوق الأولاد والأهلين (ج 18/ص 191۔ الرقم: 8422)

Scanned by CamScanner

اولاد جمڻ جي مبارڪ :

جهالت جي دؤر ۾ ماڻهن جو دستور رهيو ته جڏهن ڪنهن کي پٽ ڄمندو هيو ته مبارڪ ڏيندا هئا ۽ نياڻي مرندي هئي ته مبارڪ ڏيندا هئا. پر اسلام هي گالهه سيکاري آهي ته ڪنهن پاءُ کي پُٽ ڄمي ته به مبارڪ ڏيو نياڻي ڄمي ته به مبارڪ ڏيو.

حديث پاڪ ۾ اچي ٿو ته "جڏهن ڪنهن کي نياڻي ڄمندي آهي ته ملائڪ مبارڪ ڏيڻ ايندا آهن."

قرآن ڪريم ۾ آهي ته حضرت ابراهيم خليل الله کي پٽ جي ڄمڻ جي مبارڪ الله پاڪ پاڻ ڏني هئي.

فَبَشَّرْنَاهُ بِغُلَامٍ حَلِيمٍ (الصٰفٰت: 101)

پوءِ اسان ان کي خوشخبري ڏني بردبار نينگر جي.

حضرت زڪريا عليه السلام کي جڏهن حضرت يحيٰ عليه السلام جي ولادت ٿي ته ان تي به الله ڪريم عزوجل پاڻ مبارڪ ڏني هئي، جيئن قرآن مجيد ۾ آهي:

يٰزَكَرِيَّآ اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمِ ِۨاسْمُهٗ يَحْيٰى ○ (مريم:٧)

اي زڪريا اسان تو کي مبارڪ ٿا ڏيون پٽ جي جنهن جو نالو يحيٰ آهي.

جڏهن ڪنهن مسلمان پاءُ کي پٽ يا نياڻي ڄمي ته ان کي انهن لفظن ۾ مبارڪ ڏجي. توکي پٽ يا نياڻي جي ڄمڻ جي مبارڪ هجي، الله کيس نيڪ صالح فرمانبردار بنائي. اصل مبارڪ اها آهي جو پيءُ بي خبر هجي ان کي پهريون پيرو خبر ڏجي ته ان کي حقيقي خوشي حاصل ٿيندي. خبر ملڻ کان پوءِ خوشخبري ڏيڻ به نيڪ آهي ڇو ته اها دعا آهي.

جڏهن سهڻا حبيب ڪريم ﷺ دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا ته محبوبن جي ميلاد جي خوشخبري ثُوَيْبَةَ نالي بانهي ابولهب کي ڏني، ان خوشيءَ ۾ ابولهب ثُوَيْبَةَ کي آزاد ڪيو. ان عمل سبب هر سومر جي رات ابولهب جي عذاب ۾ هلڪائي ڪئي ويندي آهي.

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 603 :

حضرت حبيب كريم ﷺ فرمايو تہ "جڏهن كنهن جي گهر ۾ نياڻي ڄمندي آهي تہ الله جا ملائك لهي ايندا آهن چوندا آهن تہ اي گهر وارؤ توهان تي سلامتي هجي، پوءِ ملائك ان نياڻيءَ جي مٿي تي هٿ ڦيرائي چوندا آهن تہ جنهن كمزور جي پرورش كئي روز محشر الله ان جي مدد كندو. (طبراني)[1]

ڄاول ٻار جي كنن ۾ بانگ چوڻ :

پٽ ڄمي يا نياڻي ڄمي تہ ان كي غسل كرائي كنهن كپڙي ۾ لپيٽجي ۽ ان جي ساڄي كن ۾ بانگ ۽ كاڌي كن ۾ تكبير (اقامت) چئجي. كي ماڻهو پُٽ جي كنن ۾ بانگ چوندا آهن پر نياڻين جي كنن ۾ نہ چوندا آهن ائين درست نہ آهي.

حديث نمبر 604 :

حضرت رافع رضي الله عنه فرمايو تہ "مون ڏٺو تہ جڏهن سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها كي ٻچڙو حضرت حسن رضي الله عنه ڄائو تہ رسول الله ﷺ جن ان جي ساڄي كن ۾ اذان چئي هئي. (ابوداؤد. ترمذي)[2]

حديث نمبر 605 :

حضرت امام حسين بن علي رضي الله عنهما فرمايو تہ حضور نبي كريم ﷺ جن فرمايو تہ "جنهن كي ٻار ڄمي تہ ان جي ساڄي كن ۾ بانگ چوي ۽ كاڌي كن ۾ تكبير (اقامت) چوي تہ ان ٻار كان "اُم الصبيان" جي بيماري كڃي وڃي ٿي. (بيهقي. شعب الايمان)[3]

---

[1] حديث نمبر 603: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: "إِذَا وُلِدَ لِلرَّجُلِ ابْنَةٌ بَعَثَ اللَّهُ عَزَّ وَجَلَّ مَلَائِكَةً يَقُولُونَ: السَّلَامُ عَلَيْكُمْ أَهْلَ الْبَيْتِ. يَكْتَنِفُونَهَا بِأَجْنِحَتِهِمْ. وَيَمْسَحُونَ بِأَيْدِيهِمْ عَلَى رَأْسِهَا. وَيَقُولُونَ: ضَعِيفَةٌ خَرَجَتْ مِنْ ضَعِيفَةٍ. الْقَيِّمُ عَلَيْهَا مُعَانٌ إِلَى يَوْمِ الْقِيَامَةِ. المعجم الكبير للطبراني: مسند نبيط بن شريط (ج 20/ص 277۔ الرقم: 1808)

المعجم الصغير للطبراني: من اسمه أحمد (ج 1/ص 73۔ الرقم: 70)

[2] حديث نمبر 604: عَنْ رَافِعٍ قَالَ رَأَيْتُ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ أَذَّنَ فِي أُذُنِ الْحَسَنِ بْنِ عَلِيٍّ حِينَ وَلَدَتْهُ فَاطِمَةُ بِالصَّلَاةِ. سنن أبي داود بَاب فِي الصَّبِيِّ يُولَدُ فَيُؤَذَّنُ فِي أُذُنِهِ (ج 13/ص 305۔ الرقم: 4441)

سنن الترمذي بَاب الْأَذَانِ فِي أُذُنِ الْمَوْلُودِ (ج 5/ص 483۔ الرقم: 1436)

[3] حديث نمبر 605: شعب الإيمان للبيهقي. باب في حقوق الأولاد والأهلين (ج 18/ص 139۔ الرقم: 8370)

Scanned by CamScanner

بانگ : اسلامي تعليمات جو نچوڙ ۽ خلاصو آهي. ٻار جي ڪنن ۾ بانگ تڪبير چوڻ ۾ حڪمت اِها آهي ته ٻار ڄمندي ئي الله جي وڏائي، هيڪڙائي ۽ دين اسلام جي تعليم کان آشنا ٿئي. ان جي ڪنن ۾ پهريون آواز الله جي مقدس نالي جو هجي.

بي حڪمت اِها آهي جو بانگ چوڻ سان ٻار کان بيماريون دور ٿين ٿيون.

ٽين حڪمت اِها آهي ته شيطان پليت پري پيچي ٿو. هن مان هيءَ ڳالهه ٻه واضح ٿي ته بانگ چوڻ صرف نماز پڙهڻ لاءِ نه هوندي آهي پر بيمارين مصيبتن ٽارڻ لاءِ ٻه بانگ چئي سگهجي ٿي.

ٻار جي وات ۾ پهرئين شيءِ :

ٻار کي ڄمڻ سان جيئن ڪنن ۾ اذان چئي وئي تيئن ٻار کي ڄمڻ سان ڪنهن مردِ مومن اڳيان ڪٽي وڃجي جيئن پڇڙي جي پهرئين نظر الله جي صالح دیندار ٻانهي تي پوي ۽ ان صالح ٻانهي الله واري کان ڪتل يا ڪا ٻي شيءِ چٻاڙائي ٻار جي وات ۾ وڃجي جيئن پهريون ڪاڏو پاڪ صاف ۽ ولي الله جي وات جي لعاب پڇڙي جي وات ۾ پوي.

ائين ڪرڻ سان انشاء الله پڇڙو نيڪ صالح ٿيندو. ان عمل کي "تحنيڪ" چئبو آهي.

حديث نمبر 606:

ٻيبي اسماء بنت ابي بڪر رضي الله عنها جيڪا حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهما جي ماءُ هئي، فرمايائين ته آءٌ مڪة المڪرمه ۾ هيس ته حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهما منهنجي شڪم ۾ هيو. پريا مهينا هئا ته مدينه منوره آيس. په۽ قباء مسجد وٽ لٿس ۽ اتي ئي مون کي پٽڙو ڄائو. پڇڙي کي هنج ۾ ڪٽي رسول الله ﷺ وٽ آيس پاڻ کجور گهرايائون ان کي چٻاڙي پارڙي جي وات ۾ وڏائون. پهرئين شيءِ جيڪا ٻار جي پيٽ ۾ وئي سا رسول الله ﷺ جي "لعابِ دهن" هئي پوءِ پڇڙي لاءِ برڪت جي دعا ڪيائون.

هيءُ مهاجرن ۾ اسلام جو پهريون ٻار هيو جيڪو مديني پاڪ ۾ پيدا ٿيو. ان جي ڄمڻ سان سڀ مسلمان تمام گهڻو خوش ٿيا هئا. اهو ان ڪري جو يهودين چيو هيو ته اسان مسلمانن تي جادو ڪري ڇڏيو آهي انهن ۾ ڪوبه پُٽ پيدا نه ٿيندو. (بخاری، مسلم) [1]

---

[1] حديث نمبر 606: صحيح البخاري ج 17 / ص 118 ـ الرقم: 5047) صحيح مسلم ج 11 / ص 93 ـ الرقم: 3998)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 607 :

حضرت ابو موسيٰ رضی اللہ عنہ فرمايو تہ مون کي پٽ ڄائو ان کي کڻي نبي کريم ﷺ وٽ آيس. پاڻ ان جو نالو ابراهيم رکيائون ۽ کجور چٻاڙي ان جي وات ۾ وڌائون. ان لاءِ برکت جي دعا فرمايائون ۽ ٻار مون کي موتائي ڏنائون. اهو ابو موسيٰ جو وڏو پٽ هيو. (بخاری، مسلم) [1]

ڪنهن فاسق، بدڪار، جهيڙيڪار، مرد يا عورت کان ڪا شيءِ چٻاڙائي ٻارڙي کي نہ کارائجي. خاص طرح ڪاڙين ۽ جهيڙيڪار عورتن کان "تحنيک" ڪرائي ويندي آهي ان کان بچڻ گهرجي. ان سان ٻار جي طبيعت تي برا اثرات پيدا ٿيڻ جو خطرو آهي.

ٻارن جا ڪن ٽوپڙ : زيب زينت ۽ سينگار لاءِ عورتن کي زيور پائڻ جائز آهن. انڪري نياڻي جا ننڍپڻ ۾ ڪَنَ يا نَڪُ ٽوپڙ جائز آهي، باقي پٽ جا ڪن ٽوپڙ هرگز جائز نہ آهي. ڇوتہ مرد کي زيور پائڻ ناجائز آهي، پُٽ جو عضوو ٽُڪڙُ ۾ نہ کو ديني فائدو آهي نہ کو دنياوي نفعو آهي. انڪري پٽ جا ڪن ٽوپڙ درست نہ آهي جيئن ڪجهہ بلوچ قومون پٽن جا ڪن ٽوپي انهن ۾ واليون وجهندا آهن اهو قطعاً جائز نہ آهي.

ٻارن کي زعفراني عطر نہ لڳايو :

خلوق جو عطر جنهن ۾ زعفران ملايل هوندو آهي، اهو مردن کي مکڙ جائز نہ آهي، نہ ئي وڏن کي نہ ئي ننڍن کي. حضرت نبي کريم ﷺ ان کان پنهنجي امت کي سختيءَ سان منع فرمايو آهي.

حديث نمبر 608 :

حضرت وليد بن عقبہ رضی اللہ عنہ فرمايو تہ جڏهن مکي جو شهر فتح ٿيو تہ مکي جا ماڻهو پنهنجا ٻار سڌي نبي کريم ﷺ جن جي خدمت ۾ ڪٽي آيا تہ دعا فرمائن. پاڻ انهن جي مٿي تي هٿ ڦيرائن پيا ۽ برکت جي دعا ڏين پيا. جڏهن مون کي آندو ويو تہ مون کي زعفران ملايل عطر لڳل هيو.

---

[1] حديث نمبر 607: عَنْ أَبِي مُوسَى قَالَ وُلِدَ لِي غُلَامٌ فَأَتَيْتُ بِهِ النَّبِيَّ ﷺ فَسَمَّاهُ إِبْرَاهِيمَ فَحَنَّكَهُ بِتَمْرَةٍ وَدَعَا لَهُ بِالْبَرَكَةِ وَدَفَعَهُ إِلَيَّ وَكَانَ أَكْبَرَ وَلَدِ أَبِي مُوسَى. صحيح البخاري بَاب مَنْ سَمَّى بِأَسْمَاءِ الْأَنْبِيَاءِ (ج 19/ ص 186۔ الرقم: 5730)

صحيح مسلم بَاب اسْتِحْبَابِ تَحْنِيكِ الْمَوْلُودِ عِنْدَ وِلَادَتِهِ. الخ (ج 11/ ص 92۔ الرقم: 3997)

Scanned by CamScanner

پاڻ ڪريمن ﷺ مون کي هٿ به نه لاتو. (ابوداؤد)[1]

حديث نمبر 609:

جنهن ماڻهو کي زعفران مليل عطر لڳل آهي ته الله تعاليٰ ان جي نماز قبول نه ٿو ڪري. (ابوداؤد)[2]

---

[1] حديث نمبر 608: عَنْ الْوَلِيدِ بْنِ عُقْبَةَ قَالَ لَمَّا فَتَحَ نَبِيُّ اللَّهِ ﷺ مَكَّةَ جَعَلَ أَهْلُ مَكَّةَ يَأْتُونَهُ بِصِبْيَانِهِمْ فَيَدْعُو لَهُمْ بِالْبَرَكَةِ وَيَمْسَحُ رُءُوسَهُمْ قَالَ فَجِيءَ بِي إِلَيْهِ وَأَنَا مُخَلَّقٌ فَلَمْ يَمَسَّنِي مِنْ أَجْلِ الْخَلُوقِ.

سنن أبي داود بَاب فِي الْخَلُوقِ لِلرِّجَالِ (ج 11 / ص 237۔ الرقم: 3649)

مسند أحمد: حَدِيثُ الْوَلِيدِ بْنِ عُقْبَةَ بْنِ أَبِي مُعَيْطٍ (ج 33 / ص 119۔ الرقم: 15784)

المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب معرفة الصحابة (ج 10 / ص 344۔ الرقم: 4521)

[2] حديث نمبر 609: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ لَا يَقْبَلُ اللَّهُ تَعَالَى صَلَاةَ رَجُلٍ فِي جَسَدِهِ شَيْءٌ مِنْ خَلُوقٍ.

سنن أبي داود بَاب فِي الْخَلُوقِ لِلرِّجَالِ (ج 11 / ص 234۔ الرقم: 3646)

Scanned by CamScanner

باب ٻيون

اولاد جا نالا رکڻ

پنهنجي ٻچڙن پٽن ۽ نياڻين تي نالا سٺا رکجن، انسان جي طبيعت تي نالي جو وڏو اثر رهي ٿو. قيامت واري ڏينهن ڪروڙين مخلوق جي وچ ۾ هر ماڻهو کي سندس نالي ۽ پيءُ جي نالي سان پڪاريو ويندو ان ڪري نالو سٺو رکڻ گهرجي.

حديث نمبر 610:

إِنَّكُمْ تُدْعَوْنَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ بِأَسْمَائِكُمْ وَأَسْمَاءِ آبَائِكُمْ فَأَحْسِنُوا أَسْمَاءَكُمْ (ابو داؤد)[1]

توهان قيامت واري ڏينهن پنهنجي نالي ۽ والد جي نالي سان سڏيا ويندؤ، ان ڪري پنهنجا نالا سٺا رکو.

جڏهن ڪنهن ڪم جي تڪميل لاءِ، ڪنهن مهم تي ڪو ماڻهو موڪليو تہ اُهو بہ پلي نالي وارو موڪليو. سٺي نالي وارو ۽ سٺي مُنهن وارو ماڻهو جتي ويندو ڪامياب ٿي موٽيندو. خراب نالي ۽ خراب صورت واري ماڻهو کي قاصد بنائي بہ نہ موڪليو.

حديث نمبر 611:

إِذَا بَعَثْتُمْ رَسُولا فَابْعَثُوهُ حَسَنَ الْوَجْهِ، حَسَنَ الاسْمِ (طبراني اوسط)[2]

جڏهن توهان کو قاصد موڪليو تہ سٺي نالي ۽ سٺي منهن وارو موڪليو.

---

[1] **حديث نمبر 610 :** سنن أبي داود بَاب فِي تَغْيِيرِ الْأَسْمَاءِ (ج 13 / ص 113 ـ الرقم: 4297) مسند أحمد: بَاقِي حَدِيثِ أَبِي الدَّرْدَاءِ (ج 44 / ص 173 ـ الرقم: 20704) شعب الإيمان للبيهقي باب في حقوق الأولاد والأهلين (ج 18 / ص 148 ـ الرقم: 8379) سنن الدارمي: باب فِي حُسْنِ الأَسْمَاءِ (ج 8 / ص 331 ـ الرقم: 2750) صحيح ابن حبان (ج 24 / ص 171 ـ الرقم: 5914)

[2] **حديث نمبر 611 :** المعجم الكبير للطبراني. عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ (ج 19 / ص 401 ـ الرقم: 972) المعجم الأوسط للطبراني. باب الميم من اسمه : محمد (ج 17 / ص 39 ـ الرقم: 7963)

Scanned by CamScanner

الله تبارک وتعالي ۽ پنهنجا جيڪي ۽ نبيءَ رسول موڪليا سڀ سڀڻن نالن ۽ سڀڻين صورتن وارا هئا ڪو ۽ نبي عيبدار نه هيو. پر جڏهن سڀ نبين جو سردار منو محمد ڪريم ﷺ آيو ته سندس اسم سيني پيغمبرن جي اسمن کان پلو هيو. سندس صورت ۽ سيرت سڄي ڪائنات ۾ سڀ کان افضل ۽ اعليٰ هئي، سندس اسم ۽ بي مثال ۽ جسم ۽ با ڪمال هيو.

حديث نمبر 612:

عَنْ اَنَسٍ قَالَ كَانَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ مِنْ اَجْمَلِ النَّاسِ وَمِنْ اَجْوَدِ النَّاسِ وَ مِنْ اَشْجَعِ النَّاسِ (بيهقي، شعب الايمان) [1]

حضرت حبيب ڪريم ﷺ سڀ ماڻهن کان سڀڻا هئا سڀ انسانن کان وڌيڪ سخي هئا، ۽ سڀ انسانن کان وڌيڪ بهادر هئا.

الله تبارک و تعالي پنهنجي پسنديده مخلوق (پيغمبرن) کي پسنديده نالن سان موڪليو، ان ڪري اسان کي ۽ گهرجي ته پنهنجي پڄڻن تي پيغمبرن جا نالا رکون.

حضرت سعيد بن مسيب رضي الله عنه فرمايو ته:

أَحَبُّ الْاَسْمَاءِ إِلَى اللهِ أَسْمَاءُ الْاَنْبِيَاءِ [2]

الله وٽ زور پيارا نالا نبين جا نالا آهن.

حضرت طلحه رضي الله عنه کي ڏهه پٽ هئا ۽ ڏهن ئي پٽن تي نبين جا نالا رکيا هئائين. حضرت زبير رضي الله عنه کي ڏهه پٽ هئا. پاڻ سڀني جا نالا شهيدن جي نالن تي رکيا هئائين. هڪ ڏينهن حضرت طلحه رضي الله عنه فرمايو اي زبير مون پنهنجي پٽن تي نبين جا نالا رکيا آهن ۽ توهان وري شهيدن جي نالن تي؟ حضرت زبير رضي الله عنه فرمايو ته مان اميد ڪيان ٿو ته منهنجا پڄڻا شهادت جو درجو حاصل ڪندا، پر تون اميد نه ٿو ڪري سگهين ته تنهنجا پڄڻا نبيءَ ٿيندا.

---

[1] حديث نمبر 612: شعب الإيمان للبيهقي فصل في خلق رسول الله ﷺ وخلقه (ج 3/ص 460۔الرقم: 1406)
دلائل النبوة للبيهقي باب ذكر أخبار رويت في شمائله وأخلاقه (ج 1/ص 285۔الرقم: 252)

[2] حديث: مصنف ابن أبي شيبة (ج 6/ص 160)

Scanned by CamScanner

سهڻي نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي صاحبزادي جو نالو ابراهيم رکيو هيو.

نالو ڪير رکي؟

حديثن مان اِها ڳالهه ٻه ثابت آهي ته نالو رکڻ جو حق پيءَ جو آهي، ماءُ جو نه آهي. ها اگر ٻئي گڏيل مشوري سان رکن ته بهتر ۽ اگر جيڪڏهن پاڻ ۾ اختلاف ڪن ته ٻار جو اهو نالو ليکيو ويندو جيڪو پيءُ رکيو هجي.

پسند پنهنجي پنهنجي :

نالا رکندي ماڻهو سوچيندا آهن ته پلي کان پلو نالو رکجي. ڪي وري دعائيه نالا رکندا آهن. ڪي تاريخي نالا رکندا آهن. مثلاً بادشاهن، عادلن، فاتحن وغيره جا نالا رکندا آهن. ڪي برڪت وارا نالا چونڊي رکندا آهن. ڪي پنهنجي پسنديده شخصيتن جا نالا رکندا آهن. ڪي فنڪارن، اداڪارن، راندينگرن جا نالا رکندا آهن. ڪي وري اهڙا ٻه آهن جيڪي بي معني مهمل نالا رکندا آهن.

هڪڙي ماڻهوءَ کي نياڻيون ڄمنديون هيون ۽ مري ويندیون هيون ان کي نياڻي ڄائي ته نالو رکيائين "نه مُئي". هڪڙي ماڻهو جو اولاد نه ٻچندو هيو ته نالو رکيائين "ڪوڙو". ڪي وري پوڙهين عورتن کان نالا رکائيندا آهن. اُهي وري نالا ٻه عجيب چونڊي رکندیون آهن. مثلاً متيرو، ڳهڻو، لهڻو، رَمُو، ڪمو وغيره.

حقيقت هيءَ آهي ته اسان کي پنهنجي ٻچڙن تي اُهي نالا رکڻ گهرجن جن جو حڪم الله ۽ ان جي حبيب ﷺ ڏنو آهي. مقدس نالا رکڻ سان گهر ۾ برڪت ۽ رحمت نازل ٿئي ٿي. نالن جي صدقي مصيبتون، آفتون ۽ شامتون ٽري وڃن ٿيون. پلن نالن جي صدقي آخرت جي نجات نصيب ٿئي ٿي.

نالو ڪڏهن رکجي؟

حديث نمبر 613:

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته :

وَيُسَمَّى يَوْمَ السَّابِعِ [1] : ٻارڙي تي نالو ستين ڏينهن رکيو وڃي.

---

[1] حديث نمبر 613: الدر المنثور (البقرة: 124) (ج 1 / ص 221)

المعجم الكبير للطبراني، عن سمرة رضي الله عنه (ج 6 / ص 339۔ الرقم: 6685)

المعجم الأوسط للطبراني من اسمه أحمد (ج 2 / ص 68۔ الرقم: 569)

Scanned by CamScanner

هڪ روايت ۾ آيو آهي ته جمڙ کان ٽئين ڏينهن نالو رکو پر اڪثر حديثن ۾ آيو آهي ته سٺي نبي ڪريم ﷺ پارڙن تي جمڙ وقت ئي نالو رکيو آهي. بهتر ائين آهي ته جمڙ وقت نالو رکيو وڃي پر جيڪڏهن جمڙ وقت نه رکيو ويو ته پوءِ ٽئين ڏينهن رکجي نه ته ۾ ستين ڏينهن نالو رکجي، ٽئي وقت سنت کان ثابت آهن.

هي حديث پهرئين گذري آهي ته حضرت ابو موسيٰ رضی اللہ عنہ کي پٽ جائو، اُهو ڪٽي نبي ڪريم ﷺ وٽ آيو. پاڻ (ان ڏينهن) ان جو نالو ابراهيم رکيائون ۽ کتل چپاڙي ان جي وات ۾ وڌائون. (بخاري)

پلا نالا ۽ خراب نالا :

اڇڪلهه ڏٺو وڃي ٿو ماڻهو نالو رکندا آهن : ڪرڙ، ڪانڊيرو، ماکوڙو وغيره يا ته فلمي اداڪارن ۽ ڪرڪيٽ جي راندگيرن جا نالا رکندا آهن. ان طرح نياڻين تي به اهڙا نالا رکيا ويندا آهن : سوڊي پيپي، ڦاپي، زيني وغيره. حضرت حبيب ڪريم ﷺ کهڙن نالن رکڻ جو حڪم فرمايو آهي ۽ کهڙن نالن رکڻ کان منع فرمايو آهي.

حديث نمبر 614 :

حضرت رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو ته :

إِنَّ أَحَبَّ أَسْمَائِكُمْ إِلَى اللَّهِ عَبْدُ اللَّهِ وَعَبْدُ الرَّحْمَنِ (مسلم)[1]

توهان جي نالن مان الله وٽ پياري ۾ پيارا نالا عبدالله ۽ عبدالرحمن آهن.

نالن رکڻ ۾ حضرت نبي ڪريم ﷺ جي تعليمات کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي. پاڻ پنهنجي امت کي سٺن نالن رکڻ جي ترغيب ڏني اٿن ۽ برن نالن کان بچڻ جو حڪم فرمايو اٿن.

---

[1] حديث نمبر 614: صحيح مسلم بَاب النَّهْيِ عَنِ التَّكَنِّي بِأَبِي الْقَاسِمِ .الخ (ج 11 / ص 66. الرقم: 3975)

سنن أبي داود بَاب فِي تَغْيِيرِ الْأَسْمَاءِ (ج 13 / ص 114. الرقم: 4298)

سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ مَا يُسْتَحَبُّ مِنَ الْأَسْمَاءِ (ج 10 / ص 46. الرقم: 2759)

سنن النسائي باب مَا يُسْتَحَبُّ مِنْ شِيَةِ الْخَيْلِ (ج 11 / ص 314. الرقم: 3509)

سنن ابن ماجه بَاب مَا يُسْتَحَبُّ مِنَ الْأَسْمَاءِ (ج 11 / ص 148. الرقم: 3718)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 651:

رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ "نبين جي نالن جھڙا نالا رکو. الله وٽ زور پيارا نالا عبدالله ۽ عبدالرحمن آھن. سچا نالا حارث ۽ ھمام آھن. بيڇڙا نالا : حَرب ۽ مُرة آھن." (مسند احمد، ابوداؤد)[1]

حارث جي معنيٰ آھي : محنتي

ھُمام جي معنيٰ آھي : بھادر

حَرب جي معنيٰ آھي : جنگ و جدل. جو تہ ان ۾ اھنج ۽ ايذاءَ آھن.

مُرہ جي معنيٰ آھي : ڪَوڙو، ٽوھہ.

1. پانھپ جي نسبت وارا نالا :

ھر اُھو نالو جنھن ۾ الله پاڪ ڏانھن پانھپائي جي نسبت ڪيل ھجي، اھو نالو افضل ترين آھي جيئن :

عبدالله، عبدالرحمن، عبدالعزيز، عبدالجبار، عبدالستار، عبدالغفور، عبدالغفار، عبدالعظيم، عبدالكريم، عبدالرحيم، عبدالجليل، عبدالقدوس، عبدالسلام، عبدالخالق، عبدالباري، عبدالحكيم، عبدالقادر، عبدالھادي، عبدالباقي وغيره.

گھٽا ماڻھو "عبد" ھٽائي الله جي نالي سان سڏيندا آھن. ائين ھرگز نہ ڪرڻ گھرجي. جيئن عبدالرحمن کي رحمان، عبدالقادر کي قادر.

2. اھڙا نالا جن ۾ پانھپائي جي نسبت غيرالله ڏانھن ٿيل ھجي اُھي نالا درست نہ آھن. جيئن عبدالعزيٰ، عبد ھُبل، عبدالشمس، عبدالكعبہ وغيره. اھڙن مشركانہ نالن رکڻ کان بچڻ گھرجي بلڪہ موحدن ۽ مومنن وارا نالا رکڻ گھرجن. مشركانہ نالو وٺي پڪارڻ بہ درست نہ آھي.

---

[1] حديث نمبر 615: قَالَ رَسُولُ اللهِ ﷺ تَسَمَّوْا بِأَسْمَاءِ الْأَنْبِيَاءِ وَأَحَبُّ الْأَسْمَاءِ إِلَى اللهِ عَبْدُ اللهِ وَعَبْدُ الرَّحْمَنِ وَأَصْدَقُهَا حَارِثٌ وَهَمَّامٌ وَأَقْبَحُهَا حَرْبٌ وَمُرَّةُ. سنن أبي داود بَاب فِي تَغْيِيرِ الْأَسْمَاءِ (ج 13/ص 115. الرقم: 4299)

مسند أحمد: حَدِيثُ أَبِي وَهْبٍ الْجُشَمِيِّ (ج 39/ص 35. الرقم: 18258)

المعجم الكبير للطبراني (ج 16/ص 237. الرقم: 18384)

مسند أبي يعلى الموصلي (ج 14/ص 467. الرقم: 7012)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 616 :

حضور نبي کريم ﷺ جي خدمت ۾ هڪ قوم جو وفد آيو. انهن ۾ هڪ ماڻهو جو نالو "عبدالحجر" هيو يعني "پٿر جو پانهو". سڏي نبي کريم ﷺ ان ماڻهو کان پڇيو ته تنهنجو نالو ڇا آهي؟ عرض کيائين "عبدالحجر". پاڻ فرمايائون تون "عبدالله" آهين. (ابي شيبه)[1]

تعريف وارا نالا :

اهڙا نالا نه رکڻ گهرجن جن ۾ پنهنجي تعريف ۽ ثنا ظاهر ٿئي.

حديث نمبر 617:

بيبي زينب رضي الله عنها تي "بره" نالو رکيو ويو، (ان جي معني آهي نهايت نيڪ صالح). پاڻ کريمن ﷺ فرمايو ته :

لَا تُزَكُّوا أَنْفُسَكُمْ اللَّهُ أَعْلَمُ بِأَهْلِ الْبِرِّ مِنْكُمْ (مسلم)[2]

پنهنجي پاڻ کي پاڻ پاکيزه هجڻ جي شاهدي نه ڏيو توهان مان پلائي واري کي الله چڱي طرح ڄاڻي ٿو. پوءِ ان جو نالو "زينب" رکيائون.

خود ثنائي وارن نالن جا مثال : نظام الدين، محي الدين، تاج الدين، شمس الدين، نور الدين، قمرالدين، فخرالدين، شمس الاسلام، محي السلام، تاج الشريعة، نورالحق وغيره اهڙا نالا نه رکڻ گهرجن. ڪن بزرگن کي انهن نالن سان ياد ڪيو ويندو آهي ته اُهي انهن جا ذاتي نالا نه هئا بلڪ ماڻهن انهن کي انهن لقبن سان پڪاريو هيو. جيئن حضور غوث اعظم رحمة الله عليه جو نالو "عبدالقادر" هيو پر کين "محي الدين" "دين کي جياريندڙ" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي. (احڪامِ شريعت)

---

[1] حديث نمبر 616: وفد النبي ﷺ في قومه فسمعهم يسمون رجلا عبد الحجر فقال له ما اسمك قال عبد الحجر فقال رسول الله ﷺ إنما أنت عبد الله. مصنف ابن أبي شيبة، باب في تغيير الاسماء (ج 6/ ص 159)

[2] حديث نمبر 617: صحيح مسلم بَاب اسْتِحْبَابِ تَغْيِيرِ الِاسْمِ الْقَبِيحِ إِلَى حَسَنٍ، الخ (ج 11/ ص 85۔ الرقم: 3992)

سنن أبي داود بَاب فِي تَغْيِيرِ الِاسْمِ الْقَبِيحِ (ج 13/ ص 119۔ الرقم: 4302)

الآحاد والمثاني لابن أبي عاصم (ج 9/ ص 70۔ الرقم: 2843) المعجم الكبير للطبراني (ج 18/ ص 18۔ الرقم: 20171)

معرفة الصحابة لأبي نعيم الأصبهاني (ج 22/ ص 467۔ الرقم: 6904)

Scanned by CamScanner

الله وارن کي سندن معتقدن مريدن اهڙن لقبن سان ياد ڪيو آهي، نڪ انهن پنهنجو پاڻ کي انهن لقبن سان سڏايو هيو. ڪنهن ماڻهو کي حق نہ آهي جو پاڻ کي ڏڻائي ڇو تہ الله کي نيازمندي وڻندي آهي.

نبين جا نالا :

حبيب عربي ﷺ فرمايو تہ پنهنجي ٻچڙن تي نبين جي نالن مطابق نالا رکو ان ڪري ڪجھ نبين جا نالا هتي لکجن ٿا:

آدم، شيث، نوح، دائود، سليمان، ادريس، ابراهيم، موسيٰ، عيسيٰ، دانيال، شموئيل، يعقوب، يوسف، هود، صالح، لوط، اسماعيل، اسحاق، ايوب، شعيب، هارون، اليسع، ذوالڪفل، الياس، يونس، زڪريا، يحيٰ، محمد، احمد.

انهن نبين جي پاڪ نالن سان جيڪڏهن سڀني محبوب ڪريم ﷺ جو پاڪ نالو ملايو وڃي تہ پيٽي ٿي ويندي. جيئن محمد ابراهيم، محمد عيسيٰ، محمد موسيٰ، محمد يوسف، محمد اسحاق، محمد ايوب، محمد ذوالڪفل، محمد يونس وغيره.



Scanned by CamScanner



اسان جي حبيب سهڻي محبوب "محمد" ڪريم ﷺ جو پاڪ نالو بيحد عظيم ۽ متو نالو آهي! اهو ڏاڍو بابرڪت ۽ ڏاڍو ئي با عظمت آهي ۽ اهو نالو الله کي پيارو آهي. ان برڪتن ۾ئي نالي جي صدقي روز محشر هزارين ماڻهو بخشجي ويندا. شفا شريف ۾ حديث آهي:

حديث نمبر 618:

حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه پنهنجي والد محترم حضرت امام محمد باقر رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي ته:

إِذَا كَانَ يَوْمُ الْقِيَامَةِ نَادَى مُنَادٍ أَلَا لِيَقُمْ مَنْ اِسْمُهُ مُحَمَّدٌ ﷺ فَلْيَدْخُلِ الْجَنَّةَ لِكَرَامَةِ اِسْمِهِ ﷺ (الشفاء) [1]

جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو ته هڪ اعلان ڪندڙ اعلان ڪندو ته اهو بيهي رهي جنهن جو نالو محمد آهي ۽ اُهو جنت ۾ داخل ٿئي حضور ﷺ جي نالي جي عزت سببان.

سبحان الله! الله کي اُهو نالو ڪهڙو پيارو آهي جو ان نالي واري کي عذاب ڪرڻ رب جي رحمت کي گوارا نه آهي.

---

[1] **حديث نمبر 618:** الشفا (ج 1/ص 176) فضائل التسمية بأحمد ومحمد للحسين بن بكير (ج 1/ص 7۔ الرقم: 6)

Scanned by CamScanner

نالو رکو ڪُنيت نہ رکو :

سردارن جي سردار مٿي محمد مختار ﷺ جي ڪنيت "ابوالقاسم" ﷺ هئي. پاڻ ﷺ فرمايائون تہ منهنجو نالو پِلي رکو پر منهنجي ڪنيت نہ رکو.

حديث نمبر 619 :

حضرت انس رضي الله عنه روايت ڪئي تہ هڪ ڏينهن سهڻا حبيب ڪريم ﷺ جن بازار مان اڃي رهيا هئا تہ هڪ ماڻهو سڏيو "يا اباالقاسم" تہ پاڻ ڪريمن ﷺ ان ڏانهن نهاريو. ان عرض ڪيو تہ مان ڪنهن ٻئي کي سڏي رهيو آهيان. تڏهن پاڻ ﷺ فرمايائون تہ :

سَمُّوا بِاسْمِي وَلَا تَكَنَّوْا بِكُنْيَتِي (بخاری، مسلم)[1]

منهنجو نالو پِلي رکو پر منهنجي ڪنيت نہ رکو.

محبوب ڪريم ﷺ سان محبت رکندي جيڪو سندن نالو مبارڪ پنهنجي ٻچي تي رکي ٿو تہ ان نالي جي برڪت سان اهو جنت جو مستحق بنجي پوي ٿو. جيئن حديث ۾ آهي:

حديث نمبر 620:

مَنْ وُلِدَ لَهُ مَوْلُوْدٌ فَسَمَّاهُ مُحَمَّداً حُبًّا لِيْ وَتَبَرُّكًا بِاسْمِيْ كَانَ هُوَ وَمَوْلُوْدُهُ فِي الْجَنَّةِ (ابن عساكر)[2]

جنهن کي پٽ ڄائو ۽ ان جو نالو "محمد" رکيائين مون سان محبت رکڻ جي سبب ۽ منهنجي نالي کي برڪت ونڊڻ جي لاءِ تہ اُهو ماڻهو (پيءُ) ۽ ان جو ٻار جنت ۾ هوندا.

---

[1] حديث نمبر 619: صحيح البخاري بَاب مَا ذُكِرَ فِي الْأَسْوَاقِ (ج 7/ص 316۔الرقم: 1977)
صحيح مسلم بَاب النَّهْيِ عَنِ التَّكَنِّي بِأَبِي الْقَاسِمِ (ج 11/ص 65۔الرقم: 3974)
مسند أحمد: مسند انس بن مالک رضي الله تعالى عنه (ج 25/ص 316۔الرقم: 12270)
مسند أبي يعلى الموصلي: عن أنس بن مالك (ج 8/ص 312۔الرقم: 3685)
مسند عبد بن حميد: مسند أنس بن مالك (ج 4/ص 31۔الرقم: 1411)
الأدب المفرد للبخاري باب أسماء الأنبياء (ج 3/ص 239۔الرقم: 866)

[2] حديث نمبر 620: التدوين في أخبار قزوين، باب من غير رعاية الترتيب في الأسماء والآباء (ج 1/ص 279)
فضائل التسمية بأحمد ومحمد للحسين بن بكير (ج 1/ص 31۔الرقم: 29)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 621:

مَنْ وُلِدَ لَهُ ثَلاثَةُ أَوْلادٍ لَمْ يُسَمِّ أَحَدَهُمْ مُحَمَّدًا فَقَدْ جَهِلَ (طبراني كبير)[1]

جنهن جا ٽي پٽ پيدا ٿيا انهن مان ڪنهن جو به نالو "محمد" نه رکيائين ته پوءِ بيشڪ ان جهالت ڪئي.

جڏهن معلوم ٿيو ته اسم پاڪ "محمد" اهڙين برڪتن ۽ پلاين وارو آهي پوءِ اهو نالو نه رکي ته جهالت نه آهي ته پيو ڇا آهي؟

ملائڪن جي حاضري :

پاڻ وارو آهي اُهو گهر جنهن گهر ۾ محمد نالي وارو ماڻهو رهي ٿو. ان گهر ۾ رحمتون ئي رحمتون، برڪتون ئي برڪتون هجن ٿيون. ان گهر ۾ الله جا ملائڪ به اچي حاضري پريندا آهن. هڪ حديث ۾ آهي ته :

حديث نمبر 622:

رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو ته :

إِنَّ لِلّٰهِ مَلَائِكَةً سَيَّاحِيْنَ عِبَادَتَهَا عَلَى كُلِّ دَارٍ فِيْهَا أَحْمَدُ أَوْ مُحَمَّدٌ إِكْرَامًا مِنْهُمْ لِمُحَمَّدٍ ﷺ (الشفاء)[2]

بيشڪ الله جا ڪي اهڙا ملائڪ آهن جي زمين ۾ گهمندا ڦرندا رهندا آهن. انهن جو ڪم هي آهي جو هر انهيءَ گهر ۾ حاضري ڏيندا آهن جنهن ۾ احمد يا محمد نالي وارو ماڻهو هوندو آهي. (يعني انهن ملائڪن جي عبادت ئي اها آهي. اسم پاڪ محمد ﷺ جي تعظيم سببان.)

---

[1] حديث نمبر 621: بغية الحارث، باب في الاسماء (ج 1 / ص 251۔ الرقم: 803)

المعجم الكبير للطبراني، اَلْقَاسِمُ أَبُو عَبْدِ الرَّحْمَنِ عَنْ وَاثِلَةَ (ج 15 / ص 469۔ الرقم: 17687)

مسند الحارث، باب في الأسماء (ج 3 / ص 301۔ الرقم: 788)

المطالب العالية لابن حجر، باب إباحة التسمي بأسماء الأنبياء (ج 8 / ص 233۔ الرقم: 2896)

[2] حديث نمبر 622: الشفا (ج 1 / ص 174)

Scanned by CamScanner

اسم محمد ﷺ جون برڪتون :

1. جنهن ماني کي ورهائڻ وارو يا دستر خوان تي "محمد" نالي وارو کو ماڻهو ويٺل هوندو ان طعام ۾ ان دسترخوان ۾ ماني کوٽ نه ايندي ڪيترا ماڻهو کائيندا رهن برڪت ئي برڪت هوندي.
2. جنهن قوم جي صلاح مشوري ۾ "محمد" نالي وارو هوندو ان فيصلي ۾ ڪاميابي ٿيندي ان معاملي ۾ خير ۽ برڪت ٿيندي.
3. جنهن جو نالو "محمد" هجي ان جي عزت ڪيو ۽ ان لاءِ مجلس ۾ جاءِ ڪشادي ڇڏيو.
4. جنهن پار جو نالو "محمد" هجي ان جي منهن تي نه ماريو.
5. جنهن جو نالو "محمد" رکو ته ان کي نه مار ڪيو نه ورهاست ۾ ان کي محروم رکو بلڪ کا شيءِ ورهايو ته اول "محمد" نالي واري کي ڏيو.
6. سنڌ زال جنهن کي اولاد نه ٿو ٿئي اها ارادو ڪري ته پٽ ڄمندو ته ان جو نالو "محمد" رکندیس ته انشاء الله ان کي پٽ ڄمندو.
7. جنهن کي رڳو نياڻيون ٿيندیون هجن، زال کي حمل ٿئي ته ان جي پيٽ تي هٿ رکي چوي ته پٽ آ ته نالو محمد رکيم انشاء الله ضرور پٽ ٿيندو.
8. جنهن گهر ۾ "محمد" نالي وارو هوندو ان گهر ۾ گهٽي برڪت ٿيندي رزق جي تنگي ختم ٿي ويندي.
9. ٽي پار ڄمن ته هڪ جو نالو ضرور "محمد" رکو.
10. جنهن گهر ۾ "محمد" نالي وارو آهي اتي ملائڪ به حاضر ٿين ٿا.
11. جنهن جو نالو "محمد" هجي ته ان جو اڏورو نالو نه ونو.
12. اگر هڪ گهر ۾ "محمد" نالي وارا ٻه ٽي هجن ته به آرَها نه ٿيو، پٽ هر کو پنهنجي پيءُ جو سڏبو. پر برڪتون تمام گهٽيون ٿيندیون.

Scanned by CamScanner

حضرت حبيب کريم ﷺ سان مخصوص نالا :

هي اهڙا نالا آهن جيڪي سڀني سرور ﷺ جي ذات سان خاص تعلق رکن ٿا. هي نالا پين کي هرگز نه رکڻ گهرجن.

محمد نبي، احمد نبي، محمد رسول، احمد رسول، رسولِ احمد، نبي الزمان، نبي الله، رسول الله، سيدالمرسلين.

يٰسٓ و طٰهٰ هي نالا به اسماء الاهيه ۽ اسماء مصطفيٰ ﷺ مان آهن. پين کي هي نالا رکڻ درست ناهي. (احڪامِ شريعت لشيخ احمد رضا رحمة الله عليه)

پنهنجي نالن تي درود نه لکو :

جنهن جو نالو محمد يا احمد هجي ته ان کي پنهنجي نالي جي پويان درود يا "صلي الله عليه وآله وسلم" نه لکڻ نه چوڻ گهرجي. ها جڏهن سڀني محبوب محمد ڪريم ﷺ جو نالو ونو يا لکو يا پڙو ته بي شڪ "صلي الله عليه وآله وسلم" چئو ۽ لکو. "صه" يا صلعم" هرگز هرگز جائز نه آهي بلڪ اِها وڏي گستاخي آهي. گهٽ ۾ گهٽ "صلي الله عليه وسلم" ضرور لکو.

ان طرح الله جي نالن پويان "تعـج" لکڻ درست نه آهي بلڪ "تعاليٰ" ۽ "جل جلاله" يا "عزوجل" لکڻ گهرجي. جڏهن ته صحابه ۽ اولياء جي نالن پويان "رضه يا رح" جي بجاءِ رضي الله عنه يا رحمة الله تعاليٰ عليه" لکو ۽ پڙهو.

منع ٿيل نالا :

ڪنهن کي به شهنشاهه يا ملڪ الملوڪ نالو نه چوڻ گهرجي چو ته اها صفت الله پاڪ جي آهي. بعض ماڻهو شخصيات کي شهنشاهه سڏن ٿا. اهو امام الانبياء حبيبِ ڪبريا حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي تعليمات جي خلاف آهي. شهنشاهي صرف الله جي ذات جي لاءِ آهي.

حضرت نبي ڪريم عليه التحية والتسليم جو فرمان عالي شان آهي:

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 623 :

إِنَّ أَخْنَعَ اسْمٍ عِنْدَ اللَّهِ رَجُلٌ تَسَمَّى مَلِكَ الْأَمْلَاكِ (بخاری ومسلم)[1]

بيشڪ الله وٽ بدترين نالو ان ماڻهو جو آهي جنهن کي شهنشاهه سڏيو ويي.

سيدالڪُل (سڀني جو سردار) سيد ولد آدم (آدم جي اولاد جو سردار) سيدالناس (سڀ انسانن جو سردار). اِهي نالا به نه رکڻ گهرجن ڇو ته اِها صفت اسان جي سڌي نبي ڪريم ﷺ جن جي آهي. ان ۾ پيو ڪوبه ماڻهو ساڻن شريڪ نه آهي.

حديث نمبر 624:

أَنَا سَيِّدُ وَلَدِ آدَمَ (وفی روایة)[2] أَنَا سَيِّدُ بَنِيْ آدَمَ (بيهقی، شعب الايمان)[3]

مان آدم جي اولاد ۾ سڀني جو سردار آهيان.

الله پاڪ جا نالا نه رکو :

اهڙا نالا جن کي خاص رب العالمين جي نسبت آهي، انسانن کي رکڻ نه گهرجن. جيئن احد، صمد، متڪبر، شهنشاهه، رحمٰن، رحيم وغيره.

حديث نمبر 625:

مُزينه قبيلي جو هڪ شخص حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ آيو. عرض ڪيائين يا رسول الله مون کي پٽ ڄائو آهي فرمايو ته افضل ترين نالا ڪهڙا آهن؟

---

[1] حديث نمبر 623: صحيح البخاري بَاب أَبْغَضِ الْأَسْمَاءِ إِلَى اللَّهِ (ج 19 / ص 198 ـ الرقم: 5737)

صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ التَّسَمِّي بِمَلِكِ الْأَمْلَاكِ وَبِمَلِكِ الْمُلُوكِ (ج 11 / ص 87 ـ الرقم: 3993)

سنن أبي داود بَاب فِي تَغْيِيرِ الِاسْمِ الْقَبِيحِ (ج 13 / ص 127 ـ الرقم: 4310)

مشكل الآثار للطحاوي (ج 3 / ص 81 ـ الرقم: 913)

السنن الكبرى للبيهقي (ج 9 / ص 307)

المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 18 / ص 89 ـ الرقم: 7833)

[2] حديث نمبر 624: صحيح مسلم بَاب تَفْضِيلِ نَبِيِّنَا ﷺ عَلَى جَمِيعِ الْخَلَائِقِ (ج 11 / ص 383 ـ الرقم: 4223)

سنن أبي داود بَاب فِي التَّخْيِيرِ بَيْنَ الْأَنْبِيَاءِ عَلَيْهِمُ الصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ (ج 12 / ص 281 ـ الرقم: 4053)

سنن الترمذي بَاب وَمِنْ سُورَةِ بَنِي إِسْرَائِيلَ (ج 10 / ص 422 ـ الرقم: 3073)

[3] حديث نمبر 624: شعب الإيمان للبيهقي فصل في براءة نبينا ﷺ في النبوة (ج 4 / ص 19 ـ الرقم: 1461)

Scanned by CamScanner

پاڻ فرمايائون افضل نالا حارث ۽ هَمامُ آهن. پسنديده نالا عبدالله ۽ عبدالرحمن آهن. توهان نبين جي نالن جهڙا مقدس نالا رکو ۽ ملائڪن جي نالن جهڙا نالا نه رکو. ان شخص عرض ڪيو ته يا رسول الله توهان جي نالي تي نالو رکون؟ پاڻ فرمايائون منهنجو نالو پلي رکو پر منهنجي ڪنيت کان پرهيز ڪيو يعني منهنجي ڪنيت نه رکو.

(اخرجه البخاري في تاريخه)

ملائڪن جا نالا :

هنن نالن رکڻ کان منع آئي آهي: جبرائيل، ميڪائيل، اسرائيل، عزرائيل، دردائيل، ڪراماً ڪاتبين، منڪر نڪير وغيره.

بي معنيٰ نالا :

اهڙا نالا قطعاً نه رکڻ گهرجن جن جو ڪو مطلب ۽ مقصد ئي نه نڪري، جيئن ڳونو، بيدو وغيره.

بدڪردارن ماڻهن جا نالا :

ظالم، بدڪار، بدڪردار، بدچال، منحوس ماڻهن جا نالا پنهنجي ٻچڙن تي نه رکو. جيئن نمرود، شداد، بخت نصر، فرعون، هامان، قارون، وليد، ابوجهل، ابولهب، هٽلر، هلاکو، چنگيز، يزيد، پليت، لعنتي، پرويز، تاتار وغيره.

اڇڪلهه "پرويز" نالو شوق سان رکيو وڃي ٿو. اُهو منحوس ايران جو بادشاهه هيو جنهن سڌي محبوب ﷺ جو خط مبارڪ ڦاڙي ڇڏيو هيو. اهو نالو نه رکڻ گهرجي.

شيطانن جا نالا :

ابليس، لعين، خِنزَبُ، وَلَهَانُ، آعورَ، آجدَعُ، حُبابُ

اِهي سڀ شيطانن جا نالا آهن. ڪنهن مسلمان کي اهڙا ناپاڪ نالا پنهنجي ٻچڙن تي نه رکڻ گهرجن.

حديث نمبر 626:

هڪ شخص کي پٽ ڄائو ته پاڻ ان جو نالو "وليد" رکڻ جو ارادو ڪيائين ته سڌي نبي ڪريم ﷺ ان نالي رکڻ کان منع فرمائي. فرمايائون :

Scanned by CamScanner

إِنَّهُ سَيَكُوْنُ رَجُلٌ يُقَالُ لَهُ الْوَلِيْدُ يَعْمَلُ فِيْ أُمَّتِيْ كَمَا فَعَلَ فِرْعَوْنَ فِيْ قَوْمِهٖ (مصنف عبدالرزاق)[1]

جلد هڪ اهڙو ماڻهو پيدا ٿيندو جنهن جو نالو "وليد" هوندو. منهنجي امت ۾ اهڙا ڪم ڪندو جهڙا ڪم فرعون پنهنجي قوم ۾ ڪيا هئا.

اهڙي ظالم جو نالو پنهنجي اولاد تي رکڻ کان محبوبن منع فرمايو آهي.

طبيعت کي نه وٺندڙ نالا :

اهڙا نالا جيڪي سليم طبيعت کي پسند نه هجن، اُهي نالا نه رکڻ گهرجن جيئن :

مرچ، ڪرڙ، لونگ، ڦوٽو، آچر، سومر، ٿوهر، ماکوڑو، ڪانڊيرو، اڪ، ٻاڦ، ويڑهو، ڪوٽو، موٽو، نياگي، ڦُودني، دُري، ايمٽان، ناني چتي، بانڪو، بيبائي، ٻاگڙي، لالو، ڪتو، پلو، نانگ، ڏاڙهون، ڪوڙهيو، خميسو، ڪيرو، جهڳڙ، ميترو، ڪبڙ، چتو، چٽو، لڏو، واڏو، پوڪ، پوڪڙ خان، باگو خان، مولو، موسو، جاڪرو، ٻالو وغيره.

حديث نمبر 627 :

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو ته هيءَ ٻڪري ڪير ڏهي ايندو؟ هڪ اصحابي اٿي عرض ڪيو آءٌ. ٻاڙ فرمايائون تنهنجو نالو ڇا آهي؟ عرض ڪيائين "مُرة" (ٿوهر). ٻاڙ فرمايائون ويهر. وري فرمايائون هي ٻڪري ڪير ڏُهي ايندو؟ ٻيو شخص اٿيو ان چيو آءٌ. ٻاڙ فرمايائون تنهنجو نالو ڇا آهي؟ عرض ڪيائين "حرب" (جنگ). ٻاڙ فرمايائون تون ب ويهر. وري فرمايائون ٻڪري ڪير ڏهي ايندو؟ هڪ شخص اٿيو چيائين آءٌ. ٻاڙ فرمايائون تنهنجو نالو ڇا آهي؟ چيائين "يَعيشُ" ٻاڙ فرمايائون تون ڏهي اڇ.

معلوم ٿيو ته ٻاڙ ڪريم ﷺ خراب نالي وارن کان ڪم وٺڻ (ٻڪري ڏهڻ) کي پسند نه ڪيائون. بلڪ سڻي نالي واري کي اهميت ڏنائون. (موطا امام مالڪ)[2]

---

[1] حديث نمبر 626: مصنف عبد الرزاق، باب الطهور، ج 11 / ص 43۔ الرقم: 19861) دلائل النبوة للبيهقي ج 7 / ص 441۔ الرقم: 2866) جامع معمر بن راشد باب الأسماء والكنى ج 2 / ص 73۔ الرقم: 464)

[2] حديث نمبر 627: موطأ مالك بَاب مَا يُكْرَهُ مِنَ الْأَسْمَاءِ ج 6 / ص 79۔ الرقم: 1540)

Scanned by CamScanner

غلط معنيٰ وارا لفظ :

اهڙا نالا نہ رکو جن جي معنيٰ ۾ مطلب غلط نڪري. مثلاً غفُورالدين. غفور جي معنيٰ آهي ميٽيندڙ ان جو مطلب ٿيو تہ دين جو ميٽيندڙ.

نالو صحيح وڻڻ گهرجي :

اڻ پڙهيل ۽ جاهل ماڻهو نہ ٿا چاڻن تہ ڪنهن لفظ جي معنيٰ ڇا آهي. تہ اهي صحيح طور تي نالو وٺن جنهن مان نالي جي معنيٰ ۽ مفهوم بدلجي وبندو آهي. مثلاً سَيّدُ جي معنيٰ آهي سردار يا پيشوا. هاڻي ان کي بگاڙي پڙهندا آهن :

سِيد : معنيٰ بگهيڙ. ۽ ڪڏهن هي شينهن جي معنيٰ ۾ به استعمال ٿيندو آهي.[1] صيد جي معنيٰ آهي شڪار.

ولي : معنيٰ دوست[2]. وليہ جي معنيٰ ڪنهن ناپاڪ جانور جي هوندي آهي.

قرآن مان نالا رکڻ:

قرآن ۾ آيل انبياءِ ڪرام جا نالا رکڻ تہ بهترين ڳالهہ آهي. پر ڪي ماڻهو قرآن مان پاڻمرادو ڪو لفظ چونڊي اهو نالو رکندا آهن. جنهن جي معنيٰ صحيح نہ هوندي آهي. ائين نالا نہ رکڻ گهرجن. جيئن هڪ ڀار جو نالو رکيو ويو آهي، قالو خان. نياڻين جا نالا هن طرح رکيا ويا آهن. لاريب، سِجِّيل، من تشاءُ، شِيبا وغيره.

"برڪت ۽ رحمت" جهڙا نالو نہ رکو :

حديث نمبر 628:

سهڻي حبيب عربي ﷺ جن فرمايو تہ "جيڪڏهن ڪجهہ وڌيڪ وقت ظاهري توهان وٽ رهيس تہ انشاء الله آءٌ منع ڪندس تہ نَافِعُ، اَفلَحُ، برڪَت نالو نہ رکو." (مصنف ابن ابی شيبه)[3]

---

[1] السيد: الذئب. يقال سيدُ رَمْلٍ، والجمع السيدان، والأنثى سِيَدةٌ وربّما سمّي به الأسد. قال الشاعر: كالسيدِ ذي اللِبَدةِ المُستأسِدِ الضاري الصحاح في اللغة (1/342)

[2] الوَلْيُ: ي القُرْبُ والدُّنُوُّ والمَطَرُ بعدَ المَطَرِ۔ والوَلِيُّ: الاسمُ منه والمُحِبُّ والصَّدِيقُ والنَّصيرُ۔ القاموس المحيط (1/1732)

[3] حديث نمبر 629: سنن أبي داود بَاب فِي تَغْيِيرِ الِاسْمِ الْقَبِيحِ ج 13/ص 126۔ الرقم: 4309)

مصنف ابن أبي شيبة. ج 6/ص 159) مسند عبد بن حميد: من مسند جابر بن عبد الله ج 3/ص 140۔ الرقم: 1021)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 629:

نبي ڪريم رؤف الرحيم تاجدارِ مدينہ راحتِ قلب و سينہ ﷺ جن فرمايو تہ جيڪڏهن مان زنده رهيس تہ انشاء الله پنهنجي امت کي منع ڪندس تہ هي نالا نہ رکن. رَبَاحٌ، نَجِيحٌ، أَفْلَحُ، نَافِعٌ، يَسَارٌ. (ابن ماجه) 1

مبارڪ، مفلح، خير، سُرور، خوشي، نعمت، رحمت وغيره جهڙا نالا نہ رکڻ گهرجن. ان ۾ حڪمت ڪهڙي آهي؟ مثلاً ڪو اچي پچي تہ ادا! نعمت آهي؟ تہ چوندا تہ نعمت ڪونهي. ڪو پچي تہ برڪت آهي؟ چوندا تہ برڪت ڪونهي يا ڪو چوي تہ هتان رحمت هلي وئي. هتان سُرور هليو ويو. ان ڳالهہ ۾ طبيعت کي ڏکيائي لڳي ٿي. ۽ اِها ڳالهہ چوندي بہ دل گوارا نہ ٿي ڪري. تنهنڪري اهڙو نالو نہ رکجي جنهن جي اچڻ وڃڻ سان طبيعت کي ڳالهہ ڏکي لڳي. ان ڪري اهڙا نالا نہ رکڻ گهرجن.

نالي جو اثر:

اگر ڏٺو وجي تہ معاملن ۾ نالو جو وڏو اثر ۽ عمل دخل رهي ٿو. پلي نالي مان پلائي نصيب ٿئي ٿي. خراب نالي واري منجهان خرابي جا امڪان رهن ٿا.

ماڻهن، جاين، شهرن، ماڳن، مڪانن، علائقن

۽ ايراضين جا بہ نالا سٺا هجڻ گهرجن.

هڪ سفر ۾ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن ٻن جبلن وٽ آيا. رستو ٻن جبلن جي وچان هيو. پاڻ انهن جبلن جا نالا پڇيائون. چيائون هڪ جو نالو آهي "فاضح" (عيب ظاهر ڪندڙ) ٻئي جو نالو آهي "مُخزٌ". پاڻ رستو مٽايائون. انهن ٻنهين جبلن جي وچان نہ لنگهيا. صلح حديبيہ واري ڏينهن جڏهن سُهيل سامهون آيو تہ پاڻ فرمايائون:

سَهلَ اَمرُكُم : توهان جو ڪم آسان ٿي ويو.

---

[1] حديث نمبر 629: قَالَ رَسُولُ اللهِ ﷺ لَئِنْ عِشْتُ إِنْ شَاءَ اللهُ لَأَنْهَيَنَّ أَنْ يُسَمَّى رَبَاحٌ وَنَجِيحٌ وَأَفْلَحُ وَنَافِعٌ وَيَسَارٌ.
سنن ابن ماجه بَاب مَا يُكْرَهُ مِنَ الْأَسْمَاءِ (ج 11 / ص 150 ـ الرقم: 3719)
المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب الأدب (ج 18 / ص 87 ـ الرقم: 7831)

Scanned by CamScanner

حضرت عبدالمطلب جي خدمت ۾ جڏهن امان حليمہ سائڙ آئي حضور عليہ السلام کي کير پيارڻ لاءِ تہ پاڻ پڇيائين تہ تون کير آهين؟ حضرت حليمہ سعديہ چيو تہ "بنو سعد" قبيلي جي هڪ عورت آهيان. وري پڇيائين تنهنجو نالو ڇا آهي؟ چيائين "حليمہ" عبدالمطلب چيو بس بس. سَعَد ـ حلم : پاڻ ۾ بردباري، اِهي ٻئي خصلتون اهڙيون آهن جن ۾ ساري دنيا جون سڀ ٻلايون آهن پوءِ حضور کريم ﷺ کي حضرت حليمہ سعديہ رضي الله عنها جي رضاعت ۾ عطا فرمايائون.

حضرت امام حسين رضي الله عنه جڏهن کربلا ۾ آيو، پڇيائون هن زمين جو نالو ڇا آهي؟ چيائون "کَربلا" فرمايائين "کرب و بلاءٌ" يعني ڏکن ۽ مصيبتن واري زمين. شايد اِها ئي اسان جي شهادت گاهہ آهي.

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه وٽ هڪ ماڻهو آيو. پاڻ فرمايائون تنهنجو نالو ڇا آهي؟ چيائين "جَمرَة" معنيٰ ٽانڊو. وري پڇيائين تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟ چيائين "شِهَاب" معنيٰ باهہ جو شعلو. وري حضرت عمر رضي الله عنه پڇيس تہ کهڙي قوم کان آهين؟ چيائين مِنَ الحُرقَة (ساڙي کان). وري حضرت عمر رضي الله عنه پڇيس تہ تنهنجو گهر کٽي آهي؟ چيائين حَرة النار (باهہ جي ٻاڙي). وري پڇيائينس اُهو کٽي آهي؟ چيائين ذات لَظيٰ وٽ. معنيٰ باهہ جي ٻڙڪي وٽ. حضرت عمر رضي الله عنه فرمايس تہ پنهنجي گهر وڃي پهچ تنهنجو گهر ٻار سڙي ويا. اُهو شخص واپس ويو تہ واقعي ۽ سندس گهر ٻار سڙي ڇُڪا هئا. (موطا امام مالک) [1]

اِها سڀ نالن جي مهرباني آهي، حضرت حبيب کريم ﷺ فرمايو آهي تہ مصيبت قول سان ٻڌل هوندي آهي. انکري زبان مان سٽي وائي کڍجي. نالو سٽو رکجي. سٽي نالي واري جو الله ۽ پيرم رکي ٿو. خود انسان کي پاڻ کي سٽي نالي جو حياءُ اچي ٿو ۽ ماڻهن ۾ ٻلي نالي جو ٻيرم رهي ٿو.

---

[1] حديث: أَنَّ عُمَرَ بْنَ الْخَطَّابِ قَالَ لِرَجُلٍ مَا اسْمُكَ فَقَالَ جَمْرَةُ فَقَالَ ابْنُ مَنْ فَقَالَ ابْنُ شِهَابٍ قَالَ مِمَّنْ قَالَ مِنْ الْحُرَقَةِ قَالَ أَيْنَ مَسْكَنُكَ قَالَ بِحَرَّةِ النَّارِ قَالَ بِأَيِّهَا قَالَ بِذَاتِ لَظًى قَالَ عُمَرُ أَدْرِكْ أَهْلَكَ فَقَدْ احْتَرَقُوا. موطأ مالك بَاب مَا يُكْرَهُ مِنْ الْأَسْمَاءِ (ج 6 / ص 80 . الرقم: 1541)

Scanned by CamScanner

خراب نالا مٽائڻ :

جڏهن نالي جو ايترو اثر ٿئي ٿو ته سڀ نالا رکجن ۽ خراب نالا مٽائي ڏجن. اهڙو نالو جنهن ۾ شرعاً، اخلاقاً، طبعاً کا خرابي هجي ته اهو نالو مٽائي وري سڀو نالو رکجي.

حديث نمبر 630 :

أَنَّ النَّبِيَّ ﷺ كَانَ يُغَيِّرُ الِاسْمَ الْقَبِيحَ [1]

حضرت نبي کريم ﷺ جن خراب نالا بدلائي چڏيندا هئا.

حديث نمبر 631:

هڪ عورت جو نالو عاصيه (گنهگار) هيو. پاڻ کريمن ﷺ اهو نالو مٽائي "جَميلہ" (سهڻي) رکيو هيو. (مسلم)2

حديث نمبر 632:

هڪ عورت جو نالو "برة" (پاکيزه) هيو. پاڻ فرمايائون پنهنجو پاڻ کي پاڻ پاڪ نہ سڏيو. پوءِ ان جو نالو مٽائي زينب رکيائون. (بخاري) 3

---

[1] حديث نمبر 630: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي تَغْيِيرِ الْأَسْمَاءِ (ج 10/ص 54۔الرقم: 2765)
و اخرجه الشيخ الاصبهاني في أخلاق النبي بلفظ: كان النبي صلى الله عليه وسلم يغير الاسم القبيح إلى الاسم الحسن.
أخلاق النبي للأصبهاني ذكر محبته للفأل والحسن من القول ﷺ (ج 2/ص 348۔الرقم: 746)
كنز العمال (ج 7/ص 157۔الرقم: 18508)

[2] حديث نمبر 631: صحيح مسلم بَاب اسْتِحْبَابِ تَغْيِيرِ الِاسْمِ الْقَبِيحِ، الخ (ج 11/ص 81۔الرقم: 3988)
سنن أبي داود بَاب فِي تَغْيِيرِ الِاسْمِ الْقَبِيحِ (ج 13/ص 118۔الرقم: 4301)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي تَغْيِيرِ الْأَسْمَاءِ (ج 10/ص 53۔الرقم: 2764)
سنن ابن ماجه بَاب تَغْيِيرِ الْأَسْمَاءِ (ج 11/ص 155۔الرقم: 3723)

[3] حديث نمبر 632: عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ أَنَّ زَيْنَبَ كَانَ اسْمُهَا بَرَّةَ فَقِيلَ تُزَكِّي نَفْسَهَا فَسَمَّاهَا رَسُولُ اللَّهِ ﷺ زَيْنَبَ.
صحيح البخاري بَاب تَحْوِيلِ الِاسْمِ إِلَى اسْمٍ أَحْسَنَ مِنْهُ (ج 19/ص 179۔الرقم: 5724)
سنن أبي داود بَاب فِي تَغْيِيرِ الِاسْمِ الْقَبِيحِ (ج 13/ص 119۔الرقم: 4302)
سنن ابن ماجه بَاب تَغْيِيرِ الْأَسْمَاءِ (ج 11/ص 154۔الرقم: 3722)
مسند أحمد: مسند ابي هريرة (ج 20/ص 77۔الرقم: 9534)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 633:

هڪ ماڻهو نالو "اصرَمُ" هيو. پاڻ ڪريمن اهو نالو مٽائي "زرعَة" رکيائون. (ابو داؤد) 1

حديث نمبر 634:

هڪ شخص حضرت حبيب ڪريم ﷺ وٽ آيو. پاڻ فرمايائون تنهجو نالو ڇا آهي؟ چيائين "حُزن" (غم). پاڻ فرمايائون تون "سَهل" آهين. يعني "آساني". ان چيو تہ مان نالو ڪونہ بدلائيندس چو تہ هي منهنجي پيءُ رکيو آهي. ان کان پوءِ اهو ماڻهو سدائين غمگين رهيو. (بخاري) 2

حديث نمبر 635:

مدينہ طيبہ جو اصل نالو "يثرب" هيو. پاڻ ﷺ اهو بدلائي "طابه" رکيائون. (بخاري و مسلم) 3

حديث نمبر 636:

حضرت علي المرتضيٰ ڪرم الله وجہ الڪريم فرمايو تہ جڏهن مون کي پٽ حضرت امام حسن جي ولادت ٿي تہ ان جو نالو "حرب" رکيم. پوءِ سڌو نبي ڪريم ﷺ آيو. پاڻ فرمايائون تہ مون کي منهنجو پٽ ڏيکاريو. ڇا نالو رکيو اٿوَ؟ چيوسين "حرب".

---

[1] حديث نمبر 633: أَنَّ رَجُلًا يُقَالُ لَهُ أَصْرَمُ كَانَ فِي النَّفَرِ الَّذِينَ أَتَوْا رَسُولَ اللَّهِ ﷺ فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ مَا اسْمُكَ قَالَ أَنَا أَصْرَمُ قَالَ بَلْ أَنْتَ زُرْعَةُ

سنن أبي داود بَاب فِي تَغْيِيرِ الِاسْمِ الْقَبِيحِ (ج 13 / ص 120 ـ الرقم: 4303)

الآحاد والمثاني لابن أبي عاصم, أسامة بن أخدري (ج 3 / ص 445 ـ الرقم: 1102)

المعجم الكبير للطبراني (ج 1 / ص 376 ـ الرقم: 871)

[2] حديث نمبر 634: صحيح البخاري بَاب اسْمِ الْحَزْنِ (ج 19 / ص 176 ـ الرقم: 5722)

سنن أبي داود بَاب فِي تَغْيِيرِ الِاسْمِ الْقَبِيحِ (ج 13 / ص 122 ـ الرقم: 4305)

مسند أحمد: حديث المسيب بن حزن رضي الله عنه (ج 48 / ص 176 ـ الرقم: 22561)

مصنف عبد الرزاق (ج 11 / ص 41 ـ الرقم: 19851)

[3] حديث نمبر 635: كَانَ النَّاسُ يَقُولُونَ يَثْرِبَ وَالْمَدِينَةَ فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ إِنَّ اللَّهَ تَبَارَكَ وَتَعَالَى سَمَّاهَا طَابَةَ.

مسند أحمد: حديث جابر بن سمرة (ج 43 / ص 48 ـ الرقم: 20114)

مستخرج أبي عوانة. باب ذكر أسامي المدينة (ج 8 / ص 52 ـ الرقم: 3058)

مسند الروياني. ما روى عبد الرحمن بن أبي ليلى عن البراء زب (ج 1 / ص 402 ـ الرقم: 344)

Scanned by CamScanner

پاڻ فرمايائون نہ اِهو تہ "حسن" آهي. وري جڏهن حضرت امام حسين جي ولادت با سعادت ٿي تہ مون ان جو نالو بہ "حرب" رکيو. پوءِ سهڻو نبي ڪريم ﷺ آيو. فرمايائين مون کي منهنجو پٽ ڏيکاريو. ڇا نالو رکيو اٿوَ؟ چيوسين "حرب". پاڻ فرمايائون نہ اِهو تہ "حسين" آهي. پوءِ فرمايائون تہ مون انهن جا نالا حضرت هارون عليہ السلام جي پٽن جي نالن وانگر رکيا آهن انهن جا نالا هئا. شَبر، شبير ۽ مشبر. (مسند احمد)[1]

لقبن جي بيان ۾:

ڪنهن سڻي ماڻهو کي ان جي خوبين جي وجہ سان سڻن لقبن سان تہ سڏي سگهجي ٿو پر ڪنهن برين ماڻهو کي ان جي برائين جي سبب برن لقبن سان سڏي نہ ٿو سگهجي.

وَلَا تَنَابَزُوا بِالْأَلْقَابِ ۖ (الحجرات: 11)

هڪ ٻئي جا خراب نالا نہ رکو.

اهڙو لقب جنهن کي اڳلو ماڻهو پسند نہ ڪري، اهڙي لقب سان سڏڻ نہ گهرجي. ڪنهن کي خراب نالو ڏئي ان جي دل آزاري نہ ڪرڻ گهرجي. چوندا آهن تہ ڪاٽي کي منهن تي ڪاٽو نہ چئجي. هڪ شخص نانيءَ کي چيو تہ "نانيِ ڪاٽي پاٽي ڏي." چيائين انهن لفظن سان پيتو اٿئي.

اڇلهہ ماڻهو ۾ اهو مرض عام آهي جو چڱي ڀلي ماڻهو کي بہ برين لقب سان ياد ڪندا آهن. ڪجهہ لقب ملاحظہ ڪيو جيڪو اڇلهہ اسان وٽ عام جام آهن مثلاً:

لوسي، بي غيرت، ڪميٽا، بزدل، گدڙ، واهيات، پاڙي، ڏاڙي، ڏڳو، اوڳو، اوپرو، جَڙو، مَيُو، منحوس، ڀولو، بگهيڙ، چمچو، لوڦر، گهوڙو، گانڊو، ميسٽو، مُهاڻو، مهانڊو، رڇ، جرڪو،

---

[1] حديث نمبر 636: عَنْ عَلِيٍّ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ قَالَ لَمَّا وُلِدَ الْحَسَنُ سَمَّيْتُهُ حَرْبًا فَجَاءَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ فَقَالَ أَرُونِي ابْنِي مَا سَمَّيْتُمُوهُ قَالَ قُلْتُ حَرْبًا قَالَ بَلْ هُوَ حَسَنٌ فَلَمَّا وُلِدَ الْحُسَيْنُ سَمَّيْتُهُ حَرْبًا فَجَاءَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ فَقَالَ أَرُونِي ابْنِي مَا سَمَّيْتُمُوهُ قَالَ قُلْتُ حَرْبًا قَالَ بَلْ هُوَ حُسَيْنٌ فَلَمَّا وُلِدَ الثَّالِثُ سَمَّيْتُهُ حَرْبًا فَجَاءَ النَّبِيُّ ﷺ فَقَالَ أَرُونِي ابْنِي مَا سَمَّيْتُمُوهُ قُلْتُ حَرْبًا قَالَ بَلْ هُوَ مُحَسِّنٌ ثُمَّ قَالَ سَمَّيْتُهُمْ بِأَسْمَاءِ وَلَدِ هَارُونَ شَبَّرُ وَشَبِيرُ وَمُشَبِّرٌ. مسند أحمد: وَمِنْ مُسْنَدِ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ (ج 2/ ص 236۔ الرقم: 730)
المستدرك على الصحيحين للحاكم، كتاب معرفة الصحابة (ج 11/ ص 85۔ الرقم: 4757)
المعجم الكبير للطبراني (ج 3/ ص 161۔ الرقم: 2706)

Scanned by CamScanner

رهزن، ڏانڊي، ٻُکيو، پيلو، زن مريد، پناهگير، پينو، واٽيو، لولهو، لنگڙو، ٽيڊو، ڊگهو، وغيره وغيره. ڪنهن مسلمان کي اهڙن نالن سان هرگز نه سڏڻ گهرجي.

هڪ کان وڌيڪ نالا :

جاڻ سُجاڻ سڏ سلوهه لاءِ ته هڪڙو ئي نالو ڪافي آهي. پر جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ نالا به رکيا وڃن ته به جائز آهي. الله پاڪ جا اسماء الحسنيٰ نوانوي آهن. قرآن پاڪ جا به تمام گهٽا نالا آهن. حضرت حبيب عربي ﷺ جن جا نالا مبارڪ به هزارين آهن جن کي عاشقن پنهنجي ڪتابن ۾ گڏ ڪري لکيو آهي. گهٽا نالا گهٽين وصفن ۽ گهٽين خوبين جي علامت هوندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن جا هڪ کان وڌيڪ نالا هجن ته پرواهه ناهي. يا وري هڪ نالي سان گڏ پويان ڪو لقب يا خاص نالو ملائڻ ۾ ڪو حرج ناهي. مثلاً گهٽين قومن ۾ عادت آهي ته نالي پويان "خان" ملائيندا آهن. جيئن سالار خان، صوبدار خان، احمد خان، علي خان، سُندر خان، موسيٰ خان. ڪي وري رضا ملائيندا آهن. علي رضا، احمد رضا، نوازش رضا، ڪاشف رضا.

عورتن جي نالن پٺيان ملايا ويندڙ لفظ :

هي لفظ عورتن جي نالن سان آخر ۾ ملايا ويندا آهن: بانو، پروين، خان، بيگم، ٻائي، بيبي، ناز، ڪنيز وغيره. جيئن رخسانه بانو رضيه بانو، آمنه بانو، حميرا پروين، رضيه پروين، عابده خانم، راحيله خانم، زبيده بيگم، زاهده بيگم، آمنه ٻائي وغيره. ڪي عورتون پنهنجي مڙس جي نالي جو ڪجهه حصو پنهنجي نالي ۾ ملائيندين آهن. جيئن هڪ عورت جي مڙس جو نالو آهي نذير احمد ته ان جي زال سڏائيندي حميرا نذير. ڪي ماڻهو پيءُ جي نالي نسبت سان نالا رکندا آهن جيئن شريف جا پٽ نواز شريف، شهباز شريف وغيره.

ڪنيت جي بيان ۾:

هر مومن کي کا نه کا ڪنيت مقرر ڪرڻ گهرجي جو ته نبي ڪريم ﷺ جي سنت مبارڪ آهي. عربن ۾ رواج هيو ۽ اڄ به آهي ته اڪثر ڪري نالي جي بجاءِ ڪنيت سان ياد ڪندا آهن. ڪنهن ماڻهو جي پٽ يا نياڻي يا ڪنهن عادت يا ڪنهن محبوب شيءِ جي نسبت سان سڏڻ کي "ڪنيت" چئبو آهي.

Scanned by CamScanner

❖ جيئن حضور نبي ڪريم ﷺ جن جي فرزند ارجمند جو اسم مبارڪ هيو "قاسم". انڪري سندس ڪنيت آهي "ابوالقاسم" يعني قاسم جو پيءُ. پيو مطلب "قاسم" ورهائيندڙ. پاڻ الله جون نعمتون ورهائيندڙ آهن انڪري سندن ڪنيت ابوالقاسم ﷺ آهي.

❖ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه ڪي مِٽيءَ تي ستل ڏسي حضور ﷺ جن ڪين "ابو تراب" سڏيو.

❖ حضرت ابوهريره رضي الله عنه جي ننڍڙين پلين "هره" سان محبت هئي. ان ڪري سندن ڪنيت "ابوهريره" مشهور ٿي.

❖ حضرت بيبي ماريه قبطيه جي پٽ جو نالو هيو"ابراهيم" انڪري سندن ڪنيت آهي "اُم ابراهيم" ابراهيم جي ماءُ.

هڪ ننڍڙو ڇوڪرو هيو، حضور عليه الصلواة والسلام جن ان کي"ابو عمير" جي ڪنيت سان سڏيو.

❖ حضرت انس رضي الله عنه ڪي اجا اولاد ڄائو ئي نه هيو تہ سندن ڪنيه "ابو حمزه" مشهور ٿيو.

ان مان معلوم ٿيو تہ پار ڄمڻ کان اڳ بہ ڪنهن نالي سان ڪنيت مقرر ڪري سگهجي ٿي.

❖ حضرت بي بي عائشه صديقه رضي الله عنها جي پيٽ اسماء جو پٽ هيو "عبدالله" (بيبي عائشه رضي الله عنها جو ڀاڻيج). ان نسبت جي ڪري پاڻ ڪريمن سندن ڪنيت "اُم عبدالله" مقرر ڪئي.

پئي جي اولاد جي نسبت سان بہ ڪنيت مقرر ڪري سگهجي ٿي جيئن حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ڪي ڪوبہ "بڪر" نالي پٽ نہ هيو پر سندن ڪنيت "ابوبڪر" معروف آهي.

❖ حضرت ابوذر رضي الله عنه ڪي "ذر" نالي ڪوبہ پٽ نہ هيو. ان طرح سان ڪنيت مقرر ڪرڻ جا ڪيئي طريقا آهن.

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 637:

هڪ وفد مديني پاڪ ۾ حضور ﷺ جن جي خدمت آيو. ان ۾ هڪ ماڻهو هيو جنهن جي ڪنيت هئي "ابو الحڪَم". ان کي نبي ڪريم ﷺ سڏي فرمايو تہ "حَڪَمُ" تہ الله آهي. حُڪم بہ ان جو آهي تو "ابو الحڪم" ڪنيت چو رکائي آهي؟ عرض ڪيائين تہ منهنجي قوم وارا جڏهن ڪنهن ڳالهہ ۾ اختلاف ڪندا آهن تہ مان انهن جي وچ ۾ "حَڪم" (فيصلي ڪندڙ) هوندو آهيان. منهنجي ڳالهہ تي سڀ ڏريون راضي ٿي ويندیون آهن. رسول الله ﷺ فرمايو تہ اها ڪنيت ستي نہ آهي. پلا تو کي ڪو اولاد آهي. چيائين هائو شُريح ۽ مسلمہ ۽ عبدالله. پاڻ فرمايائون انهن ۾ وڏو ڪير آهي؟ چيائين "شُريح" پاڻ فرمايائون تون "ابو شُريح" آهين. (سنن ابوداؤد) 1

ڪجهہ ڪنيتون :

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي ڪنيت "ابوالقاسم" ﷺ اها پين کي نہ رکڻ گهرجي. باقي پيون ڪنيتون هن طرح ٿي سگهن ٿيون: ابوالبرڪات، ابوالحسنات، ابو جميل، ابو خليل، ابو جابر، ابو حاتم، ابو حبيب، ابوالحسن، ابوالفضل، ابوزيد، ابوعلي، ابونجم، ابو طالب، ابو طاهر، ابالڪرم وغيره.

اڏورا نالا ونڻ:

پلارا نالا پيڃڻ، اڏورا نالا ونڻ وڏي بي حيائي، بدتميزي، بدتهذيبي ۽ بدمذهبي آهي. نالا پيڃڻ جا ڪجهہ مثال :

---

[1] حديث نمبر 637: أَنَّهُ لَمَّا وَفَدَ إِلَى رَسُولِ اللهِ ﷺ مَعَ قَوْمِهِ سَمِعَهُمْ يَكْنُونَهُ بِأَبِي الْحَكَمِ فَدَعَاهُ رَسُولُ ﷺ فَقَالَ إِنَّ اللهَ هُوَ الْحَكَمُ وَإِلَيْهِ الْحُكْمُ فَلِمَ تُكْنَى أَبَا الْحَكَمِ فَقَالَ إِنَّ قَوْمِي إِذَا اخْتَلَفُوا فِي شَيْءٍ أَتَوْنِي فَحَكَمْتُ بَيْنَهُمْ فَرَضِيَ كِلَا الْفَرِيقَيْنِ فَقَالَ رَسُولُ اللهِ ﷺ مَا أَحْسَنَ هَذَا فَمَا لَكَ مِنْ الْوَلَدِ قَالَ لِي شُرَيْحٌ وَمُسْلِمٌ وَعَبْدُ اللهِ قَالَ فَمَنْ أَكْبَرُهُمْ قُلْتُ شُرَيْحٌ قَالَ فَأَنْتَ أَبُو شُرَيْحٍ.

سنن أبي داود بَاب فِي تَغْيِيرِ الِاسْمِ الْقَبِيحِ (ج 13 / ص 121 ـ الرقم: 4304)

سنن النسائي باب إِذَا حَكَّمُوا رَجُلًا فَقَضَى بَيْنَهُمْ (ج 16 / ص 222 ـ الرقم: 5292)

المستدرك على الصحيحين للحاكم. كتاب الإيمان (ج 1 / ص 66 ـ الرقم: 61)

المعجم الكبير للطبراني (ج 16 / ص 50 ـ الرقم: 17915)

Scanned by CamScanner

اقبال کي بالا، وقار کي وِکي، مجيب کي مُجو، عبدالغفور کي غفورو يا گڏور سڏيندا آهن. بچل کي بچو، ابراهيم کي ٻِرُو. محمد عيسيٰ کي عيسو، محمد موسيٰ کي موسو، آسيہ کي آسي، جنت کي جني، فاطمہ کي ڦاپي، بختاور کي بکي وغيره وغيره. ائين هرگز نہ سڏڻ گهرجي. جيڪو نالو هجي اهوئي پورو نالو وني سڏڻ گهرجي.

آداب :

- ♥ ٻلارو نالو وني بُجو نہ ڏجي.
- ♥ ٻلارو نالو وني گار نہ ڏجي.
- ♥ ٻلارو نالو وني ٽڪ نہ اڇلائجي.
- ♥ ٻلارو نالو وني لعنت نہ وجهجي.
- ♥ ٻلارو نالو وني گلا غيبت نہ ڪجي.

هڪ ولي سڳورو وجد ۾ اچي ويو :

هڪ الله جو ڪامل ولي هاري هيو. هڪ ڏينهن سندس پوڪ ۾ ڪنهن ماڻهو مال چڏي ٻيل ٻڌي ڪئي. بزرگ پري کان ڏٺو ان ٻيل ڪرائيندڙ کي سڏي چيائين ڪير آهين؟ چيائين "محمد" آهيان. ان ماڻهو جو نالو "محمد" هيو بس اهو اسم ٻڌڻ سان ولي سڳوري کي وجد اچي ويو. روئي چوڻ لڳو تہ محمد آهين تہ ٻلي چار، احمد آهين تہ ٻلي چار. ان نالي تان پوڪ قربان، گهر قربان، سِرُ قربان. وري الله جي قدرت ان سال سندس فصل ٻيڻو لٽو. اها سڀ نالي جي تعظيم جي برڪت هئي.

ادب ضروري آهي :

ٻلارا نالا هَندن، ڪتولن، رلين، سوڙين، ڪرسين ٽانون وغيره تي هرگز نہ لکو. اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ شادين ۾ هڪ ٻئي کي رليون سوڙون ماڻهو ڏيندا آهن. انهن تي سچاٽپ لاءِ نالا لکندا آهن. پوءِ اُهي ٻلارا نالا لکيل زمين تي وڇائيندا آهن جن تي ماڻهو بوٽن سان هلندا آهن. ٻارڙا پيشاب ڪندا آهن. اها ڪيڏي وڏي بي ادبي آهي. ان کان بچڻ گهرجي. جتي بہ بي ادبي واري جاءِ تي اُهي نالا لکيل ڏسجن تہ ميساري چڏجن.

Scanned by CamScanner

اخبارن ۾ رسالن تي يا ڪاغذن تي ڇپارا نالا لکيل ڏسجن تہ اُهي ڪاغذ ڪٽي ڪنهن متي ادب واري جاءِ تي رکجن. ٽانوڻ تان نالا ميساري ڇڏجن.

حضرت بِشر حافي رحمة الله عليہ ابتدا ۾ عام ماڻهن واري زندگي گذاريندا هئا. ڪين ولايت ۾ بزرگي ملڻ جو واقعو هن طرح آهي تہ پاڻ هڪ ڏينهن رستي سان اچي رهيا هئا تہ هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو ڏٺائون جنهن تي بسم الله الرحمن الرحيم لکيل هئي. پاڻ ان کي ڪٽي پن درهمن جو عطر وٺي لڳائي اهو ڪاغذ پنهنجي پڳ جي وَرَ ۾ وڌائون. رات جو ڪين الهام ٿيو تہ اي بِشر تو اسان جو نالو زمين کان ڪٽي پڳ تائين بلند ڪيو آهي، اسان تنهنجو نالو زمين کان ڪٽي عرش تائين بلند ڪيو آهي. تو کي پنهنجي ولين ۾ شامل ڪيو آهي. الله جي اسم پاڪ جي تعظيم سبب ڪين ولايت سان نوازيو ويو. پوءِ پاڻ ساري عمر جُتي نہ پاتائون. متان ڪا بي ادبي نہ ٿي وڃي. انڪري ڪين "حافي" سڏيندا هئا. حافي جي معنيٰ آهي پيرن اگهاڙو.

ڪجهہ پيارا نالا :

محمد، احمد، حامد، محمود، اويس، اياز، اصغر، اڪبر، اسلم، اديب ابرار، امتياز، انتخاب، اقبال، ارشد، اشرف، اجمل، اسرار، اطهر، اظهر، اعظم، اڪرام، انس، انيس، امين، افضل، اشفاق، اسحاق، ابوبڪر، احسان، اسعد، انور، اويس، باسل، بدر، بشير، بلال، بيدار بخت، بابر، بهرام، بهاء الدين، بهادر، بختيار، بصير، باقر، باهو، بوعلي، بشر، بصير، بڪر، بهلول، تحسين، تيمور، توقير، تائب، تنوير، تقي، تاج وريا تاجدار، تفهيم، تراب، تلقين، تصديق، تيمور، توفيق احمد، تبسم، تسليم، تڪليم، تميم، ثوبان، ثابت، ثناء الله، ثاقب، ثعبان، ثقلين، جميل، جلال، جادل، جاويد، جهانگير، جواد، جنيد، جعفر، جهانزيب، جبران، جابر، جمال، حاتم، حسان، حمزه، حسن، حسين حبيب حاڪم، حنبل، حمير، حارث، محسن، حماد، حميد، خالد، خبيب، خليل الله، خاور، خالد، خادم، خرم، خليق، خورشيد، خضر، خبيب، خدابخش، دلشاد، ديدار، دلبر، دلدار، دين محمد، دلنواز، دائم، داؤد، دلاور، دانش، زبير، زيد، ذوالقرنين، ذاڪر، ذهيب، ذوالفقار، ذيشان، ذيب، ذوالنون، ذڪوان، راشد، راضي، ربعي، ربيع، رفعت، رفيق، رشيد، ريحان، رفعت، رميز، رجب،

Scanned by CamScanner

رمضان، رياض، رشيق، رضا محمد، رضوان، رستم، رهبر، روشن، زهير، زاهد، زهيب، زبير، زكريا، زبيد، سليم، سمير، سرور، سجاد، سلامت، سعيد، سعد، سفير، سميع الله، ساجد، سلمان، سليمان، سكندر، سالم، سهيل، شفيق، شاهد، شهزاد، شوكت، شكيل، شمشير، شريف، شاكر، شكور، شان، شهزور، شفاعت، شاداب، شرافت علي، شاهه نواز، شمشاد، شفيع محمد، شهباز، شبلي، شبير، شبر، صادق، صديق، صداقت، صالح، صار، صفدر، صهيب، صفي الله، صفوان، ضمير، ضحاك، طفيل، طارق، طالب، طاهر، مسعود، سعادت، سلطان، معتوق، غلام محمد، غلام نبي، غلام رسول، حيدر، صفدر، عمر، عثمان، علي، غلام صديق، غلام عمر، غلام عثمان، غلام علي، غلام حسن، غلام حسين، غلام غوث، غلام فريد، طلحه،سيف، شاكر، صابر، ماهر،محبوب، معشوق، شريف، شعيب، صادق، صالح، صفوان، صهيب عابد، عادل، عاصم، عباس، عدنان، عقيل، عوف، غازي، فتح، فريد، فلاح، فهد، فواد، فيصل، كاظم، كامل، كمال، كوثر، كوكب، مامون، مجاهد، مرتضيٰ، مجتبيٰ، مجيد، مجير، مراد، مصعب، منصور، مغفور، منيب، منير، مومن، نادر، ناظم، نافع، نجيب، نديم، نظير، نصر، نعمان، هاشم، هلال، وحيد، وسيم، ياسر، حبيب، طفيل، طلحه، تميم، ركانه، قيس، يحيٰ، يعقوب، يامين، يونس، ياسر، يوسف، يار محمد.

نياڻين جا كجهه پلا نالا :

آمنه، اسماء، اُمامه، آسيه، امينه ، آرزو، آبرو، آسمه، اقبال، افشان، انجمن يا انجم، افروز، ارشد، اختر، ارشاد ، ارم، ايمن، انور، اشرف، افشين، اصغري، اُمهاني، بتول، بختاور، بازغه، بي بي، بانو، بابره، بلقيس، بينظير، بدر، بيگم، بشريٰ، ترنم، تصور، تنظير، تسنيم، تسليم، تبسم، ثميم، تانيس، ثوبيه، ثروت، ثناء، ثاقبه، ثريا، ثمرين، ثنيه، ثالثه، جويريه، جويره، جميله، جمال، جهان آراء، جماله، جنت، جبين آراء، جلوه، چاندي، چمن آرا، حوا، حبيبه، حنا، حسينه، حُسنه، حفصه، حنيفه، حميرا، حور، حسيبه، حارثه، حليمه، حور العين، حمرا، حُسامه، حسان، حكيمه، حديقه، حفيظان، حميده، حليمه، حاكمه، حاكم، حرمت، خديجه، خورشيد، خانم، خوله، خاتون، خنثاء، خنساء، خاشعه، خوشتر، خالده، خوش بخت،ديبا، دلشاد، دانيا، درخشان، دلنواز، دل پسند، دانش، دل آراء، درناز، دلپذير، دل

Scanned by CamScanner

کش، دل افروز، دل آرام، ذاکره، زکيه، ذوقيه، رقيه، روفيه، رضيه، راجعه، رحيمان، ريشم، رابعه، راحيله، ريما، رزين، روشن، رميله، ريحانه، ريشمان، راسي، رشيده، روشن، آزاد، رخسانه، رشيده، روشن آراء، راحيله، رضوانه، رعنا، رقيبه، راشده، زهراء، زاهده، زينت، زيبا، زبيده، زرينه، زليخا، زرافشان، زين، سيما، سمره، سلميٰ، سفينه، سوده، سفيره، سائره، سعيده، سکينه، سهڻي، سعديه، سونيا، ساجده، سرفراز، سلطانه، سهيلي، سميه، سعادت، سرتاج، سمينه، صائمه، شهربانو، شيما، شمائله، شاهده، شمع، شيرانه، شميم، شمشاد، شهزادي، شيرين، شهلا، شفقت، شيبا، شهناز، شکيله، شبانه، شاهين، شبنم، صفيه، صبا، صنوبر، صنم، صغريٰ، ياسمين.

حضرت محبوب الاهي جي فرزندن جا نالا:

پيرِ طريقت رهبرِ شريعت حضرت خواجه پير الاهي بخش رحمة الله عليه پنهنجي فرزندانِ سعيد جا نالا هن ترتيب سان رکيا: باقي بالله، کليم الله، حسن الله، فضل الله، کرم الله، خليل الله، شفيع الله، عطاء الله، نعمت الله، حبيب الله. ان طرح پيا نالا سيف الله، رحمت الله، سميع الله، حامدالله، حزب الله وغيره به آهن.

زماني کي گهٽ وڌ نه ڳالهايو:

ماڻهو کچهرين ۾ ويهي چوندا آهن ته زمانو هيئن هونئن ٿي ويو آهي. حالانکه رسول الله ﷺ جن زماني کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان سخت منع کئي آهي. زمانو الله تعاليٰ پاڻ آهي.

حديث نمبر 638:

لَا يَسُبُّ أَحَدُكُمُ الدَّهْرَ فَإِنَّ اللَّهَ هُوَ الدَّهْرُ (مسلم)[1]

توهان مان کو زماني کي گار نه ڏئي چوته بيشڪ الله تعاليٰ پاڻ زمانو آهي.

---

[1] حديث نمبر 638: صحيح مسلم بَاب كَرَاهَةِ تَسْمِيَةِ الْعِنَبِ كَرْمًا ج 11/ص 315. الرقم: 4170)

مسند أحمد: مسند ابي هريرة رضي الله عنه (ج 15/ص 398. الرقم: 7357)

مصنف عبدالرزاق (ج 11/ص 436. الرقم: 20936)

Scanned by CamScanner

باب ٽيون

عقيقو ڪرڻ

ڄالدا ۽ يوريا ياڻ جي هن نازڪ وقت ۾ ننڍن وڏن، مردن، عورتن ۾ هزارين قسمن جون نيون نيون بيماريون پيدا ٿي پيون آهن جيڪي ڊاڪٽرن کي سمجهه ۾ نه ٽيون اچن. خصوصاً ٻار انهن بيمارين جي زد ۾ آهن. ٽورو مشاهدو ڪيو گهر گهر مختلف قسم جي دوائن سان ڪٻٽ پريا پيا آهن. ڇا انهن بيمارين جو سدِ باب ٽيڻ گهرجي يا نه؟

پڌو انهن بيمارين ۽ مصيبتن کان بچاءَ لاءِ اسان جي حبيب حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ جن هڪ اهڙو علاج پڌايو آهي جنهن سان اسان جا ٻار بيمارين مصيبتن کان الله پاڪ جي حفاظت ۽ پناهه ۾ اچي وڃن ٿا. اهو علاج آهي:

عقيقو :

پٽ ڄمي ته ٻه ٻڪرا هڪ جهڙا ستين ڏينهن ڪُهي عقيقو ڪجي. نياڻي ڄمي ته ان جي لاءِ ستين ڏينهن هڪ ٻڪرو ڪهي عقيقو ڪجي ۽ انهي ڏينهن ٻار جا وار ڪوڙجن ۽ ان جي وزن جي برابر سون يا چاندي جنهن جي به پهچ هجي، اها به خيرات ڪجي. اگر عقيقو ستين ڏينهن نه ٿي سگهي ته چوڏهين ڏينهن ڪجي، اگر چوڏهين ڏينهن به نه ٽيو ته ايڪيهين ڏينهن به ڪري سگهجي ٿو. هي عقيقو ڪافي بيمارين جو علاج آهي. رسول الله ﷺ فرمايو:

حديث نمبر 639 :

كُلُّ غُلَامٍ رَهِينَةٌ بِعَقِيقَتِهِ تُذْبَحُ عَنْهُ يَوْمَ سَابِعِهِ وَيُحْلَقُ وَيُسَمَّى (ابوداؤد، ترمذی)[1]

---

[1] حديث نمبر 639: سنن أبي داود بَاب فِي الْعَقِيقَةِ (ج 8 / ص 17 ـ الرقم: 2455) مسند أحمد: حديث سمرة بن جندب (ج 41 / ص 55 ـ الرقم: 19225) شعب الإيمان للبيهقي باب في حقوق الأولاد والأهلين (ج 18 / ص 146 ـ الرقم: 8377) سنن الدارمي، باب السُّنَّةِ فِي الْعَقِيقَةِ (ج 6 / ص 106 ـ الرقم: 2021) السنن الكبرى للبيهقي (ج 9 / ص 299)

Scanned by CamScanner

هر پار گروي رکيل آهي پنهنجي عقيقي جي بدلي، ستين ڏينهن ان جي پاران ذبح ڪيو وڃي ۽ ان ڏينهن نالو رکيو وڃي ۽ ان جو متو ڪوڙيو وڃي.

گروي جو مطلب آهي ته ان وقت تائين اهو پيءُ ماءُ جي شفاعت نه ڪندو جيستائين عقيقو نه ڪيو وڃي يا ته ثواب رکيل رهي ٿو يا ته ان کان پورو پورو نفعو حاصل نه ٿيندو جيستائين ان جو عقيقو نه ڪيو وڃي.

حديث نمبر 640:

مَعَ الْغُلَامِ عَقِيقَةٌ فَأَهْرِيقُوا عَنْهُ دَمًا وَأَمِيطُوا عَنْهُ الْأَذَى (بخاری)[1]

پٽ سان گڏ عقيقو آهي، ان جي پاران (عقيقي جي جانور جو) رت هاريو ۽ ان کان پليتي کي دور ڪيو.

حيض جو رت پار جي متي تي هوندو آهي، جڏهن ان جو متو ڪوڙيو ويندو آهي ته ان جي ٽوڙهه ظاهر ٿيندي آهي اها آهي "أَمِيطُوا عَنْهُ الْأَذَى" جو ته الله پاڪ قرآن ۾ حيض بابت فرمايو آهي:

قُلْ هُوَ اَذًى (البقرة: 222)

اي محبوب فرماءِ ته (حيض) اِها ته پليتي آهي.

متي ڪوڙڻ ۾ اِها حڪمت آهي ته ٻچڙي کان پليتي وارا وار جدا ٿين ٿا.

پٽ ۽ نياڻي جو عقيقو:

حديث نمبر 641:

يهودين جو دستور هيو ته پٽ جو عقيقو ڪندا هئا ۽ نياڻيءَ جو نه ڪندا هئا.

---

[1] حديث نمبر 640: صحيح البخاري بَاب إِمَاطَةِ الْأَذَى عَنِ الصَّبِيِّ فِي الْعَقِيقَةِ (ج 17/ص 121۔الرقم: 5049)

سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الْعَقِيقَةِ (ج 5/ص 480۔الرقم: 1434)

سنن ابن ماجه بَاب الْعَقِيقَةِ (ج 9/ص 334۔الرقم: 3155)

مسند أحمد: حديث سلمان بن عامر (ج 36/ص 292۔الرقم: 17200)

المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 17/ص 454۔الرقم: 7701)

Scanned by CamScanner

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ پُٽ جي پاران ۾ ٻڪرا ذبح ڪيو ۽ نياڻي جي پاران هڪ. (بيهقي، سنن الڪبريٰ)[1]

حديث نمبر 642:

هڪ اصحابياڻي سهڻي سرور متي محمد ڪريم ﷺ کان پڇيو تہ عقيقو ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟ پاڻ ﷺ فرمايائون:

عَنِ الْغُلَامِ شَاتَانِ مُكَافِئَتَانِ وَعَنِ الْجَارِيَةِ شَاةٌ (ابوداؤد)[2]

پٽ جي پاران هڪ ئي عمر واريون ۾ ٻڪريون ۽ نياڻيءَ جي پاران هڪ ٻڪري.

عقيقي جي حيثيت:

امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه ۽ ٻين امامن فقيهن فرمايو تہ عقيقو واجب آهي. ستين ڏينهن لازم ڪرڻ گهرجي ۽ ڪن اهل علم فرمايو تہ اگر پاڻ وٽ نہ ۾ هجي تہ اوڏارو وٽي ۾ عقيقو ضرور ڪرڻ گهرجي، گروي ڪيل ٻار کي آزاد ڪرڻ گهرجي. ڪجهہ فقيهن فرمايو تہ عقيقو سنتِ واجبہ آهي.

حق تہ هي آهي تہ عقيقو مستحب آهي ڪري تہ بهتر آهي ان ۾ اجر ۽ ثواب آهي ۽ نہ ڪندو تہ گناهہ نہ آهي. اِهو مذهب حضرت امام اعظم ابو حنيفہ رحمة الله عليه جو آهي.

---

[1] حديث نمبر 641: عن أبي هريرة رضى الله عنه أن النبي ﷺ قال ان اليهود تعق عن الغلام ولا تعق عن الجارية فعقوا عن الغلام شاتين وعن الجارية شاة.

السنن الكبرى للبيهقي (ج 9/ ص 302)

كنز العمال الفصل الثاني في العقيقة (ج 16/ ص 432۔ الرقم: 45286)

مجمع الزوائد باب العقيقه (ج 4/ ص 58)

[2] حديث نمبر 642: سنن أبي داود بَاب فِي الْعَقِيقَةِ (ج 8/ ص 13۔ الرقم: 2451)

سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الْعَقِيقَةِ (ج 5/ ص 479۔ الرقم: 1433)

سنن النسائي بَاب الْعَقِيقَةِ عَنِ الْجَارِيَةِ (ج 13/ ص 134۔ الرقم: 4145)

سنن ابن ماجه بَاب الْعَقِيقَةِ (ج 9/ ص 332۔ الرقم: 3153)

مسند أحمد (ج 49/ ص 57۔ الرقم: 22901)

Scanned by CamScanner

پار جمڙ تي دعوت:

عبدالرحمن بن ابوبڪر اهو پهريون اسلامي پار هيو جيڪو بصري ۾ جائو، سندس والد ان جي پاران اٺ ڪُنوءِ دَعَا النَّاسَ وَأَطْعَمَهُمْ

ماڻهن کي دعوت ڏئي سڏرايائين ۽ انهن کي کاڌو کارايائين. (كتاب العيال)

عقيقي جو وقت :

حضرت حسن بصري رحمة الله عليه فرمايو ته عقيقو واجب آهي. پنهنجي پارن جي پاران ستين ڏينهن ڪيو وڃي. اگر نه ڪيو ويو ته ماڻهو وڏو ٿي پنهنجو پاڻ به ڪري سگهي ٿو.

ابنِ عبدالبر فرمايو ته ستين ڏينهن عقيقو ڪرڻ واجب آهي. حضرت ليث بن سعد فرمايو ته پار جو ستين ڏينهن عقيقو ڪيو وڃي، جيڪڏهن ستين ڏينهن نه ڪيو ويو ته پوءِ ڪرڻ ۾ به ڪو حرج ناهي. ستين ڏينهن کان پوءِ ڪرڻ واجب نه آهي. حضرت بيبي عائشه صديقه رضي الله عنها فرمايو ته ستين ڏينهن يا چوڏهين ڏينهن يا ايڪيهين ڏينهن عقيقو ڪيو وڃي.

عقيقي جا مسائل :

1. حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه فرمايو ته عقيقي جي جانور جي هڏن کي پيڄڻ نه گهرجي بلڪ جوڙن کان ڪپجي. حديث ۾ آهي ته :

حديث نمبر 643:

لَا تُكْسِرُوْا مِنْهَا عَظْمًا (سنن البيهقي)[1]

ان جا هڏا نه پيجو.

بلڪ هڏن تان گوشت لاٿو وڃي اهو پڄڻي جي سلامتي لاءِ نيڪ فال آهي.

2. عقيقي جي گوشت کي رڌي پاڻ به کائجي ۽ پاڙي وارن ڏانهن به موڪلجي. خيرات به ڪجي پر سپ پاڻ نه کائجي.

---

[1] حديث نمبر 643: السنن الكبرى للبيهقي باب مايعق عن الغلام ومايعق عن الجارية ج 9 / ص 302)
معرفة السنن والآثار للبيهقي باب العقيقة ج 15 / ص 201. الرقم: 5900)

Scanned by CamScanner

3. عقيقي جي جانور جو گوشت يا ڪَلّ وڪرو نہ ڪجي يا ڪل وڪٽي اها رقم خيرات ڪرڻ گھرجي، پنھنجي ذاتي استعمال ۾ نہ آڻجي.

4. عقيقي جي جانور ۾ اُهي ئي شرط آھن جيڪي قرباني ۽ جي جانورن ۾ ھوندا آھن. يعني بي عيب ھجي، انڈو، منڊو بلڪل ھيٺو ھلڻ ڪان ھلاڪ نہ ھجي.

5. وڏي جانور جيئن ڳئون، مينھن وغيره جيڪو قرباني ۾ ذبح ڪيو وڃي ان مان ڪجھ حصا قرباني ۽ جا ۽ ڪجھ عقيقي جا مقرر ڪيا وڃن تہ بہ جائز آھي. قرباني بہ ٿي ويندي ۽ عقيقو بہ ٿي ويندو.

6. عقيقي جو گوشت ٻار جو پيءُ ماءُ، ڏاڏو ڏاڏي، نانو ناني وغيره سڀ رشتيدار کائي سگھن ٿا.

عقيقي جي دعا :

حديث نمبر 644:

اِذْبَحُوْا عَلٰى اِسْمِهٖ وَقُوْلُوْا بِسْمِ اللّٰهِ اَللّٰهُ اَكْبَرُ مِنْكَ وَاِلَيْكَ هٰذِهٖ عَقِيْقَةُ فُلَانٍ (مجمع الزوائد)[1]

الله جو نالو وٺي ڪُھو ۽ چئو تہ الله جي نالي سان "اي الله تنھنجي لاءِ ئي آھي، ۽ تو ڏانھن ئي آھي ھي عقيقو فلاڻي ٻار جو."

دعا :

اَللّٰهُمَّ هٰذِهٖ عَقِيْقَةُ اِبْنِيْ (ھتي ٻار جو نالو وٺجي) دَمُّهَا بِدَمِّهٖ وَلَحْمُهَا بِلَحْمِهٖ وَشَحْمُهَا بِشَحْمِهٖ وَعَظْمُهَا بِعَظْمِهٖ وَجِلْدُهَا بِجِلْدِهٖ وَشَعْرُهَا بِشَعْرِهٖ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهَا فِدَاءً لِّاِبْنِيْ مِنَ النَّارِ وَتَقَبَّلْهَا مِنْهُ كَمَا تَقَبَّلْتَهَا مِنْ نَبِيِّكَ الْمُصْطَفٰى

---

[1] حديث نمبر 644: مجمع الزوائد باب العقيقه (ج 4/ص 58)

مصنف عبد الرزاق (ج 4/ص 330۔ الرقم: 7963)

كنز العمال، الفصل الثاني في العقيقة (ج 16/ص 434۔ الرقم: 45297)

Scanned by CamScanner

ﷺ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ مَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ لَاشَرِيْکَ لَهُ وَبِذَالِکَ اُمِرْتُ وَأَنَا مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ بِسْمِ اللّٰهِ اَللّٰهُ اَکْبَرُ

اِها دعا پڑهي پوءِ جانور کي ذبح ڪجي ۽ پوءِ پار جا مٿي جا وار ڪوڙجن. ۽ وارن جي وزن جي برابر سون يا چاندي خيرات ڪئي وڃي.

مٿو ڪوڙڻ:

سنڌي ۾ چوندا آهن ته جھنڊ لهرائڻ. پار جڏهن ڄمندو آهي ته جيڪي وار ان جي مٿي تي ماءُ جي پيٽان ايندا آهن، انهن کي ستين ڏينهن ڪوڙڻ گهرجي، انهن جي وزن برابر سون يا چاندي خيرات ڪرڻ گهرجي.

حديث نمبر 645:

حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها جڏهن حضرت امام حسن ۽ امام حسين رضي الله عنهما جي ولادت هئي ته ان ستين ڏينهن پاڻ سندن وار ڪوڙيا ته انهن جي وزن برابر چاندي خيرات ڪئي هئي. (موطا مالک)[1]

گهٽا جاهل ماڻهو جهنڊ جا وار رکائي چڏيندا آهن ۽ چوندا آهن ته اِهي وار وڃي پير مرشد جي دربار تي ڪوڙائيندا سين پوءِ پلي مهينو چونہ گذري وڃي. اها وڏي حماقت ۽ جهالت آهي. ڪي وري پيو سڄو مٿو ڪوڙي چوٽي رکائيندا آهن. اها ان کان بہ وڏي جهالت آهي ۽ چوٽي رکائڻ هندن جي ريت آهي. مسلمانن جو طريقو نہ آهي.

حديث نمبر 646:

أَنَّ رَسُولَ اللّٰهِ ﷺ نَهَى عَنِ الْقَزَعِ (بخاری و مسلم)[2]

---

[1] حديث نمبر 645: وَزَنَتْ فَاطِمَةُ بِنْتُ رَسُولِ اللّٰهِ ﷺ شَعَرَ حَسَنٍ وَحُسَيْنٍ فَتَصَدَّقَتْ بِزِنَتِهِ فِضَّةً.
موطأ مالك بَاب مَا جَاءَ فِي الْعَقِيقَةِ (ج 3/ص 478. الرقم: 947) السنن الكبرى للبيهقي (ج 9/ص 299)

[2] حديث نمبر 646: صحيح البخاري بَاب الْقَزَعِ (ج 18/ص 281. الرقم: 5466) صحيح مسلم بَاب كَرَاهَةِ الْقَزَعِ (ج 11/ص 44. الرقم: 3959) سنن أبي داود بَاب فِي الذُّؤَابَةِ (ج 11/ص 256. الرقم: 3662) سنن النسائي ذِكْرُ النَّهْيِ عَنْ أَنْ يُحْلَقَ بَعْضُ شَعْرِ الصَّبِيِّ وَيُتْرَكَ بَعْضُهُ (ج 15/ص 490. الرقم: 5133) سنن ابن ماجه بَاب النَّهْيِ عَنِ الْقَزَعِ (ج 11/ص 18. الرقم: 3628)

Scanned by CamScanner

ڪجهه وار ڪوڙڻ ڪجهه رکڻ کان رسول الله ﷺ جن منع فرمائي.

حديث نمبر 647:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن هڪ پار کي ڏٺو جنهن جا ڪجهه وار ڪوڙيل هئا ڪجهه چڏيل هئا. پاڻ ﷺ انهن کي ائين ڪرڻ کان سخت منع ڪيائون ۽ فرمايائون :

أُحْلِقُوهُ كُلَّهُ أَوْ اتْرُكُوهُ كُلَّهُ (ابوداؤد)[1]

يا ته سڄو مٿو ڪوڙيوس يا ته سڄو مٿو چڏي ڏيوس.

پارن لاءِ ڏَس پنڌ :

اڄي مائرون پڇڻ کي ٿوري گهٽي بيماري ۾ ڏس پنڌ سان علاج ڪنديون هيون جنهن ڪري پار صحتمند رهندو هيو. هاڻي ته ٿورڙي تڪليف ٿيڻ سان ماڻهو يڪدم پار کي ڊاڪٽر وٽ وٺي وڃن ٿا. ڊاڪٽر پلارا به نه ڪا خبر نه ڪا چار. صغير پارڙي کي سُيون (Injections) هڻي وڏي اذيت ڏين ٿا. پوءِ پرچي تي ڏهن قسمن جون دوائون لکي ڏين ٿا، جنهن سان چگو پلو پار به وڏين بيمارين ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿو. هتي ڪجهه ڏس ٻڌائجن ٿا جن تي امڙيون عمل ڪن نه انهن جا پار چگا پلا رهندا انشاء الله.

1. **ڳلن جو علاج :** پارن کي ڳلن ۾ ڳوڙهيون ٿي پونديون آهن ته ماڻهو آڳرين کي دوا لڳائي آڳر نڙيءَ ۾ اندر وجهي زور ڏيندا آهن ائين نه ڪجي بلڪ عود هندي پاڻيءَ ۾ ڳاري مريض جي نڪ ۾ وجهو ان جا ڦڙا دماغ ۽ نڙيءَ تائين پهچي وڃن. انشاء الله يڪدم فائدو ٿيندو.

حديث نمبر 648:

ڳلا سڄي وڃڻ جي ڪري پنهنجي پارن کي زور ڏئي ايذاء نه پهچايو، عود هندي استعمال ڪيو. (بخاري ومسلم)[2]

---

[1] حديث نمبر 647: سنن أبي داود بَاب فِي الذُّؤَابَةِ (ج 11 / ص 257۔ الرقم: 3663) سنن النسائي باب الرُّخْصَةُ فِي حَلْقِ الرَّأْسِ (ج 15 / ص 264۔ الرقم: 4962)

[2] حديث نمبر 648: صحيح البخاري (ج 17 / ص 481۔ الرقم: 5274) صحيح مسلم (ج 11 / ص 231۔ الرقم: 4102) سنن أبي داود بَاب فِي الْعِلَاقِ (ج 10 / ص 376۔ الرقم: 3379) سنن ابن ماجه (ج 10 / ص 272۔ الرقم: 3453)

Scanned by CamScanner

پاسن جي سور وقت عود هندي پاسن تي ليپ ڪيو تہ شفا حاصل ٿيندي آهي.

ڪنگهہ سَرَکو، ڇاتيءَ تي ڇاري لاهڻ جو علاج :

مٿي ڪائي ۽ سونف پاڻيءَ ۾ ڪاڙهي پياريو.

دستن لاءِ (جلاب) : پار کي پيٽ ۾ سور يا قبضي هجي تہ پنير جو هڪ ڦوٽو عملداس جي هڪ ٽڪي رات جو پسائي رکو صبح جو پار کي پياريو.

سائي لاءِ : صبح جو جيئن سج اپري تہ پار کي سپ ڪپڙا لاهي ٿوري دير اُس ۾ سمهاريو.

سَتَ پوي تہ : ننڍا ڦوٽا گهوٽي ٿج ۾ ملائي نڪ ۾ وجهو.

الٽي، دست (هيضہ) جي لاءِ :

جاڙ تئي تي ساڙي ۽ پوءِ ان جي هموزن ڪنڊ ملائي چپٽي صبح منجهند شام کارائجي.

ٽڏ ليس، زڪام، بخار لاءِ :

سياري ۾ انهن تڪليفن کان بچڻ لاءِ جاڙ ڪُٽي تيل ۾ ملائي گرم ڪجي پوءِ ان سان مٿي، ڇاتي، هٿن پيرن کي مالش ڪجي. (رات جي وقت)

پيٽ جو سور قبضي جلاب لاءِ:

ايرنڊي ٿج ۾ ملائي پار کي پيارجي.

ڪن جي سور لاءِ :

ڳاڙهي مرچ جو ڦوٽو تيل ۾ ساڙي ڦوٽو ڪيڏي پاهر اڇلائي ۽ ان تيل جو هڪ يا ٻہ ڦڙا سور وقت ڪنن ۾ وجهجن.



Scanned by CamScanner

باب چوٿون

خَتني جا مسئلا

مرد جي مخصوص عضوي جي مٿان جيڪا کَل چڙهيل هوندي آهي ان جي ڪٽڻ کي "خُتنو" يا خِتَانُ يا طهر يا سنت به چوندا آهن. خُتني جي حيثيت جي باري ۾ فقهاء جو اختلاف آهي. امام ابو حنيفه ۽ امام حسن بصري رحمة الله عليهما وٽ ختنو سنت آهي. ابو موسيٰ وٽ ختنو سنت موڪده آهي. امام شعبي، ربيعه، اوزاعي، امام مالڪ، امام شافعي ۽ امام احمد رحمة الله عليهم اجمعين وٽ اهو واجب آهي.

حضرت امام مالڪ ته ايستائين فرمايو آهي ته جنهن جو ختنو ٿيل نه آهي ان جي امامت به جائز نه آهي، ان جي شاهدي به قبول ناهي. ابن عباس به خَتني کي لازم قرار ڏنو آهي.

حديث نمبر 649 :

مِنَ الْفِطْرَةِ الْخِتَانُ (مسلم)[1] ختنو ڪرائڻ فطرت کان آهي.

خطابي فرمايو ته ختنو نبين جي سنت آهي.

---

[1] حديث نمبر 649: صحيح البخاري بَاب قَصِّ الشَّارِبِ ج 18 / ص 245۔ الرقم: 5439)
صحيح مسلم بَاب خِصَالِ الْفِطْرَةِ ج 2 / ص 67۔ الرقم: 377)
سنن أبي داود بَاب فِي أَخْذِ الشَّارِبِ ج 11 / ص 262۔ الرقم: 3666)
سنن النسائي باب مِنَ السُّنَنِ الْفِطْرَةُ ج 15 / ص 257۔ الرقم: 4957)
سنن ابن ماجه بَاب الْفِطْرَةِ ج 1 / ص 345۔ الرقم: 288)

Scanned by CamScanner

ختني جي ابتدا :

سڀ کان پهريائين حضرت ابراهيم خليل عليه السلام پنهنجو ختنو پاڻ ڪيو هيو، ان وقت سندس عمر هڪ سوويهه سال هئي ۽ ختني کان پوءِ به اسي سال زنده رهيو. هي روايت ۾ هيئن آهي :

حديث نمبر 650:

اخْتَتَنَ إِبْرَاهِيمُ عَلَيْهِ السَّلَام وَهُوَ ابْنُ ثَمَانِينَ سَنَةً بِالْقَدُّومِ (بخاری)[1]

حضرت ابراهيم اسي سالن جي جمار ۾ قدوم ۾ پنهنجو ختنو ڪيو.

ڪن چيو ته قدوم اوزار جو نالو آهي. پر ڪن چيو ته هي شام جي ملڪ ۾ هڪ علائقو آهي.

ختني جو وقت :

جيڪڏهن ماڻهو پنهنجو ختنو پاڻ ڪري سگهي ته افضل آهي. جيڪڏهن پاڻ ڪري نه سگهي ته ختنو پين کان به ڪرائي سگهجي ٿو. ختنو بالغ ٿيڻ کان اڳ ڪرائڻ گهرجي.

حضرت ليث بن سعد رحمة الله عليه فرمايو ته پٽ جو ختنو ستن کان ڏهن سالن جي وچ ۾ ڪرائڻ گهرجي. حضرت مڪحول رحمة الله عليه فرمايو ته حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي پٽ حضرت اسحاق عليه السلام جو ختنو ستين ڏينهن ڪرايو هو ۽ حضرت اسماعيل عليه السلام جو ختنو تيئين سال ڪرايو هيو.

حضرت امام بيهقي رحمة الله عليه روايت ڪئي ته حضور عليه الصلواة والسلام حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنهما جو ختنو ستين ڏينهن ڪرايو هو. ختني جي عمر ستن ڏينهن سالن کان ٻارهن سالن جي جمار تائين آهي. (عالمگيری)[2]

---

[1] حديث نمبر 650: صحيح البخاري بَاب الْخِتَانِ بَعْدَ الْكِبَرِ وَنَتْفِ الْإِبْطِ (ج 19/ص 351۔الرقم: 5824)

صحيح مسلم بَاب مِنْ فَضَائِلِ إِبْرَاهِيمَ الْخَلِيلِ (ج 12/ص 67۔الرقم: 4368)

مسند أحمد: مسند ابي هريرة (ج 19/ص 83۔الرقم: 9040)

السنن الكبرى للبيهقي (ج 8/ص 325)

[2] حديث: شعب الإيمان للبيهقي باب في حقوق الأولاد والأهلين (ج 18/ص 153۔الرقم: 8384)

Scanned by CamScanner

ختني جا فائدا :

1. ختنو نبين جي سنت آهي.
2. ختنو فطرت جي علامت آهي.
3. ختنو مسلمان ۽ کافر جي وچ ۾ فرق ڪندڙ آهي.
4. ختنو پاکائي صفائي جي ضمانت آهي جو تہ ختني نہ ٽيل ماڻهو جي ڪول ۾ پيشاب وغيره جا قطرا باقي رهن ٿا جنهن سان پاکائي بہ نہ ٿي رهي ۽ بدبوءِ بہ پيدا ٿئي ٿي.
5. حضرت ابن عباس رضی اللہ عنہ فرمايو تہ ڪوليري ماڻهو جي نہ ڪا نماز قبول ٿئي ٿي نہ وري ان جي ڪُني ڪاڌي ويندي آهي.
6. حضرت عِڪرمہ رضی اللہ عنہ فرمايو تہ اهڙي ماڻهو جو حج بہ قبول ناهي.
7. در منثور ۾ هي حديث آهي تہ : مَنْ اَسْلَمَ فَلْيَخْتَتِنْ وَاِنْ كَانَ كَبِيْرًا [1]
جنهن ماڻهو اسلام آندو ان کي گهرجي تہ پنهنجو ختنو ڪرائي پلي ڪٽي ان جي عمر ڪيتري بہ هجي.
8. ختنو نہ ڪرڻ سان فاضل کَل جنسي قوت جي گهٽتائي جو سبب بنجي ٿي. اگر اها کل ڪٽي وڃي تہ جنسي قوت زياده ٿئي ٿي.
9. ڪول سان صحبت ڪرڻ ۾ سرطان جي بيماري ٿيڻ جو خطرو رهي ٿو.
10. ڪول سان پيشاب ۾ رڪاوٽ ٿئي ٿي.
11. ڪول سبب مثاني جو عمل متاثر ٿئي ٿو.
12. جنهن کي پيدائشي ڪول نہ هجي تہ ان جو ختنو لازم نہ آهي.
13. جنهن ماڻهو جي ختني ڪرڻ سان موت يقيني هجي تہ ان جو ختنو ضروري نہ آهي.
14. ختني ڪرڻ سبب گهڻين جنسي بيمارين کان بچاءُ ٿئي ٿو.

---

[1] حديث: الدر المنثور (ج 1/ص 221۔ البقرة: 124)

Scanned by CamScanner

سردارِ اولادِ آدم ﷺ جو ختنو :

جڏهن سهڻا حبيب ڪريم ﷺ جن دنيا ۾ آيا تہ سندن ختنو اڳ ۾ ٿيل هيو، ناڙو وڍيل هيو.

حديث نمبر 651 :

تاجدارِ ڪائنات حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ "منهنجي الله ان شان سان نوازيو جو آءٌ ختنو ٿيل جائو هيس. ڪنهن ماڻهو منهنجي اگهڙ نہ ڏٺي. (ابن عساڪر) 1

حديث نمبر 652:

حضرت عباس رضی اللہ عنہ فرمايو تہ جڏهن سهڻا حبيب ڪريم ﷺ جاوا تہ ختنو ٿيل هيو ۽ ناڙو ڪپيل هيو. جڏهن سندن ڏاڏي عبدالمطلب ڏٺو تہ چيائين تہ هي منهنجو پٽ وڏي شان وارو ٿيندو. (ابن عبدالبر) 2

جاهلن جون رسمون :

ختنو رسول الله جي سنت آهي انڪري ان ڪي سنت طريقي مطابق ادا ڪرڻ گهرجي. جاهل ماڻهو ان سنت جي ادائگي تي هزارين بچڑاين جا ڪم ڪندا آهن. بدپيشہ عورتون گهرائي ناچ ڳائڻ جون محفلون سينگاريون وجن ٿيون. ناچو نچايا وجن ٿا ۽ دهل وڄايا وجن ٿا. لکين روپيہ لٽايا وجن ٿا. مسلمانن ڪي انهن برين عادتن کان بچڻ گهرجي. البتہ ختني جي وقت ۾ ننگر ٿاهي دوستن احباب ڪي ڪارايو وجي تہ حرج ناهي.

كان ابن عمر يطعم على الختان (كتاب العيال)

---

[1] حديث نمبر 651: قال رسول الله ﷺ من كرامتي على ربي أني ولدت مختونا ولم ير أحد سوأتي.
سبل الهدى والرشاد، الباب الثامن في ولادته صلى الله عليه وسلم مختونا (ج 1/ ص 347)
دلائل النبوة لأبي نعيم الأصبهاني، بيان رضاعه وفصاله، الخ (ج 1/ ص 110، الرقم: 92)
المعجم الأوسط للطبراني، عن انس بن مالك (ج 13/ ص 405، الرقم: 6327)

[2] حديث نمبر 652: عن ابن عباس عن أبيه العباس قال ولد رسول الله ﷺ مختونا مسرورا فأعجب ذلك جده عبد المطلب وحظي عنده وقال ليكونن لابني هذا شأن.
السيرة النبوية لابن كثير (ج 1/ ص 209)
دلائل النبوة لأبي نعيم الأصبهاني، بيان رضاعه وفصاله، الخ (ج 1/ ص 111، الرقم: 93)
سبل الهدى والرشاد (ج 10/ ص 480)

Scanned by CamScanner

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما ختني جي وقت ۾ طعام ناهي کارائيندو هيو.

حضرت مکحول رحمة الله عليه حضرت نافع رحمة الله عليه کان پڇيو ته ڇا حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما ختني تي طعام جي دعوت قبول ڪندو هيو؟ ڇيائين ها ٻئو.

هڪ اصحابي حضرت واثلہ بن اسقع رضی اللہ عنہ جي پٽ جو ختنو ٿيو ته پاڻ طعام تيار ڪيائون ۽ ماڻهن کي سڏايائون ۽ کارايائون. پاڻ هڪ ٿانوَ ۾ پاڻي وجهي ماڻهن کي پياري رهيا هئا ۽ برڪت جي دعا ڏئي رهيا هئا.

ختني جي وقت راڳ رنگ ڪرڻ، بي جا ريتن رسمن تي هزارين روپيہ خرچ ڪرڻ هرگز جائز نہ آهي. ان جو بہ الله پاڪ وٽ سخت پڇاڙو ٿيندو. مسلمانن کي اهڙين برين رسمن کان بچڻ گهرجي.

Scanned by CamScanner

باب پنجون

پارن جا مسائل

پارن سان پيار:

پڇڙا پاڳ ۽ بخت وارن کي ٿيندا آهن، اِها الله جي نعمت آهي. پڇڙن سان پيار ڪرڻ گهرجي، انهن کي چميون ڏيڻ، پڇڙن کي پاڪر پائڻ سٺي نبي ڪريم ﷺ جن جي سنت آهي.

حديث نمبر 653 :

حضرت ابوهريره رضي الله عنه فرمايو ته هڪ ڏينهن سٺي مدني ڪريم ﷺ جن حضرت حسن رضي الله عنه کي چمي ڏني ته اتي اقرع بن حابس نالي هڪ شخص ويٺل هيو. ان چيو ته مون کي ڏهه پٽ آهن مون ڪڏهن ڪنهن پٽ کي چمي نه ڏني آهي. حضور عليه الصلواة والسلام جن ان ڏانهن نهاريو ۽ فرمايائون :

مَنْ لَا يَرْحَمُ لَا يُرْحَمُ (بخاری)[1]

جيڪو رحم نه ٿو ڪري ته ان تي رحم نه ڪيو ويندو.

حديث نمبر 654:

حضرت ابو قتاده رضي الله عنه فرمايو ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي نياڻي حضرت بي بي زينب رضي الله عنها جي نياڻي (پاڻ ﷺ جي ڏوهتي) اُمامه جيڪا حضرت ابوالعاص رضي الله عنه

---

[1] حديث نمبر 653: صحيح البخاري بَاب رَحْمَةِ الْوَلَدِ وَتَقْبِيلِهِ وَمُعَانَقَتِهِ (ج 18 / ص 403. الرقم: 5538)

صحيح مسلم بَاب رَحْمَتِهِ ﷺ الصِّبْيَانَ وَالْعِيَالَ وَتَوَاضُعِهِ (ج 11 / ص 455. الرقم: 4282)

سنن أبي داود بَاب فِي قُبْلَةِ الرَّجُلِ وَلَدَهُ (ج 13 / ص 445. الرقم: 4541)

سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي رَحْمَةِ الْوَلَدِ (ج 7 / ص 144. الرقم: 1834)

مسند أحمد: مسند ابي هريرة (ج 14 / ص 365. الرقم: 6824)

Scanned by CamScanner

جي نياڻي هئي، کي کٽي نماز پڙهي رهيا هئا. جنهن وقت نماز ۾ قيام ڪن پيا تہ نياڻي کي کٽن پيا وري جڏهن سجدي ۾ وڃن پيا تہ نياڻي کي هيٺ ويهارن پيا. ان طرح نماز پڙهايائون. (بخاری و مسلم) 1

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما جو پٽ حضرت سالم بن عبدالله رضي الله عنهما جڏهن ايندو هيو تہ پاڻ ان کي چميون ڏيندا هئا تہ ماڻهو چوندا هئا تہ ڏسو ڪراڙو ڪراڙي کي چميون ڏيئي رهيو آهي. حضرت سفيان ثوري رحمة الله عليہ جو پٽ بيمار ٿي پيو. طبيب ان جي سير چوڑي، پُٽڑو روئي پيو تہ حضرت سفيان ثوري رحمة الله عليہ جي اکين مان بہ ڳوڙها وهي رهيا هئا.

حديث نمبر 655:

حضرت بريده رضی اللہ عنہ روايت فرمائي تہ هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن (ممبر تي) خطبو ڏئي رهيا هئا. مسجد نمازين سان ڀرپور هئي تہ اچانڪ حضرت امام حسن ۽ امام حسين رضي الله عنهما ڳاڙها ڪپڑا پائي نانيءَ وٽ مسجد ۾ آيا. ماڻهن جي سوڙهہ مان مشڪل سان اچي رهيا هئا. جڏهن محبوبن ڪريمن ﷺ جي نظر مٿن پئي تہ پاڻ ممبر تان هيٺ لهي آيا. پاڻ ٻنهين (شهزادن) کي کنيائون ۽ ممبر تي پاڻ سان گڏ ويهاريائون. فرمايائون تہ بيشڪ الله تعالىٰ سچ فرمايو آهي تہ: "بيشڪ توهان جا مال ۽ توهان جو اولاد توهان لاءِ آزمائش آهن. جڏهن مون هنن (شهزادن) کي ڏٺو تہ هلن پيا ۽ ماڻهن جي سوڙهہ ۾ ڪري پون پيا تہ آءٌ سهي نہ سگهيس ۽ پنهنجو بيان روڪي هنن کي اچي ڪنيم." (ابن ماجه) 2

---

[1] حديث نمبر 654: صحيح البخاري بَاب إِذَا حَمَلَ جَارِيَةً صَغِيرَةً عَلَى عُنُقِهِ فِي الصَّلَاةِ (ج 2/ص 334۔الرقم: 486)
صحيح مسلم بَاب جَوَازِ حَمْلِ الصِّبْيَانِ فِي الصَّلَاةِ (ج 3/ص 151۔الرقم: 845)
موطأ مالك بَاب جَامِعِ الصَّلَاةِ (ج 2/ص 37۔الرقم: 372) سنن أبي داود بَاب الْعَمَلِ فِي الصَّلَاةِ (ج 3/ص 100۔الرقم: 783)
سنن النسائي باب إِدْخَالُ الصِّبْيَانِ الْمَسَاجِدَ (ج 3/ص 127۔الرقم: 704)

[2] حديث نمبر 655: سنن ابن ماجه بَاب لُبْسِ الْأَحْمَرِ لِلرِّجَالِ (ج 10/ص 462۔الرقم: 3590)
سنن أبي داود بَاب الْإِمَامِ يَقْطَعُ الْخُطْبَةَ لِأَمْرٍ يَحْدُثُ (ج 3/ص 317۔الرقم: 935)
سنن الترمذي بَاب مَنَاقِبِ الْحَسَنِ وَالْحُسَيْنِ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمَا (ج 12/ص 244۔الرقم: 3707)
سنن النسائي (ج 5/ص 272۔الرقم: 1396) مسند أحمد (ج 46/ص 469۔الرقم: 21917)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 656:

لَيْسَ مِنَّا مَنْ لَّمْ يُوَقِّرْ كَبِيْرَنَا وَيَرْحَمْ صَغِيْرَنَا (طبراني اوسط)[1]

اهو اسان مان نہ آهي جيڪو اسان جي وڏن جي عزت نہ ڪري ۽ اسان جي ننڍن تي رحم نہ ڪري.

پڇڙا ماءُ کان ڌار نہ ڪيو!

ڪنهن گهر ۾ اڃ بڇت ٿي پوندي آهي تہ مڙس زال کي گهر مان ڪڍي ڇڏيندو آهي، حالانڪہ مرد کي اعليٰ ظرفي ۽ صبر جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي پنهنجو ننگ پاڻ کان ڌار ڪرڻ نہ گهرجي. جيڪڏهن زال مڙس صبر کان ڪم وٺن تہ جيڪر الله بہ انهن سان آساني فرمائي. گهٽا ظالم ماڻهو زالن کي تہ گهرن مان ڪيندا آهن پر انهن کان ننڍڙا پڇا بہ چني ڌار ڪندا آهن. اهو وڏو ظلم ۽ زيادتي آهي.. اسلام ان کان منع ڪئي آهي. مرد اهو آهي جو پنهنجي ننگ ناموس ۽ پڇڙن جي سار سنڀال لهي، انهن جي حفاظت ڪري.

حديث نمبر 657:

نَهَى رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ أَنْ يُفَرَّقَ بَيْنَ الأُمِّ وَوَلَدِهَا فَقِيلَ يَا رَسُولَ اللّٰهِ إِلَى مَتَى قَالَ حَتَّى يَبْلُغَ الْغُلاَمُ وَتَحِيضَ الْجَارِيَةُ (دارِ قطني)[2]

ماءُ کان پڇو چني ڌار ڪرڻ کان رسول الله ﷺ منع فرمايو، پڇيو ويو يا رسول الله ڪيستائين ؟ فرمايائون جيستائين پٽ بالغ ٿئي ۽ نياڻي حيض واري ٿئي.

شريعت پاڪ ۾ اولاد جو وارث پيءُ آهي. زال مڙس ۾ جيڪڏهن اڃ بڇت بہ پيدا ٿي پوي ٿي تہ بہ پارن کي ماءُ کان جدا نہ ڪرڻ گهرجن جيستائين اُهي شرعي عمر کي نہ پهچي وڃن.

---

[1] حديث نمبر 656: المعجم الأوسط للطبراني من اسمه : عبيد (ج 11 / ص 26۔ الرقم: 4968)
مسند أحمد مُسْنَدُ عَبْدِ اللّٰهِ بْنِ عَمْرِو بْنِ الْعَاصِ (ج 14 / ص 181۔ الرقم: 6643)
شعب الإيمان للبيهقي (ج 22 / ص 373۔ الرقم: 10548) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 7 / ص 496)

[2] حديث نمبر 657: سنن الدارقطني، كتاب البيوع (ج 7 / ص 339۔ الرقم: 3093) السنن الكبرى للبيهقي (ج 9 / ص 128)
المستدرك على الصحيحين للحاكم، كتاب البيوع (ج 5 / ص 444۔ الرقم: 2295)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 658:

حضرت حبيب عربي ﷺ جن فرمايو تہ جو شخص هار ۾ ان جي پيءُ ماءُ جي وچ ۾ جدائي وجهي، پيءُ ۽ پٽ کي جدا ڪري تہ الله تعاليٰ ان ماڻهو ۽ ان جي پيارن کي قيامت واري ڏينهن هڪ ٻئي کان جدا ڪري ڇڏيندو. (دارِ قطنی) 1

ڇا حال ٿيندو انهن بدبخت، بدنصيب ماڻهن جو! جيڪي هارڙا اغوا ڪري وڃن ٿا ۽ انهن کي وڃي وڪڻن ٿا يا انهن تي ٻُنگ ونڊي پوءِ وارثن کي واپس ڪن ٿا. انهن ظالمن کي الله جي قهر کان ڊڄڻ گهرجي، انهن هي جنت جي خوشبوءِ به نصيب نہ ٿيندي.

اولاد کي بددعا نہ ڏيو :

ڪاوڙ ۾ اچي پيءُ ماءُ پنهنجي اولاد کي پٽون ۽ پاراتا ڏيندا آهن ائين ڪرڻ نہ گهرجي متان ڪا گهڙي قبوليت جي هجي. هڪ عورت ڪاوڙ ۾ پٽ کي چيو تہ "شل بس جي هيٺان اچين." صبح جو ماءُ پاراتو ڏنو منجهند جو اُهو پٽ بس هيٺان اچي ويو. شام جو جنازو واپس آيو پوءِ تہ اُها ماءُ چري ٿي پئي.

حديث نمبر 659:

لَا تَدْعُوا عَلَى أَنْفُسِكُمْ، وَلَا تَدْعُوا عَلَى أَوْلَادِكُمْ، وَلَا تَدْعُوا عَلَى أَمْوَالِكُمْ، لَا تُوَافِقُوا مِنَ اللهِ سَاعَةً يُسْأَلُ فِيهَا عَطَاءٌ، فَيَسْتَجِيبُ لَكُمْ (مسلم)2

پنهنجو پاڻ کي نہ پٽيو ۽ نہ ئي پنهنجي اولادن کي پٽيو ۽ نہ ئي پنهنجي مالن کي پاراتو ڏيو. متان الله وٽان قبوليت جي ان گهڙي سان موافقت ڪري نہ ويهو جو الله اوهان جي ان بد دعا کي قبول ڪري ڇڏي.

---

[1] حديث نمبر 658: أَنَّ رَسُولَ اللهِ ﷺ قَالَ مَنْ فَرَّقَ بَيْنَ وَالِدَةٍ وَوَلَدِهَا فَرَّقَ اللهُ تَعَالَى بَيْنَهُ وَبَيْنَ أَحِبَّتِهِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ
سنن الترمذي بَاب فِي كَرَاهِيَةِ التَّفْرِيقِ بَيْنَ السَّبْيِ السَّبْيِ (ج 6/ص 75۔الرقم: 1491)
سنن الدارقطني، كتاب البيوع (ج 7/ص 337۔الرقم: 3091) مسند أحمد (ج 47/ص 496)
المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 5/ص 443) السنن الكبرى للبيهقي (ج 9/ص 126)
المعجم الكبير للطبراني (ج 4/ص 248) معرفة السنن والآثار للبيهقي (ج 14/ص 440)

[2] صحيح مسلم (4/2304)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 660:

حضرت انس رضی اللہ عنہ فرمايو تہ سھڻا محبوب كريم ﷺ جن نماز پڑھائي رهيا هوندا هئا جڏهن كنهن پارڙي جي روئڻ جو آواز ٻڌندا هئا تہ ننڍڙي سورة پڑهي نماز ختم كندا هئا ڇو تہ پارڙي جي ماءُ ۾ نماز ۾ هوندي هئي. (بيهقی، سنن الكبریٰ) [1]

پارن جو پيشاب :

پارڙو جيكڏهن كپڑن تي پيشاب كري تہ ان جي پاكائي جي باري ۾ فقهاء جي درميان اختلاف آهي. امام نخعي، سفيان ثوري ۽ امام ابو حنيفہ رحمت الله عليهم اجمعين جو مذهب آهي تہ ڇوكرو هجي يا ڇوكري ٽڇ پيئندڙ هجي يا ماني كائيندڙ سڀني جي لاءِ حكم ساڳيو آهي جيكڏهن كپڑن تي پيشاب كن تہ كپڑو ڌوئڻ گهرجي. وڏي ماڻهو جي پيشاب وانگر اُهي ۾ ناپاك آهن. سندن ان قول تي ئي فتويٰ آهي.

امام اوزاعي ۽ امام مالك رحمة الله عليهم فرمايو تہ ڇوكرو يا ڇوكري كپڑن تي پيشاب كري تہ مٹان پاك پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي ڇڏجن تہ كپڑو پاك آهي ڇو تہ پار پالڻ واري لاءِ بار بار كپڑا ڌوئڻ تكليف آهي.

حضرت اسحاق بن راهويہ فرمايو تہ سھڻي نبي كريم ﷺ جي سنت ائين آهي تہ پٽڑو جيكو ٽڇ پياك هجي ان جي پيشاب تي ڇنڊا هنيا وڃن ۽ ڇوكري ٽڇ پياك هجي يا ماني كائيندڙ هجي تہ ان جو پيشاب ڌوئڻ گهرجي. فرمايائين تہ حضور نبي كريم ﷺ يا اصحابن يا تابعين مان كنهن ۾ پٽ ۽ نياڻي جي پيشاب كي هكجهڙو نہ ڇيو آهي. سنت جي مقابلي ۾ قياس مردود آهي.

هتي ڇنڊا هڻڻ سان محدثن غسلِ خفيف مراد ورتي آهي. يعني ٿورڙو ئي ڌوتو وڃي. مگر امام ابو حنيفہ مكمل ڌوئڻ جو قائل آهي.

---

[1] حديث نمبر 660: صحيح مسلم بَاب أَمْرِ الْأَئِمَّةِ بِتَخْفِيفِ الصَّلَاةِ فِي تَمَامٍ (ج 3/ص 2۔ الرقم: 722)

مسند أحمد: مسند انس بن مالك رضي الله عنه (ج 25/ص 173۔ الرقم: 12127)

السنن الكبرى للبيهقي باب الامام يخفف القراءة للامر يحدث (ج 2/ص 393)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 661:

هڪ عورت اُم قيس بنت محصن ننڍڙو چوڪرو کڻي حضور عليہ السلام جن جي خدمت ۾آئي. اهو ٻار اڃا ٽچ پياڪ هيو. ان ٻارڙي حضور عليہ الصلواة والسلام جي ڪپڙن مبارڪ تي پيشاب ڪيو. پاڻ ﷺ پاڻي گهرايائون ڪپڙن تي ڇنڊا هڻي ڇڏيائون، ڪپڙا نہ ڌوتائون. (بخاری، مسلم، ترمذی، ابو داؤد)[1]

حديث نمبر 662:

حضرت علي شير خدا رضی اللہ عنہ فرمايو تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ :

أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ قَالَ فِي بَوْلِ الْغُلَامِ الرَّضِيعِ يُنْضَحُ بَوْلُ الْغُلَامِ وَيُغْسَلُ بَوْلُ الْجَارِيَةِ (احمد، ترمذی)[2]

رسول الله ﷺ فرمايو ڪير پياڪ پٽ جي پيشاب تي ڇنڊا هيا ويندا، ۽ نياڻي جي پيشاب کي ڌوتو ويندو.

حضرت قتاده رضی اللہ عنہ فرمايو تہ اهو ايستائين آهي جيستائين کاڌو نہ کائيندا هجن. جڏهن کاڌو کائڻ لڳن تہ پٽ ۽ نياڻي بنهين جو پيشاب ڌوئڻ گهرجي.

ڇنڊن هڻڻ جو مطلب اِهو آهي تہ پاڪ پاڻيءَ جا ڇنڊا پيشاب جي مقدار کان وڌيڪ هجن ۽ جتي پيشاب لڳي اتي اُهي ڇنڊا هڻجن. اِهو فرق ڇو آهي؟ علماء فرمايو تہ ڇوڪريءَ جو پيشاب وڌيڪ بدبوءِ دار ٿئي ٿو بنسبت پُٽ جي پيشاب جي.

---

[1] حديث نمبر 661: صحيح البخاري بَاب بَوْلِ الصِّبْيَانِ (ج 1 / ص 373۔ الرقم: 216)
صحيح مسلم بَاب حُكْمِ بَوْلِ الطِّفْلِ الرَّضِيعِ وَكَيْفِيَّةِ غَسْلِهِ (ج 2 / ص 137۔ الرقم: 432)
سنن أبي داود بَاب بَوْلِ الصَّبِيِّ يُصِيبُ الثَّوْبَ (ج 1 / ص 456۔ الرقم: 319)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي نَضْحِ بَوْلِ الْغُلَامِ قَبْلَ أَنْ يُطْعَمَ (ج 1 / ص 121۔ الرقم: 66)
سنن النسائي بَاب بَوْلِ الصَّبِيِّ الَّذِي لَمْ يَأْكُلْ الطَّعَامَ (ج 1 / ص 491۔ الرقم: 300)
سنن ابن ماجه (ج 2 / ص 143۔ الرقم: 517)

[2] حديث نمبر 662: سنن الترمذي بَاب مَا ذُكِرَ فِي نَضْحِ بَوْلِ الْغُلَامِ الرَّضِيعِ (ج 2 / ص 495۔ الرقم: 555)
مسند أحمد: مسند علي بن ابي طالب رضي الله عنه (ج 3 / ص 97۔ الرقم: 1091)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 663:

حضرت علي رضي الله عنه فرمايو ته سهڻي حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم فرمايو ته :

يُرَشُّ بَوْلُ الْغُلَامِ وَيُغْسَلُ بَوْلُ الْجَارِيَةِ (ابن ماجه. بيهقي)[1]

پٽ جي پيشاب تي ڇنڊا هنيا ويندا ۽ نياڻي جو پيشاب ڌوئبو.

ترمذي ۽ ٻين محدثن فرمايو آهي ته ''يُرَشُ، يُنضَحُ'' اهڙن لفظن مان مراد غسل خفيف آهي. (يعني هلڪو ڦلڪو ڌوئڻ).

نياڻي جي پيشاب کي ڇڱي طرح ڌوئبو ۽ پٽ جي پيشاب کي هلڪو ڌوئڻ سان به پاڪ ٿي ويندو.

پارن کي دعائون ڏيڻ :

تعويذ يا ڦيٽو جائز آهي يا نه؟

حضرت امام محمد باقر رضي الله عنه کان پڇيائون ته پارن کي تعويذ پڌڻ ڪيئن آهي؟ فرمايائون ته ''پڌڻ ۾ ڪو حرج نه آهي.''

حضرت امام بيهقي رضي الله عنه فرمايو ته اهو تعويذ يا ڦيٽو جيڪو قرآن ۽ حديث جي خلاف هجي يا ان ۾ مشرڪانه الفاظ هجن يا ڪافرن جو جوڙيل آهي يا ان جي معنيٰ جي خبر نه هجي ته اهڙو تعويذ يا ڦيٽو درست نه آهي. حديثن ۾ جيڪا منع آئي آهي سا صرف اهڙن تعويذن لاءِ آهي. (بيهقي سنن الكبريٰ)

حضرت سعيد بن جُبير رضي الله عنه روايت ڪئي ته :

كَانَ يَكْتُبُ التَّعَاوِيْذَ لِلنَّاسِ

پاڻ ماڻهن کي تعويذ لکي ڏيندا هئا.

---

[1] حديث نمبر 663: سنن ابن ماجه بَاب مَا جَاءَ فِي بَوْلِ الصَّبِيِّ الَّذِي لَمْ يُطْعَمْ (ج 2/ص 144. الرقم: 518)
مصنف عبد الرزاق باب بول الصبي (ج 1/ص 380. الرقم: 1485)
السنن الكبرى للبيهقي (ج 2/ص 415)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 664 :

حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ پنهنجي صحابن کي سيکاريندا هئا ته سمهڻ کان اڳ هيءَ دعا پڙهي سمهندا کيو.

بِسْمِ اللّٰهِ أَعُوذُ بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّامَّاتِ مِنْ غَضَبِهِ وَعِقَابِهِ وَشَرِّ عِبَادِهِ وَمِنْ هَمَزَاتِ الشَّيَاطِينِ وَأَنْ يَحْضُرُونِ (مسند احمد)[1]

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما پنهنجي پٽن کي اها دعا سيکاريندا هئا. جيڪي پار ننڍا هوندا هئا تن کي هيءَ دعا لکي تعويذ بنائي ڳچيءَ ۾ پڌندا هئا.

حسنين کريمين رضي الله عنهما لاءِ دعا:

حديث نمبر 665:

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته رسول کريم ﷺ حضرت امام حسن ۽ امام حسين رضي الله عنهما لاءِ هنن لفظن سان پناهه گهرندا هئا. ۽ فرمايائين ته توهان جو بابو حضرت ابراهيم خليل پنهنجي پٽن اسماعيل ۽ اسحاق عليهم السلام لاءِ به هنن لفظن سان پناهه گهرندو هيو.

أَعُوذُ بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّامَّةِ مِنْ كُلِّ شَيْطَانٍ وَهَامَّةٍ وَمِنْ كُلِّ عَيْنٍ لَامَّةٍ (كتاب العيال)[2]

حديث نمبر 666:

ام المؤمنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها فرمايو ته جڏهن کو انسان بيمار ٿي پوندو هيو ٿو ته نبي ﷺ بيمار کي پنهنجي ساڄي هٿ مبارڪ سان مسح ڪندي هي دعا پڙهندا هئا.

---

[1] حديث نمبر 664: مسند أحمد: مسند عبد الله بن عمرو بن العاص (ج 13 / ص 447۔ الرقم: 6409)
مصنف ابن أبي شيبة: باب من رخص في تعليق التعاويذ (ج 5 / ص 439)
الإبانة الكبرى لابن بطة باب ما جاءت به السنة عن النبي ﷺ (ج 5 / ص 102۔ الرقم: 2024)
معرفة الصحابة لأبي نعيم، الوليد بن الوليد بن المغيرة المخزومي (ج 19 / ص 67۔ الرقم: 5909)

[2] حديث نمبر 665: (ج 11 / ص 157۔ الرقم: 3120) سنن ابن ماجه باب ما عوذ به النبي ﷺ وما عوذ به (ج 10 / ص 358۔ الرقم: 3516)

Scanned by CamScanner

اذهب الباس رب الناس واشف انت الشافی بیدک الشفاءُ

لا کاشف له الا انت (بخاری، مسلم)

بخار لاءِ دعا :

حضرت امام محمد باقر رضی اللہ عنہ فرمايو تہ

بخار واري کي هي دعا لکي پڙهجي تہ انشاءالله فائدو ٿيندو.

يٰنَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَّ سَلٰمًا عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ وَ اَرَادُوْا بِهٖ كَيْدًا فَجَعَلْنٰهُمُ الْاَخْسَرِيْنَ

اَللّٰهُمَّ رَبَّ جِبْرِيْلَ وَمِيْكَائِيْلَ وَاِسْرَافِيْلَ اِشْفِ صَاحِبَ هٰذَا الْكِتَابِ (کتاب العیال)

بار جي حفاظت جي دعا:

بُري نظر کان، بيماري کان، جِنَ پوت کان، ڊڄ کان، بار جي حفاظت لاءِ هي دعا لکي بار کي ڳچيءَ ۾ پارايو:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ اعوذ بکلمات الله التامة من شر کل شیطان وهامة وعین لامة تحصنت بحصن الف الف لاحول ولاقوة الا بالله العلی العظیم صلی الله تعالیٰ علیٰ خیر خلقه سیدنا محمد و آله واصحابه اجمعین

بد نظري جو علاج :

ننڍي يا وڏي ماڻهو کي بد نظري کان بچڻ لاءِ هي دعا لکي ڳچيءَ ۾ پڌرڻ گهرجي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَ اِنْ يَّكَادُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَيُزْلِقُوْنَكَ بِاَبْصَارِهِمْ لَمَّا سَمِعُوا الذِّكْرَ وَيَقُوْلُوْنَ اِنَّهٗ لَمَجْنُوْنٌ وَ مَا هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ

آياتِ قرآني پياريڻ :

حضرت ابو قلابہ فرمائي ٿو تہ اگر کنهن شيءِ تي قرآني آيتون لکي کنهن کي پياريون وڃن تہ ان ۾ کوبہ حرج نہ آهي. (کتاب العیال)

Scanned by CamScanner

پار جي روئڻ جو علاج:

جيڪو پار ضد ڪري ٿو يا گھٽو روئي ٿو، گھپي ڪري ٿو تہ هي حروف لکي ان جي ڳچيءَ ۾ پڌو.

۷۸۶

ط ط ط ط ط ط ط ط ط ط ط ط ط ط ط

قدوس قدوس قدوس قدوس قدوس قدوس قدوس

وَصَلَّى اللهُ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلَّمَ

هر مرض جو علاج:

اگر پار يا پيو، مرد يا عورت بيمار هجي يا جنات جو اثر هجي يا جادو يا ڪاري علم جو اثر هجي يا ڪنهن کي جنسي قوت گھٽ هجي مطلب تہ هر مرض لاءِ هي علاج مجرب آهي. ڪنهن چينيءَ جي پليٽ تي هي آيتون لکي مريض کي صبح شام پياريو انشاء الله جلد شفايابُ ٿي ويندو. پھريائين سورة فاتحہ سڄي لکو. پوءِ هي آيتون لکو:

وَيَشْفِ صُدُوْرَ قَوْمٍ مُّؤْمِنِيْنَ. وَاِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِيْنِ. وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّ رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ. وَلَا يَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا. وَ شِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ. وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ. قُلْ هُوَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هُدًى وَّ شِفَآءٌ.

وَصَلَّى اللهُ عَلٰى خَيْرِ خَلْقِهٖ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلَّمَ۔

پارن جو راند روند ڪرڻ:

صحت ۽ تندرستي لاءِ پارن کي راند کيڈڻ کان نہ روڪڻ گھرجي. پڇڙ ڏکڻ پارن جي صحت لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو. حضرت ابراهيم نخعي رحمة الله عليہ پارن کي سپ راندين کيڈڻ جي اجازت ڏيندا هئا سواءِ ڪُتن پالڻ جي. اڇڪلھ پارن ۾ ويڊيو گيم يا اهڙيون گنديون راندیون جاري ٿيون آهن جن ۾ بجاءِ صحت جي رهندو پار جو ذهن دل دماغ پراگنده ۽ غليظ بنجي وڃي ٿو.

Scanned by CamScanner

پنهنجي ٻارن کي اهڙين راندين کان روکڻ گهرجي، وي سي آر يا ٽي وي اينٽينا جي فحش پروگرامن ڏسڻ جي ٻارن کي هرگز اجازت نه ڏيڻ گهرجي.

حديث نمبر 667 :

حضرت ابوهريره رضي الله عنه فرمايو ته حسنين کريمين راند کيڏي رهيا هئا ته حضور عليه السلام جن حضرت امام حسن رضي الله عنه کي فرمايو ته وڃ حسن، وڃ حسن. حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها عرض کيو ته يا رسول الله ﷺ توهان صرف حسن کي ئي ڇو چئي رهيا آهيو؟ پاڻ ﷺ فرمايائون ته جبرائيل عليه السلام به ته حُسين کي چئي رهيو آهي. وڃ حسين وڃ حسين. (کتاب العيال)[1]

حضرت يحيٰ غساني پنهنجي پٽن کي چوندو هيو ته ڇڙا غم نه کيو، خوش خوش رهو، خوشي ٻار کي جوان کندي آهي.

کبوتر بازي : راندين کيڏڻ جائز آهن پر اهڙي راند جنهن کان الله جي رسول ﷺ منع فرمايو آهي. ۽ راند لاءِ کجهه وقت مخصوص کرڻ گهرجي. ائين نه ته سارو ڏينهن راندين ۾ گذري وڃي. نه نماز جو خيال، نه وڏي ننڍي جو ادب ۽ حياءُ رکو راند جي ٻاڙ. ائين درست نه آهي.

کبوتر بازي اهڙي راند آهي جنهن کان محبوبن کريمن ﷺ منع فرمائي آهي. جيئن گهٽا نوجوان کبوتر پالينداآهن ۽ انهن کي ڏئونتائيندا آهن ۽ انهن تي شرطون رکندا آهن ائين کرڻ درست نه آهي.

حديث نمبر 668:

رسول الله ﷺ هڪ ماڻهو کي ڏٺو جيڪو کبوتريءَ جي پويان ڊوڙي رهيو هيو. پاڻ فرمايائون ته شيطان شيطانڙي جي پويان ڊوڙي رهيو آهي. (احمد، ابوداؤد)2

---

[1] حديث نمبر 667: مصنف ابن أبي شيبة (ج 7/ ص 514)

[2] حديث نمبر 668: سنن أبي داود بَاب فِي اللَّعِبِ بِالْحَمَامِ (ج 13/ ص 101۔ الرقم: 4289) سنن ابن ماجه بَاب اللَّعِبِ بِالْحَمَامِ (ج 11/ ص 199۔ الرقم: 3755) مسند أحمد:مسند ابي هريرة رضي الله عنه(ج 17/ ص 229۔ الرقم: 8187) السنن الكبرى للبيهقي (ج 10/ ص 19) مصنف عبد الرزاق (ج 11/ ص 3) شعب الإيمان للبيهقي (ج 14/ ص 53)

Scanned by CamScanner

شطرنج، چوپڙ، جُوا حرام آهي :

حديث نمبر 669:

حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ شطرنج عجمين جي جُوا آهي. حضرت ابو موسيٰ اشعري رضي الله عنه فرمايو تہ شطرنج کيڈندڙ گنهگار آهي. حضرت امام اعظم رضي الله عنه وٽ شطرنج کيڈڻ مطلق منع آهي. حضرت امام مالک رضي الله عنه فرمايو تہ جواري جي شاهدي قبول نہ آهي. سڀني نبي کريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ الله پاک روزانہ پنهنجي مخلوق تي ڇهہ سؤ ست (360) رحمت جون نظرون ڪندو آهي پر شطرنج کيڈڻ واري کي انهن مان ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو آهي. (الکبائر)1

گُڏين جي راند :

نندڙيون نياڻيون گُڏين سان راند کيڈنديون آهن اها راند شرعاً منع نہ آهي.

حديث نمبر 670:

جڏهن حضور نبي کريم صلى الله عليه وسلم بيبي عائشہ رضي الله عنها سان نڪاح ڪيو تہ ان وقت بيبي جي عمر ست سال هئي ۽ شادي ٿي تہ سندس عمر نَوَ سال هئي. بي بي سائڙ پنهنجا راندیڪا بہ ساڻ ڪڻي آئي هئي. جڏهن محبوبن دنيا تان پردو فرمايو تہ ان وقت بيبي سائڙ جي عمر ارڙهن سال هئي. (مسلم)2

حديث نمبر 671 :

حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو تہ هڪ ڏينهن مان گُڏين سان راند کيڈي رهي هيس تہ مٿان حضرت نبي کريم صلى الله عليه وسلم جن آيا، پاڻ فرمايائون عائشہ هي ڇا آهي؟ مون ڇيو هي سليمان بن دائود جو گهوڙو آهي. اهو ڏسي پاڻ مسڪرايائون. (کتاب العيال)3

---

[1] حديث نمبر 669: الكبائر للذهبي: الكبائر فصل في النرد والشطرنج (ج 1/ص 31)

[2] حديث نمبر 670: صحيح مسلم بَاب تَزْوِيجِ الْأَبِ الْبِكْرَ الصَّغِيرَةَ (ج 7/ص 246۔الرقم: 2549)
السنن الكبرى للنسائي (ج 3/ص 333۔الرقم: 5570)

[3] حديث نمبر 671: صحيح ابن حبان باب اللعب واللهو (ج 24/ص 263۔الرقم: 5960)
سنن أبي داود، بَاب فِي اللَّعِبِ بِالْبَنَاتِ (ج 13/ص 93۔الرقم: 4284)

Scanned by CamScanner

پارن لاءِ شرعي احڪام :

سنڌي ۾ چوٽيون آهن ته :

- پار تي ميار ناهي، پار جي دل ۾ نه ڪجي.
- پاراٽي پوتي ڪنهن نه ڏوتي، جي ڏوتي ته به ڏوتي نه ڏوتي.
- پار بادشاهه آهي.

اهڙي قسم جا مثال ۽ پهاڪا مشهور آهن. اسلام پارن جي باري ۾ ڇا ٿو فرمائي؟

حديث نمبر 672:

حضرت حبيب الله ﷺ فرمايو ته :

عَنْ الْمَجْنُونِ الْمَغْلُوبِ عَلَى عَقْلِهِ

رُفِعَ الْقَلَمُ عَنْ ثَلَاثَةٍ عَنْ الصَّبِيِّ حَتَّى يَحْتَلِمَ وَعَنْ الْمَعْتُوهِ حَتَّى يُفِيقَ وَعَنْ النَّائِمِ حَتَّى يَسْتَيْقِظَ (بيهقي)[1]

ٽن کان قلم کنيو ويو آهي:

1) چريي کان جنهن جو عقل ويندو رهندو هجي جيستائين هوش ۾ نه اچي.
2) ننڊ واري کان جيستائين سجاڳ نه ٿئي.
3) پارن کان جيستائين بالغ نه ٿئي.

ابن ابي ليلي فرمائيندو هيو ته :

- ✓ پار جا 7 سالن جي عمر ۾ ڏند پڄي وڃن ٿا.
- ✓ 14 سالن ۾ احتلام وارو ٿئي ٿو.
- ✓ 21 سالن ۾ ان جو قد ڏگهو ٿي دنگ ڪري ٿو.

---

[1] حديث نمبر 672: شعب الإيمان للبيهقي باب القول فيمن يصح إيمانه أو لا يصح (ج 1 / ص 98۔ الرقم: 85)
سنن أبي داود بَاب فِي الْمَجْنُونِ يَسْرِقُ أَوْ يُصِيبُ حَدًّا (ج 11 / ص 479۔ الرقم: 3823)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِيمَنْ لَا يَجِبُ عَلَيْهِ الْحَدُّ (ج 5 / ص 320۔ الرقم: 1343)
سنن ابن ماجه بَاب طَلَاقِ الْمَعْتُوهِ وَالصَّغِيرِ وَالنَّائِمِ (ج 6 / ص 212۔ الرقم: 2031)

Scanned by CamScanner

✓ 28سالن ۾ ان جو عقل وڌي دنگ ڪري ٿو.

✓ ان کان پوءِ عقل نہ ٿو وڌي مگر تجربي سان.

عمر جو ليکو :

دانائن جو چوڻ آهي تہ انسان جي جيئن جيئن عمر وڌي ٿي تيئن ان جي سوچ فڪر ۾ ب تبديلي ايندي رهي ٿي. چوندا آهن تہ :

عمر ٽيندي ڏهہ ********* تہ چڙهندي هيانوَ تي وَهہ.

عمر ٽيندي ويہہ ********* تہ تکيندو پرائي ڏيءَ.

عمر ٽيندي ٽيہہ ********* تہ جوپن جُسي جيءُ.

عمر ٽيندي چاليہہ ********* تہ بنجي پوندو شينهن.

عمر ٽيندي پنجاهہ ********* تہ کٽندو ٽڏا ساهہ.

عمر ٽيندي ست ********* تہ کٽندو هٿ ۾ لٺ.

عمر ٽيندي ستر ********* تہ پوندي عقل ۾ ڪتر.

عمر ٽيندي اسي ********* تہ مت ٽيندي ڪسي.

عمر ٽيندي نوي ********* تہ جڙ ڪانگ پيو لنوي.

عمر ٽيندي سؤ ********* تہ نڪو سڃڻ کي آسرو نہ ڪو دشمن کي پَؤُ.

حضور ﷺ فرمايو تہ :

حديث نمبر 673 :

مُرُوا أَوْلَادَكُمْ بِالصَّلَاةِ وَهُمْ أَبْنَاءُ سَبْعِ سِنِينَ وَاضْرِبُوهُمْ عَلَيْهَا وَهُمْ أَبْنَاءُ عَشْرٍ وَفَرِّقُوا بَيْنَهُمْ فِي الْمَضَاجِعِ (ابوداؤد)[1]

پنهنجي پٽن کي ستن سالن جي عمر ۾ نماز جو حڪم ڪيو، ڏهن سالن جا ٿين تہ نماز نہ پڙهڻ تي سزا ڏيو ۽ (ڏهن سالن جي عمر ۾) انهن جا بسترا جدا ڪيو.

---

[1] حديث نمبر 673: سنن أبي داود (ج 2/ ص 88۔ الرقم: 418) مصنف ابن أبي شيبة (ج 1/ ص 382) المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب الصلاة (ج 2/ ص 212۔ الرقم: 666) شعب الإيمان للبيهقي (ج 18/ ص 167۔ الرقم: 8398)

Scanned by CamScanner

هن حديث پاڪ ۾ تن ڳالهين جو حڪم آهي. پار ستن سالن جو ٿئي تہ ان کي مِٺ محبت سان نماز پڙهڻ لاءِ راغب ڪجي پر جڏهن ڏهن سالن جو ٿي وڃي ۽ اڃا نہ نماز نہ پڙهي تہ ان کي مار ڪيي نہ نماز پڙهائجي. ٽين ڳالهہ هي تہ ڏهن سالن جي پار جو بسترو جدا ڪجي.

پارن کي پردو ڪڏهن؟

حديث نمبر 674 :

حضرت انس رضی اللہ عنہ فرمايو تہ جنهن رات مون کي تڙ پيو صبح جو اها ڳالهہ مون نبي ڪريم ﷺ سان اچي ڪئي. پاڻ فرمايائون "هاڻي تون (گهر ۾) عورتن اڳيان نہ ويندو ڪر." جڏهن محبوبن ائين فرمايو ان کان وڌيڪ ڏکيو ڏينهن مون نہ ڏٺو. (طبرانی) 1

حضرت انس رضی اللہ عنہ ننڍپڻ ۾ ئي حضور ﷺ جي گهر ويندڙ هيو. جڏهن حضور ﷺ کيس منع فرمائي تہ اها ڳالهہ سندس واسطي انتهائي اذيت ناڪ هئي. محبوبن ﷺ پاڻ اِهو مسئلو واضح فرمايائون تہ پار جڏهن بالغ ٿئي تہ اهو نامحرم عورتن جي سامهون نہ وڃي.

پارن جون نيڪايون :

اسلام جا احڪام بالغ تي لاڳو ٿين ٿا. پارڙو جيڪڏهن ننڍو آهي تہ نہ ان تي نماز فرض آ، نہ حج فرض آ، نہ روزو فرض. ننڍپڻ ۾ پارن کي نماز جو حڪم ان لاءِ ڏنو ويندو آهي تہ جيئن انهن کي نماز جي عادت پوي. باقي ننڍڙا پار جيڪو عمل صالح ڪن ٿا، انهن جي نيڪين جو اجر سندن پيءُ ماءُ کي ڏنو وڃي ٿو.

حديث نمبر 675 :

حضرت جابر بن عبدالله رضی اللہ عنہ فرمايو تہ هڪ عورت وٽ ننڍڙو پار هيو جنهن کي هوءَ ڏولي ۾ ڪٽيو پئي هلي. جڏهن نبي ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ آئي پاڪ پيغمبر جي خدمت پاڪ ۾ عرض ڪيائين تہ:

---

1 حديث نمبر 674: المعجم الأوسط للطبراني من اسمه إسماعيل (ج 7/ص 42۔ الرقم: 3085)
المعجم الصغير للطبراني باب من اسمه إسماعيل (ج 1/ص 265۔ الرقم: 260)

Scanned by CamScanner

يَا رَسُولَ اللّٰهِ أَلِهَذَا حَجٌّ قَالَ نَعَمْ وَلَكِ أَجْرٌ (مسلم، ابوداؤد)[1]

يا رسول الله ڇا هن پار جو حج ٿي ويندو؟ پاڻ فرمايائون ها ٿي ويندوءِ اجر و ثواب تولاءِ ٿيندو.

پار جو ملڪيت ۾ حصو:

پيءُ جي ملڪيت ۾ جيترو حصو جوان پٽ جو آهي اوترو ئي حصو ڪالهه ڇاول صغير پٽ جو به آهي. ان طرح جهڙي طرح جوان نياڻيءَ جو حصو آهي اوترو ئي ننڍڙي معصوم نياڻي جو به حصو آهي.

حديث نمبر 676 :

عَنْ جَابِرٍ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ إِذَا اسْتَهَلَّ الصَّبِيُّ صُلِّيَ عَلَيْهِ وَوَرِثَ

(ابن ماجه، مستدرک حاکم)[2]

حضرت جابر رضي الله عنه روايت ڪئي ته رسول الله ﷺ فرمايو جنهن وقت نئين ڇاول پار رڙ ڪئي ته ان تي نماز پڙهائي ويندي ۽ وارث ٿيندو.

يعني پار ڇائوءِ ڇمڻ وقت رڙ دانهن ڪيائين ان ۾ زندگي جا آثار لڌا ويا ته اهو ملڪيت ۾ برابر حصيدار ٿي وڃي ٿو. حضرت امام بغوي ته ائين به فرمايو آهي ته جيڪڏهن مڙس جي انتقال جي وقت گهر واري اميد سان هيس ۽ پار ڇائو ڇمڻ وقت زنده رهيو ته اهو به وارث ٿي ويو. پر جيڪڏهن مئل ڇائو ته اهو حصيدار نه ٿيندو.

---

[1] حديث نمبر 675: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي حَجِّ الصَّبِيِّ (ج 3/ص 497۔ الرقم: 847)
صحيح مسلم بَاب صِحَّةِ حَجِّ الصَّبِيِّ وَأَجْرِ مَنْ حَجَّ بِهِ، عن ابن عباس (ج 7/ص 39۔ الرقم: 2378)
سنن أبي داود بَاب فِي الصَّبِيِّ يَحُجُّ (ج 5/ص 56۔ الرقم: 1475)
موطأ مالك بَاب جَامِعِ الْحَجِّ (ج 3/ص 296۔ الرقم: 839)
سنن النسائي باب الْحَجِّ بِالصَّغِيرِ (ج 8/ص 471۔ الرقم: 2597)

[2] حديث نمبر 676: سنن ابن ماجه بَاب إِذَا اسْتَهَلَّ الْمَوْلُودُ وَرِثَ (ج 8/ص 242۔ الرقم: 2740)
سنن أبي داود بَاب فِي الْمَوْلُودِ يَسْتَهِلُّ ثُمَّ يَمُوتُ، عن ابي هريرة (ج 8/ص 132، الرقم: 2531)
المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب الجنائز (ج 3/ص 371۔ الرقم: 1292)
صحيح ابن حبان (ج 25/ص 111)
السنن الكبرى للبيهقي (ج 6/ص 257)

Scanned by CamScanner

جيڪڏهن پارڙو جائو ان ۾ زندگيءَ جي ڪابه علامت ڏٺي وئي جيئن ساهه کڻڻ، چُرڻ، اوپاسي ڏيڻ کنگهڻ ته اهو به ملڪيت ۾ حصيدار ٿيندو. اهو حضرت سفيان ثوري، اوزاعي، شافعيءِ امام ابو حنيفہ رضوان الله عليهم جو مذهب آهي. (كتاب العيال جلد دوم)

پار کي گهنگهرو پڌڻ:

ڏٺو ويو آهي ته ننڍڙن پارن جي پيرن ۾ گهنگهرو يا جهنڪار وغيره پڌندا آهن، خاص ڪري جڏهن کو پارڙو هلڻ شروع ڪندو آهي. ائين ڪرڻ جائز نه آهي.

حديث نمبر 677:

حضرت علي بن سهل بن زبير رضي الله عنه فرمايو ته زبير جي نياڻي حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي خدمت ۾ آندي وئي، ان جي پيرن ۾ گهنگهرو پڌل هئا. حضرت عمر رضي الله عنه اُهي ٽوڙائي ڇڏيا. فرمايائين ته مون رسول الله ﷺ جن کان پڌو پاڻ فرمايائون:

إِنَّ مَعَ كُلِّ جَرَسٍ شَيْطَانًا (ابوداؤد)[1]

هر هڪ گهنٽي سان گڏ شيطان هوندو آهي.

رڍن، پکرين، ڏاندن، اٺن، گهوڙن کي به گهنٽيون ٽليون، چڙا وغيره پڌڻ نه گهرجن. بهتر آ ته گهر جي دروازي وغيره تي به گهنٽي نه لڳائجي چو ته حضور ﷺ فرمائن ٿا ته هر هڪ گهنٽيءَ سان گڏ شيطان هوندو آهي.

---

[1] حديث نمبر 677: سنن أبي داود بَاب مَا جَاءَ فِي الْجَلَاجِلِ ج 11/ص 302۔ الرقم: 3694)
تحفة الأشراف ج 9/ص 487۔ الرقم: 10681)
كنز العمال ج 6/ص 720۔ الرقم: 17562)

Scanned by CamScanner

باب ڇهون

اولاد جو مري وڃڻ

پڇڙا الله جي نعمت ۽ فضل آهن، دل ۽ روح جي تسڪين آهن. پيءُ ماءُ جي دل ۾ الله پاڪ اولاد لاءِ فطري محبت ۽ الفت رکائي ڇڏي آهي. پڇڙي جو گهڙي پلڪ لاءِ اکين کان اوجهل ٿيڻ پيءُ ماءُ کي ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي.

ننڍڙي عمر ۾ پڇڙن جو فوت ٿي وڃڻ ماءُ پيءُ لاءِ وڏي آزمائش آهي. ان صدمي جي وقت صبر ڪرڻ، پڇڙي جي رحلت وقت رب جي رضا تي راضي رهڻ واري لاءِ الله پاڪ وٽ وڏو اجر ۽ انعام آهي.

حديث نمبر 678 :

مَا مِنْ مُسْلِمٍ يَمُوتُ لَهُ ثَلَاثَةٌ مِنَ الْوَلَدِ لَمْ يَبْلُغُوا الْحِنْثَ إِلَّا تَلَقَّوْهُ مِنْ أَبْوَابِ الْجَنَّةِ الثَّمَانِيَةِ مِنْ أَيِّهَا شَاءَ دَخَلَ (ابن ماجه)[1]

جنهن مسلمان جا ٽي نابالغ ٻار فوت ٿي وڃن اُهي جنت جي اٺن دروازن ٿي ان کي ملندا جنهن مان چاهي جنت ۾ داخل ٿئي.

حديث نمبر 679:

حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته جيڪو ماڻهو ٿي نا بالغ اڳتي موڪلي (جنهن جا ٽي نا بالغ ٻار فوت ٿي وڃن) اُهي ان لاءِ دوزخ ۾ باهه کان بچاءُ جو قلعو هوندا. حضرت ابوذر رضي الله عنه عرض ڪيو ته مون ٻه ٻار موڪليا آهن (ٻه ٻار فوت ٿيا آهن).

---

[1] حديث نمبر 678: سنن ابن ماجه بَاب مَا جَاءَ فِي ثَوَابِ مَنْ أُصِيبَ بِوَلَدِهِ (ج 5/ ص 88۔ الرقم: 1593)
واخرجه البخاري في الصحيح بلفظ: مَا مِنَ النَّاسِ مُسْلِمٌ يَمُوتُ لَهُ ثَلَاثَةٌ مِنَ الْوَلَدِ لَمْ يَبْلُغُوا الْحِنْثَ إِلَّا أَدْخَلَهُ اللَّهُ الْجَنَّةَ بِفَضْلِ رَحْمَتِهِ إِيَّاهُمْ. صحيح البخاري بَاب مَا قِيلَ فِي أَوْلَادِ الْمُسْلِمِينَ. الخ (ج 5/ ص 177۔ الرقم: 1292)
مسند أحمد: مسند انس بن مالک رضي الله عنه (ج 25/ ص 123۔ الرقم: 12077) كنز العمال (ج 3/ ص 282۔ الرقم: 6560)

Scanned by CamScanner

پاڻ فرمايائون ته ٻه ٻ ان لاءِ دوزخ جي باهه کان بچاءُ جو قلعو هوندا. حضرت اُبي بن کعب جيڪو قراء جو سردار هيو ان عرض ڪيو ته منهنجو هڪ ٻار فوت ٿيو آهي. پاڻ فرمايائون هڪ ٻار ٻ جهنم جي باهه کان بچاءُ جو قلعو هوندو. (ابن ماجه)[1]

حديث نمبر 680:

هڪ عورت ننڍڙو ٻار رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ کڻي آئي. عرض ڪيائين اي الله جا نبي الله کان (هن ٻار جي حق ۾) دعا فرمايو. (الله هن کي وڏي ڄمار ڏئي ڇو ته) آءٌ ٽي ٻار دفن ڪري چڪي آهيان. (يعني منهنجا ٽي ٻارڙا فوت ٿي ويا آهن). پاڻ فرمايائون ڇا واقعي تنهنجا ٽي ٻار فوت ٿي ويا آهن؟ عرض ڪيائين هائو. پاڻ فرمايائون بي شڪ تو جهنم جي باهه کان مضبوط ديوار بيهاري ڇڏي آهي. (مسلم)[2]

اولاد جگر جو ٽڪر آهي:

پيءُ ماءُ جي دل ۾ الله پاڪ اولاد لاءِ فطري محبت الفت رکائي ڇڏي آهي. انهن کي بنا کنڊ ۾ مصريءَ جي ٻ منو ٻنائي ڇڏيو آهي.

حضرت زُهري رحمة الله عليه جي سامهون سندس پٽ راند ڪيڏي رهيو هيو ته پاڻ فرمايائين منهنجو جگر آهي جيڪو زمين تي هلي رهيو آهي.

حضرت ابوهريره رضي الله عنه هڪ شخص کي ڏٺو ته پٽ کي ڪلهي تي کنيون پي ويو. پاڻ فرمايائون ته:

---

[1] حديث نمبر 679: قَالَ رَسُولُ اللهِ ﷺ مَنْ قَدَّمَ ثَلَاثَةً مِنَ الْوَلَدِ لَمْ يَبْلُغُوا الْحِنْثَ كَانُوا لَهُ حِصْنًا حَصِينًا مِنَ النَّارِ فَقَالَ أَبُو ذَرٍّ قَدَّمْتُ اثْنَيْنِ قَالَ وَاثْنَيْنِ فَقَالَ أُبَيُّ بْنُ كَعْبٍ سَيِّدُ الْقُرَّاءِ قَدَّمْتُ وَاحِدًا قَالَ وَوَاحِدًا.

سنن ابن ماجه بَاب مَا جَاءَ فِي ثَوَابِ مَنْ أُصِيبَ بِوَلَدِهِ (ج 5/ ص 90۔ الرقم: 1595)

سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي ثَوَابِ مَنْ قَدَّمَ وَلَدًا (ج 4/ ص 221۔ الرقم: 981)

مسند أحمد: مسند عبدالله بن مسعود (ج 7/ ص 408۔ الرقم: 3373)

المعجم الأوسط للطبراني (ج 17/ ص 170)

[2] حديث نمبر 680: أَتَتْ امْرَأَةٌ النَّبِيَّ ﷺ بِصَبِيٍّ لَهَا فَقَالَتْ يَا نَبِيَّ اللهِ ادْعُ اللهَ لَهُ فَلَقَدْ دَفَنْتُ ثَلَاثَةً قَالَ دَفَنْتِ ثَلَاثَةً قَالَتْ نَعَمْ قَالَ لَقَدْ احْتَظَرْتِ بِحِظَارٍ شَدِيدٍ مِنَ النَّارِ.

صحيح مسلم بَاب فَضْلِ مَنْ يَمُوتُ لَهُ وَلَدٌ فَيَحْتَسِبَهُ (ج 13/ ص 83۔ الرقم: 4770)

Scanned by CamScanner

اَمَّا اِنَّهُ اِنْ عَاشَ اَفْتَنَكَ وَاِنْ مَاتَ اَحْزَنَكَ

اهو پُٽ جي جيرو رهيو تہ تو کي آزمائش ۾ وجهندو جي مري ويو تہ تو کي ڏک ۾ وجهندو.

سَتَين ماڻي سوپ :

هڪ نياڻي جواني جي حد پهتي ان جي شادي نہ ٿي سگهي پنهنجي ڪنوارپ ست ۽ سيل سنياليائين، غير کي اک کڻي نہ نهاريائين، ڪنهن مرد سان لڳ نہ لاتائين ان حال ۾ مري وئي تہ اها جنتي آهي. حديث پاڪ ۾ آهي تہ :

حديث نمبر 681:

أَيُّمَا اِمْرَأَةٌ مَاتَتْ جُمْعًا لَمْ تَطْمَثْ دَخَلَتِ الْجَنَّةَ (ابوداؤد، مستدرک حاڪم) [1]

حضرت حڪم رحمة الله عليه فرمايو تہ ان مان مراد آهي اها ڪنواري ڇوڪري جنهن کي ڪنهن مرد هٿ ئي نہ لاتو هجي، ان حال ۾ مري وئي تہ اها جنت ۾ داخل ٿي وئي.

فوت ٿيل ٻچڑا :

حديث نمبر 682:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ مسلمانن جا ٻار جنت جي هڪ جبل ۾ آهن جتي حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ بي بي ساره رضي الله عنها سندن پرورش ڪري رهيا آهن. جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو تہ اُهي ٻارڙا سندن پيئرن کي واپس ڏنا ويندا.

(مستدرک حاڪم) [2]

حديث نمبر 683:

مشرڪن جا جيڪي ٻار ننڍپڻ ۾ مري ويا، اُهي جنتين جا خدمتگار هوندا. (طبراني اوسط) [3]

---

[1] حديث نمبر 681: معرفة الصحابة لأبي نعيم باب الغين، غطيف بن أبي سفيان (ج 16 / ص 145 ـ الرقم: 5068)

[2] حديث نمبر 682: قال رسول الله ﷺ أولاد المؤمنين في جبل في الجنة يكفلهم إبراهيم وسارة حتى يردهم إلى آبائهم يوم القيامة. المستدرك على الصحيحين للحاكم، كتاب الجنائز (ج 3 / ص 447 ـ الرقم: 1368)

[3] حديث نمبر 683: عن سمرة بن جندب عن النبي ﷺ قال أولاد المشركين خدم أهل الجنة. المعجم الأوسط للطبراني من اسمه أحمد (ج 5 / ص 79 ـ الرقم: 2120) شعب الإيمان للبيهقي باب القول فيمن يكون مؤمنا بإيمان غيره (ج 1 / ص 96 ـ الرقم: 84) مصنف عبد الرزاق (ج 11 / ص 117 ـ الرقم: 20079)

Scanned by CamScanner

کريل پار جو بيان :

ماءُ جي پيٽ ۾ پار ٿوَ يا ڏهه مهينا رهندو آهي. کڏهن کڏهن پارڙو پورن مهينن کان اڳ بہ خارج ٿي پوندو آهي، ان کي ڪچو يا ڪريل پار چوندا آهن. حضرت امام اعظم ابو حنيفہ رحمة الله عليہ جو مذهب آهي تہ ڪريل پار جيڪڏهن زنده هيو، رڙ ڪيائين، رُنو يا ان ۾ زندگي جا آثار نظر آيا تہ ان تي جنازي جي نماز پڙهي ويندي.

حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليہ جيڪو حنبلي مذهب جو امام آهي ان فرمايو تہ جيڪڏهن پار ڇهن مهينن جو ڪِري پوي تہ ان تي جنازي جي نماز بہ پڙهوءِ ان جو نالو بہ رکو.

حضرت قتاده رضي الله عنه جي گهرواريءَ جو پار ڪري پيو ان جو نالو رکيائين. حضرت ابوهريره رضي الله عنه جو ننڍيرو پارڙو فوت ٿي ويو ان جي جنازي جي نماز پڙهيائين.

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان ننڍڙن پارن تي جنازي نماز پڙهڻ بابت پڇيائون تہ پڙهڻ گهرجي يا نہ؟ پاڻ فرمايائون تہ جنهن کو گناهہ نہ ڪيو هجي، ان تي جنازي جي نماز پڙهڻ مون کي وڻي ٿي.

حديث نمبر 684:

حضرت علي المرتضيٰ حيدر ڪرار رضي الله عنه چيو تہ حضرت نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن فرمايو:

إِنَّ السِّقْطَ لَيُرَاغِمُ رَبَّهُ إِذَا أَدْخَلَ أَبَوَيْهِ النَّارَ فَيُقَالُ أَيُّهَا السِّقْطُ الْمُرَاغِمُ رَبَّهُ أَدْخِلْ أَبَوَيْكَ الْجَنَّةَ فَيَجُرُّهُمَا بِسَرَرِهِ حَتَّى يُدْخِلَهُمَا الْجَنَّةَ (ابن ماجه)[1]

بيشڪ ڪچو ڪريل پار پنهنجي رب سان (روز محشر) (حجت) جهيڙو ڪندو. جڏهن ان جي پيءُ ماءُ کي جهنم ۾ داخل ڪيو ويندو، الله تعاليٰ فرمائيندو اي ڪريل پار رب سان جهيڙو ڪرڻ وارا پنهنجي پيءُ ماءُ کي جنت ۾ داخل ڪر.

---

[1] حديث نمبر 684: سنن ابن ماجه بَاب مَا جَاءَ فِيمَنْ أُصِيبَ بِسِقْطٍ (ج 5/ص 93۔الرقم: 1597)
مسند أبي يعلى الموصلي: مسند علي بن أبي طالب رضي الله عنه (ج 1/ص 451۔الرقم: 447)
مصنف ابن أبي شيبة، في ثواب الولد يقدمه الرجل (ج 3/ص 233)

Scanned by CamScanner

تہ اُهو پُٽ پنهنجي پيءُ ماءُ جي ڪپڙن کان وٺي جنت ۾ داخل ڪندو.

ننڍڙو ٻچڙو پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ حجت ڪندو ۽ سفارش ڪري پيءُ ماءُ کي جنت ۾ وٺي ويندو.

حديث نمبر 685:

لَسِقْطٌ أُقَدِّمُهُ بَيْنَ يَدَيَّ أَحَبُّ إِلَيَّ مِنْ فَارِسٍ أُخَلِّفُهُ خَلْفِي (ابن ماجه)[1]

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ ڪريل ٻار اڳتي موڪلڻ مون لاءِ اں کان وڌيڪ آهي جو پنهنجي پويان گهوڙي سوار ڇڏي وڃان.

يعني جيڪڏهن ٻار ڪچو ڪري پوي ان تي صبر ڪجي ۽ ثواب جي نيت رکجي تہ ان جو اجر ۽ انعام پنهنجي پويان الله جي راهہ ۾ گهوڙي سوار پٺ ڇڏي وڃڻ کان بہ وڌيڪ آهي.

---

[1] حديث نمبر 685: سنن ابن ماجه بَاب مَا جَاءَ فِيمَنْ أُصِيبَ بِسِقْطٍ (ج 5/ص 92۔الرقم: 1596)
مصنف ابن أبي شيبة. في ثواب الولد يقدمه الرجل (ج 3/ص 234)

Scanned by CamScanner

باب ستون

ٻارن ۾ انصاف ڪرڻ

جنهن کي الله تعالي گهٽا پٽ ۽ نياڻيون ڏئي تہ ان کي لازم آهي تہ سڀني ٻڇڙن سان هڪ جهڙو سلوڪ ڪري. هر هڪ سان هڪ جهڙو پيار ۽ محبت رکي. ملڪيت ورهائي تہ هر هڪ کي هڪ جيترو حصو ڏئي، کا شيءِ ورهائي تہ هر هڪ کي برابر پاڳو ڏئي.

ڏنو ويو آهي تہ اڪثر ماڻهو جڏهن پي شادي ڪن ٿا تہ پهرئين زال انهن کي نہ ٿي وڻي ان مان جو اولاد ٿيو ان تان بہ آرو ڪٽي وڃن ٿا. اها بہ اڪيائي هرگز درست نہ آهي.

حديث نمبر 686 :

قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ اعْدِلُوا بَيْنَ أَوْلَادِكُمْ اعْدِلُوا بَيْنَ أَبْنَائِكُمْ (ابوداؤد، نسائي)[1]

رسول الله ﷺ فرمايو تہ پنهنجي اولاد جي وچ ۾ عدل ڪيو، پنهنجي پٽن جي وچ ۾ عدل ڪيو.

اولاد جي وچ ۾ راشا کاشا ڪرڻ، هڪ کي وڌيڪ نوازڻ ٻئي ڏانهن نہ نهارڻ اهو ظلم آهي. الله ۽ ان جي رسول ﷺ ان ظلم کان منع فرمائي آهي. سلف صالحين جي عادت هئي تہ اولاد کي چمي ڏيڻ ۾ بہ عدل ڪندا هئا. هر هڪ پٽ کي هڪ جيتريون چميون ڏيندا هئا.

قيامت واري ڏينهن پٽ کان پيءُ جي باري ۾ پوءِ پڇيو ويندو اول پيءُ کان پٽ جي باري ۾ پڇاڻو ٿيندو تہ تو ان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو. اولاد جا بہ حق ادا ڪيئي يا نہ؟ اولاد تي جيڪڏهن پيءُ ماءُ جا حق آهن تہ پيءُ ماءُ تي اولاد جا بہ حق آهن.

وَلَا تَقْتُلُوٓا اَوْلَادَكُمْ خَشْيَةَ اِمْلَاقٍ ۚ (الاسراء:31)

---

[1] حديث نمبر 686: سنن أبي داود بَاب فِي الرَّجُلِ يُفَضِّلُ بَعْضَ وَلَدِهِ فِي النُّحْلِ ج 9/ ص 428. الرقم: 3077)
سنن النسائي كِتَاب النُّحْلِ. ذِكْرُ اخْتِلَافِ أَلْفَاظِ النَّاقِلِينَ ج 11/ ص 466. الرقم: 3627)
مسند أحمد: حديث النعمان بن بشير ج 37/ ص 376. الرقم: 17695)
السنن الكبرى للبيهقي ج 6/ ص 177)

Scanned by CamScanner

۽ پنهنجي اولادن کي مسڪيني جي ڊپ کان قتل نه ڪيو.

حديث نمبر 687 :

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي مجلس جاري هئي پاڻ گفتگو فرمائي رهيا هئا ته اوچتو هڪ ٻارڙو آيو، ماڻهن مان ڳولينديِ پنهنجي پيءُ وٽ پهتو. پيءُ ٻارڙي جي مٿي تي شفقت جا هٿ ڦيرايا. ان کي ساڄي ران تي ويهاريائين. وري دير گذري ته سندس نياڻي آئي ان جي مٿي تي شفقت جو هٿ ڦيرائي ان کي زمين تي ويهاريائين ته.پاڻ ﷺ فرمايائون ته "تو انهن پنهين جي وچ ۾ انصاف نه ڪيو." (بيهقي، البزار) 1

پوءِ هڪ روايت ۾ ائين به آيو آهي ته ان شخص پوءِ پنهنجي نياڻيءَ کي پنهنجي پي



حديث نمبر 688:

حضرت بشير رضی اللہ عنہ جي گهرواري ڪيس چيو ته پنهنجو غلام منهنجي پٽ کي ڏي ۽ جو شاهد رسول الله ﷺ کي بناءِ. جڏهن حضرت بشير رضی اللہ عنہ حضور ﷺ جي حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته يا رسول الله منهنجي گهرواريءَ چيو آهي ته مان غلام پنهنجي پٽ کي ڏيان ۽ توهان کي شاهد ڪيان. پاڻ فرمايائون ڇا ان کي پ آهن؟ چيائين هائو. پاڻ فرمايائون ڇا تون سڀني کي غلام ڏين ٿو؟ چيائين فرمايائون اهو درست نه آهي، مان حق ڪان سواءِ بي ڳالهه تي شاهد نه ٿيندو (مسلم) 2

---

1 حديث نمبر 687: عن أنس أن رجلا كان جالسا مع النبي ﷺ فجاء بني له فأخذه فقبله وأجلسه في حجره ثم ج فأخذها وأجلسها إلى جنبه فقال النبي ﷺ فما عدلت بينهما۔
شعب الإيمان للبيهقي باب في حقوق الأولاد والأهلين ج 18 / ص 212۔الرقم: 8443)
فوائد تمام ج 4 / ص 4۔الرقم: 1502)

2 حديث نمبر 688: صحيح مسلم بَاب كَرَاهَةِ تَفْضِيلِ بَعْضِ الْأَوْلَادِ فِي الْهِبَةِ ج 8 / ص 371۔الرقم: 3056)
سنن النسائي ذِكْرُ اخْتِلَافِ أَلْفَاظِ النَّاقِلِينَ ج 11 / ص 460۔الرقم: 3621)
السنن الكبرى للبيهقي ج 6 / ص 176)
صحيح ابن حبان ج 21 / ص 247) مسند عبد الله بن المبارك ج 1 / ص 205)

Scanned by CamScanner

مسند احمد جي روايت ۾ آهي ته پاڻ فرمايائون مون کي ظلم واري ڳالهه تي شاهد نه بناءِ. تنهنجي سيني پٽن جو تو هڪ جيترو حق آهي، سيني سان هڪ جهڙو سلوڪ ڪر. (مسند احمد) [1]

هن اصحابي سڳوري پنهنجي زال جي چوڻ تي پنهنجي هڪ پٽ کي غلام ڏيڻ تي حضور ﷺ کي شاهد پي ڪرڻ چاهيو پر پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو ته اگر پيا پٽ به اٿئي ته سيني کي غلام ڏي. هڪ کي ڏين ۽ پين کي محروم رکين ته اهو ظلم آهي. اهڙي ظلم واري فيصلي تي پاڻ شاهد ٿيڻ گوارا نه ڪيائون.

ابرار ڪير آهن؟

ابرار نيڪوڪار جن کي الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ واکاڻيو آهي. حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما فرمايو ته ابرار اُهي آهن:

أَنَّهُمْ بَرُّوا الْآبَاءَ وَالْأَبْنَاءَ كَمَا أَنَّ لِوَالِدِكَ عَلَيْكَ حَقًّا كَذَلِكَ لِوَلَدِكَ عَلَيْكَ حَقًّا (كتاب العيال) [2]

ابرار اُهي آهن جيڪي پيئرن سان به نيڪي ڪن ته پٽن سان به نيڪي ڪن جو ته جهڙي طرح توهان تي والدين جو حق آهي، تهڙي طرح توهان تي اولاد جو به حق آهي.

حديث نمبر 689 :

أَكْرِمُوا أَوْلَادَكُمْ وَأَحْسِنُوا أَدَبَهُمْ (ابن ماجه) [3]

پنهنجي اولاد جي عزت ڪيو ۽ انهن کي سٺا ادب سيکاريو.

اولاد لاءِ ملڪيت ناهڻ :

جيڪڏهن ڪنهن کي الله پاڪ ڪشادو رزق ڏئي ته ڪنهن سان ظلم ڪرڻ يا ڪنهن جو حق ڦٻائڻ بغير اولاد لاءِ ڪجهه ملڪيت، دڪان، مڪان يا زمين ناهڻ ۾ ڪو حرج ناهي. پر

---

[1] حديث: مسند أحمد: حديث النعمان بن بشير (ج 37/ ص 321. الرقم: 17640)

[2] حديث: تفسير ابن أبي حاتم، قوله تعالى: وما عند الله خير للأبرار (ج 16/ ص 378. الرقم: 4725)

[3] حديث نمبر 689: سنن ابن ماجه بَاب بِرِّ الْوَالِدِ وَالْإِحْسَانِ إِلَى الْبَنَاتِ (ج 11/ ص 64. الرقم: 3661)
الضعفاء الكبير للعقيلي (ج 2/ ص 113. الرقم: 340)

Scanned by CamScanner

جيڪڏهن ڪنهن وٽ ملڪيت هجي تہ مرڻ کان اڳ ان کي ضايع ڪرڻ نہ گهرجي پنهنجي وارث لاءِ چڏڻ گهرجي. ڪي ماڻهو ڪراڙا ٿيندا آهن تہ پنهنجي سڀ ملڪيت ڪپائي چڏيندا آهن اهو بہ ظلم آهي.

حديث نمبر 690 :

إِنَّكَ أَنْ تَذَرَ وَرَثَتَكَ أَغْنِيَاءَ خَيْرٌ مِنْ أَنْ تَذَرَهُمْ عَالَةً يَتَكَفَّفُونَ النَّاسَ [1]

جيڪڏهن تون پنهنجي مرڻ پويان پنهنجي وارثن کي شاهوڪار چڏين تہ پلو آهي ان کان جو انهن کي مسڪين چڏي وڃين ماڻهن اڳيان محتاج بنيا وتن.

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليہ جو فرمان :

والد گرامي نور الله مرقده پنهنجي وفات کان ڪجهہ سال اڳ زمين خريد ڪئي. پوءِ فرمايائون تہ مون کي ملڪيت ڏاهڻ جو شوق ناهي، مگر هي زمين ان لاءِ خريد ڪئي اٿم تہ منهنجي وفات کان پوءِ منهنجو اولاد ڪنهن جو محتاج نہ هجي. جيئن پيرن جو اولاد مريدن جي درن تي سائل بنيو رهندو آهي. آءٌ نہ ٿو چاهيان تہ منهنجو اولاد ڪنهن جو محتاج هجي. سندن وفات کان پوءِ جڏهن سندن ملڪيت تقسيم ڪئي وئي هر هڪ وارث کي ايترو حصو مليو جنهن سان هو پنهنجي زندگي بغير محتاجي جي سڪون سان گذاري سگهي.

ورهاست ۾ برابري ڪيو :

جڏهن پنهنجي ملڪيت اولاد جي وچ ۾ تقسيم ڪرڻ لڳو تہ سيني کي برابر حصو ڏيو. هڪ اولاد سان وڌيڪ پيار هجڻ سبب ان کي وڌيڪ نوازڻ ۽ پين جو حصو بہ ان کي ڏيڻ اهو انتهائي ظلم ۽ ناانصافي آهي.

---

[1] حديث نمبر 690: موطأ مالك بَاب الْوَصِيَّةِ فِي الثُّلُثِ لَا تَتَعَدَّى (ج 5/ص 86۔ الرقم: 1258)
صحيح البخاري بَاب رِثَاءِ النَّبِيِّ ﷺ سَعْدَ بْنَ خَوْلَةَ (ج 5/ص 43۔ الرقم: 1213)
صحيح مسلم بَاب الْوَصِيَّةِ بِالثُّلُثِ (ج 8/ص 395۔ الرقم: 3076) السنن الكبرى للبيهقي (ج 6/ص 268)
صحيح ابن حبان (ج 25/ص 98) السنة لمحمد بن نصر المروزي (ج 1/ص 218)

Scanned by CamScanner

ست سالن جي عبادت تباهه:

حديث نمبر 691 :

حضرت سيدنا ابوهريره رضي الله عنه روايت فرمائي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته :

إِنَّ الرَّجُلَ لَيَعْمَلُ وَالْمَرْأَةُ بِطَاعَةِ اللَّهِ سِتِّينَ سَنَةً ثُمَّ يَحْضُرُهُمَا الْمَوْتُ فَيُضَارَّانِ فِي الْوَصِيَّةِ فَتَجِبُ لَهُمَا النَّارُ (ابوداؤد) [1]

بيشڪ ڪو مرد يا ڪا عورت ست سالن تائين الله جي عبادت ڪن ٿا، پوءِ مرڻ جي وقت وصيت ۾ (ورثي ۾) ڪنهن کي نقصان پهچائن ٿا ته انهن لاءِ جهنم جي باهه واجب ٿي وڃي ٿي.

وصيت ۾ ڪنهن وارث کي نقصان رسائڻ جو هي حڪم ابتداءِ اسلام ۾ هيو پوءِ حجة الوداع ۾ پاڻ ڪريمن خطاب ڪندي فرمايو ته :

إِنَّ اللَّهَ قَدْ أَعْطَى لِكُلِّ ذِي حَقٍّ حَقَّهُ فَلَا وَصِيَّةَ لِوَارِثٍ (ترمذی) [2]

بيشڪ الله هر هڪ حقدار کي حق ڏئي ڇڏيو آهي (هاڻي) ڪنهن وارث جي لاءِ ڪا وصيت نه آهي.

ها اگر ڪو ماڻهو پنهنجي ملڪيت مرڻ کان پهرئين وارثن جي بجاءِ ڪنهن غير وارث کي ڏئي وڃي ۽ حقيقي وارثن کي محروم ڪري ڇڏي ته ان جون عبادتون رائگان ٿي وڃن ٿيون.

هڪ عظيم غلطي!

پنهنجي زندگي ۾ پنهنجي ملڪيت الڳ ڪري اولاد کي ورهائڻ نه گهرجي. جيڪڏهن ڪا ملڪيت ورهائڻي هجي ته به پنهنجي زندگي تائين قبضو ۽ اختيار پنهنجي هٿن ۾ رکجي. ڇو ته اڪثر اولاد ۾ شناس تمام گهٽ رهي آهي. ڪيترا ماڻهو ڏٺا ويا ته جن پنهنجي ملڪيت پنهنجي اولاد کي ورهائي جدا ڪري ڏني پوءِ اُهي ماڻهو مانيءَ جي ٽڪر جا محتاج ٿي ويا.

---

[1] حديث نمبر 691: سنن أبي داود بَاب مَا جَاءَ فِي كَرَاهِيَةِ الْإِضْرَارِ فِي الْوَصِيَّةِ (ج 8/ ص 54۔ الرقم: 2483) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الضِّرَارِ فِي الْوَصِيَّةِ (ج 7/ ص 485۔ الرقم: 2043) السنن الكبرى للبيهقي (ج 6/ ص 271)

[2] حديث: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ لَا وَصِيَّةَ لِوَارِثٍ (ج 7/ ص 491۔ الرقم: 2046) مسند أحمد: حديث عمرو بن خارجة (ج 36/ ص 67۔ الرقم: 17006) مسند الشاميين للطبراني (ج 2/ ص 343)

Scanned by CamScanner

عجيب قصو:

هڪ ماڻهو پنهنجي ملڪيت ۾ مال پُٽن کي ورهائي ڏني. جڏهن هر شيءِ پٽن جي هٿ ۾ اچي وئي تہ ڏنائين تہ هاڻي پٽن ۾ اهو خيال ادب ۾ فرمانبرداري واري ڳالهہ نہ رهي آهي. ان ماڻهو سوچيو تہ مون غلطي ڪئي جو سڀ شيءِ پٽن جي حوالي ڪيم. هاڻي تہ مون کي ماني کارائڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن. هاڻي ڪو حيلو ڪيان جيئن زندگي جا باقي ڏينهن سکيا گذرن. ان شخص ٽکرين کي گهڙي سِکن وانگر گول ٺاهي ڳوٿريون ڀريون. اُهي ڳوٿريون صندوق ۾ وجهي بند ڪيائين. سيني پٽن کي گهرائي چيائين تہ منهنجي زندگي جي ڪمائي سون چاندي جا سڪا سڀ هن صندوق ۾ آهن، اها ان کي ڏينڊس جيڪو منهنجي خدمت ڪندو. پوءِ تہ پٽ سِکن ۾ سون جي لالچ تي سندس تمام گهڻي خدمت ڪرڻ لڳا. جنهن بہ پٽ جي گهر ۾ ماني پچي پئي تہ اول پيءُ کي موڪلي پيو. ان طرح ان ماڻهو جا زندگي جا ڏينهن خوشحالي ۾ گذري ويا. سندس مرڻ کان پوءِ صندوق کولن تہ ان ۾ ٽکر ۾ پٽر ڳوٿرين ۾ ڀريل هئا. پوءِ ڏاڍا شرمندا ٿيا.

سو اڇڪلهہ حال اهڙو آهي جو جيڪڏهن ماڻهو وٽ ڪجهہ آهي تہ هر ڪو ان جو سلامي آهي. سُڄي کان ڪو پڇڻ وارو نہ آهي. تنهنڪري پنهنجي ملڪيت پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي قبضہ اختيار ۾ رکڻ گهرجي.

رسول الله ﷺ فرمايو تہ:

حديث نمبر 692:

مَنْ فَرَّ مِنْ مِيرَاثِ وَارِثِهِ قَطَعَ اللَّهُ مِيرَاثَهُ مِنَ الْجَنَّةِ (ابن ماجه)[1]

جو ماڻهو ڪنهن وارث کي ميراث ڏيڻ کان ڀڳو تہ الله تعاليٰ ان جي جنت جي ميراث ختم ڪري ڇڏي ٿو.

---

[1] حديث نمبر 692: سنن ابن ماجه بَاب الْحَيْفِ فِي الْوَصِيَّةِ (ج 8/ ص 172۔ الرقم: 2694)

سنن سعيد بن منصور باب من قطع ميراثا فرضه الله (ج 1/ ص 309۔ الرقم: 284)

Scanned by CamScanner

باب اٺون
اولاد جي شادي ڪرائڻ

پٽ هجي يا نياڻي ان جي شادي ڪرائڻ پيءُ ماءُ جي مٿان لازم آهي. عزت واري ماڻهو کي لازم آهي تہ اولاد جي بالغ ٿيڻ کان اڳ انهن جو رشتو طئہ ڪري ڇڏي، جيئن ئي اولاد بالغ ٿئي تہ يڪدم انهن جي شادي ڪرائي ڇڏي. جيڪڏهن شادي نہ ٿو ڪرائي ۽ اولاد کان ڪو گناهہ ٿي پوي ٿو تہ ان گناهہ ۾ پيءُ بہ برابر شريڪ ليکيو ويندو.

حديث نمبر 693 : حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

مَنْ وُلِدَ لَهُ وَلَدٌ فَلْيُحْسِنْ اِسْمَهُ وَأَدَبَهُ فَإِذَا بَلَغَ فَلْيُزَوِّجْهُ فَإِنْ بَلَغَ وَلَمْ يُزَوِّجْهُ فَأَصَابَ إِثْمًا فَإِنَّمَا إِثْمُهُ عَلَى أَبِيْهِ (بيهقي) [1]

جنهن کي پٽ جمي تہ (پيءُ ماءُ تي حق آهي تہ) ان جو نالو پلو رکي، ان کي سٹا ادب سيکاري، جڏهن بالغ ٿئي تہ ان جي شادي ڪرائي، پر جيڪڏهن پٽ بالغ ٿي ويو ۽ پيءُ ان جي شادي نہ ڪرائي ۽ ان کان ڪو گناهہ ٿي پيو تہ اهو گناهہ پيءُ مٿان (بہ) آهي.

حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ فرمايو تہ پنهنجي اولاد جي شادي ڪرايو. انهن جا گناهہ پنهنجي مٿان نہ ڪٽو. جنهن کي الله تعاليٰ اولاد عطا ڪري ان کي گهر جي تہ ان جو نالو سٹو رکي، ان کي سٹا ادب سيکاري جڏهن بالغ ٿئي تہ يڪدم ان جي شادي ڪرائي.

نياڻين جي شادي ڪرائڻ :

ڏٺو وجي ٿو تہ هن دور ۾ نياڻين جو جم تمام گهٽو ٿي ويو آهي ۽ ماڻهن ۾ اها بيماري پئجي ويئي آهي جو نياڻين جي شادي نہ ٿا ڪرائن سالن جا سال نياڻيون بالغ ويٺيون آهن. ڪو فڪر ئي نہ آهي.

---

[1] حديث نمبر 693: شعب الإيمان للبيهقي باب في حقوق الأولاد والأهلين (ج 18/ ص 182۔ الرقم: 8413)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 694:

حضرت علي شير خدا رضي الله عنه کي محبوبن فرمايو تہ:

ثَلَاثَةٌ يَا عَلِيُّ لَا تُؤَخِّرْهُنَّ الصَّلَاةُ إِذَا أَتَتْ وَالْجَنَازَةُ إِذَا حَضَرَتْ وَالْأَيِّمُ إِذَا وَجَدْتَ كُفُؤًا (احمد، مستدرک حاکم)[1]

اي علي ٽي شيون اهڙا آهن جن ۾ دير نہ ڪر.

1. نماز جڏهن ان جو وقت ٿي وڃي.
2. جنازو جڏهن حاضر ٿي وڃي.
3. غير شادي شده جو جڏهن سڳ ملي وڃي.

بزرگن فرمايو آهي تہ: لِلْمَرْأَةِ سِتْرَانِ اَلزَّوْجُ وَالْقَبْرُ[2]

عورت لاءِ ٻہ پردا آهن: 1. مڙس 2. قبر

ماءُ سان مشورو ڪيو:

جڏهن نياڻي جي شادي ڪيو تہ ان جي ماءُ سان مشورو ضرور ڪيو ڇو تہ اولاد تي پيءُ کان وڌيڪ ماءُ محنت ۽ اوجاگا ڪندي آهي، ان ڪري ماءُ جو به حق آهي.

حديث نمبر 695:

آمِرُوا النِّسَاءَ فِي بَنَاتِهِنَّ (ابو داؤد)[3]

---

[1] حديث نمبر 694: مسند أحمد: مسند علي بن ابي طالب رضي الله عنه (ج 2/ ص 293۔ الرقم: 787)
المستدرك على الصحيحين للحاكم، كتاب النكاح (ج 6/ ص 293۔ الرقم: 2636) السنن الكبرى للبيهقي، باب الابن يزوجها إذا كان عصبة لها بغير النبوة (ج 7/ ص 133) المقاصد الحسنة، حرف التاء المثناة (ج 1/ ص 84)

[2] حديث: قال رسول الله ﷺ للمرأة ستران قيل وما هما؟ قال الزوج والقبر
المعجم الأوسط للطبراني، من بقية من أول اسمه ميم، اسمه موسى (ج 18/ ص 54۔ الرقم: 8476)

[3] حديث نمبر 695: سنن أبي داود باب في الإستئمار (ج 5/ ص 490۔ الرقم: 1793)
مسند أحمد: مسند عبد الله بن عمر بن الخطاب (ج 10/ ص 206۔ الرقم: 4670) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ ص 115)
مصنف عبد الرزاق (ج 6/ ص 149) معرفة السنن والآثار للبيهقي (ج 11/ ص 247)

Scanned by CamScanner

زالن سان صلاح مشورو کيو انهن جي نياڻين جي شادي کرائڻ وقت.

يعني مائٽي کرڻ وقت صلاح مشوري ۾ انهن کي به شامل کيو. هڪ ٻئي جي صلاح سان کم کندؤ ته ان ۾ بهتري هوندي، پر ائين به نه کريو جو مٿن مائٽين جا سڀ اختيار زالن حوالي کري ڇڏيو ائين کرڻ کان منع آهي، جنهن جو بيان مٿي گذري چڪو آهي.

پارهن سالن جي نياڻي:

حديث نمبر 696:

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه فرمايو ته ”ون رسول الله ﷺ کان پڌو پاڻ فرمايائون ته ”توريت ۾ هي لکيل آهي ته جنهن جي نياڻي جي عمر پارهن سال ٿي وئي (پيءُ) ان جي شادي نه ٿو کرائي پوءِ جيڪڏهن ان کان کو گناهه ٿي ويو ته اهو گناهه ان تي آهي. (مشکواة المصابيح) [1]

حديث نمبر 697:

إِذَا أَتَاكُمْ مَنْ تَرْضَوْنَ خُلُقَهُ وَدِينَهُ فَزَوِّجُوهُ إِلَّا تَفْعَلُوا تَكُنْ فِتْنَةٌ فِي الْأَرْضِ وَفَسَادٌ عَرِيضٌ (ابن ماجه) [2]

جڏهن کو توهان وٽ (سڳ گهرڻ) اچي، جنهن جي ديندار ۽ اخلاق کي اوهان پسند کيو ٿا ته ان کي (پنهنجي نياڻي يا پيٽ وغيره) جو نڪاح کري ڇڏيو. جيڪڏهن توهان ائين نه کندؤ ته زمين ۾ فتنو پيدا ٿيندو ۽ وڏو فساد پيدا ٿيندو.

غور ته کيو حضور ﷺ فرمائي رهيا آهن ته کو ماڻهو توهان وٽ سڳ گهرڻ اچي ته ان ۾ ڀالهيون ڏسو پهرئين ديندار پيو اخلاق.

---

[1] حديث نمبر 696: مشكاة المصابيح باب الولي في النكاح واستئذان المرأة الفصل الأول (ج 2/ص 211۔الرقم: 3139)
شعب الإيمان للبيهقي باب في حقوق الأولاد والأهلين (ج 18/ص 186۔الرقم: 8417)

[2] حديث نمبر 697: سنن ابن ماجه بَاب الْأَكْفَاءِ (ج 6/ص 105۔الرقم: 1957)
سنن الترمذي، بَاب مَا جَاءَ إِذَا جَاءَكُمْ مَنْ تَرْضَوْنَ دِينَهُ فَزَوِّجُوهُ (ج 4/ص 260۔الرقم: 1004)
الآحاد والمثاني لابن أبي عاصم، أبو حاتم المزني رضي الله عنه (ج 3/ص 318۔الرقم: 1019)
المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 6/ص 301) المعجم الكبير للطبراني (ج 19/ص 122)
مشكاة المصابيح، كتاب النكاح الفصل الثاني (ج 2/ص 200۔الرقم: 3090)

Scanned by CamScanner

بس اِهي ٻه ڳالهيون هجن پوءِ پلي کهڙي ٻه ذات ۽ قوم جو هجي ان سان مائٽي ڪرڻ ۾ دير نه ڪيو نه ته وڏو فساد زمين ۾ پکڙجي ويندو.

حضرت شعبي فرمايو ته جنهن ماڻهو بي دين کي پنهنجي نياڻي پرڻائي ڏني ان جڏڪ ان نياڻي جا حق واسطا ٽوڙي ڇڏيا.

هڪ ماڻهو حضرت حسن بصري رحمة الله عليه کي چيو ته مون کان نياڻي جو سڳ ڪيترا ماڻهو گهرڻ آيا آهن صلاح ڏيو ته ڪنهن سان مائٽي ڪيان؟ پاڻ فرمايائون ته ڪنهن اهڙي ماڻهو کي نياڻي پرڻائي ڏي جيڪو الله کان ڊڄندڙ هجي. اهو جيڪڏهن زال سان پيار ڪندو ته ان جي عزت ڪندو، پر جيڪڏهن محبت نه رکيائين ته ٻه ان سان ظلم ڪونه ڪندو.

حضرت سلام بن مطيع فرمايو ته پنهنجي نياڻي بدعتي ۽ شرابي کي نه پرڻائي ڏيو ڇو ته بدعتي ماڻهو پاڻ ته ويندو پر ٻڇڙن کي ٻه جهنم ڏي وڃي ويندو. ۽ شرابي زال کي طلاق ٻه ڏيندو وري ان کي گڏ ٻه رهائيندو. (کتاب العيال)

اولاد پرڻائڻ بابت ضروري ڳالهيون :

- پٽ يا نياڻيءَ جو رشتو نيڪ صالح گهراڻي ۾ ڪيو.
- ڇوڪري يا ڇوڪرو جهڳڙالو يا بدمزاج نه هجي.
- ڇوڪري يا ڇوڪرو نابالغ هجي ته نڪاح ته پڻجي سگهي ٿو پر رخصتي هرگز نه ڪيو، جيستائين پئي بالغ ٿين.
- ڇوڪري ۽ ڇوڪرو هڪ پئي کي پسند ڪن ته شادي ڪجي رڳو پيءُ ماءُ زوري پنهنجي مرضيءَ سان شادي نه ڪرائن، ائين ڪرڻ سان بعد ۾ تمام برا نتيجا نڪرن ٿا.
- پٽ کي ڪنواري ڇوڪريءَ سان شادي ڪرايو ته بهتر.
- نياڻيءَ کي پهاڻ تي نه ڏيو ته بهتر، ڇو ته ان سان بعد ۾ گهٽين پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، توڙي جو ڏيڻ شرعاً جائز آهي.
- نڪاح جمعي جي ڏينهن يا خميس جي ڏينهن ڪيو، صبح بجاءِ شام ڪيو ته مستحب آهي.
- شادي بعد وليمو ڪري مفت ۾ دوستن مائٽن کي کارايو.

Scanned by CamScanner

- شاديءَ واري رات گھوٽ ڪنوار جا پاڻ ۾ متا نہ ٽڪرايو.
- ڏاج ڏيڻ ۾ پنھنجي طاقت کان وڌيڪ خرچ نہ ڪيو، ماڻھن ۾ نالو چمڪائڻ جي خيال سان پنھنجي ڪچيءَ ۾ قرض جو ڪٽ نہ وجھو. ان طرح گھوٽ جي طرف، کان ڏاجي جو مطالبو بہ ناجائز آھي، ۽ ڏاجي جو سامان ڪنوار جي ملڪيت آھي، ان جي اجازت کان سواءِ گھوٽ سوئي جو ڏاڪو بہ استعمال نہ ٿو ڪري سگھي.
- ڪنوار کي شاديءَ کان اڳ تياري جو موقعو ڏيو.
- شادي جي تقريب ۾ ڪائڻ وڃائڻ، گانا باجا، ڊول تماشا نہ ڪيو.
- نياڻيءَ جي شاديءَ ۾ ان جي ماءُ سان مشورو ڪيو.

نياڻيون وڪرو ڪرڻ :

نياڻيون ڪپائي ان تان پئسا وٺي کائڻ جي بيماري عام ٿي وئي آھي. نياڻي ڪپائڻ حرام آھي. ان جي رقم وٺي کائڻ ناجائز آھي. جيڪو ماڻھو نياڻي وڪڻندو آھي تہ ان جي رزق مان برڪت کڄي ويندي آھي، الله ان تي ڏمرجي پوندو آھي.

حديث قدسي 698 :

تاجدار دو عالم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ فرمايو تہ الله پاڪ فرمائي ٿو تہ قيامت واري ڏينھن ٽن ماڻھن سان منھنجي دشمني ھوندي، جنھن سان مان دشمني رکندس تہ ان کي ھلاڪ ڪري ڇڏيندس. پھريون اُھو ماڻھو جنھن منھنجي نالي سان قسم کنيو (يا منھنجي نالي کنھن سان وعدو ڪيائين) پوءِ ڦري ويو. ٻيو اھو ماڻھو جنھن کنھن آزاد ماڻھو کي (پٽ يا نياڻي) کي وڪرو ڪري ان جي رقم وٺي کاڌي. ٽيون اُھو ماڻھو جنھن کو مزدور مزدوري تي رکيو ان کان کم ورتائين پر ان کي مزدوري نہ ڏنائين. (بخاری، ابن ماجه) [1]

---

[1] حديث قدسي698: سنن ابن ماجه بَاب أَجْرِ الْأُجَرَاءِ (ج 7/ص 293۔الرقم: 2433)
صحيح البخاري بَاب إِثْمِ مَنْ مَنَعَ أَجْرَ الْأَجِيرِ (ج 8/ص 36۔الرقم: 2109)
مسند أحمد: مسند ابي هريرة رضي الله عنه (ج 17/ص 380۔الرقم: 8338)
السنن الكبرى للبيهقي (ج 6/ص 121)
المعجم الصغير للطبراني (ج 3/ص 26)

Scanned by CamScanner

اعلانِ نکاح :

حديث نمبر 699 :

حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنه چيو تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ :

أَعْلِنُوا النِّكَاحَ (احمد)[1]

نکاح جو اعلان کيو.

يعني نکاح لک چپ ۾ نہ کيو، جيئن کنهن کي خبر پئي نہ پئي، بلکہ نکاح پڌرو کيو تہ هر کنهن کي خبر پوي تہ فلاڻي جي فلاڻي سان رشتيداري ٿي آهي. ان لاءِ نکاح مسجد ۾ کرڻ مستحب آهي.

وليمو :

پٽ يا نياڻيءَ جي شادي تي وليمو کرڻ سنت آهي، جيکو شاديءَ واري ڏينهن ٿيڻ گهرجي. پنهنجي طاقت آهر ننگر ناهي عزيزن احبابن کي مفت ۾ کارائجي ان تي پئسا وصول نہ کجن.

حديث نمبر 700 :

أَنَّ النَّبِيَّ ﷺ أَوْلَمَ عَلَى صَفِيَّةَ بِنْتِ حُيَيٍّ بِسَوِيقٍ وَتَمْرٍ (ترمذي)[2]

رسول الله ﷺ بي بي صفيہ بنت حُيي رضي الله عنها سان شادي ڪئي تہ ان جو وليمو سُتوءِ کجور تي ڪيائون.

---

[1] حديث نمبر 699: مسند أحمد: حَدِيثُ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ الزُّبَيْرِ بْنِ الْعَوَّامِ (ج 32/ ص 355۔ الرقم: 15545)
المستدرك على الصحيحين للحاكم، كتاب النكاح (ج 6/ ص 362۔ الرقم: 2698) صحيح ابن حبان، باب الهدي (ج 17/ ص 135۔ الرقم: 4142) المعجم الكبير للطبراني (ج 18/ ص 362) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ ص 288)

[2] حديث نمبر 700: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الْوَلِيمَةِ (ج 4/ ص 278۔ الرقم: 1015)
سنن أبي داود بَاب فِي اسْتِحْبَابِ الْوَلِيمَةِ عِنْدَ النِّكَاحِ (ج 10/ ص 183۔ الرقم: 3253)
سنن ابن ماجه بَاب الْوَلِيمَةِ (ج 6/ ص 25۔ الرقم: 1899) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ ص 260)
السنن الكبرى للنسائي (ج 4/ ص 139) المعجم الكبير للطبراني (ج 17/ ص 317)

Scanned by CamScanner

شاديءَ واري رات :

حديث نمبر 701 :

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه فرمايو تہ بيشڪ رسول الله ﷺ سيکاريندا هئا تہ جڏهن شاديءَ واري رات گهوٽ ڪنوار ملن تہ گهوٽ اڳيان بيهي ۽ ڪنوار پويان بيهي ۽ ٻئي جڻا ٻہ رڪعتون نفل (شڪراني جو) پڙهن. پوءِ گهوٽ هيءَ دعا پڙهي.

اللَّهُمَّ بَارِكْ لِي فِي أَهْلِي وَبَارِكْ لَهُمْ فِيَّ اللَّهُمَّ ارْزُقْنِي مِنْهُمْ وَارْزُقْهُمْ مِنِّي اللَّهُمَّ اجْمَعْ بَيْنَنَا مَا جَمَعْتَ إِلَى خَيْرٍ وَفَرِّقْ بَيْنَنَا إِذَا فَرَّقْتَ إِلَى خَيْرٍ

(اخرجه الطبراني في الاوسط)[1]

گهوٽ کي مبارڪ :

حديث نمبر 702 :

جڏهن ڪنهن جي شادي ٿيندي هئي تہ حضرت رسول ڪريم ﷺ گهوٽ کي هنن لفظن سان مبارڪ ڏيندا هئا:

بَارَكَ اللَّهُ لَكُمْ وَبَارَكَ عَلَيْكُمْ وَجَمَعَ بَيْنَكُمَا فِي خَيْرٍ (ابن ماجه)[2]

شاديءَ جون رسمون :

اسان جي معاشري ۾ شاديءَ جي موقعن تي هزارين ريتون رسمون ڪيون وڃن ٿيون. جاهل ماڻهو ان کي دين سمجهن ٿا. اهڙين رسمن کان بغير شاديءَ کي جائز ئي نہ ٿا سمجهن. سوچڻ گهرجي تہ اسين مسلمان آهيون، الله جا خليل پاڻها آهيون ۽ رسول الله ﷺ جا امتي آهيون. اسان وٽ آسماني ڪتاب قرآن مجيد موجود آهي.

---

[1] حديث نمبر 701: مصنف عبد الرزاق (ج 6/ص 191۔ الرقم: 10460) المعجم الكبير للطبراني (ج 8/ص 126۔ الرقم: 8901) المعجم الأوسط للطبراني من اسمه علي (ج 9/ص 219۔ الرقم: 4166)

[2] حديث نمبر 702: سنن ابن ماجه (ج 6/ص 20۔ الرقم: 1895) سنن أبي داود (ج 6/ص 29۔ الرقم: 1819) مسند أحمد: مسند ابي هريرة رضي الله عنه (ج 18/ص 142۔ الرقم: 8600) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ص 148) السنن الكبرى للنسائي (ج 6/ص 73) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 6/ص 359) سنن الدارمي (ج 6/ص 433)

Scanned by CamScanner

اسان وٽ مٿي محمد ڪريم ﷺ جن جي سنت ۽ شريعت موجود آهي. شريعت پاڪ جو رستو نهايت آسان ۽ غم ڏکن کان نجات جو رستو آهي. مسلماني آساني آهي. ان راهہ ۾ اسان جي دنيا آخرت جي عزت ۽ آبرو آهي. اسلام جي طريقي تي هلڻ سان الله ۽ راضي ته الله جو رسول ﷺ ۽ راضي ٿئي ٿو. پوءِ اسان اهڙي پاڪيزه رستي کي ڇڏي ڇا لاءِ گمراهي جي رستن تي هلون؟؟؟

جڏهن اسان پنهنجي پٽ يا نياڻي جي شادي ڪيون ٿا ته سڀ مٽن مائٽن، يارن دوستن، عزيزن قريبن کي دعوت ڏيندا آهيون. ان خوشيءَ جي موقعي تي رُٺلن کي پرچائيندا آهيون پر ڪيڏي افسوس جي ڳالهہ آهي ته پين دوستن احبابن مائٽن کي ته پرچايون ٿا پر غير اسلامي ڪم ڪري الله ۽ ان جي حبيب ﷺ کي رسايون ٿا. حالانڪہ اسان کي پُٽ ۽ ته رب ڏنا، نياڻيون ۽ رب ڏنيون. حق ته هي آهي جو هن خوشيءَ جي موقعي تي الله ۽ الله جي رسول ﷺ کي راضي ڪيون.

ڪجهہ غير شرعي، غير اسلامي ريتن رسمن جو هتي ذڪر ڪجي ٿو جن سان الله ۽ ان جو حبيب ﷺ ناراض ٿين ٿا، اسان کي گهرجي ته انهن رسمن کان پاڻ کي بچايون.

1. ڳائڻ وڄائڻ:

جڏهن ڪنهن جي شادي ٿئي ٿي ته ڳائڻ وڄائڻ کي لازم سمجهيو وڃي ٿو. فنڪارن جا راڳ، ناچن جا ناچ، دهل ۽ ڏماڪا، واڄ واڄا، بينيون ۽ باجا، طبلن جا ٿاپ، سارنگي جا سُر، مڱڻهارن جا توتارا، شادي جو سينگار سمجهيو وڃي ٿو. جنهن شادي ۾ ڳائڻ نہ ٿيو ته ان کي شادي نہ پر غمي سمجهيو وڃي ٿو، فنڪارن جي مٿان هزارين روپيا ور ڪا ڪيا وڃن ٿا.

حديث نمبر 703:

حضرت مجاهد فرمايو ته هڪ ڀيري آءٌ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما سان گڏ وڃي رهيو هيس ته هڪ طرف کان طبلي جو آواز آيو.

فَسَمِعَ صَوْتَ طَبْلٍ فَأَدْخَلَ إِصْبَعَيْهِ فِي أُذُنَيْهِ

جڏهن پاڻ طبلي جو آواز ٻڌائون ته پنهنجي ڪنن ۾ آڱريون وجهي تڪڙا هلڻ لڳا. ڪجهہ هلي پوءِ مون کان پڇيائون ته ڇا طبل جو آواز اڃا اچي رهيو آهي؟ مون چيو هائو.

Scanned by CamScanner

وري تڪڙا تڪڙا هليا. تي پيرا ائين پچيائون. (جڏهن آواز اچڻ بند ٿيو) ته پوءِ ڪنن مان آڱريون ڪڍيائون ۽ فرمايائون ته :

هَكَذَا فَعَلَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ

رسول الله ﷺ به ائين ڪيو هيو. (ابن ماجه) [1]

حديث نمبر 704:

الْغِنَاءُ يُنْبِتُ النِّفَاقَ فِي الْقَلْبِ (ابو داؤد) [2]

ڳائڻ دلين ۾ نفاق پيدا ڪري ٿو.

حديث نمبر 705:

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته :

صَوْتَانِ مَلْعُوْنَتَانِ صَوْتُ الْمَزَامِيْرِ وَصَوْتُ النِّسَاءِ

به آواز لعنت ڪيل آهن دنيا ۽ آخرت ۾. خوشي جي موقعن تي ڳائڻ وڄائڻ جو آواز. مصيبت جي موقعن تي نوحي جو آواز.

عورتن جو ڳائڻ :

عورتن کي قرآن پاڪ به آهستي پڙهڻ جو حڪم آهي. عورت جو آواز به اگهڙ آهي. ان کي سهرا پڙهڻ ۽ ڏارين ماڻهن جي اڳيان جهمريون هڻڻ ڪٿي جائز آهي؟! پيو ته اڄڪلهه جي عورتن جا سهرا رڳو نسورو ڪوڙ هوندا آهن. "هيٺ ابل جي هرڻ جو مهري" اڄ تائين ڪنهن به ماڻهو هرڻ کي مهري بنائي سواري نه ڪئي آهي، الله پاڪ فرمايو آهي ته :

---

[1] حديث نمبر 703: سنن ابن ماجه بَاب الْغِنَاءِ وَالدُّفِّ (ج 6/ ص 14. الرقم: 1891)

[2] حديث نمبر 704: سنن أبي داود بَاب كَرَاهِيَةِ الْغِنَاءِ وَالزَّمْرِ (ج 13/ ص 86. الرقم: 4279)

مصنف ابن أبي شيبة. في هذه الآية "ومن الناس من يشتري لهو الحديث" (ج 5/ ص 132)

السنن الكبرى للبيهقي (ج 10/ ص 223)

مصنف عبد الرزاق (ج 11/ ص 4. الرقم: 19737)

الإبانة الكبرى لابن بطة (ج 2/ ص 468. الرقم: 946)

Scanned by CamScanner

لَعْنَتَ اللّٰهِ عَلَى الْكٰذِبِيْنَ○ (آل عمران: 61)

ڪوڙن تي الله جي لعنت آهي.

اگر ڳائڻ وارو ڪو مرد هجي ۽ سُرود دهل ۽ طبلا نه هجن سچن لفظن سان گهوٽ جي آمد جو سهرو پڙهي ته جائز آهي.

حديث نمبر 706 :

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته بي بي عائشه صديقه رضي الله عنها پنهنجي هڪ مائٽياڻي جي شادي ڪرائي. جڏهن رسول الله ﷺ آيا فرمايائون ته ڇا توهان ڪنوار موڪلي ڇڏي؟ ڇيائون هائو. فرمايائون ڇا ان سان گڏ ڪو ماڻهو نه موڪليو جيڪو ڳائيندو وڄي ها؟ سيده عائشه رضي الله عنها چيو ته ڪوبه نه موڪليو اٿئون. پاڻ فرمايائون انصار اهڙي قوم آهن جيڪي ڳائڻ سان محبت رکندا آهن. ڪنوار سان ڪو ماڻهو موڪليو ها جيڪو چوندو وڄي ها :

أَتَيْنَاكُمْ أَتَيْنَاكُمْ فَحَيَّانَا وَحَيَّاكُمْ (ابن ماجه) [1]

طبراني اوسط ۾ ضعيف سند سان روايت آهي ان ۾ هي لفظ زياده آهن :

اَتَيْنَاكُمْ اَتَيْنَاكُمْ فَحَيُّوْنَا نُحَيِّيْكُمْ

لَوْلَا الذَّهَبُ الْاَحْمَرُ مَا حَلَّتْ بَوَادِيْكُمْ

وَلَوْلَا حَبَّةُ السَّمَرَآءِ مَا سَمَنَتْ عَذَارِيْكُمْ [2]

---

[1] حديث نمبر 706: سنن ابن ماجه بَاب الْغِنَاءِ وَالدُّفِّ (ج 6/ ص 13۔ الرقم: 1890)

مسند أحمد: مسند جابر بن عبدالله (ج 30/ ص 224۔ الرقم: 14674)

السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ ص 289)

السنن الكبرى للنسائي (ج 3/ ص 332)

المعجم الأوسط للطبراني (ج 13/ ص 456)

[2] حديث: المعجم الأوسط للطبراني، من اسمه بكر (ج 7/ ص 363۔ الرقم: 3393)

Scanned by CamScanner

2. ٽَڪَرَ هڻڻ :

شاديءَ واري رات گهوٽ ۽ ڪنوار جا پاڻ ۾ مٿا ٽڪرائيندا آهن. اها به جاهلاڻي رسم آهي. ٽَڪَرَ جو نالو ئي خطرناڪ آهي. گهوٽ ڪنوار جي ملڻ جي ابتدا اگر ٽڪر سان ئي ٿئي ته پوءِ ساري عمر هوندا به ٽڪرن ۾. تنهنڪري مسلمانن کي اهڙي بري رسم کان بچڻ گهرجي.

3. موڙ بڌڻ :

شاديءَ تي گهوٽ کي مٿي تي موڙ بڌڻ نه گهرجن. ڪٿي وري ائين به ڏٺو ويو آهي ته گهوٽ کي زال جو رئو (گندي) ڏکائي ويندي آهي جنهن کي بوڇٽي چوندا آهن ۽ زال کي مرد جو ڪو ڪپڙو يا اجرڪ پهرائيندا آهن اهو به قصو ئي اونڌو!

حالانڪ رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو آهي ته "ان مرد تي لعنت آهي جيڪو زنانه ڪپڙا پائي، ان عورت تي لعنت آهي جا مردانه ويس پائي." مسلمانن کي اهڙي بري رسم کان بچڻ گهرجي.

4. گهوٽ کي ميندي :

ڪنوار جي هٿن تي ميندي لڳائڻ گهرجي پرمردن کي ميندي لائڻ درست ناهي. جيئن گهوٽ جا هٿ ميندي ۾ ڳاڙها ڪيا ويندا آهن ٻيو نه ته چيچ ميندي ۾ ٻوڙيندا آهن. ائين ڪرڻ نه گهرجي. اڳ ۾ حديث اچي چڪي آهي ته ميندي عورت جي هٿن جي سينگار آهي. ان کان علاوه ٻيون به بيشمار ريتون رسمون ماڻهن ۾ جاري ٿيل آهن. بهتر آهي ته شاديءَ کان اڳ ڪنهن صالح ۽ الله جي خوف واري عالم کان شاديءَ جو طريقو پڇي پوءِ ان مطابق عمل ڪجي.



Scanned by CamScanner

چھون حصو

والدین

Scanned by CamScanner



Scanned by CamScanner

باب پهريون

پيءُ ۽ ماءُ

سڀ رشتن کان وڌيڪ محبت، شفقت، پيار ۽ پاڇو جو رشتو پيءُ ۽ ماءُ جو آهي. ابي امان جي دل ۾ قدرتي طرح اولاد لاءِ بيحد محبت رکائي وئي آهي. امان جيجل ٿوَ ڏهه مهينا پڇڙي کي پيٽ ۾ سنڀالي ٿي، ڏک سور سهي ٿي، ويم جو ويلو ڪيڏو نه اهنجو ۽ اوکو هوندو آهي. ان کان پوءِ اولاد کي پالڻ، انهن کان گندگي کي صاف ڪرڻ، راتين جي ننڊ ڏينهن جو آرام پڇڙي لاءِ قربان ڪرڻ اُهي ڪيڏا وڏا جتن آهن جيڪي امڙ پنهنجي پڇڙي سان پورهيا ڪري ٿي. پيءُ به ڇا گهٽ مشقت ڪري ٿو؟! اهو پنهنجو آرام پڇڙن لاءِ قربان ڪري ٿو. پنهنجي خون پسيني جي ڪمائي سان پڇڙن جي تعليم و تربيت جو اهتمام ڪري ٿو. ايستائين جو انهن کي پالي نپائي جوان ڪري ٿو.

الله رب آهي پاڻهي جو خلقڻهار ۽ پالڻهار آهي. ان کان پوءِ پيءُ پنهنجي پڇڙي جي خدمت ۽ سيوا ڪندڙ آهي. رَبُ هڪ آهي ته آبُ به هڪ آهي. پائر، چاچا، ماما، پوٽا گهڻا ٿي سگهن ٿا پر "اب" صرف هڪڙو هوندو آهي. ان لاءِ قرآن پاڪ ۾ الله تعالي ارشاد فرمايو ته:

وَ قَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّاۤ اِيَّاهُ وَ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ؕ (بنی اسرائيل:23)

۽ تنهنجي رب حڪم ڪيو ته الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي پوڄا نه ڪيو پنهنجي پيءُ ماءُ سان احسان ڪندا رهو.

قرآن فرمائي ٿو ته پهرئين الله جي پوڄا ۽ بندگي ڪيو، ان کان پوءِ ٻئي نمبر تي پنهنجي پيءُ ماءُ سان احسان ۽ پلائي ڪيو پر ڪهڙي طرح؟

رب پاڪ فرمايو ته:

Scanned by CamScanner

اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَآ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَآ اُفٍّ وَّ لَا تَنْهَرْهُمَا وَ قُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا ○ (بنی اسرائيل:23)

جي انهن مان هڪ يا ٻئي تنهنجي سامهون پوڙهائپ کي رسن تہ پنهين کي اف بہ نہ چئو، نہ کين جھڑپ ڏيو ۽ انهن سان نرم ۽ منو ڳالهاءِ.

حضرت مجاهد فرمايو تہ جيئن ننڍپڻ ۾ پيءُ ماءُ تنهنجي غلاظت کي ڏوئڻ کان نفرت نہ ڪئي اگر اُهي ڪراڙپ جي ان حد کي پهچن تہ تون بہ انهن جي غلاظت ڏوئڻ ۾ انهن کان نفرت نہ ڪر. (درمنثور) 1

"اف نہ چئو" جي معنيٰ تہ انهن سان پنهنجي ڏک درد جي ڳالهہ نہ ڪر.

"قَوْلًا كَرِيْمًا" جي بابت حضرت حسن فرمايو تہ انهن کي نالو وٺي سڏ نہ ڪر.

حديث نمبر 707 :

حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو تہ هڪ شخص رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ آيو ان سان گڏ هڪ ڪراڙو شخص بہ هيو. پاڻ ڪريمن ان نوجوان کان پڇيو تہ هي تو سان گڏ ڪير آهي؟ عرض ڪيائين منهنجو پيءُ آهي. پاڻ فرمايائون ان جي اڳيان نہ هل، ان جي اڳيان نہ ويهہ (جيئن ان کي پٺي نہ ٿئي) ان جو نالو وٺي سڏ نہ ڪر، ان کي گار نہ ڏي. (تفسير در منثور) 2

وَ اخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَ قُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا ○ (بنی اسرائيل:24)

۽ انهن (پيءُ ماءُ) اڳيان نيازمندي سان عاجزيءَ سان ڪنڌ نماءِ ۽ چئو تہ اي رب انهن ٻنهين تي رحم ڪر جيئن مون کي ننڍڙي هوندي پاليائون ٿي.

---

[1] تفسير : الدر المنثور (ج 6/ ص 249)

[2] حديث نمبر 707: عن عائشة رضي الله عنها قالت : أتى رجل رسول الله ﷺ ومعه شيخ فقال من هذا معك قال أبي قال لا تمشين أمامه ولا تقعدن قبله ولا تدعه باسمه ولا تستب له. الدر المنثور (ج 6/ ص 250)

Scanned by CamScanner

ماءُ جيڪا پنهنجي ٻچڑي کي نَوَ مهينا پيٽ ۾ کڻي هلندي آهي، هي ڇا گهٽ مشقت آهي؟! ۽ ڇٽڻ کان پوءِ جيڪو ٻن سالن تائين کير پياري ٿي ڇا هي گهٽ احسان آهي؟!

وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ اِحْسٰنًا ؕ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ كُرْهًا وَّوَضَعَتْهُ كُرْهًا ؕ وَحَمْلُهٗ وَفِصٰلُهٗ ثَلٰثُوْنَ شَهْرًا ۝ (الاحقاف:15)

۽ اسان انسان کي پيءُ ماءُ تي احسان ڪرڻ جو تاڪيد ڪيوسون، ۽ سندس ماءُ کيس تڪليف سان کڻي ٿي ۽ کيس تڪليف سان ڇٽي ٿي ۽ سندس (پيٽ ۾) کڻڻ ۽ کير ڇڏائڻ ٽيهه (30) مهينا آهي.

هيءَ انسانن کي الله پاڪ جي نصيحت آهي ته پنهنجي پيءُ ماءُ سان احسان ڪندا رهن. خصوصاً امڙ جيجل جو وڏيڪ خيال ڪيو ڇو ته اها پيءُ کان به وڏيڪ اولاد سان محنت ڪري ٿي. پيٽ ۾ ۽ کير پيارڻ جي مدت جيڪا ٽيهه مهينا آهي. اهو سڀ ماءُ برداشت ڪري ٿي.

جنت ۽ جهنم :

اولاد لاءِ ابو ۽ امان جنت به آهي ته جهنم به آهي. جيڪو والدين جي خدمت فرمانبرداري ڪري ٿو ته ان لاءِ جنت آهي، جيڪو انهن جي بي فرماني بي ادبي ڪري ٿو ته ان لاءِ جهنم آهي.

حديث نمبر 708 :

هڪ شخص رسول الله ﷺ کان پڇيو ته يا رسول الله اولاد تي پيءُ ماءُ جا حق ڪهڙا آهن؟ فرمايائون :

هُمَا جَنَّتُكَ وَنَارُكَ (ابن ماجه)[1]

پيءُ ماءُ تنهنجي لاءِ جنت به آهن ته جهنم به آهن.

---

[1] حديث نمبر 708: سنن ابن ماجه (ج 11/ص 53) كنز العمال (ج 16/ص 463) المقاصد الحسنة (ج 1/ص 238)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 709:

جاهمه نالي هڪ شخص ڪريم رحيم نبي ﷺ کي عرض ڪيو ته آءٌ جهاد تي وڃڻ چاهيان ٿو. پاڻ فرمايائون تنهنجا پيءُ ماءُ جيئرا آهن؟ عرض ڪيائين هائو. پاڻ فرمايائون :

اَلْزَمْهُمَا فَإِنَّ الْجَنَّةَ تَحْتَ أَرْجُلِهِمَا (طبراني)[1]

پيءُ ماءُ جي خدمت کي لازم ڪري وٺ جو ته جنت انهن جي پيرن هيٺان آهي.

حديث نمبر 710: رسول الله ﷺ فرمايو :

اَلْوَالِدُ أَوْسَطُ أَبْوَابِ الْجَنَّةِ (ابن ماجه)[2]

پيءُ جنت جي دروازن جو وچون دروازو آهي.

پيءُ راضي ته رب راضي :

حديث نمبر 711:

الله جو رضامندو پيءُ جي رضامندي ۾ آهي ۽ الله جو ڏمر پيءُ جي ناراضگي ۾ آهي.

رِضَى الرَّبِّ فِي رِضَى الْوَالِدِ وَسَخَطُ الرَّبِّ فِي سَخَطِ الْوَالِدِ (ترمذي)[3]

الله جو رضامندو پيءُ جي رضامندي ۾ آهي ۽ الله جو ڏمر پيءُ جي ناراضگي ۾ آهي.

حديث نمبر 712:

تاجدارِ مدينه حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ فرمايو ته چار ماڻهو اهڙا آهن جن جو حق آهي ته الله تعاليٰ انهن کي جنت ۾ داخل نه ڪري، نه ئي جنت جون نعمتون انهن کي چکائي:

1. شرابي 2. وياج کائڻ وارو 3. ناحق يتيمن جو مال کائڻ وارو.

---

[1] حديث نمبر 709: المعجم الكبير للطبراني: جَاهِمَةُ أَبُو مُعَاوِيَةَ السُّلَمِيُّ (ج 2/ ص 418۔ الرقم: 2157) مجمع الزوائد كتاب البر والصلة، باب ما جاء في البر وحق الوالدين (ج 8/ ص 138) كنز العمال (ج 16/ ص 462۔ الرقم: 45443)

[2] حدٹث نمبر 710: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ مِنَ الْفَضْلِ فِي رِضَا الْوَالِدَيْنِ (ج 7/ ص 123۔ الرقم: 1822) سنن ابن ماجه بَاب بِرِّ الْوَالِدَيْنِ (ج 11 / ص 54 ۔ الرقم: 3653) مسند أحمد: حديث أَبِي الدَّرْدَاءِ (ج 56 / ص 61 ۔ الرقم: 26252) مصنف ابن أبي شيبة (ج 6/ ص 99) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 6/ ص 419)

[3] حديث نمبر 711: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ مِنَ الْفَضْلِ فِي رِضَا الْوَالِدَيْنِ (ج 7/ ص 122۔ الرقم: 1821) الإبانة الكبرى لابن بطة، باب ذكر مناظرات المتحنين، الخ (ج 6/ ص 135۔ الرقم: 2517)

Scanned by CamScanner

4. پيءُ ماءُ جوبي فرمان. (مستدرک حاڪم) [1]

خبردار!

پيءُ ماءُ جو هر حڪم مڃڻ لازم آهي پر اهڙو حڪم جيڪو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي خلاف هجي يا دين سنت ۽ شريعت جي خلاف هجي تہ اُهو حڪم نہ مڃبو. ان جي بي فرماني ڪرڻ ۾ ڪوبہ گناهہ نہ آهي ڇوتہ:

لَا طَاعَةَ لِمَخْلُوْقٍ فِيْ مَعْصِيَةِ الْخَالِقِ (مشکاۃ المصابیح) [2]

مخلوق جي اهڙي فرمانبرداري نہ ڪيو جنهن سان خالق جي بي فرماني ٿئي.

وَ وَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ ۚ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ وَهْنًا عَلٰى وَهْنٍ وَّ فِصٰلُهٗ فِيْ عَامَيْنِ اَنِ اشْكُرْ لِيْ وَلِوَالِدَيْكَ ؕ اِلَيَّ الْمَصِيْرُ ○ (لقمان:14)

۽ اسان انسان کي سندس پيءُ ماءُ (جي خدمت) لاءِ وصيت ڪئي سين، ان جي ماءُ ان کي سختي مٿان سختيءَ تي کڻي ٿي ۽ (ٽنج کان) جدا ڪرڻ ان جو ڏن سالن ۾ آهي. (۽ اسان انسان کي هي بہ وصيت ڪئي سين تہ) مون رب جوبہ شڪر ڪر ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ جوبہ شڪر ڪر، آخر مون ڏانهن ئي موٽڻ آهي.

وَاِنْ جَاهَدٰكَ عَلٰٓى اَنْ تُشْرِكَ بِيْ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ۙ فَلَا تُطِعْهُمَا وَ صَاحِبْهُمَا فِي الدُّنْيَا مَعْرُوْفًا ○ (لقمان:15)

۽ جيڪڏهن (پيءُ ماءُ) تو تي سختي ڪن هن گالهہ جي تہ مون سان شرڪ ڪرين جنهن جو توکي علم ئي نہ آهي تہ پوءِ (ان گناهہ، شرڪ، بي فرماني) جي گالهہ ۾ انهن جي فرمانبرداري نہ ڪر. (پر پوءِ بہ) دنياوي معاملن ۾ انهن سان چڱائيءَ سان سلوڪ ڪر.

---

[1] حديث نمبر712: قال رسول الله ﷺ أربعة حق على الله أن لا يدخلهم الجنة ولا يذيقهم نعيمها مدمن الخمر وآكل الربا وآكل مال اليتيم بغير حق والعاق لوالديه. المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب البيوع (ج 5/ ص 365. الرقم: 2220) الكبائر للذهبي، الكبيرة الثامنة عقوق الوالدين (ج 1/ ص 14)

[2] حديث: مشكاة المصابيح كتاب الإمارة والقضاء الفصل الثاني (ج 2/ ص 341. الرقم: 3696)

Scanned by CamScanner

پيءُ ماءُ غير مسلم هجن تہ؟

جيڪڏهن ڪنهن جو پيءُ ماءُ ڪافر، مشرڪ، بي دين گمراهہ هجن تہ بہ اولاد کي ان سان چڱائي ڪرڻ گهرجي.

حديث نمبر 713 :

حضرت بيبي اسماء بنت ابوبڪر رضي الله عنها فرمايو تہ رسول الله ﷺ جي زماني ۾ منهنجي ماءُ مون وٽ آئي جيڪا مشرڪياڻي هئي، پوءِ مون رسول الله ﷺ کي عرض ڪيو تہ يا رسول الله منهنجي ماءُ اسلام کان منهن ڦيرائيندڙ آهي، اِها مون وٽ آئي آهي آءٌ ڇا ڪيان؟ پاڻ فرمايائون "پنهنجي ماءُ سان صلہ رحمي ڪر." (بخاری، مسلم) [1]

يعني ان جي خدمت چاڪري ڪر.

عمر ۾ رزق ۾ برڪت :

حديث نمبر 714 :

لَا يَرُدُّ الْقَضَاءَ إِلَّا الدُّعَاءُ وَلَا يَزِيدُ فِي الْعُمُرِ إِلَّا الْبِرُّ (ترمذی) [2]

تقدير نہ ٽي موٽي مگر دعا سان، عمر نہ ٽي وڌي مگر نيڪيءَ سان.

دعا سان آيل تقديرون بہ موٽي وڃن ٿيون، مشڪلاتون مصيبتون ڏک درد دعا سان ٽري وڃن ٿا ۽ نيڪي ڪرڻ سان عمر ۾ برڪت پوي ٿي. نيڪي ڪرڻ مان مراد پيءُ ماءُ سان احسان ڪرڻ آهي.

---

[1] حديث نمبر 713: عَنْ أَسْمَاءَ بِنْتِ أَبِي بَكْرٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمَا قَالَتْ قَدِمَتْ عَلَيَّ أُمِّي وَهِيَ مُشْرِكَةٌ فِي عَهْدِ رَسُولِ اللَّهِ ﷺ فَاسْتَفْتَيْتُ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ قُلْتُ وَهِيَ رَاغِبَةٌ أَفَأَصِلُ أُمِّي قَالَ نَعَمْ صِلِي أُمَّكِ. صحيح البخاري بَاب الْهَدِيَّةِ لِلْمُشْرِكِينَ. الخ(ج 9 / ص 85۔ الرقم: 2427) صحيح مسلم بَاب فَضْلِ النَّفَقَةِ وَالصَّدَقَةِ عَلَى الْأَقْرَبِينَ. الخ(ج 5 / ص 172۔ الرقم: 1671)

مسند أحمد: حديث اسماء بنت ابي بكر الصديق(ج 54 / ص 376۔ الرقم: 25703)

المعجم الكبير للطبراني ج 17 / ص 324۔ الرقم: 19691) معرفة الصحابة لأبي نعيم الأصبهاني (ج 22 / ص 404)

[2] حديث نمبر 714: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ لَا يَرُدُّ الْقَدَرَ إِلَّا الدُّعَاءُ (ج 8 / ص 27۔ الرقم: 2065)

سنن ابن ماجه بَاب فِي الْقَدَرِ (ج 1 / ص 98۔ الرقم: 87) مسند أحمد: حديث ثوبون رضي الله عنه(ج 45 / ص 367۔ الرقم: 21352) مصنف ابن أبي شيبة (ج 7 / ص 142) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 4 / ص 361)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 715:

مَنْ سَرَّهُ أَنْ يُمَدَّ لَهُ فِي عُمْرِهِ وَيُزَادَ لَهُ فِي رِزْقِهِ فَلْيَبَرَّ وَالِدَيْهِ وَلْيَصِلْ رَحِمَهُ (احمد)[1]

جيڪو ماڻهو چاهي تہ ان جي عمر وڌي ڪئي وجي ۽ ان جي رزق ڪي وڌايو وجي تہ ان ڪي گهرجي تہ پنهنجي پيءُ ماءُ سان نيڪي ڪري، ۽ صلہ رحمي ڪري. يعني پنهنجي مائٽن ڪي ڳنڍي.

طوبيٰ ان لاءِ آهي :

جنت ۾ طوبيٰ نالي هڪ ميويدار وڻ آهي جنهن ۾ هر طرح جا ميوا هوندا، اُهو جنت جو وڻ ان ڪي ملندو جنهن ابي امان جي خدمت ڪئي.

حديث نمبر 716:

مَنْ بَرَّ وَالِدَيْهِ طُوْبىٰ لَهُ، زَادَ اللّٰهُ فِيْ عُمُرِهِ (مسند ابی یعلیٰ)[2]

جنهن ماڻهو پنهنجي والدين سان نيڪي ڪئي، طوبيٰ ان لاءِ آهي، الله تعاليٰ ان جي عمر ۾ برڪت وجهي ٿو.

---

[1] حديث نمبر 715: مسند أحمد: مسند انس بن مالک رضي الله عنه (ج 27/ ص 356. الرقم: 13309)
شعب الإيمان للبيهقي. باب في بر الوالدين (ج 16/ ص 364. الرقم: 7610)

[2] حديث: مسند أبي يعلى الموصلي مسند معاذ بن أنس (ج 4/ ص 18. الرقم: 1464) المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب البر والصلة (ج 17/ ص 97. الرقم: 7366) المعجم الكبير للطبراني (ج 15/ ص 128. الرقم: 16845)

Scanned by CamScanner

باب ٻيون

پيءُ ماءُ جي خدمت

خوش نصيب آهي اُهو اولاد جنهن کي پيءُ ماءُ جي خدمت جي سعادت نصيب ٿئي ٿي. ان خدمت ۾ عظمت آهي ۽ اها خدمت عبادت آهي.

حديث نمبر 717 :

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه فرمايو ته مون رسول کريم صلي الله عليه وسلم کان پڇيو ته يا رسول الله، الله تعالي وٽ سڀ کان وڌيڪ پسنديده عمل کهڙو آهي؟ پاڻ فرمايائون :

اَلصَّلَاةُ عَلٰى وَقْتِهَا هر نماز ان نماز جي وقت تي ادا کرڻ.

وري عرض کيم ته پوءِ ان کان پوءِ سڀ کان پوکم جيکو الله وٽ پيارو هجي سو کهڙو آهي؟ پاڻ فرمايائون :

بِرُّ الْوَالِدَيْنِ : پيءُ ماءُ سان نيکي کرڻ. (بخاری، مسلم) 1

يعني الله پاڪ کي پيارا ڪم ٻه آهن :

1. الله جي نماز وقت تي پڙهڻ.
2. پنهنجي پيءُ ماءُ جي خدمت چاکري کرڻ.

جهاد پلو يا والدين جي خدمت؟

الله پاڪ جي راهه ۾ ڪافرن سان جهاد کرڻ، اسلام جي سرحد تي سر ڏيڻ جي بازي لڳائي ٻيهڻ ڪيڏو نه وڏو صالح عمل آهي، پر پيءُ ماءُ جي خدمت ان کان ٻه پلي آهي.

---

[1] حديث نمبر 717 : صحيح البخاري بَاب فَضْلِ الصَّلَاةِ لِوَقْتِهَا ج 2/ ص 353. الرقم: 496)
صحيح مسلم بَاب بَيَانِ كَوْنِ الْإِيمَانِ بِاللَّهِ تَعَالَى أَفْضَلُ الْأَعْمَالِ ج 1/ ص 235. الرقم: 122)
مسند أحمد: مسند عبد الله بن مسعود رضي الله عنه ج 8/ ص 230. الرقم: 3695)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 718 :

هڪ شخص رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ آيو، جهاد تي وڃڻ جي اجازت گهريائين. پاڻ فرمايائون ڇا تنهنجا پيءُ ماءُ جيئرا آهن؟ عرض ڪيائين هائو. پاڻ فرمايائون پيءُ ماءُ جي خدمت ۾ وڃي ڪوشش ڪر. (مسلم) 1

حديث نمبر 719:

حضرت ابو سعيد رضي الله عنه روايت ڪري ٿو ته:

أَنَّ رَجُلًا هَاجَرَ إِلَى رَسُولِ اللَّهِ ﷺ مِنَ الْيَمَنِ فَقَالَ هَلْ لَكَ أَحَدٌ بِالْيَمَنِ قَالَ أَبَوَايَ قَالَ أَذِنَا لَكَ قَالَ لَا قَالَ ارْجِعْ إِلَيْهِمَا فَاسْتَأْذِنْهُمَا فَإِنْ أَذِنَا لَكَ فَجَاهِدْ وَإِلَّا فَبِرَّهُمَا (ابو داؤد) 2

هڪ شخص رسول الله ﷺ جن وٽ يمن مان هجرت ڪري آيو. پاڻ فرمايائون يمن ۾ تنهنجو ڪو رشتيدار آهي؟ چيائين منهنجا پيءُ ماءُ آهن. پاڻ فرمايائون ڇا تون انهن کان (جهاد جي) اجازت ولي آيو آهين؟ عرض ڪيائين نه پاڻ فرمايائون واپس (يمن) ڏانهن موڪي وڃ پيءُ ماءُ کان اجازت گهر، جي موڪل ڏين تہ پوءِ جهاد ڪر نہ تہ انهن جي خدمت ويهي ڪر.

---

[1] حديث نمبر 718 : عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ عَمْرٍو قَالَ جَاءَ رَجُلٌ إِلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَسْتَأْذِنُهُ فِي الْجِهَادِ فَقَالَ أَحَيٌّ وَالِدَاكَ قَالَ نَعَمْ قَالَ فَفِيهِمَا فَجَاهِدْ. صحيح البخاري بَاب الْجِهَادِ بِإِذْنِ الأَبَوَيْنِ (ج 10 / ص 188. الرقم: 2782)

صحيح مسلم بَاب بِرِّ الْوَالِدَيْنِ وَأَنَّهُمَا أَحَقُّ بِهِ (ج 12 / ص 390. الرقم: 4623) السنن الكبرى للبيهقي (ج 9 / ص 25)

سنن النسائي باب الرُّخْصَةُ فِي التَّخَلُّفِ لِمَنْ لَهُ وَالِدَانِ (ج 10 / ص 148. الرقم: 3052)

مسند أحمد: مسند عبد الله بن عمرو رضي الله عنه (ج 13 / ص 295. الرقم: 6257) مصنف ابن أبي شيبة (ج 7 / ص 700)

[2] حديث نمبر 719: سنن أبي داود بَاب فِي الرَّجُلِ يَغْزُو وَأَبَوَاهُ كَارِهَانِ (ج 7 / ص 59. الرقم: 2168)

المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب الجهاد (ج 6 / ص 108. الرقم: 2456)

صحيح ابن حبان باب حق الوالدين (ج 2 / ص 334. الرقم: 423) السنن الكبرى للبيهقي (ج 9 / ص 26)

Scanned by CamScanner

اعراف ۾ رهڻ وارا :

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان پڇيو ويو ته اعراف ڇا آهي؟ ان ۾ ڪير رهندا؟ فرمايائين اعراف جنت ۽ دوزخ جي وچ ۾ هڪ اوچي جاءِ آهي جتي جنت جون نعمتون به آهن ۽ دوزخ جا عذاب به آهن. جيڪي ماڻهو پيءُ ماءُ جي موڪل کان سواءِ (انهن کي ناراض ڪري) جهاد تي ويا ۽ اتي شهيد ٿي ويا، اُهي اعراف ۾ رهندا. شهادت انهن کي جهنم ۾ وڃڻ نه ڏيندي، پيءُ ماءُ جي بي فرماني انهن کي جنت ۾ وڃڻ نه ڏيندي اُهي وچ ۾ رهندا جيستائين الله انهن جو فيصلو ڪري. (کتاب الکبائر)[1]

حديث نمبر 720 :

هڪ شخص رسول ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ آيو، عرض ڪيائين يا رسول الله آءٌ توهان سان هجرت جي بيعت ڪرڻ آيو آهيان پيءُ ماءُ کي روئندو ڇڏي آيو آهيان. پاڻ فرمايائون :

اِرْجِعْ إِلَيْهِمَا فَأَضْحِكْهُمَا كَمَا أَبْكَيْتَهُمَا (ابو داؤد)[2]

پنهنجي پيءُ ماءُ ڏانهن واپس موٽي وڃ جيئن انهن کي رڙاري آيو آهين تيئن وڃي انهن کي ڪِلاءِ.

معلوم ٿيو ته پيءُ ماءُ کي رنجائي، هجرت جهڙن پلن ڪمن تي وڃڻ درست نه آهي. اول ابي امان کي راضي ڪرڻ جو حق آهي.

حديث نمبر 721:

حضرت انس رضي الله عنه فرمايو ته هڪ ماڻهو رسول الله ﷺ جن وٽ آيو، چيائين ته مون کي جهاد جو ڏاڍو شوق آهي پر طاقت نه اٿم جو جهاد ڪري سگهان. پاڻ فرمايائون تنهنجي پيءُ ماءُ مان کو جيئرو آهي؟ چيائين امڙ جيئري آهيم. پاڻ فرمايائون ان جي خدمت ڪري الله کي راضي ڪر.

---

[1] حديث : الكبائر ،الكبيرة الثامنة عقوق الوالدين (ج 1/ ص 14)

[2] حديث نمبر 720: سنن النسائي باب الْبَيْعَةُ عَلَى الْهِجْرَةِ (ج 13 / ص 49 ـ الرقم: 4093) سنن أبي داود بَاب فِي الرَّجُلِ يَغْزُو وَأَبَوَاهُ كَارِهَانِ (ج 7/ ص 57 ـ الرقم: 2166) المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب البر والصلة (ج 17/ ص 95 ـ الرقم: 7364) صحيح ابن حبان (ج 2/ ص 328 ـ الرقم: 420) السنن الكبرى للنسائي (ج 4/ ص 425) مشكل الآثار للطحاوي (ج 5/ ص 116)

Scanned by CamScanner

جيڪڏهن تون ان جي خدمت ڪندين ته پوءِ تون (اجر ۽ ثواب ۽ انعام ۾) حاجي به آهين، عمرو ڪندڙ به آهين، جهاد ڪندڙ به آهين. (طبراني) [1]

جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي :

جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي پيءُ ماءُ جي خدمت ڪري ٿو ۽ انهن جي دل راضي ڪري ٿو ته الله ڪريم ان جي اولاد کي به خدمتگذار ۽ سندس فرمانبردار بنائيندو پر جيڪو پيءُ ماءُ سان سٺو نه ٿو هلي ته ان جو اولاد به ان سان سٺو نه هلندو.

هڪ شخص کي پُٽ مارڪُٽ ڪندي هٺ ڪَلي مان گذريو ته پيءُ دانهن ڪري پُٽ کي چيو ته هتي مون کي اجا به وڌيڪ مار. پٽ چيو ته ڇا لاءِ؟ چيائين هن ئي جاءِ تي مون به پنهنجي پيءُ کي ماريو هيو ان جاءِ تي اڄ منهنجو پٽ مون کي ماري رهيو آهي.

حديث نمبر 722 :

بَرُّوا آبَاءَكُمْ تَبَرَّكُمْ أَبْنَاؤُكُمْ ، وَعِفُّوا تَعِفَّ نِسَاؤُكُمْ (طبراني) [2]

توهان پنهنجن پيئرن سان نيڪي ڪيو ته توهان جا پٽ توهان سان نيڪي ڪندا، توهان پين جي عورتن کان پاڪدامن رهو ته توهان جون زالون پين کان پاڪ دامن رهنديون.

هڪ حديث ۾ آهي ته "هر ڪنهن گناهه جي سزا ۾ رب دير ڪندو آهي قيامت واري ڏينهن تائين يا جيترو چاهي پر پيءُ ماءُ جي بي فرمان کي مرڻ کان اڳ دنيا ۾ سزا ڏني ويندي آهي."

(آخرت جي سزا ان کان علاوه آهي).

---

[1] حديث نمبر 721: عن أنس بن مالك قال أتى رجل النبي ﷺ فقال إني أشتهي الجهاد وإني لا أقدر عليه فقال هل بقي أحد من والديك قال أمي قال فأبل الله عذرا في برها فإنك إذا فعلت ذلك فأنت حاج ومعتمر ومجاهد. المعجم الأوسط للطبراني باب من اسمه إبراهيم (ج 6 / ص 481 ـ الرقم: 3025) المعجم الصغير للطبراني باب من اسمه إبراهيم (ج 1 / ص 221 ـ الرقم: 217) شعب الإيمان للبيهقي باب في بر الوالدين (ج 16 / ص 343 ـ الرقم: 7589) مسند أبي يعلى الموصلي :مسند أنس بن مالك (ج 6 / ص 307 ـ الرقم: 2697)

[2] حديث نمبر 722: المعجم الكبير للطبراني عَنِ ابْنِ عُمَرَ (ج 11 / ص 173 ـ الرقم: 252) المعجم الأوسط للطبراني، باب من اسمه أحمد (ج 3 / ص 13 ـ الرقم: 1014)

Scanned by CamScanner

ماءُ جو حق وڌيڪ يا پيءُ جو؟

حمل، جڻڻ، کير پيارڻ، پالڻ، اوجاگا کرڻ ۾ وڌيڪ تڪليف ماءِ سهي ٿي ان ڪري ماءِ جو حق پيءُ کان وڌيڪ مقرر ڪيو ويو آهي ۽ ماءِ، پيءُ کان وڌيڪ ٻچي سان پيار رکي ٿي. پيءُ جو نطفو پٽيءَ ۾ هوندو آهي ماءِ جو نطفو سيني ۾ هوندو آهي. سينو دل کي پٽيءَ کان وڌيڪ ويجهو آهي. انڪري اولاد سان پيءُ کان وڌيڪ ماءِ جي دل هوندي آهي.

حديث نمبر 723 :

حضرت حبيب ڪريم ﷺ وٽ هڪ شخص آيو عرض ڪيائين ته يا رسول الله ماڻهن مان منهنجي صحبت ۽ خدمت جو سڀ کان وڌيڪ حقدار ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون تنهنجي ماءِ. چيائين پوءِ ڪير؟ فرمايائون تنهنجي ماءِ. چيائين پوءِ ڪير؟ فرمايائون تنهنجي ماءِ. چيائين پوءِ ڪير؟ فرمايائون تنهنجو پيءُ. (بخاری، مسلم) [1]

معلوم ٿيو ته پيءُ کان ٽي ڀيرا وڌيڪ ماءِ جو حق آهي.

ماسي :

ماءِ جي ڀيٽ کي ماسي چئبو آهي يا وري اسان وٽ سنڌ ۾ پيءُ جي ڀي زال کي ماسي چوندا آهن. عام طرح گهر جي خدمتگذار يا ٻارن نهائڻ واري عورت کي به ماسي چيو ويندو آهي، اصل سڳ ۾ ماسي اُها آهي جيڪا ماءِ جي ڀيٽ هجي.

حديث نمبر 724 :

حضرت ابن عمر رضی الله عنه فرمايو رسول الله ﷺ وٽ هڪ ماڻهو آيو، عرض ڪيائين ته يا رسول الله مون تمام وڏو گناهه ڪيو آهي ڇا منهنجي توبه قبول ٿيندي؟ پاڻ فرمايائون ڇا تنهنجي ماءِ جيئري آهي؟ چيائين نه. پاڻ فرمايائون ڀلا تنهنجي ڪا ماسي آهي؟

---

[1] حديث نمبر 723: جَاءَ رَجُلٌ إِلَى رَسُولِ اللهِ ﷺ فَقَالَ يَا رَسُولَ اللهِ مَنْ أَحَقُّ النَّاسِ بِحُسْنِ صَحَابَتِي قَالَ أُمُّكَ قَالَ ثُمَّ مَنْ قَالَ ثُمَّ أُمُّكَ قَالَ ثُمَّ مَنْ قَالَ ثُمَّ أُمُّكَ قَالَ ثُمَّ مَنْ قَالَ ثُمَّ أَبُوكَ. صحيح البخاري بَاب مَنْ أَحَقُّ النَّاسِ بِحُسْنِ الصُّحْبَةِ (ج 18 / ص 363. الرقم: 5514) صحيح مسلم بَاب بِرِّ الْوَالِدَيْنِ وَأَنَّهُمَا أَحَقُّ بِهِ (ج 12 / ص 388. الرقم: 4621) سنن ابن ماجه بَاب النَّهْيِ عَنْ الْإِمْسَاكِ فِي الْحَيَاةِ وَالتَّبْذِيرِ عِنْدَ الْمَوْتِ (ج 8 / ص 176. الرقم: 2697) مسند أحمد: مسند ابي هريرة رضي الله عنه (ج 18 / ص 262. الرقم: 8720) مسند أبي يعلى الموصلي: مسند أبي هريرة (ج 12 / ص 335. الرقم: 5947)

Scanned by CamScanner

چيائين هائو. پاڻ فرمايائون وڃي ان سان نيڪي ڪر. (ترمذی، ابن حبان، حاكم) [1]

معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن ڪو وڏو گناهہ يا ڪا برائي ٿي پوي تہ پنهنجي ماءُ جي خدمت ڪجي، ان کان دعا ونجي، گناهہ معاف ٿي ويندو. پر جيڪڏهن ماءُ جيئري نہ هجي تہ ماسيءَ سان صلہ رحمي نيڪي ڪجي تہ بہ الله پاڪ گناهہ معاف فرمائي ڇڏيندو. جاهل ماڻهو چوندا آهن تہ:

چاچو نہ ٿئي پيءُ، توڙي سڄو ڏينهن چويس جيءُ،
ماسي نہ ٿئي ماءُ، توڙي سڄو ڪيي ڏئي ساهہ.

چاچو:

عام طرح ڪنهن بہ ماڻهو کي "چاچا" يا "ڪاڪا" چيو ويندو آهي پر حقيقت ۾ چاچو اُهو آهي جيڪو پيءُ جو ڀاءُ آهي. چاچي سان چڱائي ڪرڻ، ستو سلوڪ ڪرڻ ۽ صلہ رحمي ڪرڻ بہ تمام ستو عمل آهي. حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو آهي تہ "چاچو پيءُ جي مثل آهي." انڪري چاچي جي بہ عزت احترام ڪرڻ گهرجي.

هڪ دفعي نبي ڪريم ﷺ جا چاچا حضرت عباس رضی اللہ عنہ ڪجهہ ماڻهن جي شڪايت بارگاهِ نبوت ۾ آندي تہ آقا ڪريم ﷺ اصحابن سڳورن سان مخاطب ٿيندي فرمايو:

يَا أَيُّهَا النَّاسُ، مَنْ آذَى عَمِّي فَقَدْ آذَانِي فَإِنَّمَا عَمُّ الرَّجُلِ صِنْوُ أَبِيهِ [2]

اي انسانو ٻڌو! جنهن منهنجي چاچا کي ڏڪ ڏنو تہ ان مون کي ڏکايو چو تہ چاچو پيءُ جيان هوندو آهي.

---

[1] حديث نمبر 724: عَنْ ابْنِ عُمَرَ أَنَّ رَجُلًا أَتَى النَّبِيَّ ﷺ فَقَالَ يَا رَسُولَ اللَّهِ إِنِّي أَصَبْتُ ذَنْبًا عَظِيمًا فَهَلْ لِي تَوْبَةٌ قَالَ هَلْ لَكَ مِنْ أُمٍّ قَالَ لَا قَالَ هَلْ لَكَ مِنْ خَالَةٍ قَالَ نَعَمْ قَالَ فَبِرَّهَا. سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي بِرِّ الْخَالَةِ (ج 7/ ص 131۔ الرقم: 1827)
صحيح ابن حبان باب حق الوالدين (ج 2/ ص 360۔ الرقم: 436) المستدرك للحاكم (ج 17/ ص 101۔ الرقم: 7370)
شعب الإيمان للبيهقي باب في بر الوالدين (ج 16/ ص 374۔ الرقم: 7620)

[2] مسند ابن أبي شيبة (2/ 395)

Scanned by CamScanner

رضائي ماءُ :

اُها عورت جنهن جو ننڍپڻ ۾ ڪير پيٽو هجي اُها رضائي ماءُ سڏبي آهي. ان جي به عزت ۽احترام حقيقي ماءُ وانگر ڪرڻ گهرجي.

حديث نمبر 725 :

هڪ عورت رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ آئي پاڻ ان لاءِ چادر وڇايائون، ان کي تحفو ڏنائون. پڇيو ويو ته اُها عورت ڪير آهي؟ چيائون ته اُها حضور عليه السلام جي رضائي ماءُ آهي. (ابو داؤد)1

ڪبيرا گناهه :

حديث نمبر 726 :

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته ڪبيرا گناهه هي آهن :

1. الله سان شرڪ ڪرڻ 2. پيءُ ماءُ جي بي فرماني ڪرڻ 3. ڪنهن کي قتل ڪرڻ.
4. ڪوڙو قسم کڻڻ. (بخاری)2

حديث نمبر 727:

حضور نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو ته ٽي ماڻهو اهڙا آهن جن ڏانهن قيامت واري ڏينهن الله پاڪ (رحمت جي) نظر ئي نه ڪندو.

1. پيءُ ماءُ جو بي فرمان 2. شرابي 3. ڪنهن سان احسان ڪري وري ٿورا ٿڦيندڙ.

۽ ٽي ماڻهو جنت ۾ داخل نه ٿيندا:

1. پيءُ ماءُ جو بي فرمان 2. ديوث (بي غيرت مرد) 3. اُها عورت جا مرد سان مشابهت ڪري. (نسائی)3

---

[1] حديث نمبر 725: سنن أبي داود بَاب فِي بِرِّ الْوَالِدَيْنِ (ج 13/ ص 356۔الرقم: 4479)
المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب البر والصلة (ج 17/ ص 142۔الرقم: 7403)

[2] حديث نمبر 726: صحيح البخاري (ج 21/ ص 238۔الرقم: 6409) شعب الإيمان للبيهقي فصل في بيان كبائر الذنوب (ج 1/ ص 312۔الرقم: 285) مشكل الآثار للطحاوي (ج 2/ ص 375۔الرقم: 744) السنن الكبرى للبيهقي (ج 10/ ص 35)

[3] حديث نمبر 727: سنن النسائي (ج 8/ ص 342۔الرقم: 2515) شعب الإيمان للبيهقي (ج 16/ ص 309۔الرقم: 7556)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 728:

رسول الله ﷺ فرمايو ته تي ماڻهو اهڙا آهن جن تي الله تعالي جنت حرام ڪري ڇڏي آهي.

1. شرابي 2. پيءُ ماءُ جو بي فرمان 3. ديوث جيڪو پنهنجي گهر ۾ گندگي ڏسي پر غيرت نه ڪري. (احمد) [1]

حديث نمبر 729:

حضرت نبي ڪريم عليه التحيه والتسليم فرمايو ته تي ڪم اهڙا آهن جن جي هوندي ٻيو ڪوبه عمل نفعو نه ڏيندو.

1. الله سان شرڪ ڪرڻ 2. پيءُ ماءُ جي بي فرماني ڪرڻ 3. جنگ کان پٺي ڏئي ڀڄڻ.

(طبراني) [2]

حديث نمبر 730:

حضرت ابوهريره رضي الله عنه روايت ڪئي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته تي دعائون قبول ٿيل آهن:

1. پيءُ جي دعا پٽ لاءِ 2. مظلوم جي دعا 3. مسافر جي دعا (بيهقي) [3]

هڪ روايت ۾ آهي ته پيءُ ماءُ جي دعا اولاد لاءِ ائين آهي جيئن نبي جي دعا پنهنجي امتي لاءِ.

پيءُ ماءُ کي گار:

امڙ ۽ ابي کي گار ڀاڻ ته نه ڏجي پر ٻين کان به نه ڏيارجي ڇو ته اُهو به ڪبيرو گناهه آهي.

---

[1] حديث نمبر 728: ثَلَاثَةٌ قَدْ حَرَّمَ اللهُ عَلَيْهِمُ الْجَنَّةَ مُدْمِنُ الْخَمْرِ وَالْعَاقُّ وَالدَّيُّوثُ الَّذِي يُقِرُّ فِي أَهْلِهِ الْخَبَثَ. مسند أحمد: مُسْنَدُ عَبْدِ اللهِ بْنِ عُمَرَ بْنِ الْخَطَّابِ (ج 12/ ص 376۔ الرقم: 5839)

[2] حديث نمبر 729: ثَلَاثَةٌ لَا يَنْفَعُ مَعَهُنَّ عَمَلٌ: الشِّرْكُ بِاللهِ، وَعُقُوقُ الْوَالِدَيْنِ، وَالْفِرَارُ مِنَ الزَّحْفِ. المعجم الكبير للطبراني، عَنْ ثَوْبَانَ رضي الله عنه (ج 2/ ص 113۔ الرقم: 1404)

[3] حديث نمبر 730: قال رسول الله ﷺ ثلاث دعوات مستجابة دعوة الوالد على ولده ودعوة المظلوم ودعوة المسافر. مسند أحمد: مسند ابي هريرة رضي الله عنه (ج 21/ ص 334۔ الرقم: 10290) شعب الإيمان للبيهقي فصل في ذكر ما ورد من التشديد في الظلم (ج 16/ ص 11۔ الرقم: 7205) مسند عبد بن حميد: من مسند أبي هريرة رضي الله عنه (ج 4/ ص 46۔ الرقم: 1425)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 731:

رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ پنهنجي پيءُ ماءُ کي گار ڏيڻ تمام وڏو گناهہ آهي. اصحابن چيو تہ يا رسول الله! ڇا کو ماڻهو پنهنجي پيءُ ماءُ کي بہ گار ڏئي سگهي ٿو؟ پاڻ فرمايائون هائو. کو ماڻهو کنهن جي پيءُ کي گار ڏئي تہ پوءِ اُهو وري هِن جي پيءُ کي گار ڏئي، کو ماڻهو کنهن جي ماءُ کي گار ڏئي تہ پوءِ اُهو وري هِن جي ماءُ کي گار ڏئي.

(بخاری، مسلم)[1]

ان طرح سان کنهن ٻئي جي پيءُ ماءُ کي گار ڏيڻ، لعنت کرڻ، گلا غيب کرڻ جائز نہ آهي. ان جي موٽ ۾ اُهو بہ ائين چوندو تہ اِهو ڇڪ ماڻهو پاڻ پنهنجي پيءُ ماءُ کي گار ڏني.

قبر مان گڏهہ جا آواز:

حضرت عوام بن حَوشَبُ رضی اللہ عنہ فرمايو تہ مان هڪ شهر ۾ آيس. ان شهر جي پاسي ۾ هڪ قبرستان هيو. جڏهن شام ٿي تہ ٽپهري نماز بعد هڪ قبر ڦاٽي پئي ان مان هڪ ماڻهو ظاهر ٿيو جنهن جو مٿو گڏهہ وانگر هيو ۽ باقي جسم انسان وانگر هيو. ان ماڻهو گڏهن وانگر ٽي ٻيرا هينگون کيون وري قبر ۾ داخل ٿي ويو تہ قبر برابر ٿي وئي. ڳوٺ وارن کان مون ان ماڻهو بابت پڇيو. چيائون اُهو ماڻهو شراب پيئندو هيو. ان جي ماءُ ان کي منع کندي هئي تہ ماءُ کي چوندو هيو تہ تون گڏهہ وانگر هينگون ٿي کرين. پوءِ اُهو ماڻهو ٽپهري نماز بعد مئو، هاڻي روزانہ ٽپهري بعد ان جي قبر ڦاٽندي آهي ۽ ٽي ٻيرا گڏهہ وانگر هينگون کري وري قبر ۾ داخل ٿي ويندو آهي. اِهو سڀ ماءُ جي بي ادبي ۽ بي فرماني جي سزا آهي. (الترغيب والترهيب)[2]

---

[1] حديث نمبر 731: قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِنَّ مِنْ أَكْبَرِ الْكَبَائِرِ أَنْ يَلْعَنَ الرَّجُلُ وَالِدَيْهِ قِيلَ يَا رَسُولَ اللّٰهِ وَكَيْفَ يَلْعَنُ الرَّجُلُ وَالِدَيْهِ قَالَ يَسُبُّ الرَّجُلُ أَبَا الرَّجُلِ فَيَسُبُّ أَبَاهُ وَيَسُبُّ أُمَّهُ . صحيح البخاري بَاب لَا يَسُبُّ الرَّجُلُ وَالِدَيْهِ (ج 18/ ص 367. الرقم: 5516) صحيح مسلم بَاب بَيَانِ الْكَبَائِرِ وَأَكْبَرِهَا (ج 1/ ص 245. الرقم: 130) مسند أحمد: مسند عبدالله بن عمرو بن العاص (ج 14/ ص 272. الرقم: 6734) مصنف ابن أبي شيبة (ج 6/ ص 248) تفسير ابن أبي حاتم (ج 18/ ص 256)

[2] صحيح الترغيب والترهيب، الترغيب في بر الوالدين وصلتهما (ج 2/ ص 335. الرقم: 2517)

Scanned by CamScanner

شبِ معراج :

حديث نمبر 732 :

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو ته معراج واري رات مون هڪڙا اهڙا ماڻهو ڏٺا جيڪي جهنم جي باهه ۾ رسين ۾ لڙڪيل هئا. مون پڇيو اُهي ڪير آهن؟ چيو ويو اُهي ماڻهو آهن جي پيءُ ماءُ کي گاريون ڏيندا هئا. (كتاب الكبائر) 1

چهري جو ديدار :

ابي ءِ امر حي چهرن جو ديدار ڪرڻ به عبادت آهي. الله تعاليٰ جي بارگاهه مان ان جو به اجر و ثواب ڏنو ويندو.

حديث نمبر 733:

سيدنا عبدالله بن عباس رضي الله عنها كان روايت آهي رسول الله ﷺ فرمايو :

مَا مِنْ وَلَدٍ بَارٍّ يَنْظُرُ نَظْرَةَ رَحْمَةٍ إِلَّا كَتَبَ اللهُ بِكُلِّ نَظْرَةٍ حَجَّةً مَبْرُورَةً ، قَالُوا: وَإِنْ نَظَرَ كُلَّ يَوْمٍ مِائَةَ مَرَّةٍ؟ قَالَ: نَعَمْ ، اللهُ أَكْبَرُ وَأَطْيَبُ . (بيهقي) 2

پيءُ ماءُ سان نيڪي ڪندڙ پُٽ جڏهن انهن ڏانهن باجهه سان نهاري ٿو ته هر نظر جي بدلي ان لاءِ مبرور حج جو ثواب الله پاڪ لکائي ڇڏي ٿو. اصحابن عرض ڪيو ته جيڪڏهن سؤ ييرا (پيءُ ماءُ ڏانهن) نهاري ته؟ پاڻ فرمايائون هائو، الله وڏو آهي ءِ پاڪ آهي.

سؤ ييرا نهاري ته الله ان کي سؤ حجن جو ثواب ڏئي ته ان جي خزاني ۾ ڪهڙي ڪمي ايندي.

حديث نمبر 732: قال رسول الله ﷺ رأيت ليلة أسري بي أقواماً في النار معلقين في جذوع من نار فقلت يا جبريل من هؤلاء قال الذين يشتمون آباءهم وأمهاتهم في الدنيا. الكبائر، الكبيرة الثامنة عقوق الوالدين (ج 1 / ص 14)

2 شعب الإيمان (265/10)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 734:

اَلنَّظْرُ إِلَى الْوَالِدِ عِبَادَةٌ وَالنَّظْرُ إِلَى الْكَعْبَةِ عِبَادَةٌ وَالنَّظْرُ فِي الْمُصْحَفِ عِبَادَةٌ وَالنَّظْرُ إِلَى أَخِيكَ حُبًّا لَهُ فِي اللهِ عِبَادَةٌ (بيهقي)[1]

پيءُ ماءُ ڏانهن نهارڻ عبادت آهي. ڪعبة الله ڏانهن نهارڻ عبادت آهي. قرآن شريف ڏانهن نهارڻ عبادت آهي. ڪنهن مسلمان ڀاءُ سان الله واسطي محبت منجهان نهارڻ عبادت آهي.

حديث نمبر 735:

مَنْ قَبَّلَ بَيْنَ عَيْنَيْ أُمِّهِ كَانَ لَهُ سِتْرًا مِنَ النَّارِ (بيهقي)[2]

جنهن ماڻهو ماءُ جي ٻنهين اکين جي وچ ۾ (پيشاني تي) چمي ڏني تہ ان لاءِ جهنم جي باهہ کان پردو هوندو.

حضرت مڪحول فرمايو جيڪڏهن تون نماز ۾ هجين ۽ تو کي ماءُ سڏ ڪري تہ نماز پڄي ان کي جيءُ چوءِ جيڪڏهن پيءُ سڏ ڪري تہ نماز کان فارغ ٿي پوءِ جيءُ چوءِ.

(تفسير در منثور)[3]

خدمت جون صورتون :

والدين جي خدمت ۽ انهن سان ڀلائي ڪرڻ جون ڪيئي صورتون آهن، جهڙوڪ :

1. انهن جي جائز ضرورتن کي پورو ڪرڻ.
2. کاڌو پيتو لتو ڪپڙو مهيا ڪرڻ.
3. ٻنهنجي هٿ يا زبان سان انهن کي ايذاءُ نہ پهچائڻ.
4. بيمار ٿي پون تہ انهن جو علاج ڪرائڻ.
5. انهن کي ڪا بہ تڪليف پهچڻ نہ ڏيڻ.

---

[1] حديث نمبر 734: شعب الإيمان للبيهقي باب في بر الوالدين (ج 16 / ص 369. الرقم: 7615)

[2] حديث نمبر 735: شعب الإيمان للبيهقي باب في بر الوالدين (ج 16 / ص 370) كنز العمال (ج 16 / ص 462)

[3] تفسير : الدر المنثور (ج 6 / ص 256. الاسراء)

Scanned by CamScanner

6. انهن سان نرم ۽ مٺو ڳالهائڻ، تيز يا کارو نه ڳالهائڻ. انهن کي جڙب نه ڏيڻ، پر اُف به نه چوڻ.
7. پنهنجي پٽ کان وڌيڪ پيءُ کي پيار ورکڻ، زال کان وڌيڪ ماءُ کي پيار ورکڻ.
8. انهن طرفان ڏک ملن تہ برداشت کرڻ.
9. انهن جي آواز کان پنهنجو آواز هيٺاهون رکڻ.
10. انهن جو نالو وٺي سڏ نہ کرڻ.
11. جن ماڻهن سان والدين ملڻ جلڻ ترک کن، انهن سان پاڻ بہ ترک کرڻ.
12. والدين جي دوستن سان دوستي رکڻ.
13. پيءُ جي مرڻ بعد بہ ان جي دوستن سان سٺو سلوک کرڻ.
14. تبليغ يا جهاد يا هجرت کان اڳ انهن کان اجازت طلب کرڻ.
15. ماءُ جو پيو کوبہ خدمتگار نہ هجي تہ ان جي اجازت کان سواءِ حج تي نہ وڃڻ.
16. رستي ۾ انهن جي اڳيان نہ پر پويان ائين هلڻ جيئن غلام آقا جي پويان هلندو آهي.
17. جيئري توڙي مُئي انهن کي دعا استغفار سان ياد کرڻ، پنهنجي هر هک دعا ۾ انهن کي ياد کرڻ.
18. انهن لاءِ اُهو پسند کرڻ جيکو پنهنجي لاءِ پسند کجي، انهن لاءِ اُها شيءِ نا پسند کرڻ جيکا پنهنجا لاءِ نا پسند هجي.
19. انهن کي پٺي نہ ڏيڻ.
20. انهن جي سامهون يا پرپٺ اهڙو کم نہ کرڻ جنهن سان انهن جي عزت ۽ آبرو ۾ خلل پوي.

والدين جو شڪر بجا آڻڻ:

الله کريم پنهنجي پاڻهي سان وڏا وڏ ۽ احسان کري ٿو پاڻهي کي حق آهي تہ پنهنجي کريم رب جي احسانن ۽ انعامن جو شڪريہ ادا کري. ناشڪر بندي تي رب ناراض ٿئي ٿو، اهڙي طرح پيءُ ماءُ پنهنجي ٻچڙن سان احسان کن ٿا تہ انهن جو شڪر ادا کرڻ بہ لازم آهي. رب پاڪ فرمايو آهي تہ:

اَنِ اشْكُرْ لِيْ وَلِوَالِدَيْكَ ۝ (لقمان:14)

Scanned by CamScanner

منهنجو شڪر ادا ڪر ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ جو شڪر ادا ڪر.

ڪتاب الڪبائر ۾ امام ذهبي بيان فرمايو آهي ته حضرت ابن عباس رضي الله عنها فرمايو آهي ته الله پاڪ قرآن ۾ ٽي آيتون اهڙيون نازل ڪيون آهن جن ۾ گڏوگڏ ٻه حڪم ڏنا آهن. انهن مان هڪ تي عمل ڪري ٻئي تي عمل نه ڪري ته هڪ به قبول نه ڪيو ويندو.

1. رب فرمايو ته: اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ ○ (النساء:59)

الله جي اطاعت ڪيو ۽ رسول الله جي اطاعت ڪيو.

جيڪو ماڻهو الله جي اطاعت ڪري ۽ رسول الله جي اطاعت نه ڪري ته اُها قبول نه آهي.

2. وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ○ (النور:56)

نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ڏيو.

جيڪو ماڻهو نماز پڙهي ۽ زڪوات نه ڏئي ته اِها نماز قبول ناهي.

3. اَنِ اشْكُرْ لِيْ وَلِوَالِدَيْكَ ○ (لقمان:14)

منهنجو شڪر ادا ڪر ۽ پنهنجي والدين جو شڪر ادا ڪر.

جيڪو ماڻهو الله جو شڪر ادا ڪري ۽ پيءُ ماءُ جو شڪر ادا نه ڪري ته اِهو الله جو شڪر به الله وٽ قبول نه آهي. (ڪتاب الڪبائر) 1

ڪراڙپ ۾ خدمت:

پيءُ ماءُ جيئن جيئن ڪراڙا ٿين تيئن تيئن اولاد کي انهن جو وڌيڪ خيال ڪرڻ لازم آهي. ڇو ته ڪراڙپ ۾ عاجزي محتاجي وڌي ويندي آهي ته ٻئي جي خدمت جي وڌيڪ ضرورت پوندي آهي. ۽ ڪراڙپ ۾ طبيعت ۾ چڙ، غصو ۽ ڪاوڙ به وڌي ويندي آهي ان ڪري اولاد کي اِهي سڀ ڳالهيون برداشت ڪري خدمت کي غنيمت سمجهڻ گهرجي اِهو ئي وقت آهي جنت کي حاصل ڪرڻ جو.

---

[1] الكبائر للذهبي. الكبيرة الثامنة عقوق الوالدين (ج 1 / ص 13)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 736 :

رسول اڪرم هاديءَ عالم حضرت محمد ﷺ جن فرمايو تہ ان جو نڪ رڳڙجي وڃي ان جو نڪ رڳڙجي وڃي. چيو ويو تہ يا رسول الله، ڪنهن جو؟ فرمايائون ان جو جيڪو پنهنجي پيءُ ماءُ کي ڪراڙپ ۾ لهي انهن مان هڪ کي يا پنهين کي ۾ پوءِ بہ جنت ۾ داخل نہ ٿئي.

(مسلم) [1]

هيءَ هڪ قسم جي بد دعا آهي تہ ان ماڻهو جو نڪ رڳڙجي يعني ذليل ۽ خوار ٿئي اُهو ماڻهو جيڪو پيءُ ماءُ کي ڪراڙپ ۾ ڏسي ۽ پوءِ بہ انهن جي خدمت ڪري جنت حاصل نہ ڪري.

ٿوري خدمت گهڻو اجر :

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما هڪ شخص کي ڏٺو جو پنهنجي ماءُ کي ڪلهن تي کڻي ڪعبہ جو طواف ڪرائي رهيو هيو. ان شخص ابن عمر کي چيو تہ "چا مون پنهنجي ماءُ جو حق ادا ڪيو؟" ڀاڙ فرمايائون تہ "هڪ احسان بہ ماءُ جو ادا نہ ڪيئي پر تو چگو ڪيو."

وَاللّٰهُ يُثَيِّبُكَ عَلَى الْقَلِيْلِ كَثِيْرًا (كتاب الكبائر) [2]

الله پاڪ تو کي انهيءَ ٿوري خدمت جو گهڻو اجر عطا ڪندو.

حديث نمبر 736: عَنِ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ رَغِمَ أَنْفُ ثُمَّ رَغِمَ أَنْفُ ثُمَّ رَغِمَ أَنْفُ قِيلَ مَنْ يَا رَسُولَ اللّٰهِ قَالَ مَنْ أَدْرَكَ أَبَوَيْهِ عِنْدَ الْكِبَرِ أَحَدَهُمَا أَوْ كِلَيْهِمَا فَلَمْ يَدْخُلِ الْجَنَّةَ. صحيح مسلم بَاب رَغِمَ أَنْفُ مَنْ أَدْرَكَ أَبَوَيْهِ أَوْ أَحَدَهُمَا عِنْدَ الْكِبَرِ (ج 12/ص 396۔الرقم: 4627)

واخرجه الترمذي في السنن بلفظ: رَغِمَ أَنْفُ رَجُلٍ أَدْرَكَ عِنْدَهُ أَبَوَاهُ الْكِبَرَ فَلَمْ يُدْخِلَاهُ الْجَنَّةَ.

سنن الترمذي بَاب قَوْلِ رَسُولِ اللّٰهِ ﷺ رَغِمَ أَنْفُ رَجُلٍ (ج 11/ص 455۔الرقم: 3468)

مسند أحمد: مسند ابي هريرة رضي الله عنه (ج 17/ص 243۔الرقم: 8201)

[2] الكبائر ، الكبيرة الثامنة عقوق الوالدين (ج 1/ص 14)

Scanned by CamScanner

باب ٽيون
والدين جي وفات بعد

پيءُ ماءُ پنهنجي اولاد سان ايتري تہ محنت ۽ خدمت ڪن ٿا جو سڄي زندگي اولاد انهن جي خدمت ڪري تہ بہ سندن حق پورا نہ ٿا ڪري سگهن. پيءُ ماءُ جيڪڏهن وفات ڪري وڃن تہ بہ انهن جي اولاد مٿان انهن جا حق باقي رهن ٿا.

حديث نمبر 737 :

حضرت ابو اسيد ساعدي رضي الله عنه فرمايو تہ اسان رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ ويٺا هئاسين تہ قبيلي بنو سلمہ جو هڪ شخص خدمت عالي ۾ آيو عرض ڪيائين يا رسول الله منهنجا پيءُ ماءُ فوت ٿي ويا آهن ڇا انهن جي مرڻ کان پوءِ بہ کا ڇڳائي آهي جو انهن سان ڇڳائي ڪيان؟ پاڻ فرمايائون هائو:

الصَّلَاةُ عَلَيْهِمَا وَالِاسْتِغْفَارُ لَهُمَا وَإِنْفَاذُ عَهْدِهِمَا مِنْ بَعْدِهِمَا وَصِلَةُ الرَّحِمِ الَّتِي لَا تُوصَلُ إِلَّا بِهِمَا وَإِكْرَامُ صَدِيقِهِمَا (ابو داؤد)[1]

1. **انهن تي نماز پڙهڻ:** يعني جنازي جي نماز پڙهڻ يا صلواة دعا جي معني ۾ ايندي آهي، ان جو مطلب اِهو ٿيو تہ پيءُ ماءُ وفات ڪري وڃن تہ اولاد کي گهرجي تہ انهن لاءِ دعائون گهرندو رهي.
2. **انهن لاءِ بخشش گهرڻ:** اولاد کي گهرجي تہ پيءُ ماءُ جي رحمت مغفرت رب العالمين کان گهرندو رهي، تہ الله تعالي انهن جا گناهہ معاف ڪري انهن جا درجا بلند ڪري.

---

[1] حديث نمبر 737: سنن أبي داود بَاب فِي بِرِّ الْوَالِدَيْنِ ج 13/ ص 353. الرقم: 4476)
سنن ابن ماجه بَاب صِلْ مَنْ كَانَ أَبُوكَ يَصِلُ ج 11/ ص 56. الرقم: 3654) السنن الكبرى للبيهقي ج 4/ ص 28) المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب البر والصلة ج 17/ ص 100. الرقم: 7369) المعجم الكبير للطبراني ج 14/ ص 171)

Scanned by CamScanner

3. **انهن کان پوءِ انهن سان ڪيل وعدو پورو ڪرڻ:** جيڪا انهن وصيت ڪئي هجي تہ اُها پوري ڪجي، يا انهن جيڪو وعدو ورتو هجي تہ اُهو وعدو نياڻجي، جيئن پيءُ وعدو ورتو تہ فلاڻي جاءِ تي نہ وڃجاءِ. هاڻي پيءُ جي زندگي ۾ تہ اتي نہ ويو پر مرڻ کان پوءِ بہ پيءَ سان ڪيل وعدو پورو ڪري.

4. **اهڙي صلہ رحمي جيڪا خاص سندس پيءُ ماءُ جي هجي اُها صلہ رحمي ڪرڻ:** يعني پيءُ جي ماڻڻن عزيزن سان پيءُ جي ڪري ڳانڍاپو ڳنڍيون اچي. ماءُ جي رشتيدارن عزيزن قريبن سان محبت جو ناتو نياهيون اچي.

5. انهن جي دوستن جو احترام ڪرڻ: پيءُ جي دوستن ماءُ جي عزيزن ءِ ان جي سهيلين جي عزت احترام ڪرڻ.

حديث نمبر 738:

حضرت ابوبرده رضي الله عنه فرمايو تہ آءٌ مدينہ منوره ۾ آيس تہ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما مون سان ملڻ لاءِ آيو. چيائين تو کي خبر آهي تہ آءٌ تو وٽ ڇا لاءِ آيو آهيان؟ مون چيو تہ نہ. فرمايائين مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو هو تہ ٻاڻ فرمايائون:

مَنْ أَحَبَّ أَنْ يَّصِلَ أَبَاهُ فِيْ قَبْرِهِ فَلْيَصِلْ إِخْوَانَ أَبِيْهِ بَعْدَهُ (ابن حبان)[1]

جيڪو ماڻهو چاهي تہ پنهنجي پيءَ سان قبر ۾ ڳانڍاپو ڪري تہ ان کي گهرجي تہ پيءُ کان پوءِ ان جي دوستن سان ڳانڍاپو رکي.

سو منهنجي پيءُ عمر ءِ تنهنجي پيءُ ۾ پائپي دوستي هئي سو مان اُها ڳنڍيڻ لاءِ آيو آهيان. (ابن حبان)

حديث نمبر 739:

إِنَّ مِنْ أَبَرِّ الْبِرِّ صِلَةَ الرَّجُلِ أَهْلَ وُدِّ أَبِيهِ بَعْدَ أَنْ يُوَلِّيَ (مسلم)[2]

---

[1] حديث نمبر 738: صحيح ابن حبان باب حق الوالدين (ج 2/ص 354۔الرقم: 433)

مسند أبي يعلى الموصلي: مسند عبد الله بن عمر (ج 11/ص 425۔الرقم: 5538)

[2] حديث نمبر 739: صحيح مسلم بَاب فَضْلِ صِلَةِ أَصْدِقَاءِ الْأَبِ وَالْأُمِّ وَنَحْوِهِمَا (ج 12/ص 401۔الرقم: 4631)

مسند الشهاب القضاعي. إن أبر البر أن يصل الرجل أهل ود أبيه (ج 4/ص 28۔الرقم: 927)

Scanned by CamScanner

ماڻهو جي زور پليون نيڪين مان هي آهي جو پنهنجي پيءُ جي مرڻ بعد ان جي دوستن سان احسان ڪري.

مرڻ کان پوءِ زيارت جو عمل :

جيڪڏهن ڪنهن جو پيءُ يا ماءُ يا ڪو پيو رشتيدار وفات ڪري ويو هجي ۽ خواب ۾ ان جو حال ڏسڻ چاهي يا انهن جي زيارت ڪرڻ چاهي ته هي عمل ڪري.

حضرت حسن بصري رحمة الله عليه کان منقول آهي ته جو شخص ڪنهن فوت ٿيل جي قبر واري حالت ڏسڻ چاهي ته ان کي گهرجي ته سومهٽي نماز کان پوءِ چار رڪعتون نماز نفل پڙهي هر رڪعت ۾ الحمد سان گڏ سورة الهاكم التكاثر پندرهن ڀيرا پڙهي پوءِ هيءَ دعا پڙهي سمهي پئي.

اَللّٰهُمَّ اَرِنِیْ(هتي فوت شده جو نالو ونجي)عَنْ الْحَالَةِ الَّتِیْ هُوَ عَلَيْهَا

انشاء الله اُهو ماڻهو ان کي پنهنجي اصلي حالت ۾ نظر اچي ويندو.

ڪنهن ٻئي جو پُٽ سڏائڻ :

ڪي مت جا ماريا پنهنجي پيءُ جي بجاءِ پاڻ کي ڪنهن ٻئي جو پٽ سڏائيندا آهن، ڪي وري پنهنجي ذات متائي ٻي ذات سڏائيندا آهن. ياد رکو اِهو ڪبيرو گناهه آهي، اهڙي ماڻهو تي جنت حرام آهي.

حديث نمبر 740:

حضرت سعد رضي الله عنه چيو ته مدني ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو:

مَنْ ادَّعَى إِلَى غَيْرِ أَبِيهِ وَهُوَ يَعْلَمُ أَنَّهُ غَيْرُ أَبِيهِ فَالْجَنَّةُ عَلَيْهِ حَرَامٌ(بخاري)[1]

جنهن ماڻهو پنهنجي پيءُ جي بجاءِ ڪنهن ٻئي جو پاڻ کي پٽ سڏايو خبر به اٿس ته اِهو منهنجو پيءُ نه آهي ته ان تي جنت حرام آهي.

---

[1] حديث نمبر 740: صحيح البخاري ج 13 / ص 221۔ الرقم: 3982) صحيح مسلم ج 1 / ص 200۔ الرقم: 96) سنن أبي داود بَاب فِي الرَّجُلِ يَنْتَمِي إِلَى غَيْرِ مَوَالِيهِ ج 13 / ص 316۔ الرقم: 4449) سنن ابن ماجه ج 8 / ص 35۔ الرقم: 2600) مسند أحمد ج 3 / ص 385) مصنف عبد الرزاق ج 9 / ص 51)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 741:

حضرت ابوهريره رضي الله عنه محبوبن کريمن صلي الله عليه وسلم کان روايت کئي ته :

لَا تَرْغَبُوا عَنْ آبَائِكُمْ فَمَنْ رَغِبَ عَنْ أَبِيهِ فَهُوَ كُفْرٌ (بخاري)[1]

پنهنجي پيئرن کان منهن نه موڙيو (پنهنجي پيءُ جي بجاءِ کنهن ٻئي جا پٽ نه سڏايو) جنهن ماڻهو پنهنجي پيءُ کان منهن موڙيو ته اهو کافر آهي.

عبدالله بن عمر جو عمل :

حديث نمبر 742:

حضرت عبدالله بن دينار چيو ته هڪ ڏينهر. حضرت عبدالله بن عمر بن خطاب رضي الله عنهما مکي جي رستي سان اچي رهيا هئا ته هڪ اعرابي شخص کين مليو. حضرت عبدالله ان کي سلام کيو ۽ پنهنجي گڏهه تي ان کي سوار کيائين ۽ پنهنجي مٿي جي پڳ لاهي ان کي پهرايائين. حضرت ابن دينار کيس عرض کيو ته اي عبدالله اهي اعرابي ٿورڙي تي راضي ٿي ويندا آهن (توهان جو هيڏي تکليف کئي. پنهنجي سواري ان جي حوالي کئي، پنهنجي پڳ ان کي پهرائي؟) پاڻ فرمايائون ان ماڻهو جو پيءُ منهنجي پيءُ حضرت عمر جو دوست هيو. مون رسول الله صلي الله عليه وسلم کان ٻڌو هيو ته "سڀ کان پلي نيکي اِها آهي جو اولاد پنهنجي پيءُ جي (مرڻ بعد ان) جي دوستن سان پلائي ڪري." (مسلم)[2]



---

[1] حديث نمبر 741: صحيح البخاري بَاب مَنْ ادَّعَى إِلَى غَيْرِ أَبِيهِ (ج 21/ص 13۔الرقم: 6270)
صحيح مسلم بَاب بَيَانِ حَالِ إِيمَانِ مَنْ رَغِبَ عَنْ أَبِيهِ وَهُوَ يَعْلَمُ (ج 1/ص 198۔الرقم: 94) مسند أحمد: مسند ابي هريرة رضي الله عنه (ج 21/ص 437۔الرقم: 10393) مستخرج أبي عوانة (ج 1/ص 49)

[2] حديث نمبر 742: صحيح مسلم بَاب فَضْلِ صِلَةِ أَصْدِقَاءِ الْأَبِ وَالْأُمِّ وَنَحْوِهِمَا (ج 12/ص 401۔الرقم: 4631)
مسند الشهاب القضاعي: إن أبر البر أن يصل الرجل أهل ود أبيه (ج 4/ص 28۔الرقم: 927)

Scanned by CamScanner

باب چوٿون

صلہ رحمي ڪرڻ

پنهنجي عزيزن رشتہ دارن سان قرب سلوڪ ڪرڻ، انهن سان سٹو برتاءُ ڪرڻ، انهن کي سڏ پت ۾ شريڪ ڪرڻ، انهن سان متي مائٹي ڳنڍڻ، انهن جي مليل تڪليفن تي صبر ڪرڻ، اُهي ڇنن تہ بہ انهن سان ڳنڍڻ اِهي سڀ صلہ رحمي جون صورتون آهن. جيڪو مائٹيون ڳنڍيي ٿو رب ڪريم بہ ان کي پنهنجي قرب ۾ آڻي ٿو، جو مائٹيون ڇني ٿو رب ڪريم ان تي سخت ناراض ٿئي ٿو. قرآن پاڪ ۾ ءِ احاديث نبوي ۾ صلہ رحمي جو تمام گهٽو تاڪيد ڪيو ويو آهي الله پاڪ فرمايو آهي تہ:

وَالَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ وَيَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ ۙ اُولٰٓئِكَ لَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْٓءُ الدَّارِ ○ الرعد:26)

ءِ اُهي ماڻهو جيڪي الله جو عهد ان جي پڪي ٹيڙ کان پوءِ ٽوڙن ٿا ءِ ڇنن ٿا جنهن کي رب ڳنڍڻ جو حڪم ڏنو آهي ءِ زمين ۾ فساد ڪن ٿا تہ انهن جو حصو لعنت ئي آهي ءِ انهن لاءِ بُرو گهر (دوزخ) آهي.

حديث نمبر 743 :

حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہ رسول الله ﷺ جو قول بيان ڪيو تہ پاڻ فرمايائون : جيڪو ماڻهو الله تي ءِ آخرت واري ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ان کي لازم آهي تہ پنهنجي مهمان جي عزت ڪري ءِ جو ماڻهو الله تي ءِ آخرت واري ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ان کي لازم آهي تہ صلہ رحمي ڪري ءِ جو شخص الله تي ءِ قيامت واري ڏينهن تي ايمان رکي ٿو تہ ان کي گهرجي تہ چگو ڳالهائي نہ تہ خاموش رهي. (بخاری، مسلم) [1]

---

[1] حديث نمبر 743: صحيح البخاري ج 19 / ص 105۔ الرقم: 5673) صحيح مسلم (ج 1 / ص 163۔ الرقم: 67)

Scanned by CamScanner

حديث پاڪ ۾ مؤمن ٻانهي لاءِ ٽي ڳالهيون لازم قرار ڏنيون ويون آهن. اگر سچو مؤمن آهي تہ پنهنجي مهمان جي عزت آبروءِ آجيان ڪري، اگر سچو مؤمن آهي تہ مائٽن سان مائٽيون ڳنڍي، اگر سچو مؤمن آهي تہ زبان سان سٺو ڳالهائي اگر سٺي ڳالهہ نہ اٿس تہ خاموش رهي.

رزق ۾ برڪت :

اڄڪلهہ رزق ۾ تنگي جي شڪايت عام ٿي وئي آهي. هر ڪنهن جي رڙ آهي تہ پوري نہ ٿي پوي، ان تنگي جا گهڻائي ڪارڻ آهن انهن مان هڪ خاص سبب هيءُ بہ آهي جو ماڻهن مائٽيون ڇني ڇڏيون آهن. صلہ رحمي جو جذبو دلين مان نڪري ويو آهي ان ڪري رزق ۾ تنگي اچي وئي آهي. هاڻي اگر ڪو ماڻهو پنهنجي رزق روزي ۾ برڪت آڻڻ چاهي ٿو تہ ان کي گهرجي تہ صلہ رحمي ڪري، اسان جي حبيب سهڻي محمد ڪريم ﷺ فرمايو :

حديث نمبر 744:

مَنْ أَحَبَّ أَنْ يُبْسَطَ لَهُ فِي رِزْقِهِ وَيُنْسَأَ لَهُ فِي أَثَرِهِ فَلْيَصِلْ رَحِمَهُ

(بخاري، مسلم) [1]

جو ماڻهو رزق جي ڪشادگي چاهي ٿو ۽ چاهي ٿو تہ ان جو موت پوئتي ڪيو وڃي (ان جي عمر ۾ برڪت وڌي وڃي) تہ ان کي صلہ رحمي ڪرڻ گهرجي.

مستدرڪ حاڪم ۾ حضرت مولا علي ڪرم الله وجہ الڪريم کان روايت آهي تہ رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ "جنهن ماڻهو کي اِها ڳالهہ وٽي ٿي تہ ان جي عمر ۾ برڪت وڌي وڃي ۽ ان جو رزق ڪشادو ڪيو وڃي ۽ ان کان برو موت ٽاريو وڃي تہ ان کي گهرجي تہ الله کان ڊڄي ۽ صلہ رحمي ڪري." (مستدرڪ حاڪم) [2]

---

[1] حديث نمبر 744: صحيح البخاري بَاب مَنْ بُسِطَ لَهُ فِي الرِّزْقِ بِصِلَةِ الرَّحِمِ (ج 18 / ص 386. الرقم: 5527) صحيح مسلم بَاب صِلَةِ الرَّحِمِ وَتَحْرِيمِ قَطِيعَتِهَا (ج 12 / ص 411. الرقم: 4639) شعب الإيمان للبيهقي باب في صلة الأرحام (ج 16 / ص 473. الرقم: 7713) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7 / ص 27)

[2] حديث: من سره أن تطول حياته ويزاد في رزقه فليصل رحمه . المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 17 / ص 127)

Scanned by CamScanner

الله جي رضا :

حديث نمبر 745:

حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو تہ رسول الله ﷺ فرمايو:

الرَّحِمُ مُعَلَّقَةٌ بِالْعَرْشِ تَقُولُ مَنْ وَصَلَنِي وَصَلَهُ اللَّهُ وَمَنْ قَطَعَنِي قَطَعَهُ اللَّهُ (بخاری، مسلم)[1]

رحم عرش سان لڙکيل آهي، چوي ٿو تہ جنهن مون کي ڳنڍيو، الله ان کي (پنهنجي قرب ۾) ڳنڍيندو، جنهن مون کي ڇنو الله ان کي ڇنندو.

هاڻي جيڪو ماڻهو الله جو قرب چاهي ٿو، رب کي راضي کرڻ چاهي ٿو تہ ان کي گهرجي تہ صلہ رحمي ڪري. جنهن کي غريب مٽ مائٽ آهن انهن جي غربت کي ڏسي هيٺين حالن کي ڏسي انهن کان نفرت نہ ڪري، خير خيرات سان انهن کي ياد ڪري. پيو ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهي تہ رڳو انهن سان قرب جو ڳالهائي انهن سان دعا سلام رکي تہ بہ رب راضي ٿئي ٿو. پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو تہ:

صِلُوا أَرْحَامَكُمْ وَلَوْ بِالسَّلَامِ[2]

صلہ رحمي ڪيو توڙي جو اسلام عليڪم چوڻ سان.

---

[1] حدیث نمبر 745: عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ الرَّحِمُ مُعَلَّقَةٌ بِالْعَرْشِ تَقُولُ مَنْ وَصَلَنِي وَصَلَهُ اللَّهُ وَمَنْ قَطَعَنِي قَطَعَهُ اللَّهُ.

صحيح مسلم بَاب صِلَةِ الرَّحِمِ وَتَحْرِيمِ قَطِيعَتِهَا (ج 12/ ص 407۔ الرقم: 4635)

صحيح البخاري بَاب مَنْ وَصَلَ وَصَلَهُ اللَّهُ (ج 18/ ص 390۔ الرقم: 5530)

سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي رَحْمَةِ النَّاسِ (ج 7/ ص 161۔ الرقم: 1847)

مسند أحمد (ج 49/ ص 356۔ الرقم: 23200)

[2] حديث: شعب الإيمان للبيهقي باب في صلة الأرحام (ج 16/ ص 500۔ الرقم: 7740)

الآداب الشرعية، فصل فِي صِلَةِ الرَّحِمِ وَحَدِّ مَا يَحْرُمُ قَطْعُهُ مِنْهَا (ج 2/ ص 62)

Scanned by CamScanner

خيرات جو اول حق :

ڪيترن ماڻهن کي ڏنو ويو آهي تہ ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ هيڏي هوڏي خيراتون ڪندا آهن پر پنهنجي غريب مائٽن جي سار سنيال ئي نہ لهندا آهن. الله پاڪ وٽ اِها خيرات ئي قبول نہ آهي.

حديث نمبر 746:

مَنْ كَانَ لَهُ أَقَارِبُ ضُعَفَاءُ وَلَمْ يُحْسِنْ إِلَيْهِمْ وَيَصْرِفُ صَدَقَتَهُ إِلَى غَيْرِهِمْ لَمْ يَقْبَلِ اللهُ مِنْهُ صَدَقَتَهُ وَلَا يَنْظُرُ إِلَيْهِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ (طبرانی)[1]

جنهن ماڻهو جا ضعيف مسڪين مائٽ آهن، انهن سان پلائي نہ ٿو ڪري، پنهنجا صدقا (خيراتون) ٻئي پاسي ٿو ڏئي تہ الله تعاليٰ ان جا اُهي صدقا قبول نہ ٿو ڪري، پر قيامت واري ڏينهن الله تعاليٰ ان ڏانهن (رحمت جي) نظر ڪري نہ نهاريندو.

سڀ کان پلي خيرات :

حديث نمبر 747:

حضرت بيبي ام ڪلثوم رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو :

إِنَّ أَفْضَلَ الصَّدَقَةِ الصَّدَقَةُ عَلَى ذِي الرَّحِمِ الْكَاشِحِ (طبرانی، حاکم)[2]

سڀ کان پلو صدقو اُهو صدقو آهي جيڪو اهڙي عزيز کي ڏنو وڃي جو دل ۾ ڳجهي عداوت رکندڙ هجي.

اَلْكَاشِحُ الَّذِیْ يُضْمِرُ عَدَاوَتَهُ

"ڪاشح" ان ماڻهو کي چئبو آهي جيڪو ڳجهي دشمني رکندڙ هجي.

---

[1] حديث نمبر 746: الكبائر للذهبي، الكبيرة التاسعة هجر الأقارب (ج 1/ ص 16)

[2] حديث نمبر 747: مسند أحمد: حَدِيثُ أَبِي أَيُّوبَ الْأَنْصَارِيِّ رَضِيَ اللَّهُ تَعَالَى عَنْهُ (ج 48/ ص 25۔ الرقم: 22430) المعجم الكبير للطبراني، حَكِيمُ بن بَشِيرٍ ، عَنْ أَبِي أَيُّوبَ (ج 4/ ص 188۔ الرقم: 3826) المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب الزكاة (ج 4/ ص 9۔ الرقم: 1427) بغية الحارث باب الصدقة على ذي الرحم (ج 1/ ص 107) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7/ ص 27)

Scanned by CamScanner

چنندڙ سان ڳنڍيو :

اِها هڪ مڃيل ڳالهه آهي ته مائٽن عزيزن قريبن مان انسان کي اکثر ڪري اهنج ۾ ايذاءُ ملندا آهن، ڪنهن چيو آهي ته :

اَلْاَقَارِبُ كَالْعَقَارِبِ : مائٽ وڇون جي مثل آهن.

جيئن وڇون جو ڪم ڏنگڻ هوندو آهي تئين مائٽن جو ڪم به ڏنگڻ آهي.

ڪنهن بزرگ چيو آهي ته توهان مائٽن کي پنهنجي ران جو گوشت رڌي کارايو ته به توهان کان خوش نه ٿيندا. ها جيڪڏهن انهن کي راضي ڪرڻ چاهيو ٿا ته جيڪو انهن جو توهان ڏي حق ٿئي ان کان ڏيڻو ڏيو ۾ جيڪو توهان جو انهن تي حق ٿئي اهو گهين معاف ڪري ڇڏيو پوءِ ڪجهه راضي ٿيندا.

نبين، ولين، ۾ الله جي پيارن سان وڏيڪ دشمنيون عداوٽون عزيزن قريبن جون رهيون آهن. اِهي سڀ ڳالهيون سهي وري به انهن سان ڀلائي ڪرڻ اِهو ئي ته اُهو عمل آهي جنهن سان رب راضي ٿئي ٿو، رزق ۾ برڪت پوي ٿي، ان جي ئي بدلي جنت جو وعدو ٿيل آهي. ڇڳائي ڪندڙ سان ته هر ڪو ڇڳائي ڪندو آهي پر ڪمال اُهو آهي جو برائي ڪندڙ سان ڀلائي ڪئي وڃي.

حديث نمبر 748 :

لَيْسَ الْوَاصِلُ بِالْمُكَافِئِ وَلَكِنْ الْوَاصِلُ الَّذِي إِذَا قُطِعَتْ رَحِمُهُ وَصَلَهَا

(بخاری، مسلم) [1]

صلہ رحمي ڪندڙ اُهو نه آهي جيڪو ڇڳائي ڪندڙ سان ڇڳائي ڪري، پر (حقيقت ۾) صلہ رحمي ڪندڙ اُهو آهي جنهن کان ڇنو وڃي ته ان سان ڳنڍي.

---

[1] حديث نمبر 748: صحيح البخاري بَاب لَيْسَ الْوَاصِلُ بِالْمُكَافِئِ (ج 18 / ص 394. الرقم: 5532) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي صِلَةِ الرَّحِمِ (ج 7 / ص 139. الرقم: 1831) سنن أبي داود بَاب فِي صِلَةِ الرَّحِمِ (ج 5 / ص 16. الرقم: 1446) مسند أحمد: مسند ابي هريرة رضي الله عنه (ج 13 / ص 276. الرقم: 6238) شعب الإيمان للبيهقي (ج 7 / ص 432. الرقم: 3275)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 749:

حضرت سيدنا ابوهريره رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ سرڪار دو عالم نور مجسم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ جنهن ماڻهو ۾ ٿي ڳالهيون هجن الله تعالىٰ (روز محشر) ان سان آسان حساب ڪندو ۽ پنهنجي خصوصي رحمت سان ان ڪي جنت ۾ داخل ڪندو. هڪ اصحابي عرض ڪيو تہ يا رسول الله منهنجو ابو امان تو تان قربان اِهي ٿي ڳالهيون ڪهڙيون آهن؟ پاڻ فرمايائون:

تُعْطِي مَنْ حَرَمَكَ وَتَصِلُ مَنْ قَطَعَكَ وَتَعْفُو عَمَّنْ ظَلَمَكَ (طبراني، حاكم)[1]

جيڪو توکي محروم ڪري تون ان ڪي عطا ڪر، جيڪو تو کان ڇني تون ان سان ڳنڍ جيڪو تو سان ظلم ڪري تون (بدلي وٺڻ بدران) ان ڪي معاف ڪر، جڏهن تون ائين ڪندين تہ رب تو ڪي جنت ۾ داخل ڪندو.

اعمال قبول ئي ناهن!

جيڪو ماڻهو ڇنڊڻ آهي ان جا عمل عبادتون رب وٽ هرگز قبول نہ ٿيون پون جيستائين صلہ رحمي نہ ڪري.

حديث نمبر 750:

لَا يُقْبَلُ عَمَلُ قَاطِعِ رَحِمٍ (احمد)[2]

ماڻهيون ڇنڊڻ جو ڪو بہ عمل قبول نہ ٿو ڪيو وڃي.

ايستائين جو پندرهين شعبان جي ڀلاري رات ۾ جنهن ۾ ايترا مسلمان بخشجي وڃن ٿا جيترا بنو ڪلب قبيلي جي ٻڪرين جي ٻنين تي وارَ آهن پر ماڻهيون ڇنڊڻ ماڻهو جي ان رات ۾ بہ بخشش نہ ٿي ٿئي. (بيهقي)

---

[1] حديث نمبر 749: المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 9 / ص 126 ـ الرقم: 3873) المعجم الكبير للطبراني، قطعة من مفقود، عن ابي هريرة (ج 20 / ص 32) شعب الإيمان للبيهقي (ج 16 / ص 483) السنن الكبرى للبيهقي (ج 10 / ص 235)

[2] حديث نمبر 750: مسند أحمد: مسند ابي هريرة رضي الله عنه (ج 20 / ص 427 ـ الرقم: 9883) شعب الإيمان للبيهقي، باب في صلة الأرحام (ج 16 / ص 494 ـ الرقم: 7734)

Scanned by CamScanner

جنت ۾ داخل نہ ٿيندو!

حديث نمبر 751:

لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ قَاطِعُ رَحِمٍ (بخاري، مسلم)[1]

مائٽيون ڇنندڙ جنت ۾ داخل نہ ٿيندو.

رحمت نہ ٿي نازل ٿئي!

حديث نمبر 752:

حضرت عبدالله بن ابي اوفيٰ رضي الله عنه فرمايو تہ هڪ ڏينهن اسان رسول الله ﷺ جي مجلس ۾ ويٺا هئاسين تہ پاڻ فرمايائون اڄ مائٽيون ڇنڻ وارو اسان سان گڏ نہ ويهي. حلقي منجهان هڪ شخص اٿيو، اهو ماڻهو پنهنجي ماسي وٽ ويو، ان جي ماسي جي وچ ۾ ڪجهہ رنجش هئي. هن ماسيءَ لاءِ استغفار پڙهي ۽ ماسي هن لاءِ بخشش گهري، (رنجش ختم ٿي) پوءِ اُهو ماڻهو واپس مجلس ۾ موٽي آيو، پوءِ رسول الله ﷺ فرمايو تہ:

إِنَّ الرَّحْمَةَ لَا تَنْزِلُ عَلَى قَوْمٍ فِيهِمْ قَاطِعُ رَحِمٍ (الترغيب والترهيب)[2]

بيشڪ الله جي رحمت اهڙي قوم تي نازل نہ ٿي ٿئي جنهن قوم ۾ مائٽيون ڇنندڙ هجي.

طبراني ۾ روايت آهي تہ پاڻ فرمايائون تہ رحمت جا ملائڪ اهڙي قوم تي نازل نہ ٿا ٿين جنهن قوم ۾ مائٽيون ڇنندڙ هجي. (طبراني)

جهنم جو نانگ:

جنهن کي الله پاڪ مال دولت سان نوازيو آهي، ان کي پنهنجي ذاتي ضروريات کان واڌو مال جمع ڪري رکڻ جو حق نہ آهي.

---

[1] حديث نمبر 751: صحيح مسلم بَاب صِلَةِ الرَّحِمِ وَتَحْرِيمِ قَطِيعَتِهَا (ج 12 / ص 409۔ الرقم: 4637) صحيح البخاري بَاب إِثْمِ الْقَاطِعِ (ج 18 / ص 383۔ الرقم: 5525) سنن أبي داود بَاب فِي صِلَةِ الرَّحِمِ (ج 5 / ص 15۔ الرقم: 1445) مصنف عبد الرزاق (ج 11 / ص 174) المعجم الأوسط للطبراني، من اسمه: حبوش (ج 8 / ص 176۔ الرقم: 3672) مسند الشاميين للطبراني (ج 5 / ص 418۔ الرقم: 1763)

[2] حديث نمبر 752: الترغيب والترهيب، كتاب البر والصلة وغيرهما (ج 2 / ص 79۔ الرقم: 1503) شعب الإيمان للبيهقي، بَاب في صلة الأرحام (ج 16 / ص 489۔ الرقم: 7729)

Scanned by CamScanner

بلڪ لازم آهي تہ زيادہ مال الله جي راهہ ۾ خرچ ڪري مسڪينن محتاجن غريبن جي سار سنڀال لهي. پنهنجا مائٽ اگر مسڪين هجن تہ انهن کي پنهنجي عطا نوازش کان نہ وساري. دنيادار سمجهندو آهي تہ مال منهنجو آهي، دولت منهنجي آهي، ڪنهن کي خيرات ڏيان تہ منهنجي مرضي، نہ ڏيان تہ منهنجي مرضي، حقيقت ائين نہ آهي. رب ڪريم فرمايو تہ:

وَفِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ لِّلسَّآئِلِ وَالْمَحْرُوْمِ ○ (الذاريات:19)

ءِ انهن جي مالن ۾ سائل جوءِ بي نصيب جو حق آهي.

سائل اُهو آهي جيڪو اچي ڪا شيءِ گهري. محروم اُهو آهي جو اڳي شاهوڪار هيو هاڻي قدرتاً غريب ٿي ويو آهي. انهن ٻنهين جو مالدار جي مالن ۾ حق آهي. سائل يعني گهرندڙ کي تہ طوعاً ڪرهاً ڏنو ويندو آهي پر محروم کي اڻ گهريو هلي وڃي ڏنو وڃي اُهو ان جو حق آهي. حقُ حقُ آهي. ڪو مڃي يا نہ مڃي. حقدار کي حق ڏيڻ لازم آهي، ڪو ڪنهن جو حق ڪائي وڃي تہ اُهو ظلم آهي. ڪو اچي پنهنجو حق طلب ڪري تہ انهيءَ کي ڏيڻ لازم آهي. اگر حق ادا نہ ڪندو تہ ان ڪان ان جو پڇاڙو بہ ٿيندو ءِ عذاب بہ ٿيندو.

حديث نمبر 753:

مَا مِنْ ذِيْ رَحِمٍ يَأْتِيْ ذَا رَحِمِهٖ يَسْأَلُهٗ فَضْلًا أَعْطَاهُ اللّٰهُ إِيَّاهُ فَيَبْخَلُ عَلَيْهِ إِلَّا أَخْرَجَ اللّٰهُ لَهٗ يَوْمَ الْقِيَامَةِ مِنْ جَهَنَّمَ حَيَّةً يُقَالُ لَهَا شُجَاعٌ فَيُطَوَّقُ بِهٖ (طبراني ڪبير)[1]

ڪنهن بہ رشتيدار وٽ ڪو رشتيدار اچي ان ڪان الله جي ڏنل واڌو مال مان گهري ءِ اهو بخيلي ڪري ٿو (ان مائٽ کي ڪجهہ بہ نہ ٿو ڏئي) تہ قيامت واري ڏينهن الله تعاليٰ جهنم مان هڪ نانگ ڪيندو جنهن جو نالو "شُجاع" هوندو اهو ڳٽ ٿي ان (مالدار) جي ڳچيءَ ۾ پئجي ويندو.

---

[1] حديث نمبر 753: المعجم الأوسط للطبراني باب الميم من اسمه: محمد (ج 12/ ص 329۔ الرقم: 5751)

Scanned by CamScanner

قرآن پاڪ ۾ الله تعالىٰ فرمايو آهي تہ:

وَالَّذِيْنَ فِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ مَّعْلُوْمٌ ۙ لِّلسَّآئِلِ وَالْمَحْرُوْمِ ۙ (المعارج: 24-25)

اُهي جن جي مال ۾ هڪ معلوم حق آهي گهرندڙ لاءِ ۽ بي نصيب لاءِ.

اي مالدارؤ! توهان مال و دولت کي پنهنجي جاگير نہ سمجهو، اِها سڀ توهان کي رب جي عطا ۽ سخا آهي. انهي کي رڳو پاڻ پنهنجي عيش ۽ آرام ۾ استعمال نہ ڪيو، پر انهي دولت ۾ سائلن جو به حق آهي، محرومن محتاجن ۽ مسڪينن جو به حق آهي.

حق جي حيثيت استحبابي نہ پر وُجوبي هوندي آهي، حق حق آهي، ادا ڪرڻ لازم آهي. انسان جي پنهنجي ذاتي ضرورت هي آهي جو سڀني محبوب ڪريم ﷺ واضح فرمائي ڇڏيو آهي تہ:

روٽي، لانگوٽي، مڪان:

کاڌي لاءِ ماني، انگ اوڍڻ لاءِ ڪپڙو، رهڻ لاءِ جاءِ، اِهي هر انسان جون ذاتي ضرورتون آهن.

حديث نمبر 754:

لَيْسَ لِابْنِ آدَمَ حَقٌّ فِي سِوَى هَذِهِ الْخِصَالِ بَيْتٌ يَسْكُنُهُ وَثَوْبٌ يُوَارِي عَوْرَتَهُ وَجِلْفُ الْخُبْزِ وَالْمَاءِ (ترمذی)[1]

آدم جي پٽ جو هنن ٽن شين کان سواءِ (واڌو مال و دولت) ۾ حق نہ آهي.

1. گهر جنهن ۾ رهي. 2. ڪپڙو جيڪو ان جي اگهڙ ڍڪي. 3. ماني جو ٽڪر ۽ پاڻي.

اِهي ٽي شيون انساني زندگي جون بنيادي ضرورتون آهن انهن کان علاوه واڌو مال کي سائلن، مسڪينن، غريبن، محرومن ۾ ورهائڻ گهرجي. گهرڻ وارن کي تہ ڏجي پر جيڪي سفيد پوش گهري نہ ٿا سگهن، اهڙن کي ڳولي ڳولي خيرات ڏجي ۽ سيني کان وڌيڪ حق مسڪين محتاج مائٽن جو آهي.

---

[1] حديث نمبر 754: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الزَّهَادَةِ فِي الدُّنْيَا. منه (ج 8/ص 336. الرقم: 2263)

مسند عبد بن حميد: مسند عثمان بن عفان رضي الله عنه (ج 1/ص 51. الرقم: 47)

Scanned by CamScanner

بنا گھرڻ جي هلي وڃي انهن کي پنهنجي عطائن سان نوازجي. ٻي صورت جهنم جي نانگ شجاع جي ڏنگن برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويهجي.

ٽي شيون نہ روڪيو : هونئن تہ پنهنجي ضرورت کان واڌو هر شيءِ روڪڻ درست نہ آهي پر خصوصاً ٽن شين روڪڻ کان سخت منع آهي.

حديث نمبر 755:

لَا يُمْنَعُنَ الْمَاءُ وَالْكَلَأُ وَالنَّارُ (ابن ماجه)[1]

پاڻي، باهہ ۽ گاهہ نہ ٿو روڪي سگھجي.

مثلاً توهان وٽ کوهہ يا نلڪو آهي تہ توهان کي حق نہ آهي تہ ڪنهن کي ان جو پاڻي پيرڻ يا پيئڻ کان روڪيو بلڪہ پاڻ بہ پيئو ۽ ٻين کي پيئڻ ڏيو. يا توهان واٽر ڪورس جا مالڪ آهيو، پنهنجي زمين بہ پرايو پر پاڙي ۾ ڪنهن ٻئي جي زمين جو پاڻي نہ روڪيو بلڪہ اِها بہ خيرات ۽ ثواب جو ڪم آهي.

ٻيو : توهان وٽ باهہ پري ٿي کو ماڻهو ٽاندو ڪٽڻ اچي تہ ان کي منع نہ ڪيو.

ٽيون : ٻَڌن تي، ٻِڌن تي، جبلن تي قدرتي طرح گاهہ ڦٽي آيو آهي تہ هاڻي ان گاهہ کان ڪنهن ٻئي کي مال چارڻ کان منع نہ ڪيو. ان قدرتي طرح جاول گاهہ ۾ سڀ مسلمان برابر جا شريڪ آهن. هر ڪنهن کي پنهنجو مال چارڻ جو حق آهي.

تنبيہ :

هي صلہ رحمي بابت جيڪو ڪجهہ بيان ٿي چڪو ان سڀ ڳالهين ۾ هڪ معاملو ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ مائٽ اگر بي ديني، ڪفر، الحاد، بي ادبي ڏانهن ڇڪن تہ اهڙن مائٽن سان هرگز ڳانڍاپو ڳنڍڻ درست نہ آهي ڇوتہ :

---

[1] حديث نمبر 755: سنن ابن ماجه بَاب الْمُسْلِمُونَ شُرَكَاءُ فِي ثَلَاثٍ (ج 7/ص 336۔ الرقم: 2464)
مسند أحمد: أَحَادِيثُ رِجَالٍ مِنْ أَصْحَابِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ (ج 47/ص 57۔ الرقم: 22004)
السنن الكبرى للبيهقي (ج 6/ص 150) بغية الحارث (ج 1/ص 145)

Scanned by CamScanner

اَلْحُبُّ لِلّٰهِ وَالْبُغْضُ لِلّٰهِ [1]

دوستي بہ الله واسطي رکڻي آهي دشمني بہ الله واسطي رکڻي آهي.

هزار خویش که بیگانه از خدا باشد فدائے یک تن کآشنا خدا باشد

هزارين اهڙا مائٽ عزيز جيڪي الله کان بيگانا هجن ان ڏارئي ماڻهو تان قربان ڪري ڇڏجن جو الله ڏي سڃاڻڻ وارو هجي.

گناهن ۾ گمراهي جي ڪمن ۾ مائٽن سان ڳنڍيڻ هرگز هرگز جائز نہ آهي.

﴿تمت بالخير﴾

[1] حديث: شعب الإيمان للبيهقي فصل فيما يقول العاطس في جواب التشميت (ج 19 / ص 500۔ الرقم: 9191) مجمع الزوائد باب من الايمان الحب لله والبغض لله (ج 1 / ص 90) كنز العمال (ج 1 / ص 287)

Scanned by CamScanner

المراجع والمصادر

1. قرآن مجيد ..... كلام الاهي
2. صحيح بخاري ..... امام ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاري
3. صحيح مسلم..... امام ابوالحسين مسلم بن حجاج قشيري
4. سنن ابو داؤد ..... امام ابوداؤد سليمان بن اشعث
5. جامع ترمذي ..... امام ابوعيسيٰ محمد بن عيسيٰ ترمذي
6. سنن ابن ماجہ ..... امام محمد بن يزيد ابن ماجہ
7. سنن نسائي ..... امام ابو عبدالرحمن احمد بن شعيب نسائي
8. مسند امام اعظم..... امام اعظم ابو حنيفہ نعمان بن ثابت كوفي
9. مؤطا امام محمد ..... امام محمد بن حسن شيباني
10. مؤطا امام مالک ..... امام مالک بن انس اصبحيٰ
11. مسند احمد بن حنبل ..... امام احمد بن حنبل
12. المستدرک الحاكم..... امام ابوعبدالله محمد بن عبدالله حاكم نيشاپوري
13. سنن دارمي..... امام عبدالله بن عبدالرحمن دارمي
14. سنن دار قطني ..... امام علي بن عمر دار قطني
15. سنن الكبريٰ بيهقي ..... امام ابوبكر احمد بن حسين بيهقي
16. مسند ابو يعليٰ ..... حافظ احمد بن علي تميمي
17. مسند طيالسي..... امام سليمان بن داؤدبن جارود طيالسي
18. مسند البزار ..... امام احمد بن عمرو بن عبدالخالق عتيكي بزار
19. مسند الفردوس..... محدث ديلمي

Scanned by CamScanner

20. مسند ابي عوانہ ..... امام ابوعوانہ یعقوب بن اسحاق اسفرائني
21. معجم اوسط و کبیر طبراني ..... حافظ ابوالقاسم سلیمان بن احمد ایوب طبراني
22. مصنف عبدالرزاق ..... امام عبدالرزاق بن همام صنعاني
23. مصنف ابن ابي شیبہ ..... امام ابوبکر عبداللہ ابن ابي شیبہ
24. شمائل ترمذي ..... امام ابو عیسیٰ محمد بن عیسیٰ ترمذي
25. الشمائل النبویہ شرح شمائل ترمذي ... .سید امیر شاہ قادري گیلاني
26. کنزالعمال ..... علامہ علي متقي بن حسام الدین برهان پوري
27. ادب المفرد ..... امام محمد بن اسماعیل بخاري
28. صحیح ابن حبان..... محمد بن حبان بن احمد التمیمي
29. صحیح ابن خزیمہ ..... امام محمد بن اسحاق بن خزیمہ
30. مشکواۃ المصابیح ..... شیخ ولي الدین تبریزي
31. مرقاۃ المفاتیح..... ملا علي بن سلطان محمد القاري
32. مجمع الزوائد..... حافظ نورالدین علي بن ابوبکر الهیثمي
33. فتح الباري شرح صحیح بخاري ..... علامہ شهاب الدین ابن حجر عسقلاني
34. عون المعبود..... علامہ شمس الحق عظیم آبادي
35. اکمال المعلم..... علامہ محمد بن محمد سنوسي مالکي
36. زادالمعاد.....محدث شمس الدین ابوعبداللہ محمد بن ابوبکر ابن القیم الجوزیہ
37. تحفة المودود باحکام المولود ..... علامہ ابن القیم الجوزیہ
38. روضة المحبین ..... علامہ ابن القیم الجوزیہ
39. تفسیر روح البیان..... علامہ اسماعیل حقي
40. تفسیر دارالمنثور..... امام جلال الدین سیوطي
41. تفسیر ابن کثیر ..... حافظ ابوالفداء عمادالدین ابن کثیر
42. تفسیر القرطبي ..... امام محمد بن احمد القرطبي
43. تفسیر بیضاوي ..... علامہ عبداللہ بن عمر بیضاوي
44. الترغیب والترهیب..... حافظ زکي الدین عبدالعظیم بن عبدالقوي منذري
45. مشارق الانوار .....


Scanned by CamScanner

46. ابن عساكر.....حافظ ابوالقاسم علي بن حسين شافعي المعروف ابن عساكر
47. سيرة ابن هشام ..... علامہ عبدالمک بن محمد بن هشام
48. طبقات ابن سعد ..... امام محمد بن سعد
49. تاريخ طبري ..... علامہ ابو جعفر ابن جرير طبري
50. بيهقي شعب الايمان ..... حافظ ابوبكر احمد بن حسين بيهقي
51. تاريخ كامل ..... علامہ ابوالحسن علي بن ابي الكرم شيباني
52. فتاويٰ حديثيہ ..... علامہ ابن حجر مكي
53. المغني.....علامہ موفق الدين ابو محمد عبدالله بن احمد بن قدامہ حنبلي
54. شرح المهذب ..... علامہ يحيٰ بن شرف نواوي
55. قوة السالكين .....حضرت محبوب الاهي خواجہ محمد الاهي بخش نقشبندي
56. فقه تعدد الزوجات .....
57. جواهر خمسہ..... حضرت محمد غوث گواليارى
58. فتاويٰ عالمگيري ..... ملا نظام الدين
59. احياء العلوم الدين..... حجة الاسلام امام محمد بن محمد الغزالي
60. غنيةالطالبين..... سيدنا عبدالقادر الجيلاني البغدادي
61. الفتح الرباني ..... سيدنا عبدالقادر الجيلاني البغدادي
62. حلية الاولياء ..... حافظ ابونعيم احمد بن عبدالله اصفهاني
63. تنبيه الغافلين ..... فقيہ ابو الليث سمر قندي
64. تذكرة الاولياء ..... شيخ فريدالدين عطار
65. بهارِ شريعت..... علامہ امجد علي
66. فتاويٰ رضويہ ..... حضرت شاهہ احمد رضا خان بريلوي
67. احكام شريعت..... حضرت شاهہ احمد رضا خان بريلوي
68. جواهر البحار ..... علامہ يوسف ابن اسماعيل نبهاني
69. كتاب العيال ..... حافظ ابوبكر عبدالله بن محمد بن ابي الدنيا بغدادي
70. ذم الدنيا ..... حافظ ابوبكر عبدالله بن محمد بن ابي الدنيا بغدادي
71. الشفاء ..... قاضي عياض بن موسيٰ مالكي

Scanned by CamScanner

72. كتاب الكبائر ..... حافظ ابوعبدالله محمد بن احمد بن عثمان الذهبي
73. طب نبوي..... ڈاکٹر خالد غزنوي
74. نزهة المجالس ..... علامہ عبدالرحمن صفوري
75. مكارم الاخلاق..... شيخ رضي الدين ابوالنصر حسن بن فضل طبرسي
76. اللباس والزينة ..... محمد عبدالحكيم القاضي
77. رياض الاخلاق ..... مولانا محمد صادق سيالكوٹي
78. الزوجة ..... شيخ احمد القطان
79. مفردات الفاظ القرآن..... امام راغب اصفهاني
80. قطب الارشاد ..... حضرت شاهہ فقير الله علوي
81. قاموس ..... علامہ مجد الدين فيروز آبادي
82. مقاماتِ فضليہ.....حالاتِ حضرت شاه فضل علي قريشي مولانا زوار حسين صاحب
83. پند نامہ ..... حضرت فريد الدين عطار
84. المراءة الاسفنجية ..... عبدالملك القاسم
85. هي اصل كتاب "گهر ۽ گهر وارا" جا مراجع ۽ مصادر آهن. كتاب جي تخريج المكتبة الشاملة جي ان ورجن مان كئي وئي آهي جيكو مكتبة المسجد النبوي پاران شايع ٿيل آهي.

Scanned by CamScanner



چيل ڪتاب

نمبر	ڪتاب جو نالو	زبان	موضوع
1	توحيد و رسالت	اردو	عقائد
2	توحيد و رسالت	سنڌي	عقائد
3	اَيُّكُمْ مِثْلِي	سنڌي	عقائد
4	مدينہ منورہ کی حاضری شریعت کے آئینے میں	اردو	عقائد
5	مديني جي حاضري شريعت جي آئيني ۾	سنڌي	عقائد
6	طَرِيقُ الجَنَّةِ	سنڌي	اوراد و وظائف
7	ميلادِ مصطفيٰ ﷺ	سنڌي	سيرت
8	حِفظُ القُرآن	سنڌي	تعليم و تربيت
9	اَلْحَدِيثُ وَعُلُومُه	سنڌي	علم الحديث
10	اَلعِلْم وَالعُلَمَاء	سنڌي	تعليم و تربيت
11	اَلاِجْتِنَابُ عَنْ ضَرْبِ الطُّلّابِ	اردو	تعليم و تربيت
12	اَلْمَسَاجِد وَالمَدَارِس	سنڌي	تعليم و تربيت
13	اَلْقَلَم	سنڌي	تعليم و تربيت
14	اَلنِّفَاقُ وَالْمُنَافِقُون	سنڌي	عقائد
15	رَهْنُمَا	سنڌي	فتاويٰ نبوية
16	اَلْجِهَادُ اَلْجِهَادُ	سنڌي	تعليم و تربيت
17	مَوَاعِظِ حَسَنَة (جلد اول 1)	سنڌي	مواعظ
18	مَوَاعِظِ حَسَنَة (جلد ثاني 2)	سنڌي	مواعظ

Scanned by CamScanner

19	مَوَاعِظِ حَسَنَه (جلد ثالث 3)	سنڌي	مواعظ
20	مَوَاعِظِ كَرَمِيَه	سنڌي	مواعظ
21	خوفِ خدا	اردو	مواعظ
22	خوفِ خدا	سنڌي	مواعظ
23	پاكيزه زندگي (گهر ۽ گهر وارا)	سنڌي	تعليم و تربيت
24	پاكيزه زندگي	اردو	تعليم و تربيت
25	خود كُشي	سنڌي	سماجي مسائل
26	حُسنِ اخلاق	سنڌي	تعليم و تربيت
27	انقلابِ مصطفیٰ ﷺ	اردو	سيرت
28	انقلابِ مصطفيٰ ﷺ	سنڌي	سيرت
29	وياج جي وبا	سنڌي	سماجي مسائل
30	حسد جي باهه	سنڌي	سماجي مسائل
31	دعا کی اہمیت	اردو	مواعظ
32	دعا جي اهميت	سنڌي	مواعظ
33	دوستي	سنڌي	تعليم و تربيت
34	قبر جي پڪار	سنڌي	مواعظ
35	شانِ اولياء	سنڌي	عقائد
36	جيئي سنڌ	سنڌي	تاريخ
37	سُنّي خُطبات	سنڌي	مواعظ
38	عِمَادُ الدِّين	سنڌي	فقه
39	فضائل شب برات	سنڌي	فقه
40	فضائلِ رمضان	سنڌي	فقه
41	شوال ۽ اعمال	سنڌي	مواعظ
42	وسيلو	سنڌي	اوراد وظائف
43	نگاهِ كرم	سنڌي	تصوف
44	روئڙ واري اک	سنڌي	تصوف

Scanned by CamScanner

45	رونے والی آنکھ	اردو	تصوف
46	جاڳڻ واري اک	سنڌي	تصوف
47	عدل ۽ انصاف	سنڌي	سماجي مسائل
48	شامتِ اعمال	سنڌي	سماجي مسائل
49	ٻوڏ ستايلن جي واهر ڪريو	سنڌي	سماجي مسائل
50	دردن جو درمان	سنڌي	اوراد و وظائف
51	حق نُما	سنڌي	تصوف
52	سفرنامہ حرمين شريفين	سنڌي	سفر نامہ
53	سفر نامہ عراق شام	سنڌي	سفر نامہ
54	سفرنامہ ترڪي	سنڌي	سفر نامہ
55	سفرنامہ امام شافعي	سنڌي	سفر نامہ
56	قَصِيدَةُ الكَرَم بِأَسْمَاءِ سَيّد العَرَب وَالعَجَم	سنڌي	شاعري
57	فَاتِحَةُ الْكِتَابُ وَشَرْحهُ فِي الْاَبْيَاتِ	سنڌي	شاعري
58	الفت جو آواز	سنڌي	شاعري
59	محبت جو آواز	سنڌي	شاعري
60	گلدستہ الاهي	سنڌي	شاعري
61	ٻوڏ ڙي ٻوڏ	سنڌي	شاعري
62	سماج کي سنيهو	سنڌي	شاعري
63	سِڪ نہ ڪٽي ساهہ	سنڌي	شاعري
64	روحاني رمزون (خودي ۽ خدا)	سنڌي	تصوف
65	روحاني رمزون (ڪاملن جا قصا)	سنڌي	تصوف
66	روحاني رمزون (ڪاملن جا قول)		
67	طَرِيقُ الْهِدَايَة	سنڌي	تصوف
68	جِلاءُ الْقُلُوب	سنڌي	تصوف
69	صِرَاطُ الصَّالِحِينَ	سنڌي	تصوف
70	اعمال جا اثرات	سنڌي	تصوف

Scanned by CamScanner

71	جيئڻ جا اصول	سنڌي	تصوف
72	پيغامِ حق	سنڌي	تصوف
73	ڊائري دلبر سائين 1995	سنڌي	اخلاقيات
74	موبائل فون	سنڌي	عصري مسائل
75	تمباکو کی تباہکاریاں	اردو	سماجی مسائل
76	سگريٽن جا سور	سنڌي	سماجي مسائل
77	ٽڳي جا ٽاهه	سنڌي	سماجي مسائل
78	خطبو جتوئي علماءِ مشائخ اهلسنت جي نظر ۾	سنڌي	عقائد
79	اسلامي لباس	سنڌي	فقه
80	سائي چادر	سنڌي	فقه
81	کارو پٽکو	سنڌي	فقه
82	چُمي	سنڌي	سماجي مسائل
83	مَدِيْنَةُ الْمُصْطَفٰي (جلد اول)	سنڌي	تاريخ
84	مَدِيْنَةُ الْمُصْطَفٰي جلد ثاني (غير مطبوعه)	سنڌي	تاريخ
85	محبتِ رسول صلي الله عليه وسلم	اردو	عقائد
86	شهداءِ کربلا	سنڌي	تاريخ
87	سوانح حيات حضرت پير منا سائين	سنڌي	تاريخ
88	تَذْكِرَةُ الْخُلَفَاءِ الْغَفَّارِيَّة	سنڌي	تاريخ
89	سوانح محبوب الاهي (مختصر)	سنڌي	تاريخ
90	سوانح حضرت پير محبوب الاهي مڪمل	سنڌي	تاريخ
91	فرمودات محبوب الاهي	سنڌي	تاريخ
92	ملفوظات محبوب الاهي	سنڌي	تصوف
93	تَذْكِرَةُ الْمَحْمُود	سنڌي	تاريخ
94	ڪلامِ ڪليم	سنڌي	شاعري
95	ڪليمي گفتار	سنڌي	شاعري
96	اَلْاَرْبَعِين فِي فَضَائِلِ بَلَدِ سَيِّدِ الْمُرْسَلِين	عربي	حديث

Scanned by CamScanner

97	اَلاَرْبَعِين فِي مَنَاقِب الصَّالِحين	عربي	حديث
98	اياک نعبد واياک نستعين	سنڌي	شاعري
99	نورالصدور	سنڌي	تصوف
100	جِلاءُ الصدور	سنڌي	تصوف
101	قدوة الاولياء	سنڌي	تاريخ
102	نيپاج فضائل و مسائل	سنڌي	فقه
103	يتيمن جا حقوق	سنڌي	فقه
104	صحت هزار نعمت	سنڌي	حڪمت
105	مسنون دعائون (دردن جون دوائون)	سنڌي	اورادووظائف
106	تعليم و تربيت	سنڌي	تعليم و تربيت
107	جمالِ مصطفيٰ ﷺ	سنڌي	سيرت نبوي
108	فتح خيبر	سنڌي	تاريخ
109	ناقة الله	سنڌي	تاريخ
110	جنسي جرائم	سنڌي	سماجي مسائل
111	ڪارو ڪاري جو مسئلو اسلام جي نظر ۾	سنڌي	سماجي مسائل
112	قصيده غوثيه	سنڌي	تصوف
113	ننهن لاهڻ	سنڌي	فقه
114	العرفان في حكمة لقمان	سنڌي	تصوف
115	لائوڊ اسپيڪر	سنڌي	سماجي مسائل
116	روحاني آواز	مشترڪ	شاعري
117	تحريک انصار المسلمين	سنڌي	تعليم و تربيت
118	قلمي ڪاوشون	سنڌي	ادب
119	اليڪشن 2013	سنڌي	سياست
120	سڪ نه ڪٽي ساهه	سنڌي	شاعري
121	حج جي حقيقت (حج بابت مڪمل فقهي تاريخي معلومات وارو ڪتاب)	سنڌي	فقه
122	حج ۽ عمرو (ڪيسي ۾ ڪٽڻ وارو ڪتاب)	سنڌي	فقه

Scanned by CamScanner

اڻ چپيل ڪتاب:

نمبر	ڪتاب جو نالو	زبان	موضوع
123	قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو	سنڌي	علم القرآن
124	اَلقُرآن وَنُزُولُه	سنڌي	علم القرآن
125	معرفتِ مصطفيٰ ﷺ	سنڌي	سيرت
126	عقائد اهلسنت	سنڌي	عقائد
127	نَبِيُّنَا حَبِيبُنا (ﷺ)	عربي	سيرت
128	مَعْرِفَةُ الْكِرَام بِأَسَانِيدِ اَعْلَامِ بَابِ الإِسلَامِ	عربي	تاريخ
129	اَلفِقْهُ وَاُصُولُه	سنڌي	فقه
130	اَلتَّصَوُّفُ وَسُلُوكُهُ	سنڌي	تصوف
131	اَلْكَشفُ وَحُصُولُه	سنڌي	تصوف
132	اَلرُّؤيَا وَتَعْبِيرُهُ (خوابن جو جهان)	سنڌي	علم النفس
133	اَلسِّيَاسَةُ فِي الإِسْلَامِ	سنڌي	سياسي مسائل
134	اَلمَعِيشَةُ الْإِسْلَامِيَّة	سنڌي	معاشي مسائل
135	اَلخِلَافُ وَالإِخْتِلَافُ	سنڌي	علم المناظره
136	اَلصِّحَةُ وَالْعَافِيَةُ	سنڌي	حڪمت
137	اَلمُوسِيقِي فِي الاسلام	سنڌي	سماجي مسائل
138	تَرْبِيَةُ الاَولَاد	سنڌي	تعليم و تربيت
139	اَحْكَامُ الْاُضْحِيَّةُ	سنڌي	فقه
140	عصري مسائل ۽ اسلام	سنڌي	سماجي مسائل
141	زندگي جو سفر	سنڌي	اسلام ۽ سائنس
142	مَوَاعِظِ حَسَنَه (چوٿون جلد)	سنڌي	مواعظ
143	مَوَاعِظِ حَسَنَه (پنجون جلد)	سنڌي	مواعظ
144	مواعظِ حسنة اول	اردو	مواعظ
145	هڪ سو حقيقتون	سنڌي	تصوف
146	ديوانِ ڪرم	سنڌي	شاعري
147	تيهه اکري	سنڌي	شاعري

Scanned by CamScanner

148	ديدار مصطفيٰ ﷺ	سنڌي	تصوف
149	خانقاهي نظام	سنڌي	تصوف
150	ڪوڙيون قبرون مفت خور مجاور	سنڌي	عقائد
151	پريمي جوڙا	سنڌي	سماجي مسائل
152	ڳالهه جا مون کي وٽي	سنڌي	مشاهدات
153	ڪٿيون مٿيون چٿيون	سنڌي	عقائد
154	القلم والكرم	سنڌي	تصوف
155	مڪلي جا مشائخ	سنڌي	تاريخ
156	زين العارفين سوانح حضرت ميان عمر الدين	سنڌي	تاريخ
157	ميلاد مصطفيٰ ﷺ	سنڌي	سيرت
158	پيران پير محبوب سبحاني رحمة الله عليه	سنڌي	تاريخ
159	رچي جي ريٽا ٽيا	سنڌي	تصوف
160	دعا جا در	سنڌي	اورادووظائف
161	دل جي دنيا	سنڌي	تصوف
162	سون ورنيون ستون	سنڌي	اخلاقيات
163	ذات نہ پڇي ذات	سنڌي	تصوف
164	هي عرض اجايل اکڙين جا	سنڌي	شاعري
165	عورتن لاءِ نصيحتون	سنڌي	اخلاقيات
166	عورتن جا احڪام	سنڌي	فقه
167	نياڻين جا حقوق	سنڌي	سماجي مسائل
168	روزگار جو مسئلو	سنڌي	معاشي مسائل
169	عدواتون ۽ عنايتون	سنڌي	تصوف
170	زبان جو ناجائز استعمال	سنڌي	تصوف
171	سفر جو ساٿي	سنڌي	اخلاقيات
172	زاد الزائرين معلم الحجاج والمعتمرين	سنڌي	اخلاقيات
173	مسائل القبور	سنڌي	عقائد
174	ابواب الخير	عربي	حديث

Scanned by CamScanner

175	اولياء شناسي	فارسي	تصوف
176	بيت الله (موحدن جو ڪعبو)	سنڌي	عقائد
177	پاٽي (فضائل، فوائد ۽ مسائل)	سنڌي	سماجي مسائل
178	هڪ مسلمان ڊاڪٽر	سنڌي	طب
179	ایمان اور اس کے تقاضے	اردو	عقائد
180	دیدار مدینے والے دا	سرائیکی	سیرت
181	Way to Paradise	انگريزي	اخلاقيات
182	Way To Hell	انگريزي	اخلاقيات
183	وٽڪار وڏايو	سنڌي	زراعت
184	آخر اوهان چاهيو ڇا ٿا؟	سنڌي	معاشيات
185	اندر جو آواز	سنڌي	شاعري

تعليق ۽ تخريج شده ڪتاب:

186	قوة السالكين	سنڌي	تصوف
187	خطبات محبوب الاهي	سنڌي	مواعظ
188	جامِ عشق	سنڌي	شاعري
189	مكتوباتِ محبوبِ الاهي	سنڌي	تصوف
190	گوندر گهاريان ڏينهڙا	سنڌي	شاعري
191	نور البصر	سنڌي	عقائد
192	ملفوظاتِ فضليه	اردو	تصوف
193	ملفوظات پير منا سائين	سنڌي	تصوف
194	مكتوبات غفاريه	اردو	تصوف
195	راحت القلوب (حضرت محبوب الاهي)	سنڌي	مواعظ
196	بهجة القلوب (حضرت محبوب الاهي)	سنڌي	تصوف
197	اخلاق محمدي (حضرت محبوب الاهي)	سنڌي	سيرت
198	تنوير القلوب (حضرت محبوب الاهي)	سنڌي	تصوف
199	شرح فتوح الغيب (حضرت محبوب سبحاني)	سنڌي	تصوف
200	رومي جون رمزون (رومي جي بعض شعرن جي تشريح)	سنڌي	تصوف

Scanned by CamScanner

وٽڻ نہ وساريندا!

قرآن پاڪ جو سنڌي ترجمو فيوض الفرقان في ترجمة القرآن

ماشاءَ الله هڪ سال اندر ٽيون ايڊيشن مارڪيٽ ۾ پهچي ويو آهي.

قرآن مجيد، فُرقانِ حميد اهو آفاقي، الهامي ۽ آسماني الله جو ڪلام آهي جيڪو سڀ ڪلامن جو سردار آهي. ان جي هر لفظ ۾ اسرارن ۽ انوارن جا خزانا آهن. ان ۾ زندگي گذارڻ جا اصول بيان ٿيل آهن. ان ۾ نجات جا نسخا آهن جن تي عمل ڪرڻ ۾ ٻنهين جهانن جي ڪاميابي ۽ ڪامراني جي ضمانت آهي. قرآن کي سمجهڻ لاءِ دلبر سائين پنهنجي سُرهي قلم سان سليس ۽ عام مروج سنڌي ٻوليءَ ۾ ان جو ترجمو ڪيو آهي. جيڪو ٽورڙو سنڌي پڙهيل ماڻهو به آساني سان سمجهي سگهي ٿو. فني اعتبار کان هي ترجمو عالمن ۽ دانائن ۽ دانشورن ۽ سماج جي هر طبقي لاءِ يڪسان مفيد آهي.

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

مجذوب فقير، دربار صالح آباد، ملير ڪراچي. 03013461005
فقير احسان مجاهد ڪرمي، پوسٽ ماتلي ضلعو بدين. 03003671729
پٽائي ڪتاب گهر، گاڏي ڪاتو حيدرآباد 03223011560
مڪ ڪتاب گهر، گاڏي ڪاتو، حيدرآباد 03003044850
مڪتب الگلزار بديع چوٽڪي گهٽي حيدرآباد. 03458690362
بيت القرآن، چوٽڪي گهٽي، حيدرآباد. 03213046331
مڪتب سخي سلطان چوٽڪي گهٽي حيدرآباد. 03023019290
دستگير اسلامي ڪتب خانو، دادو. 03053720586
عبدالرزاق ڪتاب گهر مين روڊ نزد ڪول واهه چوڪ ميهڙ. 0306-3090533
نوراني ڪتاب گهر بندر روڊ لاڑڪاڻو. 03013466100
رهبر ڪتاب گهر بندر روڊ لاڑڪاڻو. 03023468755
مهران ڪتاب گهر نم جي چاڙهي، سکر. 03342913366
مڪتبه فيض رضا گول چڪره بازار نوابشاهه. 03337027292
مڪتبه القادريه ٽنڊو محمد خان. 03332811795
سيد ڪتاب گهر شاهي بازار جيڪب آباد. 03458882999
عطار ڪتاب گهر مين روڊ بدين. 03332524802
حافظ ڪتاب خانو ڪپرو. 03013220924
العزيز ڪتاب گهر عمر ڪوٽ. 03003302782

فقير مجذوب ماتلي 0301-3461005
فقير احسان مجاهد ڪرمي 0300-3671729
0345-5572355
www.peerdilbar.com

ناشر
جامعه مدينة العلم صالح آباد ملير ڪراچي

Scanned by CamScanner